# سنڌي ادب جي تاريخ

## (جلد پهريون)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ايڊيشن پهريون

2004

سنڌ لينگيوئيج اٿارٽي حيدرآباد

## ناشر پاران

ڪنهن سماج ۾ گذري ويل واقعن، آيل سماجي، سياسي، اقتصادي، جاگرافيائي تبديلن ۽ انهن جي پسمنظر توڙي پيشمنظر جي سلسلي وار سائنسي مطالعي کي تاريخ چئبو آهي. ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ماڻهو جڏهن پاڻ ۾ ملي هڪٻئي سان سوچ ويچار يا ڪنهن مامري بابت اظهار ڪن ٿا تہ هڪٻئي کي سمجهڻ لڳن ٿا. اهو اظهار آوازن، اشارن يا ڪن خاص نشانين ذريعي ئي ڪٽي هجي، اها سندن ٻولي آهي. ٻوليءَ جي تاريخ انسان جي هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ گڏجي رهڻ سان شروع ٿئي ٿي. انسانن جي گڏجي رهڻ، هڪ ٻئي کي سمجهڻ لاءِ ٻوليءَ جو استعمال ۽ ان ذريعي پاڻ سان پيش آيل واقعن، وارتائن ۽ مامرن جو اظهار ئي اصل ۾ ادب آهي.

مختلف ٻولين جي هن وقت تائين جي ادبي تاريخن جي اڀياس مان خبر پوندي تہ مڙني ادبي تاريخن جي شروعات شاعريءَ سان ٿي آهي، اسان جي عالمن پڻ ثابتين ۽ حوالن سان شاعريءَ مان مثالي ڏئي اهو ثابت ڪيو آهي ۽ سنڌي ادب جي تاريخ بہ شاعريءَ سان شروع ٿئي ٿي.

تاريخ، تمدن، تهذيب، ثقافت ۽ ٻوليءَ جو مطالعو انساني سماج جي ترقي ۽ اوسر کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. اڳ جي واقعن ۽ تبديلين جي اڀياس سان ماڻهو حال ۾ سوڀارو ٿي، ايندڙ وقت لاءِ مناسب رٿابندي ڪري، ترقيءَ ڏانهن سفر جاري رکي سگهي ٿو. ادبي تاريخ جو مطالعو ان سلسلي ۾ وڌيڪ اهميت رکي ٿو، جو اديب، ليکڪ يا شاعر عام طرح سماج جو گهڻو مطالعو ڪندڙ ۽ حساس شخص ٿئي ٿو، جيڪو شين کي سمجهي پنهنجي مشاهدي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري ٿو. ادبي تاريخ اهڙن اڪيچار اديبن، ليکڪن، عالمن ۽ شاعرن جي ڪاوشن جو ترتيب وار اڀياس آهي..

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي لکيل ٻن جلدن تي ٻڌل هيءَ جامع ادبي تاريخ چئن دورن تي ٻڌل مفصل ادبي احوال آهي. پهرئين جلد ۾ ٻن دورن يعني قديم سنڌي شاعري ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس همعصرن بابت نهايت اهم معلومات فراهم ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ هن ادبي تاريخ ۾ انگ اکر ۽ ٻيو ادبي احوال، اڳ ڇپيل تاريخن جيئن ساڳيو آهي، پر ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب ان کي نئين ترتيب ۽ تحرير سان پڙهندڙ آڏو پيش ڪرڻ ۾ بيحد ڪامياب ويو آهي، جيڪا ڳالهہ هن ادبي تاريخ کي منفرد بڻائي ٿي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌي ٻولي ۽ ادب جو پروفيسر آهي. جوڻيجي صاحب جي گهڻي مطالعي ڪندڙ ۽ ادبي تاريخن لکڻ جي ڏانءَ جي حوالي سان هڪ الڳ سڃاڻپ آهي. سندس هيءَ ادبي تاريخ يقينا سنڌي ادب جي شاگردن، اديبن ۽ ليکڪن لاءِ ڪارائتي ثابت ٿيندي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سنڌي ادب جي تاريخ جي هي پهريون جلد پيش ڪندي، اسان نهايت خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون، ۽ يقين ٿا ڏياريون ته انشاءَ الله هن سال ئي ٻيو ۽ آخري جلد به اوهان جي هٿن تائين پهچايو ويندو.

اسان کي اميد آهي ته سنڌي ٻولي ۽ ادب جا شاگرد، اديب، ليکڪ، شاعر ۽ عام ماڻهو هن ادبي تاريخ مان ڀرپور فائدو وٺندا ۽ اهڙي طرح سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، پاڻ کي سونپيل مختلف ڪمن مان هڪ ڪم جو بهتر نموني پورائو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو

چيئرمن

## مهاڳ

مون خود پنهنجي گذريل اڌ صديءَ جي مطالعي ۽ تجربي مان محسوس ڪيو آهي ته آءٌ ادبي تاريخ جو ئي شاگرد آهيان. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ به ادبي تاريخ پسند اٿم. هن کان اڳ پهرين پهرين منهنجو ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ 1973ع ۾ ڇپيو ۽ اُن جا وقفي وقفي سان چار ايڊيشن اچي چڪا آهن. مختصر هجڻ ڪري اُن کي هڪ طرف رکي، هاڻي تفصيلي تاريخ جي ابتدا ڪيم.

مون رٿابندي اٽڪل هڪ هزار صفحن جي ڪئي ۽ سوچيم ته ٻن جلدن ۾ مڪمل ٿي ته به نيڪ آهي، جي وڌي ته ٽيون جلد به وڌائبو. خير، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي چيو ته اٿارٽيءَ کي ڏيو، مون ساڻس اهو وعدو اٽڪل چار مهينا اڳ اسلام آباد ۾ هڪ موقعي تي ڪيو. واپس اچي پهرئين جلد جو مسودو سندس حوالي ڪيم ۽ هن اُهو ڪمپيوٽر جي حوالي ڪري ڇڏيو. آءٌ ٻئي جلد جي تيارين ۾ لڳي ويس.

مون کي خوشي ۽ اطمينان آهي ته ڊاڪٽر قاسم هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۽ اشاعت جو ڪم محنت ۽ قابليت سا ڪيو. آءٌ آخر ۾ ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي ۽ سندس ڪارڪنن جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان جن ڪتاب کي ابتدا کان آخر تائين ديده زيب ڪري شايع ڪيو

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

20 -7-2004

## مقدمو

ابتدا: هن کان اڳ سنڌي ادب جي اڀياس لاءِ منهنجا ٻه خاص ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۽ ”سنڌي ادب جو مطالعو“ شايع ٿيل آهن. اُنهن کان سواءِ سنڌي ادب جي باري ۾ مختلف پهلوئن تي ڪتاب ۽ مقالا شايع ٿيل اٿم. مقالن جا موضوع خاص طور اهڙا آهن، جن ۾ سنڌي ادب جو قديم دور، شاهه،

سچل ۽ پوءِ جو دور بحث هيٺ آيل آهي. ان کري ائين چئي سگهجي ٿو تہ منهنجن مقالن جو مجموعو ”ڪنمال“ سنڌي ادب جي تاريخ جون گهرجون بہ پوريون ڪري ٿو. اجا ٻيا اٽڪل 80 مقالا اشاعت جا منتظر آهن، پوءِ بہ مقالن جي وچ جا خال البت ادبي تاريخ جو تسلسل ڪي قائم نتا رکي سگهن.

انهيءَ خيال کي ڌيان ۾ رکي مون موجوده ادبي تاريخ تي قلم کنيو. هن جا چار دور ٻن جلدن تي مشتمل آهن. ادبي تاريخ جا انگ اکر چو جو ساڳيا آهن، اُن کري اُنهن جو ورجاءُ هن تاريخ ۾ نظر ايندو. اُن کان بچي نہ سگهبو. تحرير ۽ ترتيب نئين هوندي. هن تاريخ ۾ بہ اڳ وانگر مون اهو خيال رکيو آهي تہ اهم لاڙن اهم معيارن ليکڪن جو ذکر ڪجي. هن سلسلي ۾ اکثر بحث ۽ اعتراض هيٺ اچڻو ٿو پوي جو ڪي ماڻهو اُن ليکڪ کي ڪتاب ۾ ڳولهين ٿا جو يا سندن ويجهو آهي يا ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ سبب اُن کي اهميت ڏين ٿا.

ادبي تاريخ ۾ اهم لاڙن ۽ اهم ليکڪن جو بيان ڪري ڪپي ۽ اُنهن جو بہ جيکي پنهنجي دور ۾ مڃتا ماڻي چڪا آهن. مون تاريخن ۾ آيل اُنهن ليکڪن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي جيکي معياري آهن.

**تهذيب:** ادبي تاريخ کان واقف ٿيڻ کان اڳ سنڌ جي قديم تهذيب تي هڪ نظر وجهڻ ضروري آهي. چين، يونان، ميسوپو ٽيميا (عراق) وانگر واديءِ سنڌ جي قديم تهذيب نهايت شاهوڪار آهي. هن ۾ قديم انسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ رسمن جو مطالعو تاريخ جي ڪتابن ۾ اچي چڪو آهي. چين ۾ قديم غارن ۾ رهندڙ انسان (cave man) ۽ پيڪنگ مئن (Peking man) وانگر دنيا جي مختلف خطن ۾ رهندڙ قديم انسان جو حوالو موجود آهي.. سنڌو واديءِ جي قديم انسان جو ذکر آثارن قديم جي ماهرن جي تحقيق ۾ نمايان ٿيو آهي. اجا گهڻا پهلو تحقيق طلب آهن. وادئي سنڌ جي تهذيب جي اهم مقامات ۾ موهن جو دڙو، هڙاپا، ٽئڪسيلا، ڪاهوءَ جو دڙو، پنيور ۽ صوبہ سرحد توڙي بلوچستان جا قديم آثار آهن. اسان کي سنڌ ۾ جيڪا تهذيب و تمدن جي معلومات ملي ٿي، سان موهن جي دڙي مان ملي ٿي. موهن جي دڙي جي کوٽائي 1902ع کان 1931ع تائين سر جان مارشل جي نگرانيءَ ۾ ٿي. هن مان ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، شهري سهوليتون نمايان ٿيون آهن. وڏو حمام، پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون هن سلسلي ۾ اهم آهن. ظاهر ٿيو آهي تہ هتي جا ماڻهو پڪين سرن جي گهر ۾ رهندا هئا.

موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٻوليءَ بابت جيکي نشان هٿ آيا آهن، اُنهن بابت هنٽر، آسڪو پارپولا ۽ لاءِ ٻين ماهرن ڪم ڪيو آهي. هي تصويري لفظ آهن، جن جو تعلق قديم مصر ۽ چين سان ٿي سگهي ٿو. چين ۾ اجا بہ هي تصويري لفظ رواج ۾ آهن، مون چيني زبان سکي آهي، تصويري لفظ جي ماهيت کي سمجهي سگهان ٿو. پر اها منهنجي ڪوتاهي آهي جو ٻين ڪمن ۾ مصروف رهڻ سبب چيني تصويري لفظ (Chinese characters) ۽ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جو موازنو نہ ڪري سگهيو آهيان. موهن

جي ڏڙي بابت بہ اسڪالرن جي وچ ۾ اختلاف آهن. هن کي موئن (مري ويلن) يا مهين (ذات) جو دڙو بہ سڏجي ٿو. سنڌ ۾ آمريءَ سميت ڪي ٻيا بہ آثارن قديم جا نشان آهن پر موهن جو دڙو بين الاقوامي اهميت حاصل ڪري چڪو آهي. اردوءَ ۾ محمد ادريس صديقيءَ ”وادي سنڌ ڪي تهذيب“ ڪتاب لکيو جنهن ۾ تفصيل ڏنا ويا آهن. ماهرن موهن جي دڙي، سمير ۽ بابل جي تهذيب ۾ ڪي هڪجهڙايون بہ ڏنيون آهن. سر مار ٽيمر ويلر پنهنجي ڪتاب Civilization of Indus Vallyey & Beyond ۾ لکي ٿو تہ هتان مليل مواد مان اندازو ٿئي ٿو تہ هو مذهب کي مڃيندڙ هئا. ديويءَ جو پتلو بہ هتان لڌو آهي ۽ شو جو بہ. ٿنبن واري هال کي ڏسي ويلر خيال ظاهر ڪيو آهي تہ هتان جا رهاڪو ڪن رسمن جي ادائگي ڪندا هوندا. بهرحال هتان جا رهاڪو سٽريل هاري ۽ واپاري هئا. ويلر ۽ پگٽ جي راءِ آهي تہ آرين جي حملن هن تهذيب جو خاتمو آندو. مئڪي جنهن موهن جي دڙي جي کوٽائي ۾ حصو ورتو هو اُهو هن راءِ کي رد ٿو ڪري.

آرين جي اصل نسل بابت يورپي، ايراني ۽ هندوستاني اسڪالرن گهڻو ڪجھ لکيو آهي. ايراني اسڪالر ڊاڪٽر ذبيح الله صفا پنهنجي تصنيف ”مرزهاي دانش“ ۾ لکي ٿو تہ هند ايراني قبيلا جيڪي پاڻ کي اري يا آئري (بهادر يا معزز) سڏائيندا رهيا آهن، اُنهن مان جيڪي سنڌو ۽ گنگا واديءَ ۾ رهيا تن پنهنجي ملڪ کي آريا ورت سڏيو ۽ جن اڳتي وڌي ايران ۾ سڪونت اختيار ڪئي، تن پنهنجي ملڪ کي ايئرين سڏيو (ص 56).

آرين بابت احوال ويدن مان بہ ملي ٿو. هندو بہ اُن سلسلي جو حصو آهن. اهو بہ خيال آهي تہ هندن جا ويد سنڌوءَ جي ڪناري تہ لکيا ويا. خاص طور رگ ويد ۾ تهذيب ۽ تمدن جو احوال ملي ٿو. اندازا 1200 ق. م کان نندي ڪنڌ ۾ برهمڻي اقتدار شروع ٿيو. قديم تهذيب تي مهاتما گوتم ٻڌ جي شخصيت ۽ تعليمات جو گهڻو اثر پيو. ٻڌ ڌرم جا متا پالي زبان ۾ لکيل آهن. ائين جين ڌرم بہ نندي ڪنڌ ۾ رائج ٿيو. هي تهذيبي سفر ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾، گهٽ ۾ گهٽ درجي تي اڃ بہ نندي ڪنڌ ۾ موجود آهي.

**تاريخ:** موجوده سنڌ توڙي قديم ۽ عظيم سنڌ تاريخ جي مختلف دورن مان گذري آهي. مختلف حملہ آورن ۽ حاڪمن جا زور ۽ زبردستيون سنيون اٿس. تاريخ جي مختلف دورن ۾ سنڌ جو نقشو بدلجندو رهيو آهي. تاريخ کان اڳ واري دور جا حالات معلوم نہ آهن، پر جڏهن کان ڪجھ چٽائيءَ سان تاريخي واقعات قلمبند ٿيا آهن. اُنهن جو احوال بہ ايترو چٽو ۽ مستند نہ آهي. ڏارين مان مصرين، ڪلدانين ۽ بابل وارن جون سنڌ تي ڪاهون تاريخن ۾ بيان ٿيل آهن. اُن کان پوءِ ايرانين ۽ يونانين سنڌ تي حملا ڪيا. ايرانين ڇهين صدي قبل مسيح ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو، گشتا سب سنڌ جي حڪومت پنهنجي پٽ بهمڻ اُرد شير جي حوالي ڪئي. هن بهمڻ آباد جو شهر آباد ڪيو ۽ شاپور، فرشاپور ۽ ٻيا شهر تعمير ڪرايا. اُن کان سواءِ پرويز، نوشيروان ۽ ساسائي بادشاهن جي دور ۾ ايران ۽ سنڌ جي لاڳاپن جو احوال تاريخ جي

ڪتابن ۾ موجود آهي. يونانين به سنڌ تي حملو ڪيو. اُن جا تفصيل مشهور يوناني ليکڪ پلوٽارچ جي تحريرن ۾ ملن ٿا. سڪندر اعظم جي ڪاهن ۽ سفرن جو 325ق. م جو ذڪر ڪيو اٿس. سنڌ جو سفر ۾ سڪندر جو مالي قوم سان مقابلي جو بيان به ڪري ٿو. ڊاڪٽر سورلي گزيٽيئر ۾ اندازو لڳائي ٿو ته سڪندر جو مهاڻن سان مقابلو ٿيو هوندو ۽ هو سيوهڻ جي قلعي وٽ زخمي ٿيو هو (ص ص 128- 129).

سنڌ ۾ راءِ گهراڻي ۽ پوءِ برهمڻ راڄ هليو، جنهن ۾ چچ ۽ پوءِ اُن جو پٽ ڏاهر تخت تي وينو. هيءَ سرڪار 712ع ۾ مسلمانن جي قبضي تي ختم ٿي. اُن وقت سنڌ ۾ ٻڌ ۽ هندو ڌرم جا مڄيندڙ هئا. چيني سياح هيون سانگ (شئن چوانگ) ٻوڌن ۽ هندن جي باهمي رقابت جو احوال ڏنو آهي. عربن جي فتح کان پوءِ سنڌ جي معاشر تي زندگيءَ ۾ تبديلي آئي. مذهبي، لساني، ادبي ۽ معاشي حالات بدليا. ڪيترن ماڻهن اسلام قبول ڪيو ۽ عربن ۽ سنڌين ۾ قربت پيدا ٿي. سنڌ جي ماڻهن سان عربن جا رابطا وڌيا اندازا 1050ع ۾ مقامي ماڻهن سومرن ڪي سنڌ جون واڳون مليون. عرب گورنرن جو طويل دور ختم ٿيو. سومرن جو دور 1351ع ۾ ختم ٿيو. هنن جو دور ٻين واقعن ۽ جنگ جدل سان گڏ دودي چنيسر جي جنگ جي ڪري به مشهور آهي. سنڌ جا اڪائين پوءِ سما حڪمران ٿيا. ڄام اُنڙ سومرن ڪي شڪست ڏني.

سما حڪمران به باهمي رقابتن ۽ جنگ جدل جو شڪار رهيا. اُن هوندي به ڪن حڪمرانن انصاف ۽ عدل سان حڪومت هلائي. اهڙن ۾ ڄام نظا الدين هڪ باهمت ۽ منصف مزاج حاڪم ٿي گذريو آهي. سندس پٽ ڄام فيروز نااهل ۽ ناعاقبت انديش انسان هو. نتيجو هي نڪتو ته سنڌ ڏارين ارغونن حڪمرانن جي قبضي ۾ هلي ويئي. سمن جو دؤر (1351- 1520ع) پُر آشوب رهيو. ڄام تماچي ۽ نوريءَ جو روماني داستان هن دور جو يادگار آهي. ارغون تاتارين جي اولاد مان هئا. اُنهن مان شاهه بيگ ۽ سندس پٽ شاهه حسن 1554ع تائين حڪومت ڪئي. ڪانئن پوءِ سندن درٻارين مان ترخان قابض ٿيا. مرزا عيسي ترخان، باقي بيگ ۽ جاني بيگ جو ظالمانه دؤر 1591ع تائين رهيو. ارغونن کان پوءِ دهلي سرڪار جا گورنر سنڌ جي ايندا رهيا. انهن جي حڪومت به سنڌين تي عذاب ئي آندو. مغل گورنرن جي دور ۾ جهوڪ جي شهيد شاهه عنايت ۽ ڪهڙن جي مخدوم عبدالرحمان جي شهادت ۽ ڪوس جا واقعا ٿيا. جن سنڌين ڪي محسوس ڪرايو ته ڏريان ئي ڏاريان مٺ مئي جا نه ٿيا. تاريخ جو هي دور ئي آهي، جنهن جي دوران جيڪو سنڌي ادب تخليق ٿيو. اُهو هن دور ۾ بحث هيٺ آندو ويو آهي. اندازا ڪلهوڙا 1700ع کان پنهنجو اثر قائم ڪري ويا ۽ 1719ع کان سندن حڪومت مستحڪم ٿي. ميان آدم شاهه کان سندن اثر ۽ قوت جو دؤر رهيو. ميان يارمحمد، نور محمد، غلام شاهه خان جي حڪومت کان پوءِ سازشن سبب ڪمزور ٿيا. اندازا 1783ع ۾ ٽالپور مڪمل طور سنڌ جا حاڪم ٿيا ۽ ڪلهوڙن جو دؤر حڪومت ختم ٿيو. سومرن جي حڪومت کان وٺي ڪلهوڙن جي خاتمي تائين دؤر جي ادبي تاريخ هن جلد جي ايندڙ

صفحن ۾ ٻن ڏؤرن ۾ ورهائي بيان ڪئي ويئي آهي، ادبي سطح تي ارڙهين صديءَ جو او اخر تائين جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

## ماخذ

ڪنهن به عملي ڪم لاءِ ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا پڙهڻا پون ٿا. اُنهن ۾ آيل انگ اکر نظر ۾ رکندي پنهنجي گهرجي وارو مواد چونڊي بحث ڪي اڳتي وڌائڻو ٿو پوي. اڪثر موضوعن جي تڪميل لاءِ بحث تمحيث هيٺ به اچڻو پوي ٿو. ضرورت آهر حوالا وٺي ڳالهه کي مڪمل ڪجي ٿو. ادبي تاريخ جا انگ اکر هونئن به اڳ لکيل ادبي تاريخن، نثري ۽ نظمي مجموعن، رسالن ۽ مخزن توڙي هر قسم جي ڪتابن ۾ موجود آهن. اُنهن مان مدد وٺي پنهنجي تحرير ۽ پنهنجن لفظن ۾ آڻڻ سان ڳالهه وزنائتي بنجي ٿي. ٻين جا ڏگها ڏگها حوالا آڻي خود ڪجهه لکڻ، ڪو تبصرو نه ڪرڻ ۾ ديانت نه آهي. مون جن ڪتابن تان استفادو ڪيو آهي، انهن ۾ اهم هيٺيان ڪتاب آهن:

**سنڌي ادب جي تاريخ (ٻه ڀاڱا)**: خانبهادر محمد صديق ميمڻ هي ڪتاب لکيو، هن جا ٻه ڀاڱا بالترتيب 1937ع ۽ 1951ع ۾ شايع ٿيا. ڪو وقت هو جو هي اڪيلو ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ ڄاتو ويندو هو ۽ اُن جو انداز بيان ئي معياري ليکبو هو. پهريون ڀاڱو سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد شايع ڪيو ۽ ٻيو سنڌ يونيورسٽيءَ شايع ڪيو. ٻنهي ڀاڱن ۾ ڪل 65 ادبي شخصيتن جو بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو گهڻو مواد قلمي ڪتابن تان ورتل آهي. ٻنهي ڀاڱن جي ابتدا ۾ سنڌي زبان ۽ ادب جي ابتدا بابت ضروري مواد فراهم ڪيل آهي. شعر ۽ نثري شهپارن تي تنقيد ۽ تبصرو ڏنو ويو آهي. ساميءَ جي سلسلي ۾ ٻنهي ڀاڱن ۾ جو تضاد آهي. سو عجب ۾ وجهندڙ آهي پهرئين جلد ۾ ساميءَ جي ڪلام جي تعريف ڪئي اٿس (ص 394- 395، 396)، جڏهن ته ٻئي جلد ۾ ديوان ڪوڙيمل جي بيان ۾ ساميءَ جي ڪلام کي ڪنهن قابل نه ڄاتو ويو ۽ چيو ويو ته هندڪي ادب کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوڙيمل ساميءَ جي سلوڪ ڇپايا نه ته انهن ۾ شاعراڻي خوبي ڪا ورلي ليندي! (ص 503). بهرحال خانبهادر ميمڻ جو هي ڪتاب ادبي تاريخ جي سلسلي ۾ سنگ ميل آهي. هاڻي ٻئي جلد گڏ ڇپيا آهن.

**تذڪره لطفي (ٽي ڀاڱا)**: پروفيسر لطف الله بدويءَ جو هي ڪتاب فقط شاعريءَ بابت آهي ۽ هن جا ٽي جلد بالترتيب 1943ع. 1952ع ۽ 1955ع ۾ شايع ٿيا. هونئن پهرئين جلد جي مهاڳ ۾ 1936ع جو سال ڄاڻايل آهي. پهريون جلد سڌارن ۽ واڌارن سان ٽيٽي ضخامت سان وري ڇپيو. ٽنهي جلدن ۾ ڪل 81 شاعرن جو سوانح، ڪلام جو انتخاب ۽ تبصرو ڪيل آهي، هر جلد جي منڍ ۾ سنڌ جي تاريخ جو دؤر ۽ فارسي شاعرن جو ذڪر به ڪيل آهي. ڪتاب جو انداز ترتيب پروفيسر اي جي برائون جي تاريخ ادبيات ايران

وانگر آهي. پروفيسر بدوي شاعر جي ڪلام تي تفصيل سان لکيو آهي. هي ڪتاب شاعريءَ تي هڪ تنقيدي تبصرو ۽ جائزو آهي. نسبتا جديد انداز اختيار ڪيل آهي. هونئن مشرقي شاعريءَ بابت تذڪرا پهرين لکيا ويا ۽ تاريخون پوءِ اردو تذڪرا اهڙو واضح مثال آهن. بهرحال تذڪره لطفي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ معياري ڪتاب آهي.

**تاريخ شعراءِ سنڌ:** هدايت علي نجفي "تارڪ" جو هي ڪتاب پهرين سنڌيءَ ۾ لکيو ويو هو. پر اُهو دستياب نہ آهي. اردو ترجمو بهاولپور مان شايع ٿيو. هن ۾ پراڻو تذڪره نويسيءَ جو انداز بيان آهي. شاعرن جي ڪلام تي گهڻو بحث نہ ڪيل آهي.

**سنڌي ادب:** پير حسام الدين جو هي ڪتاب اردوءَ ۾ لکيل آهي. هاڻي اُن جو سنڌي ترجمو بہ ٿيو آهي. سنڌي نثر ۽ نظم جو هڪ مختصر جائزو آهي.

**تذڪره شعراءِ هالا:** سليم هالائيءَ جي هن مختصر ڪتاب ۾ هالن جي اهم شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

**يادرفتگان:** هي تذڪرو مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ لکيو ۽ 1953ع ۾ ڇپيو. ڪتاب نهايت اهتمام سان ديده زيب ۽ تصويرن سان شايع ڪيل آهي. هر شاعر جي مختصر سوانح ۽ ڪلام جو نمونو ڏنل آهي. ٻيو وڌايل ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ 194ع ۾ شايع ڪيو.

**تذڪرة الشعراء:** محمد بخش واصف جو هي ڪتاب 1955ع ۾ ڇپيو هن ۾ سانگيءَ ۽ حامد سميت ڪل 15 شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

**تذڪره شعراءِ لاڙ (پهريون ڀاڱو):** بدين جي بسيار نويس اديب محمد سومار شيخ هي ننڍو ڪتاب لکيو. هن ۾ بدين شهر ۾ تعلقي جي چند شاعرن جو ذڪر آهي. هونئن محمد سومار لاڙ ۽ سنڌ جون تفصيلي ۽ مختصر ادبي تاريخون لکيون آهن جيڪي اجا اڻڇپيل آهن. اُن ڪان سواءِ اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ هڪ تاريخ شعراءِ لاڙ (جامع) بہ اٿس، هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو بہ شايع ٿيو.

**تذڪره شعراءِ ٺٽو:** سيد اسد الله شاهہ بيخود حسينيءَ جو لکيل هي تذڪرو 1959ع ۾ ڇپيو. معيار جي لحاظ کان مقامي تذڪرن ۾ متاهون آهي.

**تذڪره شعراءِ سکر:** ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو لکيل آهي. هي ڪتاب 1965ع ۾ ڇپيو. منجهس سکر ۽ آسپاس جي ڪيترن ئي قديم ۽ پوئين دور جي شاعرن جو بيان آهي. پنهنجن همعصرن جو بہ بيان ڪيو اٿس.

**وڻجارن وايون:** عبدالڪريم پليءَ هي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي. 1961ع ۾، ڇپيل هن ڪتاب ۾ ڪافي گو شاعرن جي سوانح عمري ۽ ڪلام آيل آهي. هنن شاعرن ۾ گهڻا تعلقي عمرڪوٽ جا آهن.

History of Sindhi Literature: هن ادبي تاريخ جو مصنف پروفيسر لالسنگهہ اجواڻي آهي. هي ڪتاب ڀارت جي ساهتيہ اڪادمي 1970ع ۾ شايع ڪيو آهي. پروفيسر اجواڻيءَ هن ڪتاب ۾ سنڌي زبان، نيم تاريخي

داستانن، شاهه جي متقدمين، شاهه پٺائي، برطانوي دور کان اڳ جي ڪن شاعرن، سچل، سامي، برطانوي دور جي شاعريءَ ۽ سنڌي نثر تي ناقدانه نظر وڌي آهي. هن تاريخ ۾ گدا، ڏيونداس آزاد ۽ خاڪيءَ بابت ڪي ڳالهيون بحث جوڳيون آهن. هن تاريخ ۾ گدا، ڏيونداس آزاد ۽ خاڪيءَ بابت ڪي ڳالهيون بحث جوڳيون آهن. هو گدا کي گهٽ اهميت ڏي ٿو. ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڪيترا ماخذ پروفيسر اجواڻيءَ جي اڳيان نه رهيا آهن.

History of Sindhi Literature: پوپٽي هيراننداڻيءَ جو هي ڪتاب 1984ع ۾ ڇپيو آهي. هوءَ هڪ ڪهاڻيڪار طور مشهور آهي. بوليءَ بابت هڪ ڪتاب پاشا شاستر جي ليکڪا به آهي. سنڌين بابت سنڌس هڪ ڪتاب Sindhis Scatttered Treasure به ڇپيل آهي جو ملاح پبليڪيشن دهلي 1980ع ۾ شايع ڪيو آهي. هيءَ سنڌي ادبي تاريخ 1947ع کان 1978ع تائين جي آزاديءَ کان پوءِ واري دؤر تي آڌاريل آهي. آزاديءَ کان پوءِ جي حالات جي جائزي کان پوءِ فقط ڀارت جي سنڌي ادب جو جائزو ورتو اٿس. هن سلسلي ۾ ناٽڪ، ناول، ڪهاڻيءَ، مضمون، تنقيد، شاعريءَ ۽ اُن ڪانسواءِ مخزنن، ترجمن، ٻارن جي ادب، سفرنامن ۽ ٻين لاڳاپيل موضوعن بابت لکيو اٿس.

**سنڌي ادب (پنجابي)**: محمد آصف خان هي ڪتاب 1991ع ۾ لکيو ۽ پنجابي ادبي بورڊ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ پراڻي ۽ موجوده دور جي ادبي جائزو ورتو اٿس، سندس ماخذ ڊاڪٽر بلوچ، ميمڻ عبدالمجيد ۽ راقم الحروف جا ڪتاب آهن.

**سنڌي نثر جي تاريخ**: پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو هي ڪتاب 1968ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿيو. ويهين صديءَ جي سڄي ادبي تاريخ ملڪاڻي صاحب جي اکين اڳيان رهي. هن سنڌي ناٽڪ ۾ خاص طور پاڻ موکيو. هن تاريخ ۾ نثر جي صنفن ناٽڪ، ناول، ڪهاڻي، مضمون تي خاص باب لکيا ويا آهن. صنفن جي جاڻ تفصيلن ۽ مثالن سان ڏنل آهن. ناٽڪ جي اداڪاريءَ جو احوال به ڏنو اٿس.

سنڌي نثر جي تاريخ بابت ٻيو ڪتاب ڊاڪٽر غلام علي الانا جو آهي جيڪو 1966ع ۾ شايع ٿيو ۽ ليکڪ وار لکيل آهي. نثر جي ٻنهي تاريخن جا ٻيا ايڊيشن به ڇپيا.

**سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ**: هيءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي محققانه ڪاوش آهي، جنهن جو معيار ادبي تاريخن ۽ ٻوليءَ تي ڪيل تحقيق ۾ نهايت اعليٰ آهي. هن ڪتاب جي ابتدا سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جي لحاظ کان ٿي ۽ پوءِ مختلف وڌايل ڇاپن ۾ اُن جي صورت هيئن ٻيني جو چار ڇاپا شايع ٿيا:

1. سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ 1962ع
2. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ 1980ع
3. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ 1990ع
4. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ 1999ع

پهرئين ايڊيشن ۾ سنڌي زبان جي تاريخ قديم دؤر کان وٺي. سمن جي حڪومت جي خاتمي (1520ع) تائين بيان ڪيل آهي. ٻئي ايڊيشن ۾ زبان سان گڏ ابتدائي دور جي شعر جو به بيان ڪيو ويو آهي. ڪافي مواد وڌايو ويو آهي. ٽئين ايڊيشن ۾ به گهڻا اضافا آهن. اُن ۾ انون ۽ نائون باب وڌايل آهي. هن ايڊيشن ۾ تعليم ۽ سنڌي نصاب جي تاريخ بيان ڪئي وئي آهي، پر سنڌ جي ادبي تاريخ شروع کان ساميءَ (1743- 1850) تائين بيان ڪئي وئي. سومرن جي دور کان وٺي سنڌي شعر تي وڌي جاکوڙ سان ڪم ڪيل آهي. چوٿين ايڊيشن ۾ به ساڳيو ٽئين وارو مواد آهي. هي ڪتاب خاص طور محققن جو رهنما آهي. شاگردن ۽ مبتدين لاءِ به مفيد آهي، پر وزن وارو آهي.

ٻيا به ڪيترا ڪتاب ۽ رسالا مطالعي هيٺ رهيا آهن. اُنهن ۾ هينيان نشانبر آهي:

1. ٻيلاين جا ٻول- ڊاڪٽر بلوچ
2. ڪچين جا قول- محمد سومار شيخ
3. سنڌي ادب جي تاريخ- ميمڻ عبدالمجيد
4. سنڌي ادب جا مختلف رجحانات- محبوب علي چنه
5. موج موج مهراڻ- الياس عشقي
6. سنڌي شاعريءَ جو سينگار- نعيم نقوي

ان کان سواءِ ڪيترائي ديوان، رسالا، نثري صنفن جا مجموعا ۽ ٻيا ڪتاب زير نظر رهيا. انهن تان استفادو ڪيو ويو. پارٽ بابت ادبي جائزو پروفيسر اجواڻي پوپٽي هيرانندڻي، اتم ۽ ٻين ليکڪن جي ڪاوشن جو آڌار تي لکيو ويو آهي. ضروري حوالا ڏنا ويا آهن. تنقيد ۽ تبصرو پنهنجي راءِ جي روشنيءَ ۾ ڪيو ويو آهي. ڪنهن کي اختلاف ٿي سگهي ٿو، اهو فطري آهي. ڪوشش ڪري ادبي تاريخ کي ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين آندو ويو آهي. زنده اديبن ۽ ڪنهن حد تائين نئين ٽهيءَ تائين آيو آهيان. هر لکڻ واري جي داخلا ممڪن ڪونهي، جڏهن ڪو ليکڪ ادبي ڪسوٽيءَ تي پورو لٿو ته سيان جو نقاد ۽ ادبي پارکو اُن کي ادبي تاريخ ۾ آڻيندو.

## باب پهريون

## سنڌي زبان اصل نسل ۽ ارتقا

سنڌي هڪ ٻڌائتي ۽ قديم زبان آهي. زبان جي وجود بابت جيڪي سياحن ۽ جغرافيه دانن جا تحريري رايا ملن ٿا، انهن کان گهڻو اڳ به موجود رهي هوندي. صدين جو سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ سنڌي اڄوڪي پد تي پهتي آهي. هن وقت سنڌي هڪ ترقي يافته زبان آهي. ان ۾ جديد علمن ۽ فنن بابت علمي ذخيرو محفوظ ڪرڻ جي طاقت آهي. ان طرح ڪمپيوٽر دؤر ۾ به داخل ٿي چڪي آهي.

هن وقت تائين سنڌي زبان جي بڻ بنياد بابت جيڪا تحقيق ٿي چڪي آهي. ان کي جيڪڏهن آخري ۽ فيصلو ڪن نه چئجي ته به ايترو چئبو ته بڻ بنياد ۽ اصليت جي تلاش ۾ ماهر پيرين/ محققن چڱي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ وندر جي واٽ وڙي اٿن. گمان آهي ته عيسوي سن جي ابتدا يا ان کان به اڳ سنڌي زبان يا سنڌ جي ڪا زبان موجود هئي، جنهن موجوده زبان جي صورت اختيار ڪئي. عرب جغرافيه دانن جي تحريرن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. خاص طور بشاري المقدسي ۽ الاصطخري ( ۹ ۽ ۱۰صدي ع) جي تحريرن مان اهو ڄاڻجي ٿو ته سنڌي زبان عام ڳالهه ٻولهه جي زبان رهي. يقينا ڪافي اڳ موجود هوندي. سومرن جي دؤر (۱۰۵۰-۱۳۵۱ع) ۾ سنڌي شعر به ميسر ٿيا. سنڌيءَ جي ابتدا ۽ تشڪيلي دؤر بابت ڊاڪر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق قابل قدر آهي. ڊاڪٽر صاحب جو سنڌيءَ جي بڻ بنياد جي تلاش جو هي سفر سندن هڪ مقالي کان شروع ٿيو، جيڪو پاڻ ۲۲-۲۳ آڪٽوبر ۱۹۵۰ع تي سنڌي ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ جي عنوان سان پڙهيائون، جو پوءِ ڪانفرنس جي روئداد ”تحفهء لاڙڪاڻه“ ۾ ڇپيو. سماهي مهراڻ (۱-۱۹۵۹ع) ۾ به ڇپيو ۽ پوءِ ڪتابي صوررت ۾ ۱۹۶۲ع ۾ ڇپيو، هن ڪتاب جا پوءِ وڌايل ڇاپا ۱۹۸۰ع، ۱۹۹۰ع ۽ ۱۹۹۱ع ۾ ڇپيا. مواد جي مدنظر ڪتاب جا نالا به بدلبا رهيا. آخري ڇاپو”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ جي عنوان سان شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب قاريءَ کي معاملو آسانيءَ سان سمجهائڻ لاءِ ٻوليءَ جي ارتقا جي تاريخ کي چئن دؤرن ۾ ورهايو: پهريون قديم دور، جنهن ۾ ڪا سنڌي، سنڌي جي ٻولي يا ٻوليون رائج هيون. ٻيو: بنيادي دؤر، جنهن ۾ موجودح سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل ٿي. ٽيون : تعميري دؤر، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ترقي ڪري ادبي ۽ لغوي منزل ماڻي ۽ چوٿون : علمي دور جنهن ۾ مصنفن، محققن ۽شاعرن جا علمي ادبي ڪارناما صورت وٺي بيٺا(۱).

ڊاڪٽر صاحب سنڌي جو سڌو سنسڪرت مان نڪرڻ واري نظرئي تي خاص طور پادري شرٽ ۽ بشپ ڪالڊويل جي خيالن تي بحث ڪيو. هن کان اڳ سنڌيءَ جي بڻ بابت مشهور راءِ گريئرسن ( ۱۸۵۱-۱۹٤۱ع ) هئي (۲)، جنهن کان ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ، (۱۸۷۶- ۱۹۵۲ع ) اختيار ڪيو ۽ ان جو اظهار پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ۾ ڪيو. هن راءِ موجب سنڌي سنڪسڪرت مان پراڪرت ۽ اپڀرنس مان وراچنڊ جو روپ وٺي موجوده صورت تائين پهتي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مٿي ذڪر ڪيل مقالي جي اشاعت کان پوءِ اندازا ۱۹۶۰ع کان وٺي بڻ بنياد بابت بحث ڇڙي پيو. جناب سراج الحق، پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ جناب غلام علي الانا جون ڪاوشون مقالن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ ظاهر ٿيون. لسانيات جي ماهرن ۾ تحريري مهرڪا به ٿيا. ڊاڪٽر بلوچ گريئرسن جي نظرئي کي جئن جو تئن تسليم نه ڪيو ۽ لکيائين ته : خاص سنڌ جي آڳاٽ: ٻوليءَ

جي ابتدائي سٽاءَ ۾ سمير ۽ بابل جي تمدن وارين ٻولين ۽ سامي صفت زبانن جا ڪي جزا شامل آهن (٣)“.

ڊاڪٽر صاحب، سنڌيءَ جي سنسڪرت مان نڪرڻ واري نظريئي ۾ شڪ جا اسباب ڄاڻايا، جن ۾ ڪن مجهول فعلن، متحرڪ آوازن ۽ نج سنڌي لفظن جو ذڪر ڪندي تفصيلي بحث ڪيائين ۽ پنهنجي مطالعي جا نتيجا ظاهر ڪندي لکيائين ته ”سنڌي قبل از تاريخ قديم تهذيب جي ٻوليءَ جا آثار مئن جي دڙي جي ڪنڊرات مان مليل مُهرن ۾ محفوظ آهن. قبل از تاريخ قديم ٻوليءَ جي حقيقت معلوم نه ٿي سگهي آهي. ٿي سگهي ٿو اها ڪا سامي صفت ٻولي هجي جيڪا عراق جي قديم سميري تهذيب جي ٻوليءَ جي ساٿياري هجي. مقامي طور ان جي دراوڙي سلسلي سان نسبت ٿي سگهي ٿي. ٻيو ته موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل ناهي. بلڪه سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اسري (٥)“ ڊاڪٽر صاحب سنڌيءَ جي پاڙيسري ٻولين سان لاڳاپي جو به ذڪر ڪري ٿو. (٦). سراج الحق جو ڪتاب ” سنڌي ٻولي“ ١٩٦٤ع ۾ شايع ٿيو. هي ڊاڪٽر بلوچ سان ڪيل بحث جو نتيجو هو. سراج جي مطالعي جو لب لباب هي آهي ته سنسڪرت سنڌيءَ جي ڄائي آهي(٧).

سنڌيءَ جو لاڳاپو سنسڪرت سان به آهي ۽ سامي زبانن سان لهه وچڙ ۾ آئي. اهڙو اظهار ليلي رچنداڻيءَ پنهنجي مقالي : ”سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس“ ۾ ڪيو. پروفيسر علي نواز جتوئي جو ڪتاب سنڌيءَ جي بڻ بنياد ۽ تشريحي لسانيات بابت آهي. هي ڪتاب ” علم لسان ۽ سنڌي زبان“ ، اهڙي معلومات مهيا ڪري ٿو. پارت ۾ ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي، لڇمڻ خوبچنداڻي، جيرامداس دولترام ۽ پوپٽي هيرانداڻي سنڌيءَ جي بڻ بنياد، صرف ونحو ۽ ٻين لاڳاپيل پهلوئن تي ڪم ڪيو. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ ، توڙي ٻين ڪتابن ۽ مقالن ۾ ٻوليءَ جي اصليت، صرف و نحو، صوتيات ۽ لسانيات جي مختلف پهلوئن تي لسانيات جي اصولن موجب لکيو. بڻ بنياد بابت هن اهو خيال ظاهر ڪيو ته : ”آرين جي اچڻ کان اڳ برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالو هيون انهيءَ ڪري سنڌوءَ ماٿر ۾ به آرين جي اچڻ کان اڳ ڪا غير آريائي ٻولي چالو هئي. موهن جي دڙي واري ٻولي به ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي. موهن جي دڙي واري سئندو (سئندوي- سندوي- سنڌي) ٻوليءَ جو بنياد توراني ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو(٨)“.

محققن جي ڪيل ڪم مان هي نتيجو ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي هڪ قديم ۽ ٺاٺتي زبان آهي، سنسڪرت کان اڳ واري دؤر ۾ موجود هئي ۽ پوءِ مختلف زبانن ۽ لاڙن جو اثر به وٺندي رهي. جنهن ۾ پاڙيسر زبانن ۽ لاڳاپي ۾ آيل زبانن جو اثر قبول ڪيائين.

سنڌي زبان جي مختلف پهلوئن تي ۽ رسم الخط بابت به عالمن ڪم ڪيو آهي. جن جي ڪاوشن سان سنڌي زبان بابت ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا ميسر ٿيا آهن. مٿي ذڪر ڪيل محققن کان سواءِ ڊاڪٽر

عبدلاڪريم سنديلي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، محمد عمر چند، محبوب علي چنه، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي، ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ ڪن نئين ٽهيءَ جي اسڪالرن جو ڪم نمايان آهي. اجا منزل پري آهي. زبان جي لساني، صوتياتي، معنياتي ۽ محاوراتي پهلوئن تي تفصيلي ڪم جي گنجائش آهي.

**سنڌي شاعريءَ جي ابتدا**

سنڌي شاعريءَ جي اتبدا بابت اڳ ۾ لکيل ادبي تاريخن ۾ ماموئيءَ جا بيت ۽ ڪجهه ٻيا بيت آيل آهن. انهن بابت ڪي روايتون به بيان ڪيل آهن. تان جو ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق سان انهن روايتن ۽ بيتن بابت نه رڳو درستي ٿي، بلڪه بيتن ۾ سنڌ سان اضافو ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جو ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ“ هن باري ۾ اهم ماخذ آهي. شاعريءَ جي باب جي ابتدا ڊاڪٽر صاحب جي مذڪوره ڪتاب جي سنڌ ۽ ٿورن سان ڪجي ٿي. ڊاڪٽر صاحب ادبي تاريخ بيان ڪرڻ کان اڳ عربي ۽ ٻين ٻولين جي سنڌيءَ سان لاڳاپي ۽ اثر نفوذ جو ذڪر ڪيو آهي. ٻولي ڪهڙن ڪهڙن مرحلن مان گذري ۽ شعر لاءِ ڪيئن زمين هموار ٿي، اهو پهرين ڄاڻڻ ضروري آهي. ان سان گڏ شعر جي تلاش ادبي تاريخ جو پهريون مقصد آهي. اسان جي اڳوڻن ادبي تاريخ لکندڙن گهٽي ڪوشش ۽ جاکوڙ ڪري اهي شعر هٿيڪا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي اول چيا ويا. مليل تحريري ۽ زباني روايتن تي پنهنجي تحقيق جو بنياد رکيائون. سڀ روايتون سچيونبه نٿيون ٿين. بهرحال ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهن مليل روايتن جي تحقيق به ڪئي ۽ ان سان گڏ جيڪو جاکوڙ وارو ڪم ڪيائين سو مختلف هنڌن تي وجي نوان شعر هٿ ڪيائين ۽ انهن جون مڪمل روايتون به بيان ڪيائين. ڪن ڳالهين ۾ شڪ هو ۽ سن سال جي غلطي هئي ته اها درست ڪيائين. پلان پليءَ جو چيهه ڪونهي، پر هن وقت تائين ادبي تاريخ جي تحقيق ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا دليل وزنائتا آهن.

بده راقم جي هيءَ ڪاوش مڙني ماغذن جي مدد سان حاضر آهي.

پهريون شعر

پهرئين يا پهرين سنڌي بيتن جي تلاش ڪندي جيڪو شعر مليو آهي، اهو ابو حاتم محمد جو حوالي سان آهي. هن پنهنجي ڪتاب ”روضة الصقلاءِ ونزهة الفضلاءِ“ ۾ لکيو ته ؛ مون ابراهيم کان ٻڌو، جنهن ابن ابي القعقاع چيو ته مون سان ابو هذيل ڳالهه ڪئي ۽ چيائين ؛ آءٌ يحيٰ بن خالد برمڪي وٽ وينو هوس جو هڪ هندي شخص پنهنجي مترجم سان گڏ ڪچهريءَ ۾ آيو: يحيٰا ڪي مترجم چيو ته هي شخص شاعر آهي ۽ توهان جي مدح ڪئي اٿس. يحيٰ چيو ته پلي ٻڌائي. انهيءَ تي هن شخص چيو:

ارہ، ککر- کي کِرہ مندرہ

(جڏهن اسان جي طرف چڱاين ۽ نيڪين جو ذڪر نڪرندو آهي تڏهن تنهنجو مثال ڏيندا آهن)(٩).

متئين متن کان قدري مختلف صورت ۾ هي شعر ”مجمل التواريخ والقصص“ ۾ آيل آهي. ان جي صورت هيءَ آهي:

آره بره کنکره - کراکِري مندره

هن ڪتاب ۾ ان شخص کي سر زمين سنڌ جو شاعر لکيو ويو آهي ۽ يحيٰ بدران سندس پٽ جو نالو اچي ٿو.(١٠)

هي شعر حضرت بلال حبشيءَ جي تصنيف ڄاتو ويو هو. دمشق ۾ سندس مزار جي ديوار تي هي شعر لکيل آهي، جا پوءِ نهي . اندازو آهي ته هي شعر حضرت بلال پنهنجي حبشي زبان ۾ چيو هو. حقيقت ۾ هي شعر عربي ڪتابن ۾ لکجڻ سبب پنهنجي اصل صورت ۾ نه رهيو آهي. بيو ته ”نزهة الجليس“ جو مصنف ابن نورالدين المکي جنهن هي ڳالهه لکي سو پوءِ جو آهي (١١) . مون ١٩٦٦ع ۾ پيڪنگ ۾ چيني زبان جي تعليم دوران آفريڪي ملڪن جي هم ڪلاسين کان سواحلي ۽ بيون ٻوليون ٻڌيون ۽ ڪجهه لفظ سکيا ۽ اهو محسوس ڪيو ته هنن جا آواز ۽ انداز ٻيا آهن. مثلاًگهڻا لفظ هيئن آهن: ڊانگا ڊونگا- بامائوڪا، نيڪونا وغيره، ڊاڪٽر دائود پوٽي هي شعر دمشق ۾ حضرت بلال جي مزار تي لکيل ڏٺو آهي. منهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ جي پهرئين ڇاپي (١٩٧٣ع) کان وٺي مون هن شعر بابت سوچيو ۽ هي ڳالهه خيال ۾ آئي ته : شاعر يا صاحب مدوح جو نالو منترو هوندو يا هو ذات جو منترو هوندو. بغداد وڃڻ کان اڳ اهو شعر سنڌ (لاڙ) ۾ چيو هوندائين. صورت حال کي منهن ڏيڻ لاءِ برمڪي وزير اڳيان اهو شعر پڙهيو هجيس. انهي ڪري شعر جو اصل متن هيئن هوندو:

اهڙا ٻڍا ڪو (نه) ڪري، ڪ ڪري منترو

(منترا قوم لاڙ، ڏکڻ بدين ۾ آباد آهي)

(مولويٰ مٺان مون، ٻڌو لاه م باجهه جو – شاهه)

مليل متن ۾ سمجهه ۾ نه اچڻ ڪري ٻه ٻي صديءَ هجريءَ جو هر شعر بقول ڊاڪٽر بلوچ جي سنڌي زبان جي تاريخ بنسبت هڪ قيمتي وٿ آهي. (١٢) چو جو مليل روايت موجب هي شعر سنڌ/ سنڌ جي زبان/ سنڌيءَ جو آهي.

عرب دؤر (٧١٢- ١٠٥٠ع) کان پوءِ سومرن جي حاڪميءَ (١٠٥٠-١٣٥١ع) دورانڪن روماني داستانن جو ذڪر ڪتابن ۽ روايتن ۾ اچي ٿو. ٻن ادبي اهڃاڻن ڏي به اشارا موجود آهن. انهن ۾ هڪڙا بيت سومرن جي جنگين بابت آهن. جيڪي هنن گجرن، علاوالدين جي لشڪر ۽ ڄام هالي سان ڪيون. انهن جو عرصو اندازا ١١٥٠ع کان ١٢٥٠ع آهي. هن باري ۾ پٽن، پانن ۽ سگهڙن جون چيل ڳاهون زباني روايتن مان تحرير ۾ آيون آهن. ڪي جنگينواري دور ۾ چيون ويون هونديون ته ڪي پوءِ جي سهڙن ٻڌي سٽي چيون هونديون. سهڙن هنن ڳالهين جا راوي آهن. انهن جي روايتن ۾ هر ڳالهه، هر قصي ۽ ڳاهن وغيره

جو بنيادي ڍانچو بيشڪ ملي ٿو. پر سربستي ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ ۽ انهن کي تاريخ سمجهڻ صحيح نه آهي. هنن جي بيان ڪيل روايتن ۾ جيڪي بيان ٿيو سو نيم تاريخي داستان ڄاڻڻ کپي.

عربن جي اچڻ (٧١٢ع) کان اڳ جو ڪو نمايان ادب دستياب نه ٿيو آهي. عربي زبان سنڌيءَ تي اثر ڪيو، سنڌين عربيءَ ۾ به لکيو. اهو فطري هو. سنڌي شعر جي ابتدا جا اهم اهڃاڻ سومرن جي صاحبيءَ ۾ ملن ٿا شعر جا نمونا هاڻي تحرير ۾ اچي چڪا آهن.

سومرن جو دؤر

سومرن جو دؤر (١٠٥٠-١٣٥٠ع) سنڌي زبان جي ترويج ۽ عربيءَ سان علمي تعلق سبب سپاڳو ثابت ٿيو. سنڌي عوام جي مادري زبان هئي. واقعات ۽ حادثات جو رد عمل سنڌيءَ ۾ شعرن رستي ظاهر ٿيو. جنگين جو احوال ڳاهن وسيلي مشهور ٿيو. سومرن جي دؤر ۾ سنڌي پنهنجين موجوده سرحدن کان وڌي پرپاسي خاص طور اتر ۽ ڏکڻ اوپر سان رابطي ۾ آئي. ٻوليءَ جو رابطو وڌيو ۽ ادب منظر تي به سنڌي شعر نظر آيو.

ٻارهين ۽ تيرهين صدي عيسوي ڪانڪي اهم شخصيتون، درويش ۽ صوفي ملتان کان وني ٺٽي تائين خلق خدا جي روحاني تربيت ڪرڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا. ڊاڪٽر بلوچ انهن هستين ۾ حضرت غوث بخس بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني (١١٨٢-١٢٦٢ع) پاڪ پٽن جي بابا فريدالدين گنج شڪر (١١٧٣-١٢٧٥ع) ، اچ جو سيد جلال بخاري، شيخ قلندر لعل شهباز (وفات ١٢٧٢ع) ۽ شيخ حسين عرف پير پنو ، (وفات ١٢٤٨ع) جو خصوصي ذڪر ڪري ٿو. انهن جي روحاني تربيت ۽ ذڪر فڪر توڙي سماع جا سلسلا هليا (١٣). هن سلسلي ۾ سماع جو حوالي سان ڪن قوالن جا نالا به اچن ٿا. خاص طور قوال حسن سنڌي حضرت غوث شيخ بهاءُ الدين جي پوٽي شاهه رڪن عالم جي ڏينهن ۾ هو. بابا فريد جا دوها به ڳايا ويا. انهن جي زبان سنڌي ڳاڏڙ آهي. انهيءَ کان سواءِ اهو به گمان ڪيو ويو آهي ته هي دوها بابا فريد جي جانشين فريد ثانيءَ جا به ٿي سگهن ٿا (١٤). هنن دوهن جا ترجما به ٿيا آهن ۽ سنڌي بيتن جي صورت ۾ شاهه جي رسالي ۽ ٻين روايتن ۾ ملن ٿا. مثال طور ٻه دوها ۽ انهن جي سنڌي صورت هيءَ آهي.

سروم پنکي هيڪڙو، ڦاهيوال پچاس
اِهِ لهري گڊ ٿيا، بچي تيري آس.

سنڌي

سر ۾ پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاه
رکي آس الله، لڏي لهرين وچ ۾،

اِني نکي جنگيم، ٿل ڊوگر ڀويوم

اڄ فريد اي ڪوجڙا، سو ڪوهان ٿيوم

سنڌي

تر ڏونگر ٻر روهه، ميي سڀ مناڙيا

اڳڻ اسي ڪوهه، هاٿيص هن جهاز ڪي.

آغا سليم بابا فريد جي دوهن کي نئين صورت ۾ آٺڻ سان گڏ سنڌيءِ ۾ ترجمو به ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ هنن دوهن ۾ سنڌي لفظن جي هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي (١٥). بهرحال هنن دوهن جي اڀياس مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته تيرهين صدي عيسويءَ جي هي روايت عظيم تر سنڌ جي هڪ شعري روايت آهي. هنن دوهن ۾ سمايل روحاني تعليم شعري روايت کي به هٿي ڏني آهي. تنهن سان گڏ تبليغ، تعليم، سماع ۽ شعر جي ماحول جي پروڙ پوي ٿي.

**دودو چنيسر**

سومرن جي دور جي هڪ وڏي روايت دودي چنيسر جي جنگ، سومرن جون ڳجهن ۽ جامهالي سانجنگيون ۽ چاوڙن سان معرڪا اهم آهن. انهن بابت پٽن پانن جون ڳاهون مقبول ٿيون. سنڌي جي تاريخ ۾ هن معرڪن جو ذڪر موجود آهي. شعري روايت ۾ ڳاهون موجود آهن. سگهڙن انهن کي پئي ورجايو آهي. انهن ڳاهن کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب نه رڳو لوڪ ادب رڻا ۾ يڪجا ڪيو آهي پر پنهنجي عديم المثال تصنيف سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ هڪ پيرو وري به چٽو ڪيو آهي. اهو نٽو چئي سگهجي ته پٽن پانن جون چيل ۽ ورجايل هي ڳاهون واقعات رونما ٿيڻ واري وقت جون آهن يا پوءِ تخليق ٿيون، بهرحال انهن مان چوند اهي آهن جن ۾ واقعات ڏي اشارا موجود آهن-ع

پيڙهي ڏيان پٽ کي، پونر چيو پو

ان در مٿي او، سونهي ٻڌو لِوالو.

سهر سنپايم سومري، پنگر – ڏي ڪيٽاءِ

پوني چنڊ پٽاندري، جيڪر تو جڳاءِ.

ڏبوچاٽا سون جا، هڻون آڏاٽيا ارٽ

اڳ ماٺيندين ابڙي، وڏي ڪنهن ورٽ

سرسين آهينم سومريون، جي سرٽيون ڏيان سي

سورج سنئون نه ايري، ڌرتي ڏاج نه ڏي.

آڙ آڏي هئي ابڙي، نو چليون ڏه لک
گهوڙي ڪنڌ نہ ڦيريو، ماري او خلق

اپ سپ ڪنهن اچو اپ نہ اچو ڪوءِ
مئي ٻہ مٽي ٿيو، سورهہ سر سندوءِ

علاوالدين جي سپهہ سالار سان هن جنگ جو نقشو واضح ڪيو ويو آهي. ڪي بيون ڳاهون ۽ بيت ٻہ ڪتابن ۾ آيا آهن، جن جو تعلق پڳ تي شروعات ۾ ٿيل اختلاف بابت آهي. چنيسر پڳ ٻڌڻ جو فيصلو ماءُ کان وٺڻ لاءِ اندر ڪوٽ ڏو وڃي ۽ پويان سردار دودي کي پڳ ٻڌائين ٿا. اڪثر شعر ٿن سٽن وارا ٻہ آهن-ع

ويهہ پڄاڻان پيءُ جي، آءُ چنيسر آءُ
پاڳ سڻائو تنهنجو، توکي پلي ڄڻيو ماءُ
آئين سعيو ڪريو سپاه جو، تہ گهمي اچان گهران
وڏي جا ورهن جي، پڇي اچان تنهن ماءُ،
جيڪا ڏي صلاح، سا قبول ڪريان اکين سان.

پيءُ پڄاڻان پاڳڙي، دودا ٻانءِ م راند
راڄ نہ ڏجن مڱيا، مڱيا ڏجن ڏاند
پائي ڳچيءَ پاند، دودل ٿن مڃايو.

سما سوڍا سومرا، راڄ جت مڙن
خلقون ا ت اچن، دودي جي دربار ۾

مون ڄڻيو مين پٽ ڪري، پر ٿي پئين تون ڌيءَ
ويهي آتڻ وچ ۾، پانديون ڪتج ٿيهہ
هاڻي صلاح اتئي هيءَ، تہ گهر ويهي ڳالهيون ڪرين.

چاچي چڊيان نہ چئين، مڙس منهنجي کي
اڳ هيوسين ٻهہ ڄڻيون، هاڻي ٽيوسين ٽي
من ويهي آتڻ وچ ۾، پابنديون ڪتي ڏي
مر گهر ڪم ڪري، هي چا ڄاڻي راڄ مان!

دماما ڪري دانگيون، پالا پيجي ٻار
گهوڙا ٻيڙا وڪڻي، ڏڻ رڍن جو ڏار
سائو لڪڻ چيچ ۾، گهڏندو گهيتا چار
ٻي کهڙي ڪندين ڪار، تون چا ڄاڻين راڄ مان!

ننگر مغل پاڻ ۾، چڙهي ڏن چوٽ
پيجي چٽ چيهون ڪري، گهٽا ماريائون گهوٽ
بنا پرء اوٽ، ننگر ماريوماڳ ۾،
سنئين سانجهيءَ وار، چلي آيا چوگان ۾
ڏيئي منهن ماڻهن کي، ڪيائون مارو مار
سپڙ ۽ سالار، پورت ڪئي پاڻ ۾.

ابڙاڻيءَ جا ابڙا، توکي دودي ڏنا سلام
وڙهان ويرين سامهون، جي تون سرن جهلين سام
آهي تنهنجي سام، هيءَ امانت ابڙا.

سهتيون جي سومريون، سي پلي آڇج پاڳ
راڻيون جي روپاہ جون، هي محل تنين جو ماڳ
سر سلامت پاڳ، تہ سام نہ ڏيندو ابڙو.

جنگ بابت ڪيترين ئي ڳاهون ۽ بيت آهن. جن جي وقت جو تعين نٿو ڪري سگهجي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق موجب هي جنگيون ١١٥٠ع کان ١٢٥٠ع واري عرصي ۾ لڳيون (١٦).

ڱڄرن سان جنگ ۽صلح ۽ پيڻ جو سڍ ڏيڻ بابت ٿاهه جي سلسلي ۾ به ڳاهون آهن. جن ۾ هي ڳاهه گهڻي مقبول ٿي – ع

جر نه ڪٽن ڪنگرين، راءُ نه ڳنڍين ويڻ
ڳولي ويندي گجرين ته به چوندا دودي پيڻ

وقت جو تعين ڪرڻ هن سلسلي ۾ مشڪل آهي، پر درج ڪيل ڳاهون ۽ بيت سومرن جي دؤر سان وابسته آهن، ڪن جو زمانو پوءِ جو به ٿي سگهي ٿو. ڪن ۾ دودي چنيسر جي ڳالهه ڪرڻ وارن به يقينا گهاٽي واڌي ڪئي هوندي. هن دؤر جون بيون به ڪيتريون ڳاهون هونديون. سومرن جي دؤر جون مٿي ذڪر ڪيل ڳاهون سنڌي شعر جو ابتدائي سرمايو آهن. نه رڳو ايترو پر سومرن جي دؤر جا بيا عشقيه داستان به هن سلسلي ۾ سنڌي شعر جا ابتدائي مضمون ۽ بنياد بنيا، اهي داستان هي آهن: سسئي پنهون (تحفه الڪرام موجب ٿورو اڳ جو ٿي سگهي ٿو) سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال – مورڙو ۽ مانگر مڇ – سورٺ ۽راءِ ڏياچ – مومل راڻو – عمر مارئي. ليلا چنيسر ۽ سهڻي مهيار. سيف الملوڪ جي باري ۾ به شاعرن جو ڪلام موجود آهي. باقي قصن تي به. پر باقي ستن داستانن تي عام شاعرن ڪان سواءِ شاهه ڪريم، شاهه لطيف ۽ بين صوفي شاعرن جو ڪلام سنڌي شاعريءَ جو خزانو آهي. هي داستان ئي آهن، جن تي سنڌي شعر جي شاندار عمارت جڙي ۽ اڄ به نت نوان آهن. عام ۽ واقعاتي بيت بيا به گهڻا آهن.

پير صاحب حسام الدين راشدي ايڊٽ ڪيل سيد عبدالقادر جي ڪتاب حديقة الاوليا ۾ قديم سنڌي بيت ڏنا آهن، جيڪي به سومرن جي دؤر جا آهن. اهي هي آهن-ع

ڪٽين تان هارائين، مرين نه وڃين واءِ
ٻنهي منجهون هڪڙي، ڇڏي نه ٿئي ڪاءِ
(سيد بدرالدين بن سيد محمد مڪي بڪري)

ڪهنو اٿم ڪپڙو، سٽيون ڪين سهي
نظر ڪريو مهر جي، تنهن تان مر لهي
اجاريوس اهي، پراڻو پرتو اٿئي

پوکيم سرنهه، ٿي پيو ڄانيو
اهو اولانيو، مون کي آيو نينهن جو
(مخدوم پريان لوئي)

وسين تان وس، عالم لڳوئي آسري
هاٿي ڪيم ترس، جو مندون موٽي آئيون.
(سالڪ مجذوب والده حاجي ابراهيم)

**اسماعيلي داعين جو ڪلام**

سومرن جي دؤر جو ٻيو شعري ذخيرو اسماعيل فرقي جي داعين جو ڪلام آهي، هن ڪلام کي گنان چيو وڃي ٿو. انهن ۾پير نورالدين، پير صدر الدين ۽ ٻين جو ڪلام اچي وڃي ٿو. انهن جو ڪلام سنيءَ ڪانسواءِ ٻين ٻولين ۾ به آهي. ڪڇي، گجراتي، هندي ۽ سرائيڪي زبانن ۾، ڪٿي هڪ ڪان وڌيڪ زبانن جي آميزش سان به هي ڪلام موجود آهي

اسماعيلي پيرن جا گنان مرزا قليچ بيگ کان وٺي مختلف ليکڪن ۽ ادارن شايع ڪيا آهن. ماضي قريب ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا پهريائين رسالي ميراث ۾، ۽ پوءِ سماهي مهراڻ (١-٢/١٩٦٠ع) ۾ سومرن جي دؤر جي سنڌي شاعري جي عنوان سان مقالو لکي هن سلسلي کي ورجايو. ست گر نور (نورالدين) پير حسن ڪبير الدين ۽ ٻين اسماعيل پيرن جي ڪلام جي روايتن جي صحت ۾ ڊاڪٽر بلوچ شڪ ظاهر ڪيو ۽ لکيائين ته نه رڳو پيرن جي جمڻ ۽ وفات ڪرڻ جي سالن ۾ شڪ آهي، پر ڪلام جي روايتن ۽ پڙهڻين ۾ به اختلاف آهي. تنهن سان گڏ گنانن جا متن به بدلبا رهيا آهن(١٧). ڊاڪٽر صاحب البت پير صدر الدين ۽ پير حسن ڪبير الدين جي ڪلام کي سنڌي زبان جي آڳاٽي شعر جي مطالعي جي سلسلي ۾ اهم ڄاتو آهي (١٨).

اسماعيلي فرقي وٽ زبان جي تعين جي قطع نظر سڀ گنان اهم ۽ مقدس آهن. انهن کي جماعت خاني ۾، يا ڪن خاص موقعن تي ٻوليون (پڙهيو) وڃي ٿو. گنانن سان گڏ هيئت ۽ گائڪيءَ جي لحاظ کان هڪ صنف وينتي به آهي.

اسماعيلي داعي جيڪو ايران کان ١٠٧٩ع ۾ پهرين هندوستان ۽ پوءِ سنڌ ۾ آيو. سو پير نورالدين يا ست گُر نور هو (١٩). ڊاڪٽر الانا جي لکڻ موجب هن بزرگ هندي ۽ گجراتي، ملتاني، لاڙيءَ (سنڌي) ۾ ڪلام چيو (٢٠).

ست گُر نور جي هندي دوهن سان گڏ جيڪو سنڌي دوهو نروار ٿيو آهي. اهو هي آهي —ع
ٻن ڪلمي بندگي ڪري، تو بندگي سچي سار
جيون نت اٺ راه چلڻا، آخر اجڙواس (٢١).

جنهن شاعر زبان ۽ بيان جي لحاظ کان هڪ مقام حاصل ڪيو سو پير صدرالدين آهي. هو ١٢٩٠ع ۾ سبزوار (ايران) ۾ ڄائو ۽ ١٤٠٩ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مرقد اچ شريف جي ويجهو آهي. هُو پنهنجي وقت جي امام شاهه اسلام شاهه جي حڪم موجب اسماعيلي فڪر جي دعوت ڏيڻ لاءِ هند سنڌ آيو ۽ لاڙ

۾ ڪوٽڙي الله رکئي شاهه ۾ مرڪز قائم ڪيائين (٢٢). تبليغ ۽ دعوت جي سلسلي ۾ برهمڻ فلسفي جي دليلن ڪي نظر ۾ رکي ويدانت جي اصولن کي بہ مدنظر رکي هندن تي اثر انداز ٿيو ۽ ڪيترا ماڻهو مسلمان ٿيا. هڪ دليل هي ڏنائين تہ:

گنگاکي ماڇلڙي، گنگا مانهہ رهوي
آخر هووي گنديري!

دل صاف ڪرڻ جي باري ۾ فرمائي ٿو:

پير صدرالدين بوليا، ڪوئي اپنا من سمجهائي
ڪپڙا ڌويا تو ڪيا هئا، دل ڌوئي سو پائي،

پير صدرالدين جو سنڌ: ٧ بين زبانن ۾ گهڻو ئي ڪلام آهي. هيئت جي لحاظ کان سندس هيئيون گنان تمام اهم آهي. هن گنان ۾ وائي ڪافيءَ وانگر وراڻي/ٿل/ استائي موجود آهي. هر  بند کان پوءِ اهو ورجاءُ اسان کي سنڌي وائي ۽ ڪافيءَ جا ابتدائي اهڃاڻ پسائي ٿو:

ٿل -  اٺي الله نہ گهرين بندا، تون ستين ساري رات
نڪا جهوري جيو جي نڪو سمر سات
شاهه مجيئڙو تن جي صبحڙي جاڳن.

١-	صبوحڙي نہ جاڳن، تنهن کي حورون نہ ڏين هٿ
سي هاءِ هاءِ ڪندا هٿ هڻندا، جئن هاريءَ وڃائي وٿ

٢-	بانها تونجو تڪيو، ڪندن ۾ ڪوڙ
پسي رات گلڙا، م وڃائج مور

٣-	بانها تونجو تڪيو، ڪندن ۾ ڪيو
جڏين سچاڻو سور ڪيئن تڏين سمريو

٤-	ڪپاه جنين ڪتيو، جڏين ستو لوڪ
تنين پانهنجو ڪتي وڌو، ڳچي ڳاڙهو ٿوڪ

٥-	جيڙو ني تيڙو اگهيو، هوند ڪتيائين
پوءِ سياڻي سرتين وچ، ملي مرڪيائين

٦-	ڪونا مندب ماڙيو، گهر گهوڙا پندار
ڪين نہ نيا پاڻ سين، جيو چلنتي وار

٧-	پڙهي پير صدرالدين آئين سڻو مومن وير
الک چتو تن کي، جن مجيو شاه پير

شاهه مجيئڙو

فنا جي باري ۾ فرمائي ٿو:

ڪيڙيون اڏائين گڏ ماڙيون، تين تي ڪيڙا رکائين چِٽ
نيھي نيدءِ ڌوڙ ۾، توتي لتون ڏيندا مٽ
سڻ وڻجارا، هويار – هي من هروئڙو ٿو جھولي

ڪلام ۾ پسي رتاگلڙا، ڪپاه جنين ڪتيون ۽ ٻيون مصرعون لطيفي ڪلام ۽ پوئي دور جي شعر ۾ نمايان ملن ٿيون. انھيءَ لحاظ کان چئبو ته پير صدرالدين جو ڪلام موضوع ۽ زبان جي لحاظ کان پوئين دؤر تي اثر انداز ٿيو ۽ هيئت جي مدنظر به (٢٣).

اندازا يارهين صدي عيسويءَ جي اواخر کان وٺي پنڌرهين صديءَ جي پنجين ڇهين ڏهاڪي واري دؤر ۾ اسماعيلي فڪر جي داعين جي دعوت جو سلسلو گنانن ۾ نظر اچي ٿو. هي گنان موضوع، زبان ۽ هيئت جي لحاظ کان نهايت دلچسپ آهن. گنانن جي مستند عربي - سنڌي متن جي اشد ضرورت آهي. اهڙي متن جي اڏار تي ئي مزيد مطالعو ٿي سگهي ٿو.

هڪ بيت تي تحقيق

ڊاڪٽر بلوچ هڪ بيت تي تحقيق ڪندي لکيو آهي ته هي سومرن جي آخري دؤر جو آهي، بيت هي آهي:

ڊِري ڊِگري راءُ، جنھين چارڻ سان ڪاهه،
پٽڻ پٽي جو ٿيو، سيج وتايو ساهه،
هميرا پوراهه، راجھ ته ڪندا سومرا،

بهاولپور گزيٽ ۽ رسالي العزيز ۾ آيل هن بيت جو تعلق رحيم يار خان جي ڳوٺ ڦل وڏا جي حاڪم لاکي ولد ڦل سان آهي. هن ڪنهن چارڻ ڪي پلا گهوڙا انعام ۾ ڏنا. اُهي ڊوري راءُ سومري جي سازش سبب چورائجي ويا، بيت ۾ پاراتو آهي(24).

حوالا

1. بلوچ، نبي بخش خان، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو، 1999ع، ص 1
2. گريئرسن جو ڪتاب "لئنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" آهي.
3. بلوچ. سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، 1962ع، حيدراباد، ص – ج
4. ڏسو حوالو نمبر پهريون، ص 3
5. ايضاً، ص ،ص 32-33
6. ايضاً ص- 33- پڻ ڏسو ص 3 کان 33

7. سراج الحق، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد، 1964ع، ص 14-

8. الانا، غلام علي، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1974ع، ص 7

- ۽ پڻ ڏسو : مقالو سماهي مهراڻ1967/2ع، ص 75 کان 80

9. بلوچ. حوالي نمبر پهرئين موجب ص، ص 69- 70

10. ايضاً — ص 70

11. ايضاً ص 71 ۽ پڻ ڏسو مضمون ۽ مقالا ص 14

12. ايضاً- ص 72

13. ايضاً - ص 127

14. ايضاً- ص ص 129-131

15. ايضاً ص ص 130-131 ۽ 132

16. ايضاً - ص 139

17. ايضاً - ص ص 195-204

18. ايضاً- ص 203

19. الانا، غلام علي، مهراڻ 1-1960/2ع، مقالو ”سومرن جي دؤر جي سنڌي شاعري، ص 149

20. ايضاً — ص 149

21. ايضاً — ص 150

22. ايضاً — ص 151

23. گنانن تي لکندي ڊاڪٽر بلوچ جي مٿي حوالو ڏنل ڪتاب ۽ ڊاڪٽر الانا جي 19 نمبر تي ڏنل مقالي توڙي پنهنجي لکيل ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ مان مدد ورتي وئي آهي.

24. بلوچ. بموجب حوالو نمبر پهريون — ص ص

## باب ٻيون

## سمن سلطانن جو دؤر

### ابتدائي دور جا بيت

سمن سلطانن جي دؤر (١٣٥٠-١٥٢٠ع) ۾ جيڪي سنڌي شاعريءَ جا آثار ملن ٿا، انهن ۾ پٿن پانن جون چيل واقعاتي ڳاهون ۽ ڪي بيت آهن. انهن ۾ جيڪا ڳالهه سمايل آهي، ان جي اهميت وقتي آهي. ڳاهون چو جو ڪنهن واقعي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. انهن ۾ ڪو فڪر ۽ فلسفو سمايل نہ آهي. بيتن جي هيئت

۽ مضمون البت اهڙو رهيو جو ان مان پوين شاعرن استفادو ڪيو ۽ ان نهج تي هلندي، اڳتي صوفيانه فڪر تائين پهتا.

هن دؤر جو ڪلام جيڪو اسان تائين پهتو ان جا راوي سگهڙ آهن. انهن کان ٻڌي ڪتابن ۾ درج ڪيو ويو. ڳاهن جو ذخيرو ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب ڏنل لوڪ ادب رٿا جي ڪتاب "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جلد ستون - ڳاهن سان ڳالهيون (١٩٦٤ع)" ۾ آيو. ان تان پوين لکندڙن آسانيءَ سان ڳاهن جو متن پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۽ مقالن ۾ آندو. پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ۾ به ڊاڪٽر بلوچ صاحب باب ٤ ۽ ٥ ۾ تفصيل ۽ تحقيق سان بيان ڪيو. هيڏانهن ڪن ڪيلڪن ڳاهن جي تاثر ۽ معنيٰ کي نه سمجهندي فاش غلطيون ڪيون. ان جو چٽو مثال ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو آهي، هڻ هڪڙو مشهور بيت "ڳاهن سان ڳالهيون" ڪتاب تان سمجهاڻيءَ سميت ورتو آهي ۽ اصل ڪتاب واري غلطي ڪئي اٿس، بيت هي آهي- ع

جهڙو اڻ هر ڦترو، تهڙوجي ور هوءِ،

ته ڪچو نه ڪري ڪوءِ، سس پلين سستر ڪري.

ميمڻ صاحب معنيٰ به ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب تان نقل ڪئي آهي ۽ ٻنهي هنڌ غلط اهي. معنيٰ هيءَ ڪئي وئي آهي' جهڙي ڪنوار سهڻي آهي تهڙو جي گهوٽ سهڻو هجي ها ته ڪير به عيب نه ڪڍي ها، پلي سس اٿي سينگار ڪري(١). غلطي هيءَ آهي ته اڻ هر کي ڪنوار ڄاتو ويو آهي. حالانڪ ڪنوار جي حيثيت ته ڄاتل آهي. ور (گهوٽ) جي مقابلي ۾ اڻ هر (آهنر يا اهنيار )(لاڙي تلفظ) آهي. هي چوڪر يا شخص گهوٽ سان گڏ ويهندو يا هوندو آهي، جنهن جو ڪم گهوٽ جو ساٿ ڏيڻ ۽ سنڀال ڪرڻ آهي(٢). بيو ته مذڪر جو صيغو آهي! بهرحال سمن سردارن ۽ حاڪمن جي سخاوت جي باري ۾ به ڪيترا بيت آهن. مٿي ذڪر ڪيل بيت هڪ سٽ (گلا) آهي. هن سلسلي ۾ جيڪي ڳاهون ۽ بيت موجود آهن، انهن مان نمايان هي آهن.

سمن سردارن ۾ ڄام لاکو ڦلاڻي هڪ ڏاڍو مڙس ٿي گذريو آهي. هن جي ڏاڍ مڙسيءَ جا ڪيئن قصا آهن. لاکي ڦلاڻيءَ بابت ڊاڪٽر بلوچ جو ڪتابڙو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ١٩٥٨ع ۾ ڇپايو هو. مون کي ياد اهي انهن ڏينهن ۾ ئي مون يونيورسٽيءَ ۾ بي اي آنرز ۾ داخلا ورتي هئي. ڪڇ جي روايت موجب لاکو نائين يا ڏهين صديءَ ۾ گذريو آهي. هڻ لوڙيون هڻڻ ۽ ڏاڍي مڙسيءَ جي ڪري ته مشهور هو، پر سورهيه ۽ سخي به هو لاکي سان ڪي عشق جا قصا به مشهور آهن. اتاولو به هو. بهرحال هڻ اهو پڪو پرڻ ڪيو هو ته جيڪو مون کي پيءُ جي وفات جي خبر ٻڌائيندو ان جي زبان ڪپائيندس. سندس پيءُ ڦل وفات ڪري ويو ته هڪ پٽ ڪيس ڄاڻ ڪرڻ لاءِ ويو ۽ اٽڪل سان هي بيت پڙهيائين-ع

هڪ ڦل پسجن واڙئين ٻيا جي ٻينين ڏاڻ

لاکا آءُ مهراڻ، توري سجو ڪاڇڙو(٣)

اهڙي طرح ڪارائڙو سمو بہ هڪ سورهيه ۽ ڏاڙيل هو. هن کي سازش ڪري مارايو ويو. سندس سر وڍي گهر روانو ڪيو ويو. ان کي پيڻ پينگهي ۾ لوڏيندي، هن ريت پار ڪڍيا-ع

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ننگر سڀ نهاريا،
پينگهي پائي لوڏ، سر سمي جام جو

اهڙي طرح ڪيترا سخي سردار هئا، جن جي باري ۾ پڻ پانن بيت چيا، ڏهہ ڏاتار جيڪي مشهور ٿيا، اهي هي آهن: لاکو ڦلاڻي، جکرو اوڍاڻي، هڄند ٿڏياڻي، اونو جکراڻي، سپڙ چوٿاڻي، جسودن آگرو، جام وينجهر، وکيو ڏاتار، راءِ ڏياچ ۽ جام ڪرن(٤). انهن مان ڪن جي باري ۾ چيل بيت موجود آهن-ع

جهوني تو پڦراڻ، جڳ ڇتيهہ سنيرين
تو کي ڏنا هاڻ، لاکي جهڙا پهيڙا.

لاکا لک لنگهيا، انڙ ڪروڙيون اٺ
هيم هيڙائو هڪڙو، جو وري نہ آيو مون وٽ
(لاکي جا وڻن تي ٽنگيل ڳهہ انهن کي انعام ۾ ڏيڻ)
انبن لڳي ڪيري، جاري لڳي ڇٽ
ور چاڻ ماٽ ڪر، جيسين اچي وٽ
(سمنگ چارڻ وکيي ڏاتار کان بي
منڌائتا پيرون گهريا- ان جو جواب)
اني جي ڏانن، ڪيهون ابر لڳيون
راج پيئي راڻن، ڏاتار تہ ڏنجي ويا.
(اوني جکري بابت)
تڏي تڄ ڏناس، سمون ساهڙ پٽ ۾
پڌرو پرڪنداس هڄند ٿڏياڻي ٿيو.

اتر سيگهون ڪڍيون، ڏونگر ڏمريا
هينئڙو ڦتڪي مچيءَ جين، ساجن سنيريا.

هنن ٻن سٽن واري بيت/ ڳاهن ۾ ٻوليءَ ۽ هيئت جي لحاظ کان دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته ٻولي ايتري آسان ۽ عام فهم آهي، جيتري شاهه جي رسالي ۾ آهي. هيئت جي لحاظ کان هنن ۾ چند جون بنيادي هيئتون (Forms) موجود آهن. انهن ۾ دوها ۽ سورٺا آهن.

تنهن کان پوءِ اندازا سما دؤر جا ڪي بيت ٻن سٽن کان وڌيڪ واري هيئتن ۾ به آهن. انهن ۾ تحقيق جي لحاظ کان ڊاڪٽر بلوچ هيٺيون بيت تشريح سان بيان ڪيو آهي. سندس لکڻ موجب سنڌ ۽ ملتان جي پراڻن واسطن ڪري هڪ يادگار سر اباوڙي تعلقي جي سرحد جي ويجهو ضلعي رحيم يار خان جي شهر سنجرپور لڳ سرواهيءَ جي ڪنڊرن جي ويجهڙائي ۾ کهه کوٽيندي لڌي، جنهن تي هيٺيون ڪتبو هو-ع

سلان سلبند ٽپيان، ڦڳيان نام نصير
ڪئو ڪٽايا پتر گامڻ دي، انڙ نام همير
وقت ڪسندر بادشاهه، ملڪ ڏٽي پهلوان
رعيت راضي ايهه جيهي، جو پيا نت جوان
هڪ لک سلان لڳ چڪيان، ٽيا کوهه تمام
تري سؤ ٻوٽي باغ دي، راڌي انڙ جام.

ڊاڪٽر صاحب جي خيال موجب هي نائون سمو سلطان جام صدر الدين سڪندر شاهه بن خير الدين جام توڳاچي هوندو، جنهن جي سعيي سان هي کوهه کوٽايو ويو ۽ نصير ڦڳيي سربند سرون جوڙيون(۵) . سرن تي ڪي ٻيا به ڪتبا مليا آهن.

ماموين جا بيت

هي مشهور بيت قديم سنڌي شاعريءَ جو نه رڳو حصو آهن، پر هڪ دلچسپ حوالي سان مقبول ٿيا آهن. سنڌ جي تاريخن ۾ هنن جو ڪو تفصيلي ذڪر موجود ڪونهي. سنڌيءَ ۾ لکيل ادبي تاريخن ۾ خانبهادر ميمڻ هنن بابت فقط ٽي سٽون ۽ هڪ بيت ”هاڪ وهندو هاڪڙو “ ڏنو آهي. البت پروفيسر لطف الله بدويءَ سٽن ئي بيت جا ٻه مختلف متن ڏنا آهن ۽ ”هفت تن“ نالي مشهور سٽن درويشن واري عام مقبول روايت به ڏني آهي. واضح ڪيو اٿس ته هي ست ماڻهو جام تماچي ٻئي يا جام نظام الدين جي دؤر ۾ ٿي گذريا آهن. انهن اها ڏمڪي ڏني ته ٺٽي ۾ زير زمين هڪ نانگ آهي، ان جو مٿو هتي ۽ پڇ دهليءَ ۾ آهي. اسان ڪنڊريءَ جي چهنب سان ان کي پڪڙي ڇڏيو آهي. ڪنڊري ڪڍبي ته نانگ چرندو ۽ هي مملڪت تباهه ٿي ويندي. بادشاهه انهن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. قتل ٿيڻ شرط هو درويش پنهنجو ڪنڌ تريءَ تي رکي اڏامي هليو ويو، بيتن جا ٻه مختلف متن رسالي سنڌو ۽ اخبار تعليم ۾ ڇپيل، بدوي صاحب ڏنا آهن، سي هي آهن-ع

سنڌو (۱۹۳۷ع)

١- هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ
ٻهه مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي

٢- وسي وسي آر، جڏهن وجي ڦٽندو
تڏ ٻاروچاٽو ٻار، پنجين درمي وڪبو.

٣- ڪاري ڪاٻاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر
مر مڇي ماري، سڪ وسندي سنڌڙي.

٤- مر مڇي ماري، مر مڇيءَ ڪهڙا پار
هينين ڪاريون پوتيون، مٿن ڪارا وار.

٥- نيرا گهوڙا —ٻرا، اتر ڪنئون ايندا
گهاگهيريون گسن تي، وراهي ويندا
تهان پوءِ ٽيندا، طبل تاجاڻين جا،

٦- لڳندي لاڙان،سونڪو ٽيندو سري ۾
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي اوڳائان وٽاهه.

٧- اچي ويجها ماڻهٽا، ننگر جي آڏار
پراٽا پرار، نوان اڏج م نجهرا!

اخبار تعليم (١٩٠٤ع)

١- ٻڳي ٻنڌ اروڙ، هاڪ وهندو هاڪڙو
ٻهه مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي

٢- زالن مٿي ٻهه چوٽيون، مڙسن مٿي وار
ٻاروچاٽا ٻار، ٽڪي تي وڪامندا

٣- ستانوي ست چوڙسي، اٺانوي هٽ تاڙ
نوانوي نر جاڳسي، سؤ ۾ ٽيس جئهه ڪار.

٤- الله حسبي، ڪلهوڙن ڪان ڪسبي،
ٽالپرن ڪي ڏسبي، تهان پوءِ پسبي،

٥- نيلو گهوڙو نقرو، اوڀارون ايندو
ٽيلو ٽالپرن جو نهوڙي نيندو

٦- لڳندي لڙائي، سونچو سري ڪان ٽيندو
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي ٽڪي ڦنڌارون جوڪو

٧- پراڻا پرار، نوان اڏجو نجهرا.

بدوي صاحب جي راءِ ۾ اخبار تعليم وارو متن يادگيريءَ مان ورتل آهي.هو وڌيڪ لکي ٿو ته: هي متن برٽن ۽ هيگ جي ڪتابن تان ورتل آهن. انهن ڪنهن يادداشت تان نقل ڪيا هوندا(٧).

عام طور هنن بيتن کي پيشن گويون چيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ جو خيال آهي ته :”هي بيت زبان ۽ بيان جي لحاظ کان پوئين دؤر جا لڳن ٿا. بيو ته گمان اهو آهي ته هي بيت ماموين جي اڳ ڪٿي نه آهن، بلڪه سمن جي اوائلي عروج وقت سومرن جي خير خواهن طرفان اڳيون حالتون موٽڻ جون تمنائون آهن(٨)“.

ويجهڙائيءَ جي تاريخ ۾ به انگريزن ٽالپرن کان سنڌ فتح ڪئي ته ڪ تاجاڻين- جيئن هڪ بيت ۾ چيو ويو آهي. بهرحال هي بيت هاڻي قديم سنڌي شاعريءَ ۾ ماموين جي نالي ڳڻجن ٿا. جي پوءِ جا آهن ته به ۽ جي آڳاٽا آهن تڏهن به.

ڪي بيت قديم سنڌي شاعري اهڙن بين ڪيترن بيتن تي مشتمل آهي، جن مان ڪي ڳاهن طور، واقعاتي بيتن طور يا دعائيه فقيرن طور صدري روايتن مان تحرير ۾ آيا. مثال طور عشقيه داستانن جا ڪيترا بيت آهن، جي پڙهن پاڻان جي ذريعي عام ٿيا. انهن ۾ هوٿل ۽ ماڙي جي داستان مان هيٺيان چند بيت اهم آهن-ع

اتر سيگهون ڪيئون، ڏونگر ڏمريا
هيئنڙو ڦٿڪي مچيءَ جئن، سڄڻ سنڀريا

اڍا توسين آر، ڪر وسين نه سڀ جمار
شل تر – ٻاٻيهڙي تي مران!

چپر توتي چٽ، وني مينهن نه اجرن
ور جويج جا مٽ، نيڻ چيتاريا نه چلن

پاڻي متي پن، جئن تو ٻڌي اپڙي
تيئڻ هوٿل منهنجو من، لوڙهي وڏو لهريين.

هوٿل، جام اڍي جي پاڄائي هئي. ڏير جو حسن ڏسي هن سان پيار ڪرڻ لڳي پر اڍي رشتي جي لڄ رکي. پڻن بيتن ۾ داستان کي پنهنجي انداز سان بيان ڪيو آهي. حقيقت ڪيتري آهي، ان جي پروڙ هنن نيم تاريخي داستانن مان نه پئجي سگهندي. ههڙن حوالن سان جيڪي بيت مشهور ٿيا اهي سنڌي شاعريءَ جو سرمايو آهن، جيئن متي لکي آيو آهيان ته ڪي واقعاتي بيت به هن سلسلي ۾ اچن ٿا.

هڪ جز: سنڌ جي تاريخ جو هي واقعو آهي ته محمد بن تغلق سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ سنڌ ۾ ١٣٥١ع ۾ گذاري ويو. ان کان پوءِ ١٣٦٥ع ۾ فيروز شاهه تغلق ٺٽي تي ڪاهه ڪئي، رسد جي کوٽ سبب ۽ گهوڙن ۾ وبا پکڙجڻ ڪري گجرات هليو ويو. سنڌ ۾ انهيءَ دؤر ۾ هڪ جنگي نعرو يا رجز مقبول ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ، سراج عفيف (مصنف تاريخ فيروز شاهي) جي حوالي سان لکي ٿو ته هي رجز ٺٽي ۾ پهاڪي طور مشهور ٿيو:

بابرڪت شيخ پٿو

هڪ مئو هڪ ٿٺو(٩)

مطلب آهي پير پٿي جي برڪت سان هڪ مئو ته ٻيو ٿهي پڳو. ٻنهي جو تغق حلو آورن ڏي اشارو آهي.

شيخ حماد جمالي: سنڌي شاعريءَ جي ابتدائي بيتن ۾ شيخ حماد جو نالو خاص جاءِ والاري ٿو. سنڌ ۾ سما دؤر جي تاريخ جو هڪ خاص وقعو اچي ٿو. ان موجب جام جوڻي سازش ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ جام تماچيءَ کي دهليءَ ۾ نظربند ڪيو ويو. خلق جو دلي لاڙو جام تماچيءَ ڏانهن هو. ان سلسلي ۾ هو جام تماچيءَ جي موٽي اچڻ ۽ حڪمران ٿيڻ لاءِ پير پچائيندا رهيا. هن سلسلي ۾ شيخ حماد جماليءَ جي دعا جو حوالو اچي ٿو. هي هڪ بيت جي صورت ۾ آهي: جو پهرين سيد عبدالقادر جي فارسي ڪتاب (١٠١٦هه) ۾ حاشيي تي لکيل مليو. شيخ حماد ولد رشيد الدين جمالي اچ جي درويش شيخ جمال جو ڏوهوٽو هو.

هونئن جام تماچي ۽ سندس پٽ، شيخ حماد سان ملڻ ايندا هئا، هاڻي هنن جي ڊگهي غير حاضريءَ سبب بزرگ بيقرار ٿيو ۽ پوري حقيقت معلوم ڪري هي بيت چيائين:

جوڻو مت اوڻو، آءُ تماچي آءُ

سباجهي ٻاجهه پئي، تو سين ٺٽو راءُ.

هن دعائيه بيت جو اثر هو جو جام تماچي اچي تخت جو وارث ٿيو. شيخ حماد اندازا ١٣٦٢ع ۾ گذاري ويو ۽ ٺٽي ويجهو سندس خانقاهه آهي(١٠).

درويش نوح هوٿياڻي: هن ساڳئي واقعي جي باري ۾ درويش نوح هوٿياڻيءَ جو به نالو اچي ٿو. هي درويش اٺين صديءَ هجريءَ جي آخري ۾ ٿي گذريو آهي هو ڪيبر يا ڪيبراٽيءَ (نزد هالا) جو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب حديقة الاوليا مان هي واقعو آندو آهي. ”جڏهن جام تماچي ۽ جام صلاح الدين سنڌ پهتا ۽ ڪيبرن جي ڳوٺ وٽان اچي لنگهيا ته اتي جي درويش نوح ڪيبر کي ڏٺائون، جنهن ڍڳن جي گوهر (ڏڻ) پئي چاري، ان موقعي تي ڪو شخص سندس گوهر ڏانهن وڌيو، جنهن تي بزرگ چيس ته : جام تماچيءَ جي حڪم سان منهنجي مال سان دست اندازي نه ڪر؛ اهو ٻڌي نهايت عجب ۾ پيا ۽ اڳتي وڌي اچي درويش کان پڇيائون: ملڪ جو والي اڄا جام جوڻو آهي ۽ جام تماچي دارالخلافت دهليءَ ۾ نظربند آهي، پوءِ ڪيئن تو چوين جام تماچيءَ جو حڪم آهي! درويش چيو: مون کي جام تماچيءَ جي خبر ڪانهي.

ٻن ٽن ڏينهن کان وڌ ٽڻ پکي پکڻ کان اها ئي صدا ٻڌي رهيو آهيان تہ ڄام تماچيءَ جو حڪم آهي. اها بشارت ٻڌي کين نهايت خوشي ٿي ۽ درويش سان پنهنجو سچو احوال ڪيائون ۽ مقصد حاصل ٿيڻ خاطر پاڻ تي نذرانو مقرر ڪيائون(١١) . روايت آهي تہ درويش نوح هي بيت پڙهيو. (حقيقت ۾ هي ٻہ ٽڪون آهن):

جوڙو وجي جهوري ماريو

ڄام تماچي شهرين چاڙهيو.

ڄام تماچي حاڪم ٿيو. هي ٽڪون ان دور جي يادگار طور آهن. ايئن پير مراد شيرازيءَ جو دعائيه جملو "الله او ياتي ڏيئي وڏي ڄمار" موجود آهي.

شيخ عبدالجليل چوهڙ: هي بزرگ قطب عالم شيخ چوهڙ جي نالي سان مشهور آهي. هن جو تعلق نائين صدي هجريءَ سان آهي. قديم شهر موءِ مبارڪ ضلعي رحيم يار خان جو هو. ڊاڪٽر بلوچ هن جي باري ۾ لکي ٿو: "شيخ عبدالجليل سلطان بهلول لوڌيءَ (١٤٥١- ١٤٨٩ع) جو ناتي هو. حسب نسب جي لحاظ سان هو موءِ مبارڪ جي مشهور ولي شيخ حميدالدين حاڪم جي پنجين پُشت مان هو. حضرت حاڪم جي غوث بهاؤالدين ذڪريا ملتاني جي نياٽيءَ سان شادي ٿي هئي. جنهن جي ڪري حضرت حاڪم جي خاندان ۽ اولاد جو غوث بهاؤ الدين ذريڪا جي خاندان ۽ اولاد سان عزازت توڙي طريقت جو گهاٽو رشتو هو. انهيءَ ڪري ئي غوث بهاؤالدين جي سنڌي مريدن ۽ معتقدن جو حضرت حاڪم جي اولاد سان پڻ تعلق وڌيو(١٢)."

شيخ چوهڙ وٽ سماع جون محفلون ٿينديون هيون، جن ۾ سنڌ جا ذڪر سنڌي ڪلام بہ ڳائيندا هئا. شيخ چوهڙ جي"سوانح ۽ ملفوظات تذڪره قطبيه" ۾ موجود آهن. سماع جون محفلون دهليءَ تائين قائم ۽ مقبول ٿيون. شاهہ رڪن عالم جي محفل ۾ حسن قوال ۽ حضرت نظام الدين اولياءِ دهلويءَ وٽ حسين قوال جي گهڻي شهرت هئي. سماع جا هي سلسلا گهڻو مقبول ٿيا. ان قوالن کي ذاڪر بہ چوندا هئا. هنن سنڌي ڪلام بہ ڳايو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ سنڌي انهن محفلن جي هڪ مکيه زبان هئي. شيخ چوهڙ سنڌي بہ ڄاڻندو هو. روايت آهي تہ ڪن عزيزن شيخ چوهڙ کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي ۽ غلطيءَ سان هڪ ڏوم (مڱڻهار) کي ماري وڌائون. پاڻ ان تي هڪ بيت چيائون جنهن جي سٽ هيءَ آهي:

لڳي لڄ قريشان ، ماري ڏوم فقير(١٣)

ٻيا بہ ڪي بيت شيخ چوهڙ يا ڪن ٻين جا چيل آهن، جي هي آهن.

محمد گهٽ گهٽ، رهيو روم تن مانهہ

هو تان هنيو نانهہ، هن ري هي نانہ

-

جو هڙئي سو ني، ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾
خبر ڪو نه ڏي، رڇ ڪڄاڙي رنڊيو.

-

چڙان ته چڪن چاڪ، وهان ته وه سنجري
ماءُ منهنجي ڏيل سين، سورن ڪي اوطاق

-

جيئن تون جانان پاڪ، آسابند اڙين جو.
مون ڪي لوچ فراق اسان هون نه ڏار ٿئي
سڪون پريان ساک، رب ڏکائي ڪڏهن.
هي بيت اندازا ١٥٠٤ يا ١٥٠٥ع جا آهن(١٤).

سيد حيدر سنائي: جيڪي بيت شاعرن چيا آهن. جيڪي سمن جي آخري دؤر يا انهن جي حڪومت جي خاتمي (١٥٢١ع) کان پوءِ گذاري ويا، تن ۾ سيد حيدر به هڪ هو. هو سمن جي سيد خاندان مان هو ۽ مخدوم بلاول جو شاگرد هو. اندازا ١٥٣٠ع ۾ گذاري ويو. پنهنجي پياءُ سيد جراڙ جي شهيد ٿيڻ تي هي بيت چيائي-ع

گئون گتو ڪير ڪٽي، ڪڻ پايو پن پاڻ
تون ٻيلي سڀ ڪنهن، تو ٻيلر رحمان

مخدوم احمد ڀٽي: مخدوم احمد ولد مخدوم اسحاق هالن جو هڪ درويش هو. ڪيس سماع جو بيحد گهڻو شوق هو. روايت آهي ته پنهنجي زندگيءَ جي آخري ايامن ۾ هو نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) آيو ۽ سماع جي محفل ۾ ذاڪر کان هڪ بيت ٻڌڻ شرط سندس دم پرواز ڪري ويو. هي بيت ۽ احوال حديقة الاوليا ۽ تحفة الڪرام ۾ آيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق موجب اهو بيت مخدوم عبدالعليم پنهنجي ڪتاب ڪشف الاسرار ۾ ڏنو. بيت هي آهي-ع

سڏ سڄاڻي پرين جو وانگي جي نه ورن
ڪوڙي دعويٰ دوست جي، ڪڄاڙي ڪي ڪن

عام روايتن ۾ لفظ سڄاڻي بدران سٽي آيل آهي. ڪتاب ۾ آهي ته پوءِ ذاڪر هي بيت چيو-ع

سر ڏيئي سٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين،
مرٽان منهن ۾ موڙ، وٺي ٿي وڌلهي(١٥).

شاهه جي رسالي ۾ سريمن ڪلياڻ جي چوٿين داستان ۾ هي بيت وچ ۾ پل هن سٽ، ”ڪاتي ڪرٽ ڪپار ۾ خنجر آٽي ڪوڙ“ سان موجود آهي. جيڪا لڳي ٿو ته پوءِ ڪنهن بيت ۾ آندي آهي ۽ رسالي ۾ داخل ٿي

ويو آهي. مخدوم احمد جي ويجهي دؤر جا يا ان کان اڳاٽا بيت آهن. مخدوم صاحب اندازا ١٥٣٠ع ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو. هن موقعي جي ڪري هي ٻئي بيت مخدوم احمد جي مذڪوره محفل سماع سبان وابسته آهن. پهرئين بيت ۾ لفظ ڪجاڙو لاڙ جو آهي.

اسحاق آهنگر (لوهار)

”حديقة الاوليا“ جي مصنف سيد عبدالقادر جي ملاقات گنجي ٽڪر (حيدرآباد) تي شيخ پيرئي ويرداس سان ٿي. هن جي واتان هي بيت ٻڌي ڪتاب ۾ آندو هو ڪيس ٻڌايو ته هي بيت اسحاق جو آهي جو حيدرآباد جو هو. بيت هي آهي-ع

ٿيان مان جهرڪ، وهان پرينءَ جي چڄ

مان ڪرن ڊرڪ، ٻولي ٻاجهاري مون سين

هن بيت ۾ عاشقاڻو مضمون آهي. هن ۾ زبان جو ڪو ابهام ٻه نه آهي. مجاز جو رنگ جيڪو اڳتي هلي حقيقت جو روپ ڌاري ٿو. سو واضح آهي.

سمن سلطانن جي حڪومت تائين يا ڪي پوءِ ٻه زنده رهندڙ شاعر هن باب ۾ بيان ٿيا آهن. هنن جو ڪلام جو متي ذڪر هيٺ رهيو . سو ڳاهن ۽ بيتن تي مشتمل آهي. انهن ۾ جيڪو مضمون آهي. سو سردارن جي صفت ساراهه ڪتي سٽ ۽ ڳالا تي ٻه مشتمل آهي. جيئن سومرن جي دؤر ۾ صفت ساراهه سان گڏ ڪن واقعن سان لاڳاپيل بيت ٻه مليا، جن تي تحقيق جي نظر ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڌي جنهنجا حوالا ڏنا ويا آهن. هڪڙا ٻهه شاعر ٻيا ٻه هن سلسلي ۾ اچن ٿا، جن جو زمانو متعين نه ٿي سهيو آهي، پر اندازو آهي ته سمن جي اواخر يا پوءِ جا آهن.

هان فقير: هي ماڙي تعلقي لکي ضلعي شڪارپور جو هو. هن شاعر جو تحريري طور شعر پهريائين ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجي تاليف تذڪرِ شعراءِ سکر ۾، ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڏنو. سندس لکڻ موجب هي تمام قديم شاعر آهي.” شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف کان گهڻو اڳاٽو آهي ڪيترو اڳاٽو آهي اهو چئي نٿو سگهجي. ٻوليءَ جي لحاظ کان ايترو قديم نٿو لڳي جو ڪيس سومرن جي صاحبيءَ کان اڳ جو شاعر ليکجي. وڌ ۾ وڌ ١٤-١٥ صدي عيسوي جو هوندو. ميمڻ صاحب لکيو آهي ته جيها قوم جا ماڻهو هن جو فصل پيلائي ويندا هئا، ان ڪري هڪ بيت (دوهي) ۾ بددعا ڪيائين-ع

جي جيها آهن جوءِ ۾، ته هر دن هڦڙا حال،

يا جهيا وجن جوءِ مان، يا مرين مال.

پرپور شاهه: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکڻ موجب هي شاعر ڳوٺ ماڙي تعلقي لکي ضلعي شڪارپور جو هو ۽ تمام قديم زماني جو هو. هن ماڙيءَ جي حاڪم ٺنڊڻ مل ۽ سندس حوارين کي بددعا ڏيندي هي بيت چيو-ع

چندو چورن ماريو اٿل ماريواڄ.

ويا جئنداڻي جُوءِ مان، تندو ٽيڙو سڄ.

ڊاڪٽر ميمڻ، هان فقير جي بيت وانگر هن بيت کي مضمون ۽ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان هڪ جهڙو ڄاڻي ٿو ۽ چوي ٿو تهغي قديم بيت آهي. هي ٻئي بيت واقعاتي آهن ۽ منهنجي خيال موجب ١٤-١٥ صدي عيسوي کان اڳ جا نہ هوندا.

ٻولي ڇٽي ۽ پوئين دؤر جي آهي. شاهه ڪريم کان اڳ جا هجن تہ تسليم ڪيو. بهرحال هي باب انهيءَ ڪلام تي مشتمل آهي، جو سنڌي شاعريءَ جو پس منظر ظاهر ڪري ٿو.

حوالا:


١. بلوچ. ڳاهن سان ڳالهيون، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٤ع ص ١١٦ ب. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي. سنڌي ادب جي تاريخ، ڪانياواڙ اسٽور، ١٩٩٣ع ص ١٥بلوچ. ڳاهن سان ڳالهيون، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٤ع ص ١١٦ ب. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي. سنڌي ادب جي تاريخ، ڪانياواڙ اسٽور، ١٩٩٣ع ص ١٥

٢. سنديلو. عبدالڪريم تحقيق لغات سنڌي، لاڙڪاڻو، ١٩٥٥ع ص ٥٧

٣. بلوچ. مسهور عشقيهه داستان، جلد ٢٩

٤. بلوچ. سنڌي ادب جي تاريخ – ص ١٧٩

٥. ايضا – ص ص ١٦٦-١٦٧-١٦٨

٦. بدري. لطف الله . تذڪره لطفي (جلد اول)، آر – ايچ – احمد برادس حيدرآباد سنڌ. ڇاپو ٻيو، ٥٤-١٩٥٥ع، ص ص ٥٣-٥٤

٧. ايضا- ص ص ٥٤-٥٥

٨. بلوچ. حوالي نمبر ٤ مطابق ص ص ١٨١-١٨٨

٩. ايضا – ص ١٨٩

١٠. ايضا – ص ١٩١-١٩٢-١٩٣

١١. ايضا – ص ١٩٣

١٢. ايضا – ص ص ٢٠٥-٢٠٦

١٣. ايضا – ص ٢٠٨-٢٠٩

١٤. ايضا- ٢١٠-٢١١ ۽ ٢١٢

١٥. ايضا – ص ص ٢١٣-٢١٤-٢١٥

## باب ٽيون

گذريل ٻن بابن ۾ سنڌي شاعريءَ جي آغاز ۽ ارتقا جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن باب کان اهم شاعرن ۽ اديبن بابت انهن جي سوانح ۽ ادبي خدمتن جو تذڪرو ڪيو ويندو.

قاضي قادن (١٤٦٣-١٥٥١ع)

قاضي قادن اهو پهريون شاعر آهي، جنهن جو ڪلام تحريري طور پهرين شاهه ڪريم جي ڪلام سان گڏ مليو ۽ پوءِ ١٩٧٨ع ۾ پارت مان هٿ آيو. قاضي قادن جو ذڪر پهرين مير محمد معصوم (٧ رمضان ٩٤٤هه-٦ ذي الحج ١٠١٤هه/ ٧ فيبروري ١٥٢٨ع – ٤ اپريل ١٦٠٦ع ) پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ المعروف بہ تاريخ معصومي ۾ ڪيو(١). مير معصوم جو زمانو قاضي قادن کي ويجهو آهي. قاضي قادن جي وفات واري سال (١٥٥١ع) مير معصوم اندازا ٢٤ سالن جو هو. هن تاريخ معصوميءَ جي لکجڻ جو سال ڪٿي نہ لکيو آهي، پر هڪ هنڌ (ص ١٢٤ فارسي)، مرزا شاهه بيگ هٿان بکر جي قلعي جي مرمت جو بيان ڪندي لکي ٿو تہ هن وقت تائين – يعني ١٠٠٩هه ۾ اهو قلعو موجود آهي (٢) . هن ۾آڻ ڻآحڙاهي تہ وفاتکان ٤-٥ سال اڳ تاريخ معصومي لکيائين. قاضي قادن جي باري ۾ مير معصوم لکي ٿو تہ: "قاضي قاضن (قادن) بن قاضي ابو سعيد بن زين الدين بکري، سنڌس وڏا نئي ۽ سيوستان جي شهرن ۾ رهندا هئا. سندن ڏاڏو ابوالخير جو فضيلت جو صاحب هو، سو وڃي بکر ۾ رهيو (٣). سنڌ جي ٻين تاريخن ۽ ادبي تاريخن ۾ بہ قاضي قادن جو احوال آيو آهي، پر قاضي قادن جي سوانح ۽ ڪلام تي حقيقي تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي آهي. قاضي قادن جي نالي بابت بہ ڊاڪٽر صاحب تحقيق ڪئي.

قاضي قادن جو خاندان هڪ علم وارو خاندان هو. قاضي قادن بکر ۾ ڄائو ۽ سندس ابتدائي تعليم بہ بکر ۾ ٿي. هو قرآن مجيد، حديث، تفسير، فقهہ، تصوف ۽ ٻين علمن جي زيورن سان سينگار جي اعليٰ مرتبي تي پهتو. ڊاڪٽر بلوچ، قاضي قادن جي اعليٰ تعليم بابت لکي ٿو: اعليٰ تعليم سنڌ ۾ گهڻو ڪري سيوهڻ ۽ نئي ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر گجرات جي شهر نهر والي(پٽن) يا احمد آباد ۾ حاصل ڪئي هوندائين. ان وقت سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ سياسي ۽ ثقافتي ناتا هئا ۽ ٻنهي ملڪن جي تعليمي درسگاهن ۽ عالمن ۾ ويجهڙائي هئي. جيڪا پوءِ بہ گهٽي وقت تائين هلندي آئي(٤). تحصيل علم کان پوءِ قاضي قادن زندگيءَ جي حقيقي معاملن ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪيو. هو سنڌ جي سما حاڪم ڄام نظام الدين جي دؤر ۾، ان کان پوءِ ڄام فيروز توڙي ارغون حاڪم شاهه بيگ ۽ شاهه حسن جي دؤر ۾ قاضي ۽ اعتماد وارو ماڻهو رهيو. علم جي ڪري هڻ جو درجو ۽ اثر نظر اچي ٿو. سما حڪومت جي خاتمي تي افراتفريءَ ۾ سندس ڪٽنب بہ تڪليف هيٺ آيو تہ فهم و فراست سان انهن کي آزاد ڪرايائين ۽ شاهه بيگ مرزا کي قرلت ۽ زيادتي بند ڪرڻ لاءِ آماده ڪيائين.

قاضي قادن عالم فاضل ۽ صوفي هو. هو سيد ميران محمد مهديءَ جو مريد ٿيو. مهديءَ جو سنڌ ۾ اچڻ مهدوي تحريڪ لاءِ فائدي وارو ثابت ٿيو. ڪيترا هن دائري ۾ داخل ٿيا(٥).

قاضي قادن جي سوانح جا ڪي پهلو اجا بہ روشن ٿي نہ سگهيا آهن. انهن ۾ هڪ سندس شعر جي دستيابيءَ جو آهي. پهرين پهرين شاهہ ڪريم (١٥٣٨-١٦٢٣ع) قاضي قادن جا ست بيت مريدن ۽ معتقدن جي اڳيان پڙهيا، هي بيت شاهہ ڪريم جي رسالي ۾ قاضي قادن جي نالي سان محفوظ رهيا. اهي ست بيت هي آهن:

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري

-

سيئي سيل ٿيام، پڙهيا م جي پاڻ لئهہ
اکر اڳيان ايري، واڳون ٿي وريام

-

ڪنز قدوري قافيهہ، ڪو ڪو نہ پڙهيوم
سو پار ئي ٻيو، جتان پرين لڌوم.

-

لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين
سوئي پڙهيو سو پڙهان، سوئي سو حرف

-

سڄڻ منجهہ هئام، مون ويني واءُ ٿيا،
هيڏان هوڏانهن هتڙا، هئين جاڙ وڏام

-

سائر ڏيئي لت، اونچي نيچي ٻوڙيئي
هيڪائي هيڪ ٿيو، ويئي سڀ جِهت.

-

’لا‘ لاهيندي ڪن ڪي، لا مورهين نانهہ
بلا ري پريان، ڪٿ نہ ڏسي ڪو ٻيو.

پهرين بيت ۾ هڪ واقعي ڏي ادبي تاريخن ۾ اشارو ڪيو ويو آهي تہ ڪو ماڻهو قاضي قادن جي مسجد ۾ پير محراب ڏانهن ڪري ستل هو. اطلاع ملڻ تي قاضي قادن درو ڪڍي آيو ۽ پيرن وٽ درو هڻڻ لاءِ الاريائين تہ ات مٿو نظر آيو. اهڙي طرح ٻهہ پيرا ايئن ڪيائين پر ڪامياب نہ ٿيو. ان تي ان شخص کيس چيو تہ پير جيڏانهن ڪپئي اوڏانهن ڪري پر دل حقيقي محبوب ڏي ڪر. اهو ٻڌي قاضي صاحب

درو ڪٽي اڇليو ۽ اهو بيت چيائين. خانبهادر ميمڻ ادبي تاريخ ۾ جوڳي لفظ ڪم آڻڻ ڪي مسلمانن جي بي تعصبيءَ جو مظهرو ڄڻو آهي، پر اها ڪا وڏي ڳالهه نہ آهي.

هنن ستن بيتن مان قاضي قادن جي ڪلام کي پارکن صوفيانہ ڪلام ۾ ابتدائي ڪلام ڪري ڄاتو آهي، جنهن ۾ حقيقي محبوب جي جلوي پسڻ لاءِ پاڻ وسارڻ جي تلقين ڪيل آهي ۽اهو بہ ڏسيو ويو آهي تہ صرف و نحو ۽ ڪوڙئين ڪتابن مان محبوب هٿ ڪو نہ ايندو. اوهو ڪو ٻيو رستو آهي جيڪو اختيار ڪرڻ سان الله سان واصل ٿبو.

ڪيترو وقت انهن ئي ستن بيتن ڪي قاضي قادن جو ڪلام پئي ڄاتو ويو ۽ هڪ طرح ڪيس پهريون صوفي شاعر ڄاتو ويو ۽ ٻي طرف اڪثر سندس سياسي ڪردار تي قوم پرست حلقن اعتراض بہ پئي ڪيا. تان جو ١٩٧٨ع ۾ دهليءَ مان هيري ٺڪر جو ڪتاب "قاضي قادن جو ڪلام" شايع ٿيو. هن ۾ ١١٢ بيت قاضي قادن جا درج ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب تي جلد ئي پاڪستان ۾ تبصرا ڪيا ويا، جن ۾ ٽي اهم تفصيلي تبصرا ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر سنديلي ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جا هئا، جيڪي سماهي مهراڻ جي شماره نمبر ١٩٧٨/٤، ١٩٧٩/١، ١٩٧٩/٢ ۽ ١٩٧٩/٤ ۾ شايع ٿيا هنن اسڪالرن بيتن ۽ پڙهڻين توڙي معنائن تي پنهنجا رايا پيس ڪيا ڊاڪٽر بلوچ پوءِ بہ هن ڪلام جو مطالعو جاري رکيو ۽ تحقيق جا لوازما ادا ڪندي ١٩٩٩ع ۾ قاضي قادن جو رسالو شايع ڪيو. هن ۾ نہ رڳو هيري ٺڪر جي هريانہ صوبي جي راٽيلا مٺ (مندر) وارو مليل ڪلام اڳيان رکيائين پر وڌيڪ تحقيق ڪندي ٻيا بہ دستخط نسخا ۽ ذريعا استعمال ڪيائين، ائين هيري واري ڪتاب ۾ ڄٺرامداس دولترام جي مهاڳ ۾ لکيل هڪ اشاري/ خواهش جي تڪميل ٿي. ڄٺرامداس لکيو تہ : "هيري ٺڪر جي هن املهہ پستڪ بعد پاڪستاني سنڌي عالمن کي کوج ڪري قاضي قادن جي حياتيءَ جو تفصيل سان عمدو ڪتاب تيار ڪرڻ گهرجي." ڊاڪٽر سنديلي بہ اهڙي خواهش ظاهر ڪئي اها مهراڻ ٣-١٩٧٩/٤ ۾ آهي ۽ سچ ثابت ٿي.

ڊاڪٽر بلوچ ڪل ڏهن ماخذن جي آڌار تي قاضي قادن جا ١٣٥ بيت نروار ڪيا آهن. راٽيلا مٺ جي گرنٿ "سنتون ڪي واڻيءَ" سميت ٻيا ٤ ٻاهر ۽ ٦ سنڌ جا ماخذ آهن. هيري ٺڪر موجب هن بنيادي گرنٿ ۾ دادو ديال ۽ گرو نانڪ سميت ڪل ٦٩ شاعر درويش جو ڪلام آهي. قاضي قادن جي اڳوڻن ستن بيتن ڪان پوءِ سندس هي ذخيرو ملڻ سان هاڻي ان ۾ ڪا بہ شڪ نہ آهي تہ هو هڪ اهم شاعر آهي، جنهن پنهنجي خيال کي مڪمل ذميواريءَ سان ظاهر ڪيو آهي. هن ڪلام ۾ هڪ فڪر سمايل آهي. ڪي وقتي واقعي يا پٽن جي بيان وانگر بيت نہ آهن. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ پهرين مليل ستن بيتن جي آڌار تي بہ ڪيس هڪ عالم ۽ صوفي شاعر ڪري مڃيو ويو آهي. هن هيٺ هاڻي آءٌ سندس ڪلام جي ٻن مرتبن هيري ٺڪر ۽ ڊاڪٽر بلوچ جا قاضي قادن جي ڪلام بابت معيار ۽ معنويت تي رايا پيش ڪريان ٿو.

هيرو نڪر لکي ٿو ته ”قاضي قادن ان وقت جي قصيده گوئي ۽ قصھ خوانيءَ واري درباري شاعري ۽ مذهبي پرچارڪن جي پرچاري شاعريءَ کي ادبي معيار عطا ڪيو. هن سنڌي شاعريءَ کي چارڻن ۽ ڀٽن جي قصيدن ۾ سمايل مبالغي جي ڏٻڻ مان ڪڍي، ان کي فڪر ۽ فلسفي جي پڪي پختي زمين تي آندو ۽ ان کي اهو آڌار ڏنو، جنهن تي اڳتي هلي اساسي (ڪلاسيڪي) سنڌي شاعريءَ جي عمارت ڪڙي ٿي(٦).

”قاضي قادن قرآن جو حافظ ۽ پنهنجي وقت جو يگانو عالم هو. ان وقت جي سرڪاري ٻولي عربي هئي ۽ فارسيءَ جو به ٻول بالا هو. ظاهر آهي ته عربي ۽ فارسيءَ تي سندس وڏو عبور رهيو هوندو. ايتري هوندي به، ۽ ان وقت جي سرڪاري ڍانچي ۾ هڪ وڏي رسوخ واري حيثيت رکندي به هن اظهار جي ماڌيم لاءِ پنهنجي ڏيهي زبان سنڌيءَ کي ئي چونڊيو. اهي حقيقتون قاضي قادن کي سنڌي شاعريءَ جي باني ۽ پٽڪندڙ سنڌي شاعريءَ کي نئين ڏسا ڏيکاريندڙ جو درجو ڏيارين ٿيون. سندس سوچ، محاوري، محاڪات ۽ عبارت کان، ڪائنس پوءِ وارا ڪيترائي شاعر متاثر ٿيا،جن ۾ شاهه ڪريم ۽ شاهه عبداللطيف جهڙا عظيم شاعر به اچي وڃن ٿا(٧)“.

ڊاڪٽر بلوچ قاضي قادن جي ڪلام جي معيار ۽ معنونيت بابت لکي ٿو ته : ”پرڪ جو پهريون معيار قاضي قادن جي ٻولي آهي، جيڪا ١٦ صدي عيسوي ۾ بکر جي علائقي واري سنڌ جي اتر ۽ سري واري سنڌي ٻولي هئي. جنهن سان آڳاٽي دؤر کان سرائيڪي ٻولي جي آميزش ٿي. دادو ديال جي روايت وارن ماخذن ۾ شامل سنڌي توڙي سرائيڪي ۾ چيل بيتن تي راجستاني لهجن ۽ محاورن وارو رنگ چڙهيل آهي. قاضي قادن سنڌ ۽ هند جو وڏو صوفي عارف ۽ شاعر آهي. جنهن جي عرفاني ۽ اعليٰ اخلاقي شاعريءَ جو اثر سنڌ جي صوفي درويش توڙي سنڌ کان ٻاهر هندستان جي سنتن ساڌن تي پيو. موجوده ڄاڻ موجب قاضي قادن سنڌ جي صوفيانه فڪر جو اڳواڻ آهي(٨).“

قاضي قادن جي ڪلام جو فني لحاظ کان جائزو ونجي ته سندس ڪلام ۾ دوها ڇند ۽ ٻيا ڇند جهڙوڪ سورٺا، ٽوٽيري دوهو ۽ ٻڙو دوهو شامل آهن. سنڌ، راجستان ۽ گجرات ۾ اهي ماترڪ ڇند جون شڪليون موجود هيون. قاضي قادن، هالو، پرڪڻ، محمود ۽ دادو ديال توڙي ٻين جو ڪلام انهي موجب آهي. معنوي لحاظ کان قاضي قادن جو ڪلام پنهنجي دؤر جي صوفيانه ۽ نصحانه ڪلام جو نه رڳو نمونو پر نمائندو ڪلام آهي. مشهور بيت ’جوڳيءَ جاڳايوس- الخ‘ ۾ خود سڄاڳيءَ جو سڏ آهي. خود ستائيءَ ۽ خود ثنائيءَ جي شڪست آهي. عملي تبحر ۽ پنهنجي خيال کان آجو ٿيڻ توڙي هٺ هارڻ جو هڪ چٽو مثال آهي. ڪلام به سپڪ ۽ سلوڻو آهي. لفظن جي چونڊ به اهو واضح ڪري ٿي ته هي ئي پهريون وڏو شاعر آهي. ائين قاضي قادن کان سنڌي ادب جي حقيقي تاريخ چو نه شروع ڪجي.

مٿس مهدوي تحريڪ جو نمايان اثر نظر اچي ٿو. ظاهري علم کي سڀ ڪجهه نٿو ڄاڻي. ڪتابي علم بيشڪ ضروري آهي، پر او ڪو ٻيو فهم آهي اهو ڪو پار ئي ٻيو آهي، جتان محبوب جو جلوو پيو

پسجي. ڪنز قدوري ڪافيه مان سڀ ڪجھ حاصل نہ ٿيندو. تصوف ۾ همه اوست جي فڪر ڪي هيئن ظاهر ڪري ٿو تہ سائر هٽي هيناهيون متاهيون ٻوڙي ڇڏيون آهن. سڀ ڪجھ هم آواز آهي. محبوب کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ پيو پسجي. ڏٺيءَ جي وحدت ۽ ان جي مجتا قاضي قادن هيئن ڪري ٿو — ع

اسين ٻانهان تون ڌني، پاڻو پاڻ هي جاڻ

مندي ئر ميزاڻ، ليکو ڪندين ڪن سين.

-

ڏنئين پاڻ واڪاڻ ڪي، جي تنهنجي وات

ٻندا خالق نہ گهرين، ڪرين پرائي تات

محبوب جو جلوو هر هنڌ آهي. هيءَ ڪائنات هڪ محلات مثل آهي، هر طرف کان هر گُڙکيءَ مان ان جو ئي جلوو پسجي پيو-ع

ايڪ قصر در لک، ڪوڙيين سهسين ڪڙکيان

جئان ئي ڪرين پرک، تان ئي سڄڻ سامهان

-

سوئي هيڏانهن سوئي هوڏانهن، سوئي سو وسي

تهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي

ظاهر علم جو کهڙو انت پار آهي، ان مان ڇا حاصل آهي. فقط ايمان سان سڀ ڪجھ حاصل ٿئي ٿو. اندر نہ اجاريو تہ پنا ڪيترا پڙهبا! پيو پڙهبو ۽ قلوب ۾ ڪڙهبو نہ تہ ڇا حاصل ٿيندو-ع

زيران زبران آيتان، اڪران انت نہ پار

هڪڙي ئي ايمان ۾، لهين سيني سار

-

ڪنز قد وري ڪافيه، جي پڙهين پروڙين سڀ

ڪر منڊي ماڪوڙي ڪوهہ ۾، پيئي ڪڇي اپ

هڪڙي عام مقبول بيت بابت ڏاڍي دلچسپ صورت حال سامهون ايندي آهي. اهو هي آهي. — ع

ملان مريئي ماءُ، پتو قسئي پيٽ ۾

اڪئين ڏسي الله، تو ٺبي هٽين ڏوڙ ۾!!

اڪثر ائين بہ چيو ويندو آهي تہ بيت شاهہ جو آهي، پر ملان جي ماءُ کهڙو ڏوهہ ڪيو!! حقيقت هاڻي سامهون آئي تہ بيت قاضي قادن جو آهي ۽ هيئن آهي:

پتو ڦتو پيٽ ۾، وڃي ملا ماه
ڌائين ڏني ڌوڙ ۾، الله اوري آه

ڊاڪٽر بلوچ معنيٰ ڪندي ملا جي معنيٰ وٺان ورتي آهي. راٽي ملا رات، نئون نياپو آئيو(شاه) . معني هيءَ ٿي ته مرض اندر ۾آهي. پر هو (ويچ) وري ٻاهران ماس پيو وڍي(٩) . شاه جي رسالي ۾ قاضي قادن جا بيت هاٽي ظاهر ٿيڻ ڪان پوءِ نروار ڪيا ويا آهن. نه ته انهن کي به شاه جو ڪلام ڄاتو ويندو هو.

محبوب وٽ قبول پوڻ لاءِ شاعر چوي ٿو ته پاڻ کي سوئيري (سرمي) ڪان سنهڙو نه ڪندين ته محبوب جي اکيان ڪيئن قبول پوندين. ڪيئن نظر نواز ٿيندين- ع

سوئيريان سنهڙو، جن تن ڪيوءِ نه تيئن
توکي اکڙين ۾، پرين پائيندا ڪيئن.

سرڪارايل جو مضمون، هنجهن ۽ ٻگهن جي پيٽ هيئن ڪري ٿو:

اڇا ٻگهه م پس، مر ميرا هنجهڙا
رتا جي خالق سين، تني لڱي م ڪس

جيئن ڦقڙ مان هوا اندر ڪٽي رت صاف ڪن ٿا، تئين روزا ۽ نمازون تن من لاءِ آهن. چوي ٿو- ع

جئن ڦقڙ ماه ۾، ايئن روزا عيد نماز
اجان آهي ڪا ٻي، الله سندي حاج.

قاضي قادن الله تعاليٰ کي سڃاڻڻ، مجاز ۽ حقيقت، توڙي ناصحانه انداز اختيار ڪيو آهي. سندس ڪلام مان چند ٻيا بيت انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ هت آڇجن ٿا. هنن بيتن مان شاعر جو اسلوب ۽ زبان جي پرک ٿئي ٿي—ع

پهرين پاڻ پرک، پهرين پرکڻ سؤکڙا
در پي سو ئي رک، جتان ڏکائون لهين

-

پاٽي وانگر رنگ ۾، پاٹو واڻ رتاس
رڱيندڙ آ پاڻ ڏٽي، سيي رنگ سداس.

-

سور جنهو کي هوءِ، ڏانها تنها ايرن
ڪاتي کو ڏنوءِ، ڏانها ڪندو سور ٻن.

-

ڪايا منهه ڏيئي، پينا جي درياو ۾

پسندا سيئي، ماڻڪ اکڙين سين.

-

پڙهندو پئي ويو، کوڙين لک قرآن
لکي لوک نہ سگهيو، پاٽي اندر پاڻ.

-

ڪڏهين ٻيري ٻور، ڪڏهين ڦل نہ هڪڙو
ڪڏهين پريان جا پور، ڪڏهين سڪان سڏ ڪي.

ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ قاضي قادن زندگيءَ جي فلسفي کي سمجهيو ۽ ان بابت پنهنجا خيال ظاهر ڪيائين. سندس ڪلام سنڌ، گجرات ۽ راجستان جي سنتن ۽ درويشن جي صحبت سبب سنڌ کان ٻاهر هليو ويو. ڏکڻ اولهہ هند کان اتر هند جي هرياڻہ صوبي ۾ وڃي رسيو. هن ڪلام ملڻ کان پوءِ اهو ممڪن ٿي سگهيو آهي تہ سندس ڪلام جو زبان ۽ بيان جي مدنظر وڏيڪ مطالعو ڪجي. هيري ٺڪر کان پوءِ ڪلام جي پڙهڻين کي ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ پروڙڻ ۽ درست رکڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ ڪلام جا ڏهہ ماخذ اڳيان رکي نہ رڳو انهن جي پڙهڻين کي ظاهر ڪيو. بلڪل درست بہ ڪيو. قاضي قادن جي وفات جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ آخر عمر ۾ مديني شريف ۾ وڃي رهڻ مان گمان ٿئي ٿو تہ قاضي صاحب پوءِ اتي ئي رهي پيو ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن اتي ئي گذاريان. هو پنهنجي دؤر ۾ ايڏي وڏي شان شهرت واري شخصيت جو مالڪ جو جو جيڪڏهن بکر سيوهڻ دربيلي يا ٺٽي ۾ سندس وفات ٿئي ها تہ هوند سندس مزار زيارتگاهہ طور اڄ تائين موجود هجي ها(١٠).

مخدوم نوح سرور هالائي(٩١١-هہ/ ١٥٠٦-١٥٩٠ع)

سنڌ ۾ حضرت غوث الحق مخدوم الله المعروف بہ مخدوم نوح ٻيحيثيت درويش ۽ وڏي گاديءَ جا سجاده نشين طور مشهور آهن. پاڻ مخدوم نعمت الله جا وڏا فرزند آهن. سندن ولادت ٢١ رمضان ٩١١هہ/ ٢١ فيبروري ١٥٠٦ع تي ڳوٺ ٽوڙي هالاڪنديءَ ۾ ٿي. هي ڳوٺ پراڻن هالن کان اندازا ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي (١١). مخدوم نوح جو شجره نسب حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ سان ملي ٿو. ڪيترن ئي ڪتابن ۾ مخدوم نوح جي زندگيءَ ۽ ڪرامت جو احوال آيو آهي. حديقة الاوليا ۾ عبدالقادر حديقهہ ١٠١٦هہ ۾ يعني اندازا ١٨ سال پوءِ لکيو. حديقة الاوليا ۾ سلسلهہ نسب بہ ذڪر هيٺ آيو آهي. (١٢). ان تان ۽ ڪن ٻين ذريعن سان مير علي شير قانع ٺٽوي تحفة الڪرام ۾ مخدوم نوح جو احوال ورتو آهي. سجرن ۾ ڪتي ڪا پل چڪ هئي تہ مخدوم صاحب جي ڪيل قرآن شريف جي فارسي

ترجمي جي مقدمي ۾ واضح طور لکيو آهي ته هي بزرگ، محمد بن ابوبڪر صديق جي اولاد مان هو (١٣).

مخدوم نوح، عربي ڏياني وٽ پڙهيو. اڪثر عالمن جو اهو خيال هو ته مخدوم نوح گهٽ پڙهيل هو پر قرآن شريف جون سمجهاڻيون بڏي حيران ٿي ويندا هئا. اهڙو هڪ واقعو سندن نتي ۾ اچڻ سان تعلق رکي ٿو. انهن عالمن مان هڪڙي چيو ته انهيءَ وقت مخدوم نوح هڪڙي يت جو تفسير ڪرڻ ۾ مصروف هو ۽ مون کي تسبيح هٿ ۾ هئي، هر معنيٰ تي داڻو ڦيرائيندو ٿي ويس. جڏهن مخدوم صاحب خاموش ٿيو ته ڳڻيم ڪل اسي داڻا ٿيا(١٤).

مخدوم نوح جي علم فضل ۽ ڪرامت جون ڪيئي ڳالهيون مشهور آهن، سندن ڪيل قرآن شريف جو فارسي زبان۾ ترجمو هڪ شاهڪار آهي. اهڙي هستيءَ کي ٿورو پڙهيل ڪير چوندو! هن جو ڪاتب سندن مريد بهاءُ الدين گودڙيو هو، جو نتي جي ميمڻ خاندان جو فرد هو. قاسمي صاحب لکي ٿو ته؛ هو مخدوم صاحب جي اولاد جو اتاليق به هو. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو جيڪو مخدوم نوح جو مريد هو. سو بهاءُ الدين جو ايترو ادب احترام ڪندو هو جو ان جون جتيون سڌيون ڪري رکندو هو(١٥).

مخدوم نوح جا ملفوظات به موجود آهن. سندس ڪي شعر به ڪتابن ۾ آيا آهن، جيڪي هي آهن —ع

پيئي جا پريات، سا ماڪ نه پانئيو ماڻهئا

روئي چري رات، ڏسي ڏکوئين کي.

-

نه سي جوڳي جوءِ ۾، نه سي سامي واٽ

ڪاپڙين ڪنواٽ، وڏي ويل پلاڻيا

متي جن ملفوظات جو اشارو ڪيو ويو آهي، انهن جي باري ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي چيو آهي ته اهي مخدوم غلام حيدر صديقي صاحب وٽ هئا ۽ انهن جو سنڌي ترجمو ڇپائڻ جو خيال هون(١٦(. هيڏانهن هن عظيم خانوادي تي نظر ڪجي ٿي ته حضرت مخدوم نوح کان پوءِ هن خنوادي ۾ اهل علم درويش ۽ شاعر ٿيندا آيا آهن، جن جو تذڪرو به ٿيندو آيو آهي. هاڻي مخدوم جميل زمان صاحب ’تذڪره مخدومان هالا“ ۾ تمام گهڻي محنت ۽ محبت سان ڪيو آهي، شاهه جي رسالي ۾ لاڪو لطف الله جي نالي سان (سُر سهڻي داستان چوٿون، بيت پنجون) ۽ لاڪو نالي سان (سربسنت بهادر، داستان پهريون، بيت ڇهون ۽ ستون) موجود آهن. هن بزرگ جي باري ۾ پروفيسر محبوب علي چنه لکي ٿو:

”مطالعي مان ته ائين معلوم ٿيندو هو ته هي لطف الله بزرگ ذات جو لاڪو آهي، مگر هن جو عجيب انڪشاف اسان کي تازي مڪليءَ ۽ نتي جي سفر ۾ قبلهِ طالب المولىٰ سائين کان معلوم ٿيو ته هي

بزرگ سندس خاندان جو آهي. هن جي وڏيڪ تحقيق هن طرح آهي ته لاکو لطف الله مخدوم نوح جو پوٽو آهي ۽ مخدوم امين محمد صاحب جو پنجون نمبر فرزند (١٧).

پروفيسر چنه وڏيڪ اهو لکي ٿو ته هک ته متس مخدوم نوح جو نالو لطف الله رکيو ويو هو ۽ سروري فقرا کيس لاکيڻو ۽لاکو سڏيندا هئا ان ڪري لاکو مشهور ٿيو (١٨) . ڏانهس منسوب بيت هي آهن-ع

ڪڙڪن ڪجاياس، ٻيلي پاس ٻرن جي

چٽڪن جي چيچ ڪيا، تن واري وه وڏياس

لاکو لطف الله چٽي، اچي آب گهڙياس

سرتيون ڪنهن سياڳ ڪي، سڪڻ آءٌ سکياس

وسان ٿي وييس، مليس جي ميهار ڪي

(سهٽي٤-٥)

انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڦوليون ڦڳڻ مانهن

ري لالڻ لاکو چئي، سي آءٌ ڪريان ڪانهن؟

جي سجڻ هئي مون پانهن، ته ڦل پسيو ڦولي هنئون.

-

انگوريونءِ ڪيتڪيون، ڦوليون ڦڳڻ هيل

ري لالڻ لاکو چڏئي، سي آءٌ پانيان سيل

جي سجڻ هئي ٻيل، نہ ڦلَ پسيو ڦولي هنيون.

(سُر بسنت بهار، ١-٦ ۽ ٧)

هن خانوادي ۾ڪيترا ٻيا بہ بلند پايه شاعر ٿيا، جن ۾ سائين طالب الموليٰ ويهين صديءَ عيسوي جي آخري پنجاهه سالن ۾ شاعريءَ جي دنيا ۾ نالو ڪيو.

مخدوم نوح جي ٿورن بيتن ۾ ڪتاب چپر ۾ چڙيون(طالب الموليٰ) ۾ متي ذڪر ڪيل بيتن سان گڏهينيان بيت بہ درج ٿيل آهن-ع

اپٽيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن

آهي اکڙين، عجب پر پسڻ جي

-

ابوبڪر آءٌ، سامي سفر هليا

متان تي پٽئان، سکين سناسين ڪي

-

متان ڏسي موهجين، دنيا وارو ڏچ
جدا ڪجئين جودؤن، چائي ڪي ٿي چچ
نرمل نوح فقير چئي، ڪر رب سان ريجهي رچ
منيون پيڙي پچ، وقت وجي تو وسيلا

-

سمون بہ ساٿين گڏ، تون بہ لوچج لڄ ڪي
هلندي سمي سامهون، تون پڻ ڪرت ڪج
تہ تو پڻ ٿئي ڏي، سمي بہ سوپ ٿئي

مخدوم نوح ٢٧ ذوالقعد ٩٩٨هہ بمطابق ٢٦ سيپٽمبر ١٥٩٠ع وفات ڪئي. ڪتاب ”چپر ۾ چڙيون“ ۾ شاهہ جي رسالي جي سُربسنت بهار وارا باقي بيت بہ لاکي لطف الله جا ڄاڻايل آهن (١٩).

بهرحال علم فضل، تصوف ۽ شاعريءَ جي لحاظ کان سروري خاندان سنڌ جي هڪ اهم خاندان آهي. هن خاندان جي اهم شاعرن جو تذڪرو اڳتي وارنبابن ۾ ايندو.

حوالا

١. راشدي، پير حسام الدين. مير محمد معصوم بکري، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٩ع. ص ص ٩١-٩٢، ٢٨٣-٢٨٤

٢. مير محمد معصوم. تاريخ معصومي، سنڌ ادبي بورڊ، ١٩٥٣ع . ص ٢٥

- تاريخ معصومي جا فارسيءَ مان انگريزي ۾ ڪئپٽ ماليٽ (١٨٥٥ع) . اردوءَ ۾ آغا سلطان مرزا ١٩٠٦ع ۾ پهرين ترجمو ڪريو. سنڌيءَ ۾ پهرين ننديرام ١٨٦١ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ بيو بورڊ وارو مٿي ذڪر ڪيل ١٩٥٣ع ۾ ڇپيو.

- مير معصوم مفردات نامي، ديوان، مثنون ۽ رباعيون بہ لکيو.

٣. ايضا – ص ٢٣٨

٤. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر). قاضي قادن جو رسالو. سنڌالاجي ١٩٩٩ع. ص ١٨

٥. ايضا – ص ٢٣

٦. نڪر هيرو ڄيناڻلال، قاضي قادن جو ڪلام، پوجا پبليڪيشنز دهلي ١٩٧٨ع، ص -٧١

٨. بلو. بمبوجب حوالو نمبر ٤ ، ص ص ٥٦-٥٩

٩. ايضا ص ٨٦ هن توڙي ڪن بين بيتن بابت شڪ بہ آهي تهمتان قاضي قادن جا نہ هجن.

١٠. ايضا – ص ٣١

١١. جميل الزمان مخدوم. تذڪره مخدومان هالا، طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، ٢٠٠١ع، ص ص ٥١-٥٢
- هي مواد هن ڪتاب ۾ بين هينين ڪتابن جي سنڌ سان ورتو ويو آهي.
١- القرآن الحڪيم – مخدوم نوح(مقدمو مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي)
٢- حديقہ الاوليا. سيد عبدالقادر ٺٽوي
٣- تحفة الڪرام (سنڌي)
٤- تذڪره لطفي- (بدوي)
١٢. سيد عبدالقادر ٺٽوي، حديقة الاوليا، مرتب پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٧ع، ص ص ٣١ ڪان ٣٧
١٣. مخدوم نوح. قرآن الحڪيم، (فارسي ترجمو) مدير مولانا غلام مصطفىٰ قاسيم، سنڌي ادبي بورڊ ١٤٠١هه، ١٩٠٠ع، ص ١٩ ۽ پڻ ڏسو: تاريخ باب الاسلام سنڌ، از ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، ١٩٩٦ع ص ٧١
١٤. تذڪره مخدومان هالا – ص ٥٤
١٥. قرآن الحڪيم ، مقدمو ص ١٥
١٦. ڏسو تذڪره لطفي- ج ١، ص ٨٦.
١٧. چنه، محبوب علي، نذر لطيف، مقالو: ”شاهه صاحب جي رسالي ۾ سندس همعصرن ڏي اشارا“، محڪمهه اطلاعات مغربي پاڪستان، ص ٩٢
١٨. ايضا – ص ٩٣
١٩. طالب المولىٰ، مخدوم محمد زمان، چپر ۾ چڙيون، بزم طالب المولىٰ حيدرآباد، ١٩٧١ع، مقدمو.

**باب چوٿون**

پير محمد لڪوي: (وفات اندازا ١٦٠٠ع): هن شاعر جو احوال پهرين پهرين پروفيسر لطف الله بدويءَ پنهنجي تاليف تذڪره لطفي جلد اول ۾ ڏنو. پوءِ جي سيني محققن ۽ ادبي تاريخ نويس اتان ئي حوالو ورتو آهي.

بدي صاحب لکي ٿو تہ: ” قاضي قادن ڪان پوءِ ارغوني دؤر ۾ ٻئي هڪ عارف جو نالو اچي ٿو. جنهن جو اسم گرامي حضرت پير محمد لڪوي هو. پاڻ اصل ٺٽي جا رهاڪو هئا پوءِ هجرت ڪري اچي لڪيءُ ۾ رکيا. لکي ان زماني ۾ اتر سنڌ جو هڪ وڏو شهر هو. جو پوءِ زماني جي انقلاب ڪان ويو پؤٽو پوندو(١)“.

اڳتي هلي مخدوم پير محمد لڪويءَ جي باري ۾ لکي ٿو تہ : ”هو عالم ۽ خدا رسيده شخص هو. هن جي الاهي محبت جون ڳالهيون گهٽيئي مشهور آهن. سندس مقبرو لکي (ضلعو شڪارپور) جي پس

گردائيءِ ۾ آهي.(٢) ان کان پوءِ پير محمد لکويءَ جو اهم نظم ڏنو اٿس، جيکو الف اشباع جي طرز تي هڪ طويل نظم آهي، پر بدوي صاحب ان جو اقتباس پنهنجي والد جناب امام بخش خادم جي ”بياض خادمي“ مان تذڪري ۾ ڏنو آهي. هيءَ اها طرز آهي، جنهن تي پوءِ سنڌ خاص طور ٺٽي جي عالمن مذهبي. فقهي ۽ درسي نظم ڪتابن جي صورت ۾ لکيا، جن مان گهڻا شايع به ٿيا. هن نظر کي بدوي صاحب”نظم اشتقاقيه“ عنوان ڏنو آهي ۽ اقتباس هن طرح ڏنو اٿس:

اي صبا واءُ خدا جا خاطي خير هٿاءُ
تون ويہارو رحمان جو ۽ قاصد قريباءُ
تون ميانجي محبوبن جي پيڪ سندو پرياءُ
تون پانڌي پيارن جو اولي اڪڙياءُ
تون ساٿي سڪاين جو ماهر مشتاقاءُ
آٽي عجيبن جون خبرون خوشحالا
ني نياپا نينهن جا واڍوڙين وٽا
ڦڪي ڦوڙاين جي توکي آهي ادا
اچي اوير ڏيهه ڏهون اسهه اولاها
نہ مون سڪڻ ساه ۾ ڏکڻ جي ڏيها
نہ مون اور اتر سين پرت نہ پچارا
اولهندي آهين مون دلبر دل گهريا
”انا امڻڪ“ قول جنين سولڻا سجڻا
حب جنين جي هيريو هنيون حيرانا
سڪ تنين جي ساه کي سڪايو سوڪا
ونءُ تون منا واؤڙا واقف واٽڙيا
هل هتون هيج پئي لالن لکيءَ کا(ن)
ويلو ڪج ۾ وات تي ويرم ڪنهن ويرا
سڌي وات سڌا تون ڳلي کان ڏارا
واڍوڙين جي وات تون لڪيون لنگهيجا
ڪشتيون ڪرائي ڪيون آهن او بينا
تنهنجي اڇڻ آسري ٿا چون چِتِ منجها
نہ قادر ڪشتي آڻ تون سٽايون سهنجا

سورت ڪان سمونڊ ڏي هلي گهڙيجا
ٻيڙا ٻيڙيون ڏنگيون جي جٽنگ غرابا
سي سڀ سلامت ميڙئين منزل مقصودا
مڪي ڪان ميڙج تون مديني مهندا
وڻن اتون واڪائيو هليو وڃ هوتا
پريندي پسين جڏهن مديني منارا
ڪج فريادون فغان گهڻيون هئه هئه تنهن هنڌا
ڏانهڙيا ڏوڙ ڪٽي اوتج پاڻ اتان
روضي پيش رسول جي ايج سين عجزا
تہ پيرو پٽ هارون جو پوٽو الياسا
سنڌي ساڪن سنڌ جو شائق شفيقا
جنهن قسمت قيد ڪيو لکيءَ جي لاما
وره ويڙهيو آهيان متي پيرن لا
ويلو وڃهہ م وچ ۾ سبڙ ساٿيڙا
پيروءَ جا پهچائيين سلامت ساٿا(٣).

هن طويل نظم ۾ شاعر صبح جي ٿڌڙي هير سان مخاطب ٿي حضور ڪريمﷺ ڏانهن پنهنجي سڪ ۽ محبت جو اظهار ڪري ٿو. نظم جو تسلسل ۽ زبان تمام صاف آهي. زبان اڄ جي دؤر ۾ سمجهڻ جهڙي آهي. بدوي صاحب نظم جو فقط اقتباس ڏنو آهي. سچو نظم سنڌس لئبرريءَ ۾ بند ٿي رهجي ويو. وري قسمت سان ظاهر ٿئي.

هي نظم متاخرين مخدوم ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم ۽ ٻين جي اهڙين ڪاوشن جو پيش رو آهي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهم نشان بہ.

دادو ديال (١٥٤٤-١٦٠٣ع)

ڪن ذريعن سان سنڌ ۽ پاڙيسري صوبي راجستان جو تعلق، ادبي ۽ لساني رابطو رهيو. دادو ديال جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ: ”هو هڪ پڃاري جي گهر ۾ ڄائو ۽ احمد آباد ۾ وڏي وڏو ٿيو. سندس اصل نالو دائود يار هو ۽ سائين جي درويش شيخ ٻڍڻ صوفيءَ جي دعا سان پاڻ بہ صاف دل صوفي ٿي پيو. جيئن پوءِ تيئن گهڻا هندو فقير ۽ سنت سندس مجتا ۾ آيا، اهي ڪيس پنهنجي ويساهہ مطابق هندو سمجهڻ لڳا. مسلمان مريد بہ سندس دائري ۾ داخل ٿيا. بنگال ۾ مسلمان بہ ڪيس مڃيندا آهن. دادوءَ جي مريدن ۾ رجب پناڻ هڪ وڏو درويش هو جنهن جا بيت مشهور آهن(٤). هن سلسلي ۾ جناب باغ علي

شوق جي ڪتاب ”راجستاني زبان و ادب“ ۾ دادوءَ توڙي رجب جي باري ۾ مزيد معلوم ملي آهي. باغ علي شوق، دادو ديال بابت لکي ٿو: ڪبير پنٿ جي مقبوليت سبب جيڪي تحريڪون ۽پنٿ وجود ۾ آيا، دادو پنٿ انهن ۾ نشانبر آهي. ان جو باني دادو ديال جي آهي. ان ۾ چئن قسمن جا ساڌو آهن. اهي ڪاڪي، ورڪت، ٿانيا ڌاري ۽ ناگا سڏبا آهن. ڪاڪي (خاڪي) جسم مٿيءَ سان پيوت ڪندا آهن. مٿي تي چوٽي ٻڌندا آهن. ورڪت هٿ ۾ ڪٽورو رکندا آهن ۽ پڄن ڳائيندا آهن. ناگا ۽ ٿانيا ڌاري سفيد لباس پائيندا آهن ۽ ٻني ڪندا آهن ۽ نوڪري به. هي بهادر هوندا آهن. دادو پنٿين ۾ هڪ ڳالهه مشترڪ آهي جو هي مورتي پوڄا نه ڪندا آهن. وحدانيت تي يقين رکندا آهن ۽ شادي ڪو نه ڪندا آهن. دادوءَ جي پيدائش ۽ قوم (ذات) جي باري ۾ اختلاف آهي. ڪي کيس برهمڻ سمجهن ٿا، ڪي پڃيارو ته ڪي موچي چون ٿا. دادوءَ جي پيدائش ١٩٤٥ع (١٥٤٤ع) تي سيني جو اتفاق آهي. چون ٿا ته هو احمد آباد ۾ لوڌي رام نالي هڪ برهمڻ کي سانپرنديءَ ۾ هڪ صندوق ۾ لڙهندي مليو. هن کيس پاليو. دادوءَ جي گروءَ جي نالي تي به پردو پيلآهي. دادوءَ جنم ليلا ۾ لکيل آهي ته خود ڀڳوان کيس بشارت ڏني ان کان پوءِ ڀڳت ٿي ويو. اوڻيهن سالن جي عمر ۾ سانڀر کان امير، ڪلياڻ پور کان ٽيندو نيران ۾ آيو ۽ ڌرم جو پرچار ڪرڻ لڳو. دادوءَ شادي ڪئي ۽کيس ٻه پٽ، ٻه ڌيئرون ٿيون. وڏي پٽ جو نالو گريب داس هو. دادوءَ ١٦٠٤ع (١٦٠٣) ۾ وفات ڪئي. جيپور کان ويهه ميل پري نرينا نالي ڳوٺ ۾ هڪ ٽڪريءَ تي سندس نالي تيرٿ قائم آهي، جتي خلق اچي ٿي ۽ ميلو لڳي ٿو(٥).“

دادو ديال جي ڪلام لاءِ باغ علي شوق لکي ٿو ته اهو پنگل ۾ آهي جا راجستاني ۽ برج ڀاشا جو امتزاج آهي(٦). هو ڏانهن ماترڪ چند جي سرشتي کي به پنگل سڏجي ٿو. ڍولا مارو دوهن ۾ ان جو ذڪر آهي. دادوءَ جي دوهن جا جيڪي مثال ڏنا اٿس انهن مان ڪي هي آهن:

ڪهي ڪهي ميري جيب رهي، سڻ سڻ تيري ڪان
ست گرو باپ رو ڪيا ڪري، چيلا ٻوڌ انجان

-

ڪيا مُنهن لي هنسي بولئي، دادو ديجئي روئي
جنم امولڪ اپڻان، چلي اڪارن هوئي.

رجب جي، جيڪو راجستان جو مشهور شاعر آهي، ان ڏانهن ڊاڪٽر بلوچ به اشارو ڪيو آهي. باغ علي ان جي باري ۾ لکي ٿو: ”رجب علي خان پناڻ سانگانير جيپور ۾ ١٥٦٨ع ۾ پيدا ٿيو. ويهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪرڻ لاءِ سانگانير کان امير ويندي دادو ديال سان ملاقات ٿي. شاديءَ جو خيال ترڪ ڪري دادوءَ جو چيلو ٿيو. دادو ديال جي خدمت ۾ رهڻ لڳو. گروءَ جي فيضان هن کي اعليٰ مرتبي تي پهچائي ڇڏيو. دادو سندس گهڻو خيال رکندو هو. گروءَ جي وفات جي وقت کان وني اکيون بند ڪري

ڇڏيائين ۽ مرڻ وقت تائين (١٦٨٩ع) نہ کوليائين. ورتي ۽ سروگي نالي ٻہ ڪتاب لکيائين جن ۾ دنيا جي بي ثباتيءَ بابت گهڻو لکيو اٿس. هڪ دوهو هي اٿس:

پلي ڪهت ماني بڙي، يہ پر ڪرتي هي نيچ

رجب ڪوني گاڙڪي، جيون ڏوئي جيون ڪيچ

(جو ماڻهو سني ڳالهہ ٻڌي بہ خراب ڄاڻي اي رجب اهو شخص ايئن آهي جو متيءَ جو نهيل گهر جيترو ڏوئجي اوتري گپ وڌي)(٧).

باغ علي شوق حوالا ڪو نہ ڏنا آهن، جن مان سندس ماخذن جي خبر پوي. آخر ۾ ببليو گرافيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ هن دادو ۽ رجب جو احوال ڊاڪٽر موتي لال مينارِيه جي ڪتاب راجستاني ڀاشا ساهتيه (هندي) ۽ روات سارسوت جي ڪتاب راجستاني کي ڪوي تان ورتو آهي.

بهرحال دادو سنڌ ۾ بہ هاٽي جاتو ويو. سندس هندي دوها شاهہ جي رسالي جي سُر بيراڳ هنديءَ ۾ بہ هئا. قاضي قادن جو متس اثر رهيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو اندازو آهي تہ دادو سنڌ ۾ ڪُجھ وقت رهيو. ڪيس سنڌيءَ جي چڱي ڄاڻ هئي. راٺيلا مٺ واري پشتڪ مان بہ سندس ڪلام نروار ٿيو آهي. سندس دوهن جو نمونو هي آهي:

دادو جهاتي پائي پس پري، هاٽي لائي ۾ وير

ست سپوئي هليو، پوءِ پسندون ڪير.

-

دادو غافل چو وتين، منجهين رب نهار

منجهون پي پاڻ جو، منجهيئي ويچار

-

دادو غافل چو وتين، آهي منجهہ الله

پري پاڻ جو پاڻ سين، لهي سپوئي ساءِ

-

دادو جين تل تِلن ۾، جين گنڌ قلن

جين مکڻ کير ۾، تين رب رهن(١٨).

سنڌيءَ ۾ جڏهن دادو ديال جو گهڻو ڪلام ميسر ٿيندو تڏهن سندس ڪلام تي وڌيڪ اڀياس ٿي سگهندو. هن ڪلام مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ دنيا جي فاني هجڻ ۽ خدا پرستيءَ وارا خيال جيڪي قاضي قادن ۽ هن دؤر جي ٻين شاعرن وٽ آهن، سي دادو ديال جي ڪلام ۾ بہ لين ٿا. انهن خيالن جو اثر متاخرين تي بہ پيو. شاهہ ڪريم ۽ ٻين وٽ اهو اثر آهي ۽ تصوف جي ڳالهہ وڌيڪ چٽي ٿي آئي. تصوف

ئي بنيادي مضمون رهيو، جيڪو اڳتي شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف تائين ٻين شاعرن جي ڪلام جو نمايان مضمون ٿي سامهون آيو.

شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو (١٥٣٨-١٦٢٣ع)

خاص ماخذ

قديم شاعريءَ ۾ اڳ گذري آيل شاعرن ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هڪ ناماموڙو شاعر آهي. ايئن به پهريون شاعر آهي، جنهن جا چيل بيت ۽ رهاڻ جو احوال سندس ئي هڪ مريد محمد رضا بن عبدالواسع بن داروغهه گهر ساڪن ٺٽو، سيد صاحب جي وفات کان ٿي سال پوءِ ملفوضات بعنوان: بيان العارفين و تنبيهه الغافلين ۾ مڪمل صورت ۾ آندو. حديقة الاولياء (١٠١٦هه) ، تاريخ طاهري (١٠٣٠هه) يا ڪنهن ٻي همصر ڪتاب ۾ سيد صاحب جو ذڪر نه آهي، حالانڪه حديقہ خاص طور اوليائن جو تذڪرو آهي. تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع ٺٽويءَ سيد صاحب جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي ۽ مقالات الشعراءِ ۾ ملفوظات ترتيب ڏيندڙ محمد رضا بن عبدالواسع عرف مير دريائيءَ جو بحيثيت فارسي شاعر مختصر ذڪر ڪيو آهي. ان جو هڪ شعر به ڏنو اٿس ۽ بيان العارفين جو حوالو به ڏنو اٿس(٩).

محمد رضا مريد هو. خاص رهاڻين ۾ ويهي سيد صاحب جي گفتگو فارسي تحرير ۾ ۽ بيت سنڌي زبان ۾ درج ڪيا اٿس. ڊاڪٽر دائود پوٽي ملفوظات جي تڪميل جو سال ١٠٣٨هه يعني سيد صاحب جي وفات کان ڇهه ورهيهه پوءِ ڄاڻايو آهي(١٠). ملفوظات اندازا پوڻا ٻهه سؤ سال گذرڻ کان پوءِ عبدالرحمان ولد محمد ملوڪ ڪاٽ ٻانيڻ ڪي هٿ آيو، جنهن ان جو منظوم سنڌي ترجمو ١٢١٣هه ڌاري ڪيو. جيڪو مخدوم عبدالمجيد نورنگ پوٽي مرغوب پريس هرديار بمبئي مان ڇپايو. ان کان پوءِ شاهه ڪريم جي ڪلام جي نئين سر اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو. هن پهريائين مرزا قليچ بيگ (وفات ١٩٢٩ع)، ١٩٠٤ع ۾ قيصريهه پريس حيدرآباد مان رسالهه ڪريمي شايع ڪيو. هن ۾ سيد صاحب جي ملفوظات مان چونڊ قول، سندس سوانح ۽ سمن شاعر جي هڪ بيت تائين قاضي قادن جي ستن بيتن سميت ڪل ١٠٧ سنڌي/ هندي بيت ڏنا آهن. آخر ۾ عربي جملن جي معنيٰ ڏنل آهي.

قليچ بيگ واري ڇاپي ۽ گذريل ماخذن کي اڳيان رکي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي سيد صاحب جي سوانح ۽ ڪلام کي تحقيقي انداز سان مرتب ڪيو. هي ڪتاب بعنوان، شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام ١٩٣٧ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪيو، پر ناشر بمبئيءَ جو مولوي عبدالصمد شرف الدين هو، جو جو علامهه دائود پوٽو ان وقت اسماعيل ڪاليج جو گيشوري بمبئي ۾ عربيءَ جو پروفيسر هو. ان کان پوءِ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڪڍڻ جي تياري ڪيائين. اهو ڇپجي نه سگهيو ۽ سندس ديباچن ۾ ڪيل نوٽن جي تبديليءَ سميت هي ٻيو ڇاپو ١٩٧٧ع ۾ پٽ شاهه ثقافتي مرڪز شايع ڪيو. ديباچي ۾ پهرين ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا مجيل ٽورا به ڪاٽيا ويا، ان جي فوٽو ڪاپي هن ڇاپي ۾ شامل آهي. ١٩٥٨ع ۾

رٽيل هي اهو ئي ڇاپو آهي. ١٩٥٨ع ۾ ڪو نه ڇپيو هو، جيئن ڊاڪٽر عبدالغفار سومري پنهنجي ترتيب، تصحيح ۽ ترجمي واري ايڊيشن ۾ ڄاڻايو آهي(ڏسو مهاڳ ص ١).

بهرحال ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو ايڊٽ ڪيل ايڊيشن تحقيقي لحاظ کان قليچ ايڊيشن کان مٿاهون آهي. هي به هڪ انتخاب ئي آهي. هر بيت هينان فارسي ترجمو ۽ سنڌي معنيٰ به ڏنل آهي. سيد صاحب جا ٩٤ ۽ قاضي قادن جا ست ۽ سمن جو هندي دوهو به شامل ڪيل آهي. آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ ڏسٽيون ڏنل آهن. مرزا قليچ بيگ بيتن جي فارسي معنيٰ نه ڏني آهي.

١٩٦١ع ۾ جناب مير محمد نظاماڻي ليڪچرر سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، اڳ ڇپيل ڪتابن جي دستياب نه ٿيڻ سبب شاگردن لاءِ سيد صاحب جي سوانح ۽متن تي مشتمل هڪ ننڍو ڪتاب رسالو شاهه عبدالڪريم (ڪلام – ڪريم) فتح برادرس حيدرآباد جي توسط سان ڪڍيو، جيڪو مٿي ذڪر ڪيل مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ترتيب ڏنل رسالن جي مدد سان لکيل آهي.

١٩٦٣ع ۾ جناب ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ سکر مان"ڪريم جو ڪلام" شايع ڪيو، جنهن ۾ سيد صاحب جي سوانح ، بيت، قول ساڳئي انداز ۾ ڏنا اٿس، جيئن اڳ اچي چڪا آهن. آخر ۾ ذڪر هيٺ آيل شخصيتن ۽ ماڳن مڪانن جو ذڪر به آهي. سيد صاحب جي ڪلام جا اردوءِ انگريزي ۾ منظوم ترجما به ٿيا آهن. اردوءَ جو ترجمو منظوم توڙي منثور منهنجي پياري دوست ڊاڪٽر نجم الاسلام ڪيو، جيڪو سنڌالاجيءَ ١٩٨٧ع ۾ شايع ڪيو. انگريزيءَ ۾ منهنجي محقق دوست ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ ترجمو ڪيو، جيڪو ١٩٧٠ع ۾ دهليءَ ۾ ڇپيو. هن شاهه لطيف ۽ سنڌي زبان ۽ ادب بابت انگريزي، هندي ۽ سنڌيءَ ۾ ٻيو به گهڻو ڪم ڪيو آهي.

بنيادي ماخذ "بيان العارفين تنبيهه الغافلين" جو مڪمل ترجمو، مقدمو ۽ اصل جو فوٽو اسٽيٽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري تحقيق، تصحيح ۽ حاشين سان شايع ڪيو. هي ڪتاب ٢٠٠٢ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ گذريل ماخذن کي پيش نظر رکندي بيان العارفين جو ترجمو بيتن سميت مڪمل طور ڏنو ويو آهي ۽ بيان العارفين(اصل) جو فوٽو اسٽيٽ به شال ڪيل آهي. نه رڳو ايترو پر ڪتاب ۾ مڪمل مقدمو لکي سيد صاحب جي سوانح ، تصوف، تاريخي دؤر ۽ لاڳاپيل موضوعن تي نهايت سير حاصل ۽ مدلل بحث ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر عبدالغفار جي هيءَ محققانه ڪاوش اڳين ڇاپن کان معيار ۾ نهايت بلند آهي.

ڪتاب ۾ ڏسٽيون به ڏنل آهن ۽ ترجمي جو معيار به اعليٰ آهي. سيد صاحب جي سوانح ۽ بيت جي باري ۾ هي ڪتاب نهايت محققانه انداز تي مرتب ڪيو ويو آهي.

ايندڙ صفحن ۾ آندل سوانح ۽ ڪلام جي باري ۾ ڊاڪٽر عبدالغفار جي هيءَ ڪاوش بنيادي حيثيت جي آهي.

سيد صاحب جي باري ۾ ادبي تاريخن ۾ گهڻو ڪجھ لکيو آهي، انهن ماخذن جو ڪتاب جي منڍ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان.

سوانح: شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو احوال لکندي مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو:”سيد عبدالڪريم ولد سيد الله مٽياريءَ سيدن مان هو. پهريائين سخت رياضتن ۾ گذاريائين(١١).

ائين مير علي شير قانع، شاهه ڪريم جي سوانح ۽ روزانه معمولات جا تفصيل هوبهو بيان العارفين تان ورتا آهن. ان مان اهو بلڪل چٽو ٿئي ٿو ته قانع سيد صاحب جي سوانح ۾ خاص دلچسپي ورتي.

ان ڪانپوءِ سيد صاحب جي اولاد جو ذڪر ڪري ٿو. مجموعي طور سيد صاحب جي پنهنجي ۽ آل اولاد جي سوانح ۽ مرتبي جو بيان ڪري ٿو. هن مان سيد صاحب جي اعليٰ انسان هجڻ جي خبر پوي ٿي.

سيد عبدالڪريم انسانيت جو هڪ نمونو هو، جنهن کي اختيار ڪرڻ جڻ هڪ مثالي بلڪه تخيلاتي ۽ آدرشي ڳالهه آهي. پوءِ جي شاعر روحل فقير جي هن بيت ۾ اها ڳالهه ڪيل آهي.

کهٽي تان هر ڪو کهي، رهڻ اؤکي بات
پٽري ٿئي تي ذات، رهٽيءَ مان روحل چوي.

سيد صاحب جا وڏا اصل هرات جا هئا. انهن مان پهريون بزرگ جيڪو سنڌ ۾ آيو سو سيد حيدر هو. هو تيمورلنگ سان گڏ آيل پنهنجي والد سيد مير عليءَ سان هندوستان آيو. والد جي اجازت سان گهمندو ڦرندو سنڌ ۾ ۽ نيٺ هالن ۾ پهتو. شاهه محمد ولد دريا خان هالي جي حويليءَ سامهون گهر ڪري وينو(١٢). ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو ته ان وقت هالا جي حاڪم ميران محمد نالي، هالا ذات جي ماڻهن تي ڪنهن قصور ڪري ٥٢٥ روپيا ڏنڊ وڌو هو، جنهن ڪري هو تمام مُڙهل ۽ ڏکويل هئا. سيد حيدر وٽ ناڻو جام هو. سو في الحال ميران محمد کي پاڻ وٽ گهرائي ساري رقم پنهنجي هڙان پري ڏنائي ۽ هالن جي جند آزاد ڪرايائين(١٣).“ انهي احسان جي زير اثر هالن ڪو وقت گذرڻ بعد شاهه محمد هالي جي نياڻي فاطمه جو سڱ سيد حيدر کي ڏنو. سيد حيدر اندازا ڏيڍ سال هالا ڪنديءَ ۾ رهيو ۽ پنهنجي والد جي وفات جو ٻڌي هرات وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. بيبي ڳورهاري هئي، ان ڪري هڪ منڊي جڙادار خنجر ۽ خدمت لاءِ ٻانهي ڇڏي هرات هليو ويو. اتي اندازا ٽي سال جيئرو رهيو. پنيان فرزند ڄائو، ان جو نالو وصيت موجب ڏاڏي وارو مير علي رکيو ويو. ان وڏو ٿيڻ تي نشانيون کڻي هرات وڃي پائرن کان ملڪيت جو حصو ورتو ۽ واپس آيو. ساڻس سندس چاچو مير شرف الدين به گڏ آيو. اهو ڪجھ مدت کان پوءِ گذاري ويو. سيد مير علي کي ٻه پٽ ڄاوا هڪڙو سيد شرف الدين جيڪو هالن جي ڏوهٽاڻ هو ۽ ٻيو سيد احمد جو ترڪ بيبيءَ مان ٿيو. سيد شرف الدين جي اولاد مان مٽيارين جا شرف پوٽا ۽ سيد احمد مان ميرڻ پوٽا سڏبا اچن(١٤). مير عليءَ جو ٽيون پٽ مرتضيٰ عرف پريو هو(١٥). ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته

: سيد مير علي جڏهن اولاد وارو ٿيو ته هالا کنديء مان لڏي اچي پينگهاري پرڳڻي سان لاڳو پرڳڻي جي متعلهه يا متعالهه يعني متهلو (متهالو، مٽ هالو) شهر ۾ وينو، جنهن جي نالي پانئجي ٿو ته اهو هالا قبيلي جي سربراهن جي زمينداريءَ ۾ هو، جن پنهنجي ڏوهٽي کي جاگير ڪري ڏنو. اهو شهر هن وقت موجود نه آهي، پر شهدادپور کان ٨-٩ ميل اوير طرف متهلو ديهه ۾ تپو ان نالي جي يادگار طور آهن(١٦). ڊاڪٽر بلوچ جو اهو به خيال آهي ته پاٽيءَ جي اٽاٽ سبب هي خاندان ٩ صدي هجريءَ جي پوين ڏهاڪن ۾ موجوده مٽياريءَ واري هنڌ لڏي آيو(١٧). اهو ماڳ اڳ چانگن جي شهر مٽ آري جي نالي هو پر هنن ساداتن جي وڏنڙ اثر سبب معلوي به سڏيو ويو ۽ هاڻي اصل نالي مٽياريءَ سان مشهور ۽ موجود آهي(١٨). هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: مٽياري واري ماڳ تي لڏي اچڻ کان پوءِ چاليهن پنجاهن سالن اندر ٩٤٤هه ۾ سيد علي سنڌيءَ جي پٽ شرف الدين جي اولاد(شرف پوٽن) جي جراڙ پوٽا پاڙي مان لال محمد شاهه عرف للي شاهه جي گهر ٢٠ شعبان ٩٤٤هه ٢٠ جنوري ١٥٣٨ع تي عبدالڪريم شاهه ڄائو، جيڪو پنهنجي درويشي ۽ دينداري، فڪر ۽ فهم، تصوف ۽ توڪل جي ڪري مشهور ٿيو. شاهه للو پاڻ عابد زاهد ۽ سهروردي طريقي جو سالڪ هو. سندس گذرسفر اڪثر لاڙ طرف ٿيندو هو ۽ وفات پڻ اتي ڪيائين ۽ سهروردي سلسلي جي شهاب الدين قريشيءَ جي مقام ۾ مدفون ٿيو(١٩). موجوده بلڙيءَ (سيدپور) پاسي ڪي مريد هئڻ جي لڏي اتي اچي وينا. شاهه عبدالڪريم جو والد سندس ننڍي هوندي کان ئي گذاري ويو(٢٠). سندس تربيت والده سگهوريءَ ۽ وڏي ڀاءُ سيد جلال ڪئي. روايت آهي ته جڏهن پنجن ڇهن ورهين جو ٿيو ته کيس مڪتب ۾ ورهايائون. پر عام طالبن وانگر سبق ياد نه ٿيندو هوس. ان لاءِ بيان العارفين ۾ آيو آهي ته: ننڍپڻ جو ذڪر آهي ته استاد اسان کي ڪانئين ڪرڻ لاءِ جهنگ ۾ موڪليندو هو ۽ هڪ سبق به ڏيندو هو ته اهو ياد ڪري اچجو. پوءِ جڏهن اسين جهنگ ويندا هئاسون ته ٻيا سيئي پنهنجو سبق ياد ڪري ويندا هئا پر آءٌ صرف خدا جو نالو پيو وٺندو هوس. موٽي اچڻ کان پوءِ استاد اهو سبق پڇندو هو ته ٻيا سيئي ٻڌائي ويندا هئا پر آءٌ ڪو نه ٻڌائي سگهندو هوس. جيتوڻيڪ آءٌ پڙهڻ خاطر ڪوشش ڪندو رهيس پر ڪو فائدو نه ٿيو(٢١). ننڍپڻ کان ئي هن جو ڌيان ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ هو. ظاهري علم ضروري ته آهي، پر اهو سيد صاحب کي ڪيئن مليو ان بابت وڌيڪ معلومات ڪتابن ۾ نه آهي. البت سماع ڏانهن سندس لاڙو هو. سماع جي هڪ محفل مان سندس وڏو ڀاءُ سيد جلال کيس زوري اٿاري آيو، ان جو حوالو بيان العارفين ۾ هن طرح آهي: جيئن سندن وڏن کان نقل آهي ته پاڻ سماع ۾ مشغول هئا ته سندن وڏو ڀاءُ ميان سيد جلال جيڪو پاڻ وڏو عارف هو، اتي اچي نڪتو. هن کين ڳل تي چماٽ وهائي ڪڍي ۽ اتان اٿاري زوري وٺي اچي پنهنجي نيڪ سيرت والده ماجده وٽ پيش ڪيائين ۽ چوڻ لڳو ته مان ڪو علم نه پرايو ۽ پاڻ کي ضايع ڪيم. هي پڻ گهري ٿو ته ڪجهه نه پڙهي ۽ رڳو سماع ۾ وقت ضايع ڪري(٢٢).

روايت آهي ته والده ماجده سيد ڪريم جو مرتبي کان واقف هئي تنهن سيد جلال کي آئيندي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي. ان باري ۾ بيبي سگوريءَ کي ٻيون ڳاليون به بيان ڪيون، جن کان سيد جلال متاثر ٿيو. ان کان پوءِ گهر گهاٽ جو ٻيو بار وغيره به شاهه ڪريم تي نه وڌائين ۽ ائين هو پنهنجي مرضيءَ سان زندگيءَ گذارڻ لڳو. بيان العارفين ۾ سيد صاحب جي زندگيءَ جي سيني ڏؤرن تي تفصيلي طور لکيو ويو آهي. ان جي نوعيت ۽ متند هجڻ بابت محمد رضا لکي ٿو ته: اها حقيقت سڃاڻ ۽ روشن ضمير سچ جيان روشن ۽ ڪيميا جو اثر رکندڙ دانشور، حقيقت سنج ۽ حق جي ڳالهه قبول ڪندڙ کان ڳجهي ناهي. مريد پنهنجي پير جي قول ۽ فعل کان ڏار رهي نٿا سگهن. تنهن ڪري حضرت جن جيڪي ارشادات فرمايا يا سندن حاضريءَ ۾ جيڪي وهيو واپريو تنهن کي ڪنهن رسالي ۾ گڏ ڪرڻ گهرجي(٢٣).

ان ارادي سان محمد رضا هي بيان العارفين جي تاليف ڪئي. ان خود حاضريءَ ۾ رهي سيد صاحب جون ڪيل ڳالهيون ۽ شعر قلمبند ڪيائين. باقي سيد صاحب جي فرزندن ۽ ٻين جي ڪيل روايتن مان مواد گڏ ڪيائين. هن ڪتاب ۾ سيد صاحب کان پڇيل سوال ۽ انهن جا جواب ته ڏنل آهن، پر ٻين شخصيتن کان مليل روايتون به شامل آهن، جن سان سيد صاحب جي ذاتي ۽ روحاني زندگيءَ تي مڪمل روشني پوي ٿي. سيد صاحب جا زندگيءَ جي مختلف پهلوئن بابت رايا تمام واضح آهن. انهن کي ليکڪ سيد صاحب جا مختلف عنوان هيٺ وراهي مناسب موقعن تي چيل پنهنجا کي بيت ڏنا آهن. زندگيءَ بابت مختلف رويا سيد صاحب جي شخصيت کي واضح ڪن ٿا، جي خاص طور سندس جوانيءَ ۽ پوءِ واري دؤر سان وابسته آهن. خاص طور سندس صبر، شڪر، خلق جي خدمت، لالچ کان پرهيز ۽ ٻين ڳالهين بابت منفرد آهن. ڪي واقعا زبان زد عام و خاص رهيا ۽ اڄ به حوالي ۾ آهن اچن ٿا. انهن ۾ مائي بلڙيءَ واري دعوت ۽ زمين تي ٿيل واقعو عوامي نوعيت جا بنجي ويا آهن. پهرئين ۾ مائي بلڙي شاهه ڪريم جي صبر جو انت لهڻ لاءِ کيس دعوت ڏي ٿي. هو اچي ويهي ٿو ته کيس رٻ جو ٿانءُ هٿ ۾ ڏيڻ بدران پنن تي هاري ٿي. هُو ڪاوڙجڻ بجاءِ هٿ ورائي رٻ چٽڻ شروع ٿو ڪري. چوي ٿو ته: ڏاڍو سنو پڪڙجي نري به وئي. ٻئي واقعي ۾ ٻنيءَ ۾ پاٽي چوڙي وينو هو ته دنگئي هاريءَ اهو بند ڪيو ۽ ڍڳن کي لٺ هٽي پچائي ڇڏيائين. سيد صاحب چيو: ادا ڏاڍو سنو ڪيئي. شايد آءٌ ضرورت کان وڌيڪ پاٽي وهائي ويو هوندس ۽ گگدام ڍڳن تي به تو ڪلهل ڪئي. سوانح نگارن هنن واقعن کي اهميت ڪو نه ڏني آهي. عوامي سطح تي مشهور آهن. بيان العارفين جي صاحب، سيد صاحب جي نرم دليءَ جا ڪيئي واقعا بيان ڪيا آهن. انهن ۾ هڪ هي به آهي: ”حضرت جن فرمايو ته مون سڄي عمر ۾ صرف هڪ دفعو پنهنجي پٽ کي چماٽ هنئي پر اڄ تائين دل مان اهو افسوس ختم نه ٿيو آهي ته ڇو چماٽ

هنئي مانس. اصل شرافت تہ روح جي آهي نہ جسم جي. ڪهڙي خبر تہ منهنجي انهيءَ فرزند جو روح مون ڪانوڌيڪ افضل آهي(٢٤).

سيد صاحب کي فيض هڪ درويش سلطان ابراهيم بهادريءَ کان مليو. سنڌ جي ٻين درويشن سان اعتقاد ۽ ارادت جو رستو بہ هوس. انهن ۾ مخدوم نوح هالائيءَ جو نالو نشانبر آهي. ملفوظات ۾ سندس روزمره جي زندگيءَ جو هڪ خاڪو موجود آهي جو هن ريت آهي: حضرت جن جي وڏن ساٿين کان نقل آهي تہ حضرت جن جوانيءَ جو گهڻو عرصو هن طرح گذاريو: صبح جو وڏي اسر اٿي مسجد ۾ ٻانگ ڏيندا هئا ۽ پوءِ اٿي ئي حق جي يادئا ذڪر ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، تان جو جماعت کني ٿيندي هئي. نماز کان پوءِ ورد پڙهندا هئا ۽ جڏهن سج نيزي جيترو مٿي ايندو هو تہ اشراق ادا ڪندا هئا. ان کان پوءِ گهر اچي طعام پچائڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. ايتري قدر جو عورتن وارا ڪم جهڙوڪ ٽانو ڌوئڻ ۽ ديڳڙي ۾ پاڻي وجهي باهہ تي رکڻ، ۽ چانور چاڙهڻ ۽ اهي تيار ڪري پنهنجي فرزندن اڳيان رکندا هئا. جڏهن کائي خوش ٿيندا هئا تڏهن گهر کان ٻاهر قدم رکندا هئا. ليڪن تڏهن وري ڪاسو هٿ ۾ کڻي شهر جو چڪر هڻي جيڪو فقر ملندو هو سو آڻي فقيرن آڏو رکندا هئا. فقير جڏهن کائي بس ڪندا هئا تہ هر ڪلهي تي کڻي، ڏاندن جو جوڙو ڪاهي پنهنجي ٻنيءَ تي ايندا هئا. اهڙي طرح زمين کيڙڻ کان پوءِ ڏڻن جي گاهہ خاطر جهنگ جو رخ ڪندا هئا ۽ اهو گاهہ پنو آڻي ڍورن جي اڳيان رکندا هئا. اٿي ئي وضو ساري ٻہ رڪعتون نفل جون پڙهي ٻنپهرن جي ٻانگ ڏيندا هئا. بهرحال ٻيپهريءَ جي نماز سنت جماعت سان گهڻي سڪون آرام سان ادا ڪندا هئا. جنهن کان پوءِ وري ساڳيو هر ڪلهي تي رکي ڏڳن جو جوڙو ڪاهي ٻنيءَ جي ڪم ڪار تي ويندا هئا. ٽپهريءَ وقت وري بہ گاهہ ڪري ڏاندن کي پاڻي پياري گهر ٻڌي مسجد ۾ اچي نماز پڙهندا هئا. تنهن کان پوءِ اٿي ئي سانجهي ۽ سمهڻي جي نماز ادا ڪري بعد ۾ گهر ايندا هئا(٢٥).

غرض تہ اهو روز جو معمول هو. ان معمول ۾ درگاهون پيٽڻ ۽ ماڻهن سان ملڻ ٽوڙي مسجدن ۾ پاڻي پري رکڻ ۽ انهيءَ قسم جا ڪم ڪندو هو. هن پرپور زندگي گذارڻ وارو سيد صاحب عبدالڪريم هڪ منفرد شخصيت جو مالڪ هو. زندگيءَ جي آخري دؤر تائين اهو معمول رهيو. سيد صاحب کي ٽي نياٽيون ۽ اٺ پٽ ٿيا، جن جا نالا هي آهن: لال شاهہ، عبدالرحيم، جلال شاهہ، برهان، سيد الله ، سيد دين محمد، سيد حسين، عبدالقدوس(٢٦). سنڌ جا اهم درويش جيڪي سيد صاحب جا مريد هئا، انهن ۾ هي نالا اچي وڃن ٿا. حاجي شورو، صابر شورو، بهاءُ الدين گودڙيو، سيد ابراهيم، مخدوم ابراهيم بن نوح، مهراڻ نهڙيو، صالح سمون، ميان عبدالعزيز عيسيٰ احمد فقير، ميان عبدالرشيد ۽ ابوبڪ ولد بايزيد(٢٧).

سيد صاحب پنهنجين ڪچهرين ۾ حاضرين سان جن بزرگ هستين جو ذڪر ڪيو، انهن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي.

ڊاڪٽر دائود پوٽو، سيد صاحب جي زندگيءَ جي آخري سالن بابت لکي ٿو ته : ”رياضتن، فاقن، اوجاڳن ۽ عبادتن ڪري هن فاني بدن کي نهوڙي ضعيف ڪري ڇڏيو هئائون، باقي سندن روحاني طاقت زور هئي. پيريءَ ۾ بلڪل نجهري پيا. ان هوندي به ڪو سوالي ايندو هون ته ان سان گڏ وقت جي حاڪمن وٽ گهوڙي تي چڙهي ويندا هئا، اگرچه پاڻ کي مشڪل جهلي سگهندا هئا. چوندا هئا ته چوويهه سال ٿيا آهن جو چار يا پنج مرض پچاڙيءَ تائين منهنجي وجود مان نه ويا آهن. پويان ڏينهن حجري اندر گذاريندا هئا. اڌ رات جو اٿندا هئا ۽ سنڌي بيت ڳائيندا هئا. صبح جو سڀ حاضر فقير هجري جي چوڌاري اچي مڙندا هئا ۽ راڳ ٻڌندا هئا(٢٨).“

سيد صاحب ٨٨ سالن جي ڄمار ۾ ٧ ذيقعد١٠٣٢هه / ١٦٢٣ع تي وفات ڪئي. وصيت مؤجب سندن تدفين بلڙيءَ ۾ ٿي ۽ فرزند سيد دين محمد شاهه ارشاد جي گاديءَ تي جلوه افروز ٿيو. سيد صاحب جي قبي جي اڏاوت لاءِ ڪاشيءَ جون سرون سندس تڙ پوٽي شاهه عبداللطيف پٺائي آنديون.

شاعري

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته شاهه عبدالڪريم هڪ عظيم صوفي درويش آهي. ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته هو فقط درويش جي حيثيت رکي ٿو ۽ شاعر نه آهي! هيءَ ڳالهه مرزا قليچ بيگ سيد صاحب جي ڪلاسر رسالهه ڪريمي کي ايڊٽ ڪندي لکي هئي لکي ٿو ته: ”سندس شعر ڪو گهڻو ڪو نه آهي. اهو اهڙو يا ايترو نه آهي، جنهن ڪري سنڌ جو شاعر چئي سگهجيس. نڪا پاڻ سيد صاحب شاعريءَ جي دعوا(دعويٰ) ٿي ڪئي. سنڌ جي شاعر جي بدران کيس سنڌ جو وڏو اولياءُ چوڻ زياده مناسب آهي(٢٩).“

ڊاڪٽر دائود پوٽو، مرزا صاحب جي هن راءِ سان اتفاق نه ڪندي لکي ٿو: ”مان مرحوم (مرزا صاحب) جي راءِ کي پيچڻ نٿو چاهيان، پر شاهه ڪريم جو ڪلام پڙهندڙ بخوبي پروڙي سگهندا ته مرحوم جي راءِ سراسر غلط آهي. بيشڪ شاهه ڪريم سنڌ جو وڏو اولياءُ ۽ صوفي بزرگ هو، پر ان سان گڏ هو سنڌ جو پهريون وڏو شاعر به هو(٣٠).“ اهڙي ريت ڊاڪٽر دائود پوٽو، مرزا صاحب واري رسالهه ڪريمي ۾ ڪن تڪن جي باري ۾، ۽ پڻ غلط پڙهڻين بابت برهميءَ جو اظهار ڪندي لکي ٿو: ”سنڌ جي چاسر سان ڏينهن ڏٺي اهڙو انڌير ٿئي سا نهايت افسوس جهڙي ڳالهه آهي(٣١).“

آءٌ عرض ڪندس ته چاسر ۽ شاهه ڪريم ۾ ٻي ته ڪا هڪ جهڙائي نه آهي، سواءِ انهيءَ جي ته چاسر، شيڪسپيئر کان اڳي هو ۽ شاهه ڪريم، شاهه لطيف کان! پيو ته ڊاڪٽر دائود پوٽو، شاهه ڪريمکي سنڌ جو پهريون وڏو شاعر سڏي ٿو. شايد سندس اشارو بيتن جي تعداد بابت آهي. پوءِ جي تحقيق موجب قاضي قادن ۽ شاهه ڪريم جا بيت هڪ سؤ جي قريب آهن. پوءِ به ايترو چئبو ته مقدار ڪافي نه آهي، معيار کي جانچڻ کپي. بهرحال شاهه ڪريم جو ڪلام هيئت، زبان ۽ جذبي جي لحاظ کان نهايت بلند معيار جو آهي. سندس هي بيت ماڻهن جي پيچيل ڪجهه سوالن جا جڻ جواب آهن. شاعر ايئن پيچڻ وارن

ڪي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.انداز بيان ڪي ڏسو ته شاهه سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو ۽ شاهه عبداللطيف جو مبشر آهي(٣٢).

سندس سنڌي بيت ان ڳالهه جو هڪ ثبوت ۽ نمونو آهن، جن جي مطالعي ۽ تقليد پوئين دؤر، خاص طور سندس تڙ پوٽي شاهه عبطاللطيف ۽ سندس وڏن ننين همعصرن جي ڪلام تي زبردست اثر وڌو. شاهه ڪريمجي بيتن مان هڪ معلم ۽ استاد وارو انداز ۽ رويو چٽو چٽو بکي پيو. هڪ هڪ سوال جي، هر ڳالهه جي پوري پوري سمجهاڻي بيت ۾ ڏئي ٿو.

سندس رسالي جي پهرئين بيت کان هي سلسلو اڳتي وڌي ٿو. جڏهن وڏو ياءُ سيد جلال، ڪريم کي سماع جي محفل مان آڻي والده ماجده جي خدمت ۾ حاضر ڪيو ته ان واردات جي زير اثر هي بيت پڙهائين-ع

ان در سنڌي مگڻي، اڳي ائين نه هير،
جيئن ڊگها ڪري پير، سڄيون راتيون سمهي(٣٣).

شاهه ڪريم جي سوانح عمريءَ مان اهو پتو پيو ته سندس عبادت گذاري ۽ انسان دوستي اول درجي جي آهي. مريدن ۽ طالبن سندن عبادت، رياضت ۽ ان سان گڏ خدمت خلق جا مثال ڏسي ور ور ڪري حيرانيءَ مان پڇيو آهي ته : سائين اهي ٻئي اهم فريضا ڪيئن تا ادا ڪري سگهو؟ ته جواب ۾ فرمايو اٿن ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. اجهو هيئن:

هنيو ڏجي حبيب کي، لڳ ڏجن لوڪ
ڪڏيون ۽ ڪروتون، ايءَ پڻ سگهر ٽوڪ

-

پاڻيهاري سر ٻهڙو، جر تي پکي جيئن
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

پنهنجي لفظن ۾ هنن بيتن ڪي هيئن آڻيون ته دل دوست ڏانهن هجي ۽ هٿ حاج ۾ هجن. مڙهيون ۽ مندر ٻه چڱو رستو آهي. يعني ٻئي ڪم هڪ وقت تي سگهن ٿا. ٻيو بيت ٻه هن ئي ڳالهه جي جڻ ٽيڪ ۾آهي ته پاڻيهاري مٿي تي گهڙن جو ٻيلهڙو ڪٽيو پئي وڃي ته پيرن سان هلندي وڃي ۽ اکين سان گس ڏسندي وڃي(ڳالهائيندي ٻه وڃي ۽ هٿ ٻه آجا اٿس)- هر ڪم پنهنجي جاءِ تي آهي. فطري انداز ۾ آهي. پهرين بيت (هنيو ڏجي) جي مضمون ۾ اڳ قاضي قادن چيو(ڪنز قدوري ڪافيا) ۽ پوءِ شاهه لطيف (روزا ۽ نمازون) چيو. ڪنهن پڇيو ته سائين خدمت ۽ اجوري جو فلسفو ۽ معيار ڇا آهي؟ سيد صاحب چند ئي لفظن ۾ سمجهايو ته خدمت اها جا بنا اجوري جي لالچ جي ڪجي- چي:

پاڻيهاري سيڪا، جا سر گهڙي ڏري.

ڪا لئه سندي سڄڻين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري

ڪنهن پڇيو ته سائين راز جي حقيقت ڇا آهي؟ جواب مليو ته ان جي حقيقت پيڙيل ۽ اپٽيل مٽ مان سمجهه:

مٽ پيڙيائي پلي، جي اپٽي ته واءُ.

جي پڌ وڏءِ ڳالهڙي، ته ڇڏي وڃي ساءُ.

چند ئي لفظ هڪ ڳالهه کي آسان بيان سان چٽو ڪن ٿا- ڪا منجهه نه آهي. ڪو فلسفياڻو ۽ عالماڻو انداز نه آهي. لفظ اهڙا سادا ڳالهه اهڙي چٽي جڻ ايئن ڄاڻجي ته: اها ته مون کي خبر هئي. پرائي آڌار تي رهڻ به ڪا زندگيءَ آهي؟ سائين پنهنجو پاڻ کي ڪيئن سنڀالجي؟ ڇا ٻين جو محتاج رهڻ ۾ ڪا خوبي آهي؟ جواب ۾ سيد صاحب فرمايو ته: نه هرگز نه!! ڪنهن به طرف، ڪنهن به ڏس ۾ هيءَ ڳالهه پڌري آهي ته پنهنجي ڪتئي ڪان سواءِ سولي نموني باهه به نه ٻري سگهندي- ڇي:

جي اتر جي لاهه، سڄڻ سڀ پرڪئا

ري پانجي ڪتئي، سئير ٻري نه باهه.

توحيد ۽ تصوف جا رنگ شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ واضح آهن. الله جي هيڪڙائيءَ جو اعتراف ڪيئن ڪري سگهجي تو ؟ ان جو صحيح طريقو ڪهڙو آهي؟ ڇا هر هنڌ حاضر آهي؟ ڪيئن ۽ ڪهڙي لفظ ۾ ان جو احساس ڪجي؟ جواب آهي- ع

تون چئو الله هيڪڙو ، وائي ٻي ۾ سک

سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لک

-

وائي ٻي م پڙل، مروئان موران پکٽان

باالله سندو سڄڻين، هئو هلاچو هئل.

محبوب حقيقيءَ بابت پڇيل هڪ سوال جو جواب ڏيندي سيد صاحب چيو ته ان کي هر وقت ياد ڪجي. ستي توڙي جاڳندي محبوب حقيقي کي ياد ڪجي، جڏهن هن منهنجو من پاڻ وٽ قابو ڪيو آهي ته ڪيڏانهن ڪنڌ ڦيري تو سگهان؟

جي جاڳندي من ۾، سُتي پڻ سيئي

من پريان تيئي پڳهيون پاڻ ڳري

هڪ سوال جي جواب ۾ فرمايائون ته حق جي طالب کي گهرجي ته ڪنهن جو به مهمان نه ٿئي، فقير کي گهرجي ته اڪيلو رهي ۽ ماڻهن سان نه ملي. صلح ۽ امن ايڪانت ۾ آهي. اهو خزانو سچ ۾ ئي ملي ٿو. محبوب حقيقي به ايڪانت ۾ ملندو-ع

ور سان سچي ويڙهه، جتي سڄڻ هيڪڙو
سو ماڳوئي قير، جتي ڪؤڙ ڪماڙهئين
(ور= بهتر- ڪماڙهئين- خراب ماڻهو)

ٻه گدرا مٺ ۾ نه ايندا. انسان هن دنيا مان ڪي ٻه شيون حاصل ڪري نه سگهندو. هڪ مياڻ ۾ ٻه ترارِيون نه سمائبيون! دنيا جا مزا حاصل ڪندو ته محبوب تائين پهچي نه سگهندو. ٻه ٽوڪ(شيون) ڪو به ڪٽي نه سگهيو آهي-ع

پنيوران ٻه ٽوڪ، ڪنهن نه نيا پاڻ سين
سڪڻ سپيرين ڪي، لاڳاپا سين لوڪ

اهڙي حاصلات آسان نه آهي. نينهن نياپي سان نه ٿيندو. گهر ويٺي ڪجهه حاصل نه ٿيندو، جيسين ڪشالا نه ڪيبا، تن ڪي تسيا نه ڏبا ته رڳو سڏون ڪرڻ سان دل گهريو هٿ نه ايندو. فرمايائون-ع

نينهن نياپي نه ٿئي، سڏين سيڻ نه هون
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نه رون

سيد صاحب فرمايو ته اڳتي وڃڻ لاءِ جاکوڙ ڪبي. گس ڏنل وائنل نه هوندو ته واقف ڪان پڇبو-ع

پڇڻا سي نه منجهڻا، جي پڇن سي وير
جو لڪڻ منهنجي ماڙهوئين، سو ڪلڪڻ ۾ ڪير

مطلب ته پڇڻ ڪبي جو جو جا ڳالھ ماڻهن ۾ سڻي ليڪجي ٿي سا ڪير ۾ عيب نه ٿي سگهي ٿي. ٻي صورت ۾ مورک پاڻي پسي به ان ڪان وانجهيل ۽ محروم آهن- انهن لاءِ ڪا جاءِ نه آهي-ڳ

پاڻيءَ اتي جهوپڙا، مورک اڃ مرن
دانهون ڪن مٺن جئن، دم نه سڄاڻن.

-

سڏ نه سلامي ٿيا، وهيءَ نه وريا جي
هاٿي تنين ڪي، ناهي ماڳ ملير ۾

ائين روحاني زندگيءَ ۽ عقل جون ڪيئي ڳالهيون آسان اسلوب ۾ شاهه ڪريم سمجهائي ٿو. سندس ڪلام مان آخر ۾ چند چونڊ بيت هي آهن جن ۾ عقل جا خزانا موجود آهن-ع

ڪارين ڪنين ڪڪڙين، ڪرهه ولاڙ وجن
ويلو ڪن نه وچ تي، نڪي اوڳار پجن.

-

مڙک مڙ نه ٻجهٽا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن

ڪو پائيندءِ مانيون، ڪو پائيندءِ پت

-

جونري اتي جن، داغ تنهنجو داسڙا
تون ڪئن مٿان تن، چنيسر چت ڪٽين.

-

هوت نہ ڏنائون، ڏوه نہ ڏيان جيڏئين
مٿي ڪي هٿڙا، هوند مون جئن رتائون

-

وانيون جان نہ ڪجن، روئي ڌوئي اکيون
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪئن پرين پسن.

-

سڄڻ ساعت هڪڙي، جي ٿئي اکئون ڌار
تہ ڪر سڀ جمار، ڏئوسين نہ ڪڏهن.

-

هنيون نہ حاضر جن، پرين نہ اکڙين ۾،
نلا ڊانڊا سڪٽا، هٿونئن جاڙ جين.

شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ سنڌ جي نيم تاريخي داستانن ليلا چنيسر ۽ سسئي پنهون وغيره جي حوالي سان بہ جذبات ظاهر ڪيل آهن. شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ آسان زبان ۽ اسلوب جي ڪري ظاهر ڪيل خيال سمجهہ ۾ واضح آهي. ڪنهن بہ قسم جا نہ منجهيل ۽ دقيق لفظ آهن نہ دقيق ۽ منجهيل خيالات آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ شاعر جو رويو هڪ معلم وارو آهي. هر ڳالهہ، هر مسئلو آسان لفظن ۾ ۽ سليس ڪري قاريءَ جي ذهن تي ڪو بار نٿو وجهي. فطري انداز بيان آهي. ڪا شاعرانہ موشگافي نہ آهي. پوءِ بہ زبان ۽ بيان ۾ شاهہ ڪريم هڪ وڏو شاعر آهي.

حوالا:

١. بدوي. لطف الله . تزرڪره لطفي، جلد اول، ڇاپو ٻيو ٥٤-١٩٥٥ع، آر- ايچ- برادرس حيدرآباد. ص ٨١

٢. ايضا – ص ٨١

٣. ايضا – ص ص ٨٢-٨٣

٤. بلوچ. نبي بخش خان(ڊاڪٽر). سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر. ١٩٩٩ع. ص ٢٩٣

٥. شوق، باغ علي. رجستاني بان و ادب(اردو)، راجستان ادب سپا، گذدر آباد، ڪراچي، ١٩٩٢ع. ص ص ٧٠-٧١-٧٢

٦. ايضا- ص ص ٢٠ ۽ ٧٢

٨. بلوچ. حوالي نمبر چوٿين مطابق ص ٢٩٦.

٩. قانع. مير علي شير. تذڪره مقالات الشعراء(بتصحيح و حاشيه پير حسام الدين راشدي. سنڌي ادبي بورڊ. ١٩٥٧ع . ص ٢٥١

١٠. دائود پوٽو، عمر بن محمد (ڊاڪٽر)، شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٧٧ع، ص ٦، ديباچو

١١. قانع، مير علي شير. تحفة الڪرام(سنڌي). سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ص ٤٣١-٤٣٢ ۽ ٤٣٣

١٢. دائود پوٽو، عمر بن محمد(ڊاڪٽر). شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام. شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ١٩٧٧ع، ص ص ١٤-١٥

١٣. ايضا – ص ص ١٥-١٦

١٤. ايضا – ص ص ١٦-١٧

١٥. بلوچ نبي بخش خان(ڊاڪٽر) شاهه جو رسالو، جلد ٨-٩ علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت ١٩٩٩ع. مقدمو ص ١

١٦. ايضا – ص ١

١٧. ايضا – ص ص ١-٢

١٨. ايضا – ص ٢

١٩. ايضا – ص ٢

٢٠. ڊاڪٽر عبدالغفار جي ايڊٽ ڪيل ترجمي ۾ هڪ هنڌ شاهه ڪريم جي والد جو نالو جلال اچي ويو آهي جو غلط آهي. ڏسو: بيان العارفين و تنبيه الغافلين . ص ٤.

٢١. ايضا – ص ٢١.

٢٢. ايضا ص (مقدمو).

٢٣. ايضا – ص ٣(ديپاچو).

٢٤. ايضا – ص ١١٦.

٢٥. ايضا- ص ص ١٠٩-١١٠.

٢٦. ايضا- ص ص ٢٩٨کان ٣٠١.

٢٧. مرزا قليچ بيگ. رسالھ ڪريمي. قيصريھ پريس حيدرآباد. ١٠٠٤ع . ص ١٧

٢٨. دئود پوٽو. عمر بند محمد. شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلا. ١٩٧٧ع. ص ص ٢٨-٢٩
٢٩. رسالهه ڪريمي. ص ٢٨
٣٠. شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام. ص ص ٣٦-٣٧
٣١. ايضا- ص ٨
٣٢. ايضا- ص ٣٧
٣٣. بيان العارفين(عبدالغفار سومرو)ص ٧

**باب پنجون**

## عثمان احساني

هي نالو سنڌي ادب بابت لکيل ڪتابن ۾ پهريون ڀيرو پروفيسر لطف الله بدويءَ جي تاليف تذڪره لطفي(جلد اول) ۾ آيو آهي. ڪيس هي احوال بياض خادم(سندس والد جي بياض) مان مليو. جيڪو هن نقل ڪيو آهي. ترجمو:”عثما احساني هنن بيتن جو مصنف، مخدوم پير محمد لکوي جو همعصر هو. هو پاڳ ملڪ مان اچي لکيءَ ۾ رهيو(١).“

بدوي صاحب جي لکڻ موجب عثمان احسانڌي اندازا ١٦٤٠ع ۾ لکي (ضلعي سکر) ۾ اچي رهيو. احساني سندس تخلص آهي. عثمان احساني جي تصنيف ”وطن نامو“ آهي. هن ۾ بيت آهن، جيڪي قطار جي انداز ۾ آهن. يعني هڪ بيت جي آخري سٽ ايندڙ بيت جي ابتدائي سٽ جي جاءِ وٺي ٿي. وطن نامي ۾ انسان جي اصل وطن ڏانهن اشارا ڪيل آهن. بدوي صاحب اهو ڪو نه لکي آهي ته ڪل ڪيترا بيت آهن، پر خود تذڪري ۾ ١٢ بيت ڏنا اٿس جن مان ڪي هي آهن-ع

اچي ڪوهه قرار، پانڌي ۾ پرڏيهه
مان پڻ ڏني تنهنجي عجب عادت ايهه
ويسارا ويهي رهن، ڪل پروڙي ڪيهه
توبهه ٿيندو تاڏهين، ايئن ڏنهن جنهن ڏيهه
اتي هلندو اوچتو، ساٿي ڏي ساٿيهه

-

اتي هلندين اوچتو، نه ڪنهن پهه پرياڻ
ڪو ڏهاڙو آهين، دنيا منجهه مهمنان
جو ڏاڍو سفر موت جو، سڄهي تو سٺا

-

جو هتي ڏاڍو موت جو، سڄهي تو سفر

پنڌ اٿانگو پٽيون، بار گهڻو ٻيو بر
اتي ويهه ۾ ويسلو،گهور دنيا جو گهر

-

اتي ويهه م ويسلو، اتي دنيا ڪوئي دم
سانباهه جو ساٿيا، فڪر ڪو فهم
تون وڻجارو آهين، ڪٿي وجهه م خم
سُستي ڇڏ سعيو ڪري، دل جو ڪر ادم
روپ پسي تون پنهنجو، گوندر لاهه غم

-

وگندر لاهه ۾ غمءِ تون راتيان ڏينهان روءِ
جو رکيو آهي موت جو، تاب رکيو سر توءِ
قاصد ايندءِ ڪوٺ جو لڏي چڙهندين لوءِ

-

شمع آڻج پاڻ سين، هٿن ۾ ٻاري
ڪر سعيو انهي سڌ جو، ويهه ۾ وساري
ڪير ڪڍ قلوب مان، مروت سان ماري
تہ هجي سدائين سوجهرو،دائم تو ڏاري

-

هجي سدائين سونجهرو، شمع ڪري شعاع
هئين جناب جن سين، سي ويندا ڪري وداع
توکي حد ايندي هيکلي، اونده ۾ اڏيا
ايڏانهون آڻج ڪو، حال پائي همراهه

-

ٽيسين ياد نہ ٿي اچئي، جا حد هيبتناڪ
تہ پڻ ٿيندءِ اوچتو بندا هوشناڪ
ڏڙ لٽيندءِ ڏوڙ ۾، چُست چلي چوءِ طاق
تون آڻج پاڻ سين، ڪو وس وچاڻو واڪ
ڳالهہ اٿانگي گور جي، مشڪل ناهه مذاق،

-

ڳالهه اٽانگي گور جي، ويهه ۾ سار وهي
ترس ۾ ويهه تيار ٿي، ساٿيڙا سنبهي
هيءُ حد هيبت جهڙي، ويندي، گور ڳهي
سپ وچون سهس، ٽندڻ نانگن ساڻ نهي
ڏنگي جان ڏنگن سان، ويندي، ڏيل ڏهي
ڳري ويندي، گور ۾، لڱين لحم لهي.

-

وهاءِ ڙي ويلو ٿي، اتي بندا جاڳ
جنهين محمد مجيو، سدا تن سهاڳ
احساني عثمان چوي، پريو تن جو ڀاڳ
ڪلمي جي فرار سين، لطفئون لهندا لاڳ

هنن بيتن جي زبان نسبتا عربي فارسي آميز آهي، شاعر دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر ڪندي، انسان کي پنهنجي اصل وطن جي يادگيري ڏياري ٿو.

لطف اﷲ قادري(١٦١١-١٦٧٩ع)

نسبتا پوءِ دريافت ٿيل هن شاعر جي ڪلام سان سنڌي شاعريءَ جو هڪ خال پرجي ويو آهي. شاهه لطف اﷲ قادريءَ تي شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي هڪ مقالو لکيو جو پهرين نومبر ١٩٥٢ع ۾ انجمن علم و ادب هالا جي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيائين ءِنئين زندگيءَ سيپٽمبر ١٩٥٨ع ۾ ڇپيو. هن جو عنوان هو ”قديم سنڌي شاعري‘ ايئن ٻيو مقالو ”شاهه ڪان اڳ جا شاعر‘ جنوري ١٩٥١ع جي نئين زندگيءَ ۾ ڇپيو. هي ٻئي مقالا پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي وفات کان پوءِ سنڌ ثقافت کاتي هڪ مجموعي ۾ ٻين مقالن سان گڏ ”مضمون ۽ مقالا“ جي عنوان هيٺ ١٩٧٨ع ۾ شايع ڪيا، ڊاڪٽر دائود پوٽي قديم شاعريءَ جو ذڪر ڪندي ضمنا لطف اﷲ قادريءَ جي تصنيف جو حوالو ڏنو آهي. پر ٻنهي مقالن ۾ تصنيف جو نالو هڪ هنڌ منهاج المعرفہ (ص٢٠) ۽ ٻئي هنڌ منهاج المعرفت (ص٢٦) ڏنو آهي. تذڪره لطفي ۾ پروفيسر بدويءَ اتان ئي مواد ورتو ۽ نالو منهاج العروف لکيائين. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن سلسلي ۾ اهم ڪم ڪيو ۽ شاهه لطف اﷲ قادريءَ جو ڪلام ترتيب ڏنو ۽ سوانح توڙي ڪلام لاءِ ٻيا ماخذ به ڪم آندائين. جن ۾ منهاج العرفت سان گڏ محمد سومار شيخ کان مليل سنڌي رسالو به اڳيان رهيس ۽ وڏيڪ ڪلام مليو. ان ريت ’شاهه لطف اﷲ قادريءَ جو ڪلام‘ سنڌالاجيءَ پاران ١٩٦٨ع ۾ شايع ٿيو. هي ڪتاب ئي هن موضوع جو اهم ماخذ آهي.

مليل حوالن موجب شاهه لطف االله قادري اصل پريالوءَ (خيرپور رياست) جو هو ۽ اتان مريدن جي اصرار تي نقل مڪاني ڪري اگهم ڪوٽ يا اگهاماڻيءَ (اگهيماڻي- لاڙ) ۾ اچي رهيو(٢). ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهن ٻنهي مسڪنن بابت لکيو آهي ته ٽئي وارو اگهم ڪوٽ فرين قياس ڪونهي ۽ مير علي شير قانع ٻين هم نام شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي ور لطف االله قادريءَ جو ذڪر نه ڪيو آهي(٣).

شاهه لطف االله جي باري ۾ ڪنهن به ذريعي سان وڌيڪ معلومات نه ملي آهي. ان ڪري سندس مڪن ماتليءَ جي ڀر وارو اگهاماڻي يا اگهم ڪوٽ تسليم ڪيو ويو آهي. هن ڳوٺ جي اهميت درويش مخدوم محمد اسماعيل سومري جي ڪري به آهي. هن ئي ڳوٺ سان عالم درويش ۽ صوفين جي نسبت به آهي. شاهه لطف االله جي تربيت به هن ئي ڳوٺ ۾ ٿي ۽ وفات به اتي ئي ڪيائين(٤).

هن وقت تائين شاهه لطف االله جون ٻه تصنيفون(جن مان هڪ فقط نالو) ۽ ٻيو هٿ آيون آهن. پهريون منهاج المعرفت آهي، جنهن ۾ تحفة السالڪين جو ذڪر ڪيواٿس. ٻيو سنڌي رسالو آهي جنهن ۾ به معرفت وانگر بيت آهن. اندازو آهي ته منهاج المعرفت ۾ مقدمي سان ٢٠ سنڌي بيت آهن. سنڌي رسالي ۾ اندازا ٣٧٩ بيت هجڻ ڪپن، جيئن هر هڪ باب مٿان شاعر خود لکيو آهي. بهرحال ڪل ٤٠٠ بيتن جو تعداد ڪو گهٽ ڪونهي(٥).

قاضي قادن، شاهه ڪريم ڪان وني شاهه لطيف جي دؤر جي وچ جي خال ۾ اهم اضافو آهي. انهن بيتن جو موضوع توحيد ۽ تصوف ته آهي، پر ارادتا ڪتاب جي صورت ۾ سمجهاڻين ۽ عنوانن سان لکڻ ۾ شاعر جي شعوري ڪاوش به ڳڻڻ جهڙي آهي. شعر جي مطالعي ۽ اثر نفود جي لحاظ کان به شاهه لطف االله جي ڪلام جي اهميت آهي. وڏي ڳالهه ته سندس زبان ۽ بيان جو چٽو اثر شاهه جي رسلاي ۾ به نظر اچي ٿو. شاهه لطف االله توحيد ۽ تصوف جي سمجهاڻين کي ڳوڙهي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جڏهن ته شاهه لطيف اهي ڳالهيون عوامي انداز ۾ بيان ڪيون آهن.

شاهه لطف االله موضوع وار عنوان قائم ڪيا آهن. شاهه جي رسالي ۾ موضوع وار سُر آهن. ڊاڪٽر بلوچ ٻنهي شاعرن جي بيتن جي ڪن مصرفن ۽ خيالن جي مماثلت ۽ مشابهت جا ڪالم وار حوالا ڏنا آهن(٦).

شاهه لطف االله جو ڪلام عنوان وار هڪ خاص تدريسي نوعيت کي ظاهر ڪري ٿو. شاعر شعوري ڪوشش ڪندي استاد جو ڪردار ادا ڪري ٿو. بيتن جي هيئت ۽ وڌيڪ سٽن سبب به سندس ڪلام انفرادي نوعيت جو آهي. اڳ آيل چند ٽن سٽن وارن بيتن کان پوءِ عثمان احساني ۽ لطف االله قادريءَ جي ڪلام ٽن کان مٿي سٽن تي مشتمل آهي. اها به هڪ فني خوبي ۽واڌارو آهي. تصنيف "سنڌي رسالو" جي ابتدا ۽ ترتيب لاءِ پهرين بيتن ۾ هيئن لکي ٿو.

الاهي عالمين ڏٺي، سائين سڀاجهاءِ

تونهين اُتاريندڙ، تونهين وهاريندڙ، تونهين واريندڙ واءُ
نہ ڪو ڪري پاڻ وٽندي، ڪنهن کي رسي نہ ڪاءُ
اتي آهي عجز سڀ ڪنهن کي، نہ ڪو گيرب نہ گاءُ
جيئنگهري تيئن ڪري، پاڻ وٽندو پاتشاھ
سڀ هلن حڪم تنهنجي ۾، تا روح رڳون ۾شاھ.
ڪوڏان ڪيو رسالو، اي فقير جوڙي بيت
تہ هوءِ سنڌي وائي سهلو، ٻجهڻ اپوجهن
پاهنجي ٻولي ڪري، سگهائين اي سڪن
لطف االله چئي لئهہ پيو، ور سڪن ۽ پڙهن
ساري شامل سو ڪئو، متي ستئين قسمن
قسم پهريون منجهہ وحدت درجي، ٻيو سلوڪ سالڪن
ٽئو منجهہ صفتن چئين ڪلمن، چوٿون منجهہ مئوحدن
پنجون منجهہ عشق عاشقين، پڻ حال عاشقن
ڇهون مجهہ ترڪ دنيا جي ۽ فقر فقيرن
ستون سمجهہ پير، مئرشيد جوڳين
اي هنڌ جي آهين هيڪڙا، جت هليو اوءِ وجن
عنوان اڪثر هيئن قائم ڪيا ويا آهن:

قسم اول منجهہ درجي(جل جلالہ) — قسم ٻيو، مجهہ سلوڪ سالڪن، لکڻ ۾ لکئوم، متي پنجيهين بيتن- قسم ٽيون منجهہ صفت چئين ڪلمن - الخ - ايئن هر هڪ باب ۾ آيل بيتن جو تعداد ڄاڻايل آهي، شاھ لطف االله هنن ستن بابن ۾ ڄاڻايل عنوانن تي سير حاصل بحث ڪيو آهي.

وحدت ۽ ڏٺيءَ جي هيڪڙائي جو ذڪر وحدت جي وٽجارن طرحين طرحينلفظن ۽ ويچارن سان ڪيو آهي. سپريان جي سونهن جي نہ حد نہ مد، پر پوءِ بہ پنهنجا ويچار هر مئحد عاشق شاعر خوبصورتيءَ سان بيان ڪرڻ جي هر ڪا ڪوشش ۽ڪاوش ڪئي آهي. شاھ لطف االله قادري فرمائي ٿو-

عقل ات اوچتو ٿيو، نڪا فڪر جاءِ
اوءِ پينيا تنهن اگهور ۾، جتي مور نہ جاءِ
ات حيرت هنيو سيڪو، ڪنهن کي رسي نہ ڪاءِ
هي هي ڪندا هاءِ، رندا عارف اڳ ويا.

-

وحدت سڀ وجود ۾، هيڪا هيڪ پسن

اوءِ ٻئان ٻهاري ٿيا، دعويٰ دم نہ ڪن

سي مجهہ حيرت رهن.”ڪين“ ڪيائون تڪيو

عارف ڪيئن وحدت جي وائي ڪندي محبوب حقيقي تائين رسيا حق جي طلب ۾ سنئين راهہ اختيار ڪندي ڪٽي پهتا، ان لاءِ شاعر چوي ٿو-ع

شريعت جي سوجهري، هليا ڏونہ حق

طريقت تار ڪيا، وسرئن ورق

حقيقت جي حال سين، رهہ سڱوئائون سابق

هي جي هوءِ رسيا حاذق، معرفت مشاهدو تن کي

-

پوئن وحدت ويءَ ۾، شرع گهر سندون

جتي مپ ملڪين ناهہ ڪو، تتي آهيرون

توڙي ويا وره ڪيترا، پرو تان نہ پئون

سوئي سير ٿئون، ناهہ نهايت جنهن جي

-

مئي متي مهراڻ ۾، هي جي پاڻ وجهن

نہ سي اوري نہ پري، اوءِ اندر وهہ وجن

تن منجها منجهہ تڪيا، اوءِ منجها منجهہ رهن

سي پينا تت وجن، ناهہ نهايت جنهن جي

اهي سالڪ وحدت جي واديءَ ۾ غرق رهن ٿا، اونهي عميق ۾ ٽٻي هڻي پرين پسن ٿا. شاهہ لطف الله چوي ٿو-ع

اونهي انت عميق ۾، ٽٻي ڏني جن

نہ سي اوري نہ پري، ارءِ منجهہ پاتار پرن

حاذق حيرت ۾ پيا، ڪين پروڙيو تن

يا دليل المتحيرين، عقل موڙها ان

ات اڙيا عارف اپين، پر پروجهڻ ناهہ ڪا

جي وچان”لا“ لهي ويئي تہ محبوب حقيقي کي سالڪ ويجهو وجي ٿيو. هر هنڌ سبحان کي پسڻ لڳو. وچ وارو پردو هٽي ويو-ع

لٿي ”لا“ وڃان، سڀوئي سبحان ٿيو
جيڪين حجاب حق سين، او ڇان سڀ ويو
ات هنيو حيرت پيو، پسي ڪين پرين ري

-

ٻنهي جي وچ ۾ ڪو حجاب نہ رهيو ۽ سالڪ بہ عين ذات سان ملي هڪ ٿي ويو-ع
نيئي رسائي ذات کي االله اسم ذات
ات ڪٿ نہ اجهي ڪيترو، وائي وجي وات
”لاحجاب بيني و بينڪ“، اي لڌائون ڏات
عين جني کي ذات، محو مطلق سي ٿيا.

-

اسما اڳي ويا، مسمي مئحقق
اکر نہ اجهي ان کي، جي حضوري حق
سي پيهي ويا پاتار ۾ منجهہ اونهائي غمق
سندا ذات مطلق، آهن اهڃ اڳانجها ان کي

سڀ صورت ۾ يار سمايو آهي، رنگ محل ۾ هن جو ئي جلوو آهي، تصوف ۾ عارفن اهو ڪولي سمجهايو آهي تہ ظاهري صورتون کهڙيون بہ هجن پر سيني ۾ ذات حقيقي جا پرتوا پيا پون. ان ڳالهہ کي شاهہ لطف االله کولي بيان ڪيو آهي-ع

نڪا صورت سرير جي، نڪتو فيل نہ فال
سي وجودان وهي ويا، جن ڏٺو پريءَ جمال
تيهي ظرفات ذات جي، تهو حسن ڪمال
تيهي تجلي تام سڄڻين، تهو ضوءِ جلال
تيهي لطافت لطيف سوء، تهو خوبي خال
تهو ذوق زينت پريءَ جي، تهو خاص خيال
سڀ سيوئي حال، پيهي ڪن پروڙيو.

-

سو ئي پانڌي پنڌ سوء، سا ئي راهہ سو رند
سو ئي مڪان مڪين سوء، سو ئي حضور سو هنڌ
سو ئي بحر بر سوء، سو ئي شهر سو سنڌ

سو ئي ساٿي سونهون سو، سو ئي آچيندڙ پنڌ
جني آ اکنڌ، تن پاٽهين پروڙيو.

-

سو ئي عاشق عشق سو، سو ئي عارف عرفان
سو ئي ساه سرير جو، سو ئي رب رحمان
سو حاکم حکومت سان، سو ئي سو سلطان
سو ئي ماڳ مکان، پيهي پروڙج ڳالهڙ

-

سو ئي دريا دؤر سو، سو تارو سو تانگ
سو ئي تڙ تک سا، سا کنڌي سي سانگ
سيئي ڪڻ ڪپر سي، ور وراڪا وانگ
سيئي اهج آنگ، سو ئي اصل درياءَ سو.

قسم پونجين ۾ عشق ۽ عاشق جي حال بابت بيان آهي. هن باب ۾ ”حس حبيبن جي“ ۽ ”سڪ سپرين جي“ تک سان محبت ۽ مجاز جو رنگ ظاهر آهي. هن باب ۾ محبوب جي حسن ۽ سندس سڪ جو ذکر کندي شاعر بلاغت جا باب کولي وڌا آهن. هي چند بيت اهڙي نشانهي کن ٿا-ع

حُسن حبيبن جو، پسين جي هيڪار
تہ توکي سپ جمار، وجي اج ورهن جي.

-

حُسن حبيبن جو، پسين جي پيهي
تہ توکي سپيئي، پيون وجن وسري

-

حُسن حبيبن جو، جني ڏٺو ماءُ
تنهي مجهان ڪاءَ، سک نہ سُتي ڪڏهن،

-

حسن حبيبن جو، ڳرهڻ ڪانهي ڳت
کا جا آهي پت، سا اندر ڪُهيو اڏ ڪري.

-

حسن حبيبن جو، نہ کو ڳاچ نہ ڳت

اِت مجهيو وجي مت، حيرت هنيو سيڪو

-

سڪ تنهنجي سپرين، ڪهيو ڪري ڪباب
عاشقن اي ثواب، جيئن پچن لئه پرينءَ جي.

-

سڪ تنهنجي سپرين، اندر ٻارين آڳ
لاڳاپا ۽ لاڳ، وين سپ وجود جا

اهڙي ريت قسم چهون فقر ۽ فقيرن بابت آهي، هن ۾ جوڳين ۽ سامين جو ذڪر آهي. ائين هي باب جڻ سُر رامڪلي آهي. هن ۾ ڏيڍ سؤ بيت آندل آهن. جوڳين جو ذڪر ڪرڻ اسان جي شاعرن جو پسنديده موضوع آهي. شاهه لطف االله جوڳين جو بيان ڪندي پنهنجا خيال نهايت پرُجوش انداز ۾ ظاهر ڪري ٿو. سندس بيتن ۾ هن موضوع جا گوناگون مضمون شامل آهن. بيتن مان چوند ڪرڻ مشڪل آهي، پر نموني طور چند بيت هي آهن-ع

جيجان آهين جوڳ جا، ڪي آڱنجها سور
اوءِ پيهي ويا پاڻ ۾، ڏوري ڏونگر ڏور
ڇڏيا لئه سبحان جي، تڻ جوڳين ضرور
سي آديسي آرور، اورانگهي اڳي ويا.

-

سامين سان نه وسري، ڪنهن جنهن هئا جات
تن جون کهُون ڪتوريءَ واسيون، منهن ۾ مجر مات
ان اچي اديسين نينهن جا وچايا نات
سي وينا پچن وات، پسيو پريين پنڌ جي

-

ڪي هليا وٽڪوت ڏونهه، ڪي کهيا ڏونهه قندار
جوڳي وجهي هليا، جي پنهنجو جار
اندر تن آديسين اپر لڳي آر
اوءِ وجهي جي جنجار، ويا نانگا نڪري

-

ڪيها چٽ پٽ جوڳيين، ڪيهي راس رلين

ڪئن سڱا ڪئن سيليون، اوءِ ڪيهي ڪيہ ڪڙين
کهو پاٽي پاڻ سين، منجھ پوتڙين ڀڏن
کهڙو طعامون ٿنبن ۾، تن ماين ڪان منگن
آءٌ تو پڇان پيڙا، سڏيون ساميڙين
اوءِ کهڙي حال هلن، ڪاپڙي قنوج ڏي.

-

ماءُ ويراڳي آئيا، پڇن ٿا اوطاق
ميڙي پاهوڙين سين، پٽ ۽ ڪيائون پاڪ
نہ تن سونڪو سيءَ جو، مٿان وسي ماڪ
اوءِ ڪاپڙي قزاق، پرهہ ٿيندا پڌرا.

-

سيليئون سگيئون ڪينريون، سڀ چڏيائون ساڄ
پوريائون پورب مٽي، ڪوڙ ڪئائون ڪاڄ
سي وجودئون وهي ويا، ڏيهہ چڏيائون راڄ
طوق چڏي تاڄ، اوءِ نانگا نسورا ٿيا.

-

نہ گدا نہ گبري، ڪڇ نہ ڪاڇوٽي
اوءِ سک نہ ستا ڪڏهين، ڪڍي لانگهوٽي
سي جيها آيا دنيءَ ۾، وئا تها موٽي
ايءَ ڏاڍي ڪسوٽي، ويا جهاڳي ڪاپڙي.

ڇهين وانگر ستين قسم ۾ بہ جوڳين ۽ سامين جو ذڪر آهي. جوڳين جو مختلف هنڌ پيٽڻ ۽ ساز سک وڃائڻ جو بيان ڪندي شاعر ڄڻ پريان ايندڙ دؤر جي شاعرن(خاص طور لطيف ) جي اڳواٽي ۽ رهنمائي پيو ڪري، مختلف ملڪ ۽ تڪيا پيٽڻ بابت چوي ٿو-ع

ڪي هليا هرمئج ڏونهہ، ڪي پرتڪال پرن
ڪني ڪوڏ ڪنيات جو، ڪي مٿي گنگا گجن
ڪي وهئا ونڪوٽ ڏونهہ، ڪي لڪا سر لمن
ڪي گوئي گنگاڏري، ڪي گواس وڃن
ڪني آ ڏمر ڪاپڙين، ڪي بازارين وهن

ڪن ڏاريا ڏنڊ ڪيترا، ڪي واسليين وندرن

آءٌ گهريو مٽان تن، جي پيهي ويا پڻ ۾.

جوڳين جي مرلين وڄائڻ ۽ نچڻ بابت شاعر چوي ٿو-ع

ڪني مرليون هٿن ۾، ڪي پايو زنڪ نچن

ڪني وير وس ڪيا، ڪي مساري وڃن

ڪي پڙهيو پاڙهيتا پاڻ ۾، نظر ماڙوهين مٿن

آءٌ گهوريو مٿان تن ، جن ڪيو حاصل حق ڪاپڙيين.

شاهه لطف الله جي تصنيف ۾ سنڌي بيت آهن. هي ڪتاب ٢١ بابن تي مشتمل آهي ۽ فارسي زبان ۾ آهي، سلوڪ ۽ طريقت جي بيان ۾ لکيل هن ڪتاب ۾ وضاحت خاطر سنڌي بيت ڏنل آهن. بيتن تي عنوان به رکيا ويا آهن. جن جو تعلق پير مرشد، تصوف، طريقت ۽ شريعت توڙي لاڳاپيل ڳالهين بابت آندل نصيحتن تي آڌاريل آهي. مثال طور ويهن بيتن مان ٻه هي آهن-ع

پڇئو پر پيغمبري، انهيءَ ره رمن

او سونهان آهين سپرين، ايهي پيار پچن

ساتي شريعت سين، منجهه حقيقت هلن

سي ثابت سهي ڏسن، هي جي پر پريان جي رسيا

-

رهه شريعن هليا، تفڪر طريق ٿئون

حال حقيقت رسيا، حرڪت حرص وئون

لئي لاهوتي پيا، وحدت وصالون

سي پينا بقا باغ ۾، فنا فرق پئون

پسو پنڌ سندون، اوءِ وجودان وهي ويا

سنڌي رسالي جي بيتن جي مقابلي ۾ منهاج المعرفت جا بيت منفرد انداز بيان ۽ زبان ۾ آهن. شريعت ۽ طريقت جي سمجهاڻيءَ خاطر ڏکيا اصطلاح ڪم آندل آهن. انهن ۾ زبان ۽ بيان جي اها سلاست ۽ رواني ناهي جا انهن ئي ڳالهين جي بيان ۾ شاهه لطيف وٽ آهي. انهن ۾ وزن جي پختگي به اچي وڃي ٿي. بهر حال قاضي قادن، دادو ديال، شاهه ڪريم جي ڪلام جي تسلسل ۾ شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام هڪ وڏي وٿ آهي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪي سنگ ميل آهن انهن ۾ هڪ ڪري ڳڻيو ويندو(١٧).

پراڻ ناٿ(١٦١٨-١٦٩٤ع)

ماخذ: پراڻنات جو ڪلام ظاهر ٿيڻ کان پوءِ هن شاعر جو نالو سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهم نالو آهي ۽ ان خال کي به پُر ڪري ٿو، جيڪو قاضي قادن- شاهه ڪريم کان پوءِ شاهه لطيف تائين نظر آيو. دادو ديال به انهيءَ دؤر جي شاعر طور روشنيءَ ۾ آيو ۽ هاڻي پراڻنات به، سندس ڪلام پهرين جناب جهمون رامچند ڇڳاڻيءَ ظاهر ڪيو. ڪتابي صورت ۾ پراڻنات جي حياتيءَ جو احوال "مهامتي پراڻنات جي سنڌي واڻي" جي عنوان سان ١٩٩١ع ۾ ڀوپال(مڌيهه پرديش) مان ڇپيو. ان کان اڳ سماهي مهراڻ (١٩٩٠/١ع) ۾ سندس هڪ تعارفي مقالو بعنوان "سنڌي ساهت جو هڪ لڪل ورق" سان ڇپيو هو. هن باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ ١٩٨٠ع ۾ شايع ٿيل پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" جي ٻئي ڇاپي ۾ پراڻنات جو ذڪر ڪيو(ص ص ٢٦٥-٢٧٠). سندس ذريعا جيرامداس دولترام کان مليل مواد، ان جي هڪ مضمون (١٩٦٥ع) ۽ دهليءَ جي سفر دوران مليل مواد تي آڌاريل آهن. اهي ئي خاص ذريعا آهن جن وسيلي پراڻنات جي حياتي ۽ ڪلام جو جائزو ورتو ويو آهي. مون پنهنجي ڪتاب"سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"(ٻيوڇاپو ١٩٨٣ع) ۾ فقط ڊاڪٽر بلوچ جي ڪتاب جا حوالا ورتا هئا. هن هيٺ جهمونءَ جو ڪتاب خاص طور اڳيان آهي. هن جو مهاڳ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي لکيو آهي.

سوانح: پراڻنات ٦ آڪٽوبر ١٦١٨ع ۾ نوانگر (جام ننگر- گجرات- ڀارت) ۾ ڄائو. سندس اصل نالو مهر راج هو. سندس پيءُ جو نالو ڪيشو ناڪر هو ۽ ماءُ ڌن ٻائي هئي، جنهن جا مائٽ سنڌ جا هئا. ان ڪري گهر ۾ گجراتيءَ سان گڏ ڪڇي ۽ سنڌي زبانون به ڳالهايون وينديون هيون(٨). جهمون ڳڇاڻي، پراڻنات جي مادري زبان سنڌي لکي ٿو(٩).

پراڻنات هڪ هوشيار ٻارڙي وانگر اسريو ۽ هو مذهبي ويچار رکندڙ هو. سندس گروءَ جو نالو ديوچندر هو جيڪو امر ڪوٽ(عمرڪوٽ) ۾ ڄائو هو. سچ جو متلاشي هو ۽ هڪ سيلاني سنت جي روپ ۾ اڇي جام نگر(گجرات) ۾ پهتو. هن ٻالڪ تي نظر پوڻ سان شري ديوچند گهڻو خوش ٿيو. مهراج پراڻنات به مرشد جي حڪم موجب پنهنجي جوانيءَ جي دؤر ۾ عربستان ۽ ٻيا علائقا گهميو. عربستان ۾ رهي عربي ۽ اسلامي علوم کان واقف ٿيو. قرآن شريف جو به مطالعو ڪيائين(١٠).

ديو چندر جي وفات کان پوءِ مطالعي ۽ خلق جي روحاني ترقي لاءِ وڏيڪ محنت ڪرڻ لڳو. پراڻنات مختلف زبانن جو به مطالعو ڪيو. روايت آهي ته هو پوءِ بندر ۽ مانڊويءَ رستي سنڌ ۾ ٺٽي نگر پهتو. اهو سال ١٦٥٩ع هو ۽ سندس عمر چاليهن سالن کان مٿي هئي. ڇڳاڻي لکي ٿو ته: پراڻنات ٺٽي ۾ هڪ برهمڻ ناٿا جوشيءَ جي گهر ۾ ڏهه مهينا رهيو. اتي رهندي سندس سنگت شري لعلداس سان ٿي، جنهن سندس ٺٽي شهر ۾ رهڻ جو ذڪر پنهنجي ڪتاب بيتڪ ۾ ڏنو آهي ۽ لکيو اٿس ته پاڻ ٺٽي ۾ ڪهڙن ڪهڙن سنڌين سان گڏيا ۽ انهن کي پنهنجن ويچارن کان آگاهه ڪيائون(١١).

پراڻنات جي خيالات جو اثر ڪيترن ئي سنتن ۽ سچ جي ڳولا ڪندڙن تي پيو. آخري ويجهي زماني ۾ اهڙن مدبرن ۾ مهاتما گانڌيءَ جو ڪٽنب به هو. ڇڳاڻي لکي ٿو ته : مهامتي پراڻنات جي ويچارن ۽ مت

جو مهاتما گانڌيءَ جي ڪتنب تي به اثر هو. اهڙي جهلڪ مهاتما گانڌيءَ جي سيڪريٽري شري پياري لعل جي ڪتاب Mahatma Gandhi, The Early مان ملي ٿو. مهاتما گانڌيءَ جي ماتا پتلي بائيءَ جن جنهن پنٿ کي مڃيندا هئا. ان کي پر نامي(ست پرنامي) چوندا هئا. اهو هڪ اهڙو پنٿ آهي جيڪو اسلام ۽ هندو ڌرم جون جيڪي چڱايون آهن، انهن کي ملائڻ ٿو چاهي. مهاتما گانڌي جو پوءِ بندر(گجرات) واري گهر جي پرسان هڪ پرنامي مندر هوندو هو. مهاتما جي شاديءَ کان پوءِ سندس ماتا پتلي بائي ڪيس ان مندر ۾ به وٺي وئي هئي. مهاتما گانڌيءَ اڳتي هلي چيو آهي ته: جيتوڻيڪ هاڻي ان مندر جي بناوت وغيره جي چٽي يادگيري نه آهي پر ايترو ياد آهي ته ان مندر ۾ ڪي پٿر جا بت يا مورتيون نه هيون. مندر ۾ جي پٽين تي ڪي لکيتون چِپيل هيون، جيڪي قرآن شريف جي آيتن وانگر ٿي لڳيون(١٢).

پراڻنات جو اثر ڪافي علائقن ۾ پکڙيو ۽ سندس ويچارن توڙي ڪلام جو پرچار ٿيو ۽ سندس شش(مريد) خاص طور وچ ۽ اوتر هندستان ۾ سندس ڪلام جي پڙهڻ ۽ پرجهڻ ۾ لڳي ويا. مهامتي پراڻنات هندوستان جي صوبي مڌيه پرديش ۾ پنا شهر ۾ ٢٩ جون ١٩٩٤ع ۾ وفات ڪئي(١٣). اتي ئي گمٽ بنگلا مندر ۾ سندس سمادي ناهي وئي(١٤).

ڪلام: پراڻنات جي واڻي اٽڪل پوڻا ٽي سؤ سال قلمي صورت ۾ رهي. سندس مريد ان جون ڪاپيون ناهي پرچار ڪندا رهيا. ڪلام ۾ ١٩٦٥ع ۾ پهريون ڀيرو اشاعت هيٺ آيو. جنهن گرنٿ(ڪتاب) ۾ سندس ڪل ڪلام گڏ ڪيو ويو ان جو نالو رکيو ويو"ڪلجم سوروپ" جيڪو اصل ۾ مصر جي نيل ندي جو نالو به هو. هتي واڻيءَ جي معنيٰ ساگر ۽ سمنڊ جي ورتل آهي. ڪل ١٨٧٨٥ چوپاين ۾ ٥٢٤ سنڌي چوپايون ۽ بيت آهن. هي ڪلام پنهنجي مادي زبان جي سر زمين کان اٽڪل ٻه هزار ميل پري پنا مڌيه پرديش ۾ چيائين. ڪلام جي ٻولي ڪڇي سنڌي آهي(١٥). هي ڪلام چيچڻ کان گهٽو اڳ شش(مريدن) جي وسيلي هزرين پراڻ پنٿين تائين پهتو ۽ قلمي صورت ۾ منن(مندرن) ۾ موجود رهيو. واڻيءَ (ڪلام) وانگر مهامتي پراڻنات جا ويچار نثري صورت ۾ به ششن(مريدن) اندازا سندس وفات کان ڪجهه مهينا اڳ تحرير هيٺ آندا(١٦).

پراڻنات جي لکيل ڪلام ۾ مختلف پهلوئن تي ڊاڪٽر جيٺلي سير حاصل بحث ڪيو آهي. ان جي سنڌي شاعريءَ ۾ حيثيت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: وچئين دؤر جي شاعريءَ ۾ وڏو خال محسوس ٿيندو هو، انهيءَ جي ڪي قدر پورائي سوامي پراڻنات جي سنڌي واڻيءَ جي روشنيءَ ۾ اڄڻ سان ٿي(١٧). واڻيءَ جي مضمون تي تبصرو ڪندي لکي ٿو- هن سنت ڪويءَ جي شعر ۾ سمايل فلاسافيءَ جو مکيه آڌار آهن اپنشد، شري ڀڳوت گيتا وغيره، انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته هن دنيا جي جدا جدا ڌرمن جي گرنٿن جو اڀياس ڪري انهن جي بنيادي اصولن ۾ هڪجهڙائي پڻ ثابت ڪئي آهي.(١٧). ڊاڪٽر جيٺلي هي خيال به ظاهر ڪيو آهي ته هن قسم جون واڻيون هٿ اچڻ سان جيڪو سامي ۽ دلپت ڪانسواءِ سنڌ ۾ ٻيو

هندو ڌرم ۾ پڳتي انداز جي ڪلام جو خال آهي سو دؤر تي ويندو(١٨). دادو ديال ۾ ان سان گڏ پراڻنات جي واڻي ملڻ سان سچ تہ اها اميد وڌي آهي تہ سنڌ کان ٻاهر مندرن ۾ منن ۾ ٻيو بہ سنڌي ڪلام موجود ٿي سگهي ٿو. مهامتي پراڻنات هن واڻيءَ ۾ جيڪي اشارا ڪيا آهن سي فنا ۾ بقا بابت آهن ۾ مذاهب عالم جي اتحاد ڏانهن اشارا بہ آهن. مقصد انسان ذات جي وچ ۾ پيل ويڇن کي ختم ڪرڻ آهي. واضح طور سيکاري ٿو تہ هڪ فاني انسان پنهنجي زندگيءَ جي مختصر دؤر ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ لالچ ۾ غرور کان پاسو ڪري ۾ ڪائنات ۾ موجود انسان ۾ جيون جي خدم ڪري، ڪنهن کي برو نہ سمجهي.

فنا جي باري ۾ واضح طور چوي ٿو تہ آخر وڃنو آهي-ع

آخر ويرا اٿڻ جي، آئين روحين ڇڏيجا راند،

اتي وچ عرس جي، ڪوڏ ڪري ملون ڪانڌ

چي: اي غافل انسان هتان لڏڻ جو آخري وقت اچي ويو آهي. ڪوڙي سنسار کي ڇڏي پاڻ کي مايا جي موهہ کان آجو ڪري مالڪ ڏانهن هل(١٩).

دنيا جي مايا روپي جار ۾ قاتل روح جي پڪار آهي، جنهن کي مهامتي هيئن بيان ڪري ٿو تہ اي مالڪ مون کي هن مايارو‎پي جار مان آزاد ڪر-ع

ڌڻي منهنجي روح جا، ڳني ويئي وسرائي

پيس تہ پيچن ۾، وڌي جار وڙائي(٢٠).

ڇڳاڻيءَ اڪثر بيتن جي معنيٰ ڪندي جتي روح يا فرمان جا لفظ آيا آهن تہ انهن جي معنيٰ قرآن جي حوالي سان ڪئي آهي. جئن-ع

تو لکيو فرمان ۾، مون عرس دل مومن

سي سٽي ويڻ فرمان جا، مئوجو جهليو دل روحن(٢١)

معنيٰ تي توهان فرمان(قرآن)۾ لکي موڪليو آهي تہ اهو مومنن جي دل ۾ آهي ۾ قرآن جا اکر ٻڌي ڪري منهنجي دل روحن پڪڙي ڇڏي آهي(ص ٧).

مهامتي پراڻنات پنهنجي محبوب کي چوي ٿو تہ جيستائين اکين سان نہ ڏسان تيسين ڪيئن ڪجهہ چئي سگهان؟ اوهين منڙا ويڻ نہ ٻڌايو تہ ٻيو چا ٻڌان؟ منهنجو سجو وجود اوهان ڏانهن پيو واجهائي-ع.

ڪيئنڪري ان ڳالهڙي، جان نہ پسان پانهنجي نيڻ

جي سٽائي تہ سٽان، منڙا توهجا ويڻ.

سنڌي شاعريءَ ۾ محبت ۾ مجاز جا جيڪي انگ ۾ انداز شاهہ لطيف ۾ ٻين وٽ ظاهر ٿيا، انهن جا اهڃاڻ ۾ زبان پراڻ نات وٽ موجود آهي. هي بيت اهڙي ثابت ڏين ٿا-ع

ٿيئي ڌڻيءَ سين سرخرو، سيئي سهاڳڻ هوئي

سامر ڳني پاڻ سين، جي آڏو پٽ نہ ڪوئي.

-

ڳالهيون مُوجي من جون سڀ توهي سڄاڻي

هي سيئي توهجيون، تو ڪرايو پاڻي(٢٢)

آءُ پاڻ پلڻ جي ڳالھ مهامتي پراڻنات صاف صاف ڪري ٿو. چي آءُ ڪتي بہ نہ آهيان، جتي ڪتي تون ئي آهين. تون ئي سڀ ڪجھ ڪرين ٿو. سڀ تنهنجي هٿ ۾ آهي. تو چڱي طرح پسايو ۽ مون ڏٺو-ع

آءُ اول نہ آخر، سپني هنڌين تون

هي مورائين پلي پتين، هي تو ڏيکاري مون

-

تون ڪرئين تون ڪرائين، تون پچائي پاڻ،

جا متي ڳني تر جيتري، سا جوئي وڏي اڄاڻ

-

سڪڻ سڏڻ جيري مرڻ سي سڀ هٿ ڌڻي

تو چڱي پرين ڏيکاريو، تہ موننهاريو نيڻ ڪڻي.

فطرت جي حسين نظارن جو ذڪر، نهايت خوبصورت منظر ڪشيءَ سان ڪندي پراڻنات انساني فطرت ۽ شاعريءَ جو هي لوازمو خوب ادا ڪري ٿو. هُو ڏسي ٿو تہ جهروڪن مان مينهن ڪيئن نظر اچي ٿو ۽ باغ ڪيئن سونهن ٿا! ڪيئن چبوترن تي راند روند ڪجي ٿي! رنگ محل ۾ ڪويل ڪيئن ڪو ڪو پئي ڪري!! مينهن ۾ پکي پکڻ مور ۽ باندر ڪيئن نينگ ٽپا پيا ڏين-ع

چڙهي جهروڪي نهارجي، مينهن وسي متي ون،

ويٽي وريو وڏرسون، هن ويران باغ سونهن.

-

عرش اڳيان چاندني، چئين چبوترن،

هن مندون مينهن سندون، ٻوڙي چڙهي نيڪن

-

متيني وسي مينهڙو، وانر مور ڪڏن،

ڪئي ني جاتون جانور، ڪئي جاتون پسئن(٢٤)

بنيادي طور پراڻنات وٽ مذهبي لاڙا ظاهر آهن. هو خدا سان مخاطب ٿي چوي ٿو تہ رسول(ﷺ) ڪي نشانيون ڏنيون هيون تہ قيامت جي ڏينهن روحن لاءِ گواهي ڏج جئن انهن ڪي يقين اچي-ع

تو چيو رسول کي تون ٿيئج هن ۾ امين،

ڏج تون مُور نسانيون، جين اچي روحين آفين(٢٥)

هڪڙو خاص حوالو مارڪنڊ رشيءَ جو اچي ٿو ۽ ان جا احوال سندر بائي(پراڻنات جي گروءَ ديوچندر) ٻڌايا. تنهن بابت پراڻنات کي بيت چيا. انهن مان کي هي آهن-ع

چئي سندر بائي اسان کي، مارڪنڊ جي حقيقت،

ان در تي ان کي کوليان، آن جي پڻ اي بيتک.

-

نمونو مارڪنڊ جو چيو، سندر بائي پلي پت،

سکديو آندو آن کارڻ، هي جو پسو تا هت.

-

مارکنديھ مايا منجهان، جڏهن کين نہ نکري سگهي.

تڏهن ڳڙائي رکي پاڻ ۾ منجهي پيئي مارکنڊ جي(٢٥)

پراڻنات جي زبان ڪڇيءَ گاڏڙ آهي ۽ هي ڪلام هُن مڌيھ پرديش ۾ چيو. سنڌي ماحول بہ هن جي چوگرد نہ هو. ان ڪري بيتن(دوهن) جي زبان ۽ هيئت ۾ پختگيءَ جي لحاظ کان عيب آهن. ڇڳاڻي صاحب گڏ گڏ ديوناگري متن بہ ڏنو آهي. پر گمان آهي تہ تحرير ۾ کي خاميون رهجي ويون آهن. مون کي لفظ موجود لکيت موجب کيا آهن ۽ کي آسان لفظ اصل متن وانگر رهڻ ڏنا آهن.

موضوع جي لحاظ کان هي ڪلام مذهبي يگانگت ۽ يڪجهتيءَ جو بہ مظهر آهي. ڇڳاڻي صاحب اٽڪل ١٣٠ ٻين بيتن ۽ چوپاين ليڻ جو بہ اشارو ڏنو آهي(٢٧).

**حوالا**


١. بدوي، لطف االله، تذڪره لطفي، (جلد اول)، آر – ايچ بدرادرس حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، ١٩٥٥-٥٤ع، ص ١٠٤

٢. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر). شاهہ لطف االله قادريءَ جو ڪلام، سنڌالاجي، ١٩٦٨ع، ص ٩ مقدمو.

- بدلوي – ص ١٠١

٣. بلوچ ص ص ٩-١٠ (مقدمو)

٤. ايضا --- ص ص ١٠-١١

٥. ايضا --- ص ص ١٨-١٩

٦. ايضا --- ص ص ٣٠ کان ٤٢
٧. شاهه لطف اﷲ قادريءَ جي ڪلام ۽ احوال لاءِ ڊاڪٽر بلوچ جو ايڊٽ ڪيل ڪتاب پيش نظر رهيو.
٨. ڇڳاڻي، جهمون رامچند، مهامتي پراڻنات جي سنڌي واڻي، ٻئراگ گڙه پوپال، ١٩٩١ع، مهاگ ڊاڪٽر جيٺلي ص ١
٩. ايضا --- ص ٢٣
١٠. ايضا --- ص ٢٣
١١. ايضا--- ص ١٣-٢٤
١٢. ايضا ص ص ٢٤-٢٥
١٣. بلوچ، نبي بخش خان. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادبن جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٻيو ١٩٨٠ع ص ٢٦٦
١٤. ڇڳاڻي. ص ٦
١٥. ايضا --- ص ٧ کان ١٣
١٦. ايضا --- ص ٥
١٧.ايضا---ص ١٠
١٨. ايضا--- متن ص ١١
١٩. ايضا--- متن ص ١
٢٠. ايضا--- متن ص ٢
٢١. ايضا --- متن ص ٧
٢٢. ايضا --- متن ص ١٢
٢٣. ايضا --- متن ص ١٦-١٧
٢٤. ايضا --- متن ص ٢١
٢٥. ايضا --- متن ص ٦٣
٢٦. ايضا --- متن ص ص ١٢١-١٢٣
٢٧. ايضا --- ص ٢٧

**باب ڇهون**

هونئن ته شاهه عبداللطيف کان اڳ وارن شاعرن ۾ ڪن ٻين جا به نالا آهن، جن ڪي بيت چيا آهن، پر انهن جو معيار اهڙو نه آهي يا ڪلام ايترو نه اٿن جو اهي ادبي تاريخ ۾ وقت جي لاڙن موجب شامل ڪن، پر ٽي وڏا شاعر اهڙا آهن، جن جو ڪلام معيار ۽ مقدار ۾ هميشه محققن جو ڌيان ڇڪائيندو رهيو

آهي. محققن جي تمام تر ڪوشش جي باوجود انهن جي ولادت ۽ وفات جا سال به هٿ نه آيا آهن. اهي ٽي شاعر آهن: ميون عيسو هالائي، ميون عنايت نصرپور ۽ احسان فقير لانگاه هالائي.

هنن ٽن شاعرن تي ڊاڪٽر عمر بند محمد دائود پوٽي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مخدوم محمد صالح پٽي هالائي بالترتيب ڪم ڪيو آهي. منهنجي هن ڪاوش جا ماخذ به اهي ئي آهن.

ميون عيسو هالائي

ڊاڪٽر عمر بند محمد دائود پوٽو پهريون محقق هو، جنهن مئين عيسي بابت ٻن اهم مقالن ۾ احوال آندو. هي مقالا هئا:

"شاجج ڳام او ڪا شاعر" ۽ "مئين عيسي جي تربت جي تلاش ۾". هي مقالا نئين زندگيءَ ۾ بالترتيب جنوري ١٩٥١ع ۽ جنوري ١٩٥٢ع ۾ ڇپيا، ١٩٩٣ع ۾ ممتاز مرزا "مئين عيسي جا سنڌي بيت" نالي ڪتاب شايع ڪيو. هن ۾ ٢٣٧ بيت آهن، جن ۾ باب وار عنوان لڳل آهن. هي بيت اقبال آخوند کان هڪ قلمي صورت ۾ مليا. مقدمي ۾ ممتاز مرزا به ڊاڪٽر دائود پوٽي جي مقالن کي ماخذ طور ڪم آندو آهي.

ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو ته:"ميون عيسو اصل اتر کان آيو هو. ڪلهوڙن جي راڄ ۾ پنهنجي مرشد سان گڏ درياءَ جي رستي سنڌ ۾ آيو. ڪانوٽ ۾ رهيو ۽ سندس مريد ڪوڪر، ڪيس لڏائي پنهنجي ڳوٺ ملاڪاتيارن ويجهو وٺي آيا، جتي سندس ترتبت آهي."(١)

مئين عيسي جي زندگيءَ جي احوال جي ڪا مستند معلومات نه ملي آهي. اندازو لڳايو ويو آهي ته هو ١١٦٥هه ۾ زنده هو. شاهه لطيف کي سندس ننڍپڻ ۾ ڏٺو هئائين ۽ شاهه لاءِ پيشن گوئي ڪئي هئائين ته هو وڏو ٿي هڪ اهڙي شخصيت جو روپ وٺندو جا ساري عالم لاءِ سڳند واري ٿيندي.(٢)

ميون عيسو، شاهه لطيف کان وڏو هو يا ننڍو، ان لاءِ ڊاڪر دائود پوٽو واضح طور نه ٿو لکي، بلڪه رسالي ۾ آيل عيسي جو هڪ بيت ڏيئي لکي ٿو ته: هاڻ سوال آهي ته اهو عيسو ڪير هو؟ شاهه صاحب کان اڳ ٿي گذريو آهي يا شاهه صاحب جو همعصر آهي؟ يا شاهه کان پوءِ جو آهي؟(٣) اڳتي ساڳئي ئي مقالي ۾ لکي ٿو ته : "جيڪڏهن اها روايت (دعا واري روايت) سچي آهي ته ميون عيسو شاهه صاحب جو وڏو معاصر هو."(٤) ڊاڪٽر دائودپوٽي جي هن ئي مقالي مان خبر پوي ٿي ته ميون عيسو ٨٨ سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. شاهه صاحب کان وڏو هو، ان ڪري سندس ڪلام رسالي ۾ آيو. ٨٨ سالن جي عمر جو اشارو مئين عيسي جي سنڌيءَ مان به ملي ٿو.(٥)

مئين عيسي جي ڪلام ۽ شاهه جي ڪلام جي معيار بابت ڊاڪٽر دائود پوٽو ٻه متضاد رايا ڏئي ٿو. هڪ راءِ هيءَ اٿس ته"مئين عيسي جي ڪلام ۾ اهي لفظ آهن، جيڪي شاهه جي رسالي ۾ به نه ملندا"(٦). ٻئي هنڌ ساڳئي ئي مقالي ۾ لکي ٿو ته: "مئين عيسي جي ڪلام ۾ اها سلاست ۽ لاس نه آهي،

جا شاهه صاحب جي ڪلام ۾ آهي(٧).“ هتي جي ڊاڪٽر صاحب جو لفظن جي استعمال مان قدامت مراد آهي ته اها ڪا پيٽ جي ڳالهه نه آهي، بهرحال اڳ ۽ پوءِ جي اصل جي قطع نظر شاهه عبداللطيف هڪ عظيم شاعر آهي. مئين عيسي جي سنڌي ۽ سندس بيت، سنڌي شاعريءَ جي قديم روايت موجب بقا ۽ فنا، توحيد ۽ تصوف جي موضوع تي آهن.

ممتاز مرزا جي ترتيب ڏنل ڪتاب ۾ مئين عيسي جو ڪلام مختلف بابن ۾ ورهايل آهي. ڪن بابن تي فارسيءَ ۾ عنوان به ڏنل آهن. مثلا: دربيان صحبت علما، دربيانصحبت دنيا، دربيان ذڪر حق سبحانهٗ و تعاليٰ، دربيان توڪل و ترڪ سوال ۽ دربيان خاموشي و فوائد آن وغيره. بيتن ۾ ڪنهن بزرگ جو هڪ بيت هن اشاري سان ڏنل آهي: ” بيت بزرگي فرمودن“-ع

وهي ويا روڪ، ڪو وڻ آهي ڪٿهين،

مَين سنڌي سڪ، گونرين نه لهي.

هڪ مقبول چوڻيءَ: ”انبن جون سڪون ڪو انبڙيون لاهينديون“! جي معنيٰ آهي، جنهن ۾ انن ۽ گورنرين يا گونرين جي نسبت سان اهائي معنيٰ ورتل آهي. لڳي ٿو ته پهرين سٽ ۾ لفظ ورڪ(ورق) آهي. بلڪل ائين جيئن هڪ بيت ۾ اصل لفظ ڪتارون کي درست ڪري قطارون لکيو ويو آهي.(ص٤٥).

ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي مقالي ۾ بيتن کي مختلف سُرن ۽ عنوانن هيٺ رکيو آهي(٩). مئين عيسي توحيد جي تنوار ڪندي چيو آهي:

تڪڙ چڏ تحمل ڪر، پير پروڙي پاءِ،

اتالائي عيسيٰ سڄڻ، جانب سين نه جڳائي،

جهِت اجا نه جاءِ، ات آڻن ادب واريون.

-

حي قائم دائم ڏٺي، صحي سنڌهُو سلطان،

هُو هُوندو آهي، سو رزاق رب رحمان،

اهڙو مولو مهربان، جو ورو ڏي ورن کي،

رسول ڪريم ﷺ جن جي باري ۾، ۽ اصحابن توڙي مشائخن سان عقيدت جو اظهار هيئن ڪري ٿو:

نرمل نور نبيءَ جي، سچي صحابن سڪ،

پسڻان پر نه ٿيا، هڏ نه پڳين هڪ،

ڏني تنين تِڪ، بين پيتي پِڪ ڪا.

-

خوبن جي خدمت جي، جن ڪنڌي لڏي ڪاڻ،

للهه ڪارڻ لڙڪيو، اوء پر سين ڪرين پاڻ،
سي رسيا نہ تنهن رهاڻ، جنهن کي سڪي سيڪو.

شاهه جي رسالي جي سُر ڪنيات جو مضمون بہ مئين عيسي جي ڪلام ۾ موجود آهي. رات سهاڻي پونسنئين جي بيتن جي قطار سندس ڪلام ۾ جنهن ريت اچي ٿي، ان جا مثال هي آهن.

رات سُهائي پون سنئين، نہ ڪا آڏي اڏ،
لا االله الا االله بيا چڏ، جڏوئن جڏ،
محمد رسول االله ٿي، گوهر انهين گڏ،
جو سڄڻ ڪيو سڏ، تو اماڻي ابوجهين.

-

رات سهائي پون سنئين، ويسر وهڻ عبث،
وانءُ وهلو واٽ تنهين، جنهن ڏنائون ڏس،
و ان هذا صراط مُستقيما، بي گمان ڪنهن م گس،
اي عيسيٰ چڏ آرس، تہ هوندي رات هٿ رسين.

ديني موضوعن سان گڏ، اخلاقي ۽ ناصحانہ موضوع بہ مئين عيسي جي بيتن ۾ نمايان آهن، ديني پردي ۾ اخلاقي سبق هيئن ٿو ڏي:

جهڙو گهرين گهر ڪي، جي تهڙو بي ٻهر،
تہ اڏامي اپن مٿين، هاٿي هوند هينئر،
رسين رحماني راج ڪي، جت پاڪيزگي پهر،
پر ڏئين گهٽتون گهر، عيسيٰ افعالين پانهنجي.(١٠)

مئين عيسي جا (ڪلمات سنڌي) تذڪره لطفي جلد پهرئين ۾ موجود آهي. اهو بہ هڪڙو اقتباس آهي. هيءَ اها طويل نظم آهي، جنهن جو پهريون مثال پير محمد لکويءَ وٽ مليو ۽ مئين عيسي کان پوءِ ديني عالمن جون ”سنڌيون“ انهيءَ طرفز تي لکيون ويون، اقتباس هي آهي:

الف اور االله سين، جل جلالہ پيون ٻن ڏيئي،
تو گڏ جين غير سين، عمر سڀ ويئي،
هن اوڏڙائي عجيب جي تو گهاري گذاريئي،
ڪنان رڳن ڪنڌ جي، اوڏو آهيئي.
و نحن اقرب اليہ من حبل الوريد، پروڙ تون پيهي،
تنهنجا ڳجها پڌرا ڪهڙا، ڪٿس معلوم سڀيئي،

عالم الغريب والشهادة، اهڙو عليم آهيئي،
تون ڪيئن گڏجين غير سين، تنهن کي پٽ ڏيئي.
جو سپ ڪنهن ساعت سپرين، مور نہ وساريئي،
من لا شيخ لہ فشيخہ الشيطان، سڻ هيءُ حديث هنيون ڏيئي،
جو نشتر سين نگاه ڪري، پردو ڪديئي.الخ(١١)

مئين عيسي جي ڪلام مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام سنڌ جي اساسي شاعريءَ جو حصو آهي. جنهن ۾ توحيد، رسالت، تصوف ۽ اخلاقي مضمون ظاهر آهي. صنفن جي لحاظ کان سنڌي بيت ۽ طويل نظم ڪلمات يا "سنڌي" مئين عيسي جي ڪلام ۾ شامل آهي. هي ڪلام ٻارهين صدي هجريءَ جي شاعرانہ اسلوب سان هم آهنگ آهي.

ميون عنات رضوي.

مئين عيسي وانگر مئين شاهہ عنات رضوي بابت بہ جيڪو احوال مليو آهي، تنهن موجب هو شاهہ عبداللطيف جي جوانيءَ وقت وڏي عمر جو هو. هن ٻنهي شاعرن جي ڪلام جو شاهہ جي رسالي ۾ شامل ٿي وڃڻ بہ اهو ظاهر ڪري ٿو تہ هو آڳاٽا ۽ شاهہ صاحب جا وڏا همعصر آهن.

مئين شاهہ عنات جا وڏا ڇهين صدي هجريءَ ۾ بکر ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا. اٽڪل ٽن صدين گذرڻ کان پوءِ هڪ پاڙو لڏي نصرپور آيو. جنهن جي مبارڪ پوٽا شاخ مان شاهہ عنات جائو(١٢). سندن اصل تعلق امام موسيٰ رضا جي اولاد مان سيد ابوالمڪارم زيد سان آهي، جيڪو هڪ زاهد ۽ عابد هو ۽ مڪي شريف ۾ وڏي حيثيت ۽ اثر وارو هو. ان جو فرزند سيد قاسم اول جو اولاد سنڌ ڏانهن آيو(١٣). هي خاندان شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي عقيدت سبب سهروردي طريقي جو پوءِ لڳ هو. سيد محمد شجاع، شيخ شهاب الدين جي نياڻي پرڻيون. ان مان سيد محمد مڪي جائو، جيڪو پوءِ سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيو(١٤). هن خاندان جي مختلف پاڙن ۽ شجرن جا تفصيل ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تاليف مئين شاهہ عنايت جو ڪلام ۾ ڏنا آهن(ڏسو ص ٢٢ کان ٢٩). اولادي ٿيڻ کان پوءِ ميون شاهہ عنات ويجهو ٻئي ڳوٺ شاهہ پور ۾ اچي وينو.

مئين شاهہ عنات جو والد شاهہ نصرالدين هڪ نيڪ سيرت ۽ عابد زاهد هو. ٽي شاديون ڪري چڪو هو. انهن مان ڪيس هڪ فرزند سيد احمد ۽ ٥ نياڻيون ٿيون. ارادت ڪري شاهہ خير الدين ڏانهن سڪر ويو. جنهن جي حڪم سان چوٿين شادي ڪيائين. جنهن مان ڪيس عنايت سائين جائو، جيڪو اسان جي شاعر ميون شاهہ عنات جي نيڪ نالي سان مشهور ٿيو )١٥(.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي خيال موجب ميون عنات جي ولادت اندازا ١٠٣٠-١٠٣٥ع واري عرصي ۾ ٿي. سندس ابتدائي تعليم بابت ڪو اعتبار جوڳو احوال ڪو نہ ٿو ملي(١٦). ڊاڪٽر صاحب ان باري ۾ وڏيڪ لکن ٿا: "وقت جي دستور موجب شاهہ عنات جو مڪتب ويهڻ ۽ ابتدائي تعليم پرائڻ فرينقياس نظر

اچي ٿو: پر غالبا مدرسي جي تعليم حاصل ڪا نہ ڪيائين. نصرپور جي رضوي ساداتن ۾ فارسي تعليم عام هئي. شاهہ عنات ڏهن ٻارهن سالن جو مس هو جو غالبا سندس والد شاهہ نصرالدين وفات ڪئي. جنهن ڪري شاهہ عنات جي تعليم تي پڻ اثر پيو. والد جي وفات بعد شاهہ عنات جي سنڀال وڏي ڀاءُ مئين احمد شاهہ ڪئي. خاندان روايت مان گمان نڪري ٿو تہ ميون شاهہ عنات ننڍي هوندي قدري خود خيال ۽ رسمي پابندين کان آزاد هو. ڪيس راڳ ٻڌڻ جو شوق هو ۽ آزاديءَ سان عام ڪچهرين ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو. شروع ۾ وڏي ڀاءُ مئين احمد شاهہ ڪيس تنبيهہ ڪئي، پر آخر بيوس ٿي پنهنجو پاڻ پليائين(١٧)".

هي ڳالهيون ڪنهن جي شخصيت جي ابتدائي خاڪي جي نشاندهي ڪن ٿيون. راڳ ۽ ساز شاعريءَ جي هڪ جز مثال آهن. جوانيءَ جي دؤر جي شروعات ۾ پنهنجو منڊل مچايائين. هاليپوٽا ۽ دل قوم مان يڪي بعد ديگري ٽي شاديون ٿيون. اعيال ۽ اولاد وارو ٿيو(١٨). ڪيس گهوڙن جو شوق هو، خاص طور پليون گهوڙيون رکيائين. پلن گهوڙن جي تعريف ۾ سندس هي بيت مشهور آهي.

رنگ روجهو رهوار، قد پورو ڪاسو چري،
منهن مينو نہ آڪري، سنئون تيز سچار،
هينڙو ٿئي قرار، اهڙي اسب عنات چئي.(١٩)

ڊاڪٽر صاحب جي لکڻ موجب هي شوق اجا بہ سندن خاندان ۾ هليو اچي(ص ٣٤). ان شوق کان سواءِ زندگيءَ جا ٻيا پهلو ۽ لاها چاڙها مئين عنات جي زندگيءَ ۾ آيا. جوانيءَ جي موٽ ۽ فقيري ڏي لاڙو، وري پيري. اهي حياتيءَ جا ڀرپور دؤر هڪ انسان لاءِ خود وڏا سبق آهن. هن جي زندگيءَ ۾ انقلاب اچن ٿا. هو ٻين واسطي دارن ۽ عام انسانن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ سان وڏيڪ تجربيڪار ٿئي ٿو. مئين عنايت پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي مان جيڪو سکيو. ان جو هڪ پهلو شاعري آهي.

مئين عنايت ١١٢٠-١١٢٥ هہ ڌاري وفات ڪئي. اندازا اهو دؤر ١٧١٣ يا ١٧١٤ع ٿي سگهي ٿو. جي مئين عنات، شاهہ لطيف کي ڏٺو هوندو تہ شاهہ صاحب قوهہ جوانيءَ ۾ ٢٤ سالن جو هوندو. مئين عنات جا پنجاهہ کان مٿي بيت شاهہ جي رسالي جي پراڻن نسخن ۾ اچي ويا. عام خلق ۾ اهي ڳالهيون بہ مشهور ٿيون تہ مئين عنات پهرين سسئيءَ بابت بيت ڪو نہ چيا هئا. پوءِ شاهہ لطيف کان ڪيس ترغيب حاصل ٿي. مئين عنايت جي اولاد ۾ ٻيا بہ شاعر پيدا ٿيا: جن ۾ شاهہ شريف، ان جو پٽ بلال شاهہ ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. مئين عنات جي معيار کي ڪو بہ نہ رسيو. سندس رسالو، ابتدائي رسالن مان هڪ آهي. مقدار جي لحاظ کان بہ اول رسالو آهي. مئين عنات جي ڪلام ۾ توحيد، تصوف، اخلاق، نيم تاريخي داستانن ۽ ثقافتي اهڃاڻن جا عڪس ملن ٿا. رساليءَ(ڪلام) ۾ ٢٢ سُر آهن. جي هي آهن: ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سري راڳ، رامڪلي، مارئي، پريات، ڌناسري، جيتسري، پورب، ليلا، آسا، ڪاپائتي، ڏهر، مومل راڻو، بلاول، ديسي، سورٺ، سارنگ، توڏي، ڪاموڏ ۽ ڪارائيڙو.

ميون شاهه عنات هڪ صوفي شاعر هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، مئين عنات جي ڪلام جي باري ۾ لکي ٿو ته: ”مئين شاهه عنات قالب گهڙيا ته ڀٽائي صاحب اهي سوڌي سنواري پريا. مئين شاهه عنات ديوارون ڪنيون ته ڀٽائي عمارتون اڏيون ۽ مئين شاهه صورتون ايجاد ڪيون ته ڀٽائي صاحب اهي روح ڦوڪي جاڳايون، ميون شاهه عنات جڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ بنجي آيو(٢٠).“

اهو بلڪل صحيح آهي ته شاهه ڀٽائي، مئين شاهه عنات ۽ پنهنجن بين پيشرو شاعرن، جن ۾ شاهه ڪريم به اچي وڃي ٿو، مان فن ۽ موضوعن ۾ گهڻو پرايو. بيشڪ مئين عنات جو ڪلام اثر وارو هو جو پٽ ڌڻيءَ جهڙو عظيم شاعر به ان کان متاثر ٿيو. شاهه جي رسالي ۾ اهڙو اثر نمايان آهي. اهو ٻنهي شاعرن جي ملاقاتن ۽ شاعرانه ڪچهرين جي سبب ٿيو.

ميون عنات پنهنجن موضوعن ۽ ٻوليءَ جي ڪري هڪ شاهوڪار شاعر آهي. وٽس شاعريءَ جي ڪنهن به پهلوءَ ۾ وکر جي ڪمي ناهي. سنڌيءَ ۾ بيتن سان گڏ جيڪي وايون هٿ آيون آهن، اهي به مئين عنات جي ڪلام ۾ آهن.

سُر ڪلياڻ ۾ صاحب جي ساراهه ۽ لست جي اقرار بابت چوي ٿو:

الست ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جبار،
رڙهي رهبر رسيا، سي سُل مون نبي يار،
مُلڪين فغلڪين پترا، آگي ڪيا اظهار،
ساڪن ڪيا ستار، اوڏا سي عنات چئي.

مئين عنات جو ناصحانه انداز نهايت موثر آهي:

اڻ چوندن ڪيم چو، چوندن چيو وسار،
انئي پهر عنات چئي، پر اِهائي پار،
پايو منهن مونن ۾، غريبت ساڻ گذار،
مفتي منجهه وهار، ته قاضي ڪاٽيارو نه ٿئين.

ڌٽي سڳوري ڪهڙا ٻلال ٻلايا آهن، قادر جي قدرت جو ڪو سنتو سيڙهو ڪونهي، وڻ ٽڻ، پکي پکڻ ۽ سڄي ڪائنات جي پرک ۽ پروڙ ڪير ڪري سگهي:

سائر لهريون ريج وڻ، جئن سي پکين پک،
وڏا وڻ ويڙهين ۾، ڪير ڳڻيندو ڪک،
اونهون ڏيهه عظيم جو، پيبم تان نه پرک،
تهان متي لک، آءٌ ٻال ٻلي جا ٻانئيان.

مئين عنات جو ڪلام بہ سُر وار رسالي جو هڪ مثال آهي. سُر رامڪليءَ ۾ ويرنات جوڳيءَ جو حوالو ڏيندي چو ٿو:

جوڳي ٿئين تہ ويرنات ٿي، نا تہ نالو ڳنھ م جوڳ،
ادب ڪر عنات چئي، ڇڏي ريائون روڳ،
اندر عظمت روڳ، تہ نات نظاري سين ٿئين.

پورب ۾ پرين لاءِ ڪانگ ااڏائيندي، ڪيس ياد ڪندي چوي ٿو:

پورب پرين سندام، آهين الاباس ۾،
اڏايان عنات چئي، ڪالهون ڪي ڪانگ،
خبر سڀ ڏيندام، جي ماءُ مالو آئيا.

مجاز جو رنگ مئين عنايت جي ڪلام ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ آهي. محبوب کي چوي ٿو تہ اچ اکين ۾، تارن ۾ اوتارا اچي ڪر، نيڻ تولاءِ جڻ وڇاٽو آهي:

تارا او تارا، ونيون وڇاٽو پرينءَ جو،
سيئي اڱڻ آئيا، جي جيءَ جا جيارا،
پسي پيارا، اکين آسون پنيون.

مئين شاھ عنات جي ڪلام جي سُر وار ۽ موضوع وار تقسيم ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي سرشوت ان ڪان وڌيڪ پختي بنياد تي بيٺل هو، جنهن جا اهڃاڻ مخدوم نوح، شاھ ڪري، قاضي قادن ۽ ٻين آڳاٽن شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا. اڳ ۾ بہ سنڌ جي نيم تاريخي داستانن جي عنوانن تي بيت ملن ٿا، جن ۾ خاص طور شاھ ڪريم جو ڪلام ڌيان ڇڪائي ٿو. اٿهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو تہ مئين شاھ عنات جي ڪلام جي سُر وار تقسيم نسبتا پختي پايي تي آهي. سورمين وارن سُرن سان گڏ موضوع وار سُر جهڙوڪ: جيتسري، ڪاپائتي، ڪنيات ۽ رامڪلي ناميان آهن. ڪاپائتيءَ جو سُر ڪتڻ وتڻ ۽ سجاڳ رهڻ جو سبق سيکاري ٿو. ميون عنات هن سُر ۾ خيالات جو اظهار سهڻي نموني ڪري ٿو:

ٻيون سڀ ڪتن رات، مون ننڊائي نہ لهي،
اوگهٽو عنات چئي، ڀڃن سٽ پريات،
سنهون جني سات، مرڪي اوءِ مٽيندين.

-

تاجي ڊيرئون ڊير، اجندي عنات چئي،
تنهن ۾ ڪهڙو سير، اٽڻ ۾ اوڪو ٿيو.

سُر ديسي سسئيءَ جي بيان ۾ آيو آهي، پوءِ شاهه جي رسالي ۾ سسئيءَ جي بيان ۾ پنجن سرن مان هڪ سُر ٿي آيو. سسئيءَ جو بيان مئين عنات جي ڪلام ۾ جذبات جي فراوانيءَ ۽ وڇوڙي جي غم کي پوري جوش سان ظاهر ڪري ٿو.

گولي بندي ڏاهه، زر خريد جتن جي،
آڇيڻ عنات چئي، هٿ آريچن آهه،
سو مان سڌ سهاءِ، جئن پانهي ڪوڻين پاڇه سين.

-

انهان ونهان گهاٽيون، جِت آڏا جاڏا لڪ،
زهري بحري باز برن ۾، چلئو پائن چڪ،
نِپئون نڪون نونڌڙا، جت اڙالون آما اڪ،
منجهان اڪنڊ عنات چئي، هلي ڪارڻ حق،
جِت جهولا لڳن جهڪ، ات ڦيرج واڳ فقير تي.

ميون عنات ڪنهن به موضوع جا تفصيل بيان ڪرڻ ۾ به برجستو آهي، مثال طور جانورن ۽ وڻن ٽڻن جو ذڪر ڪرڻو آهي ته چوي ٿو: راڪس، ريڪس، گڏ، گورڪر، گوگينورلڪ لس- يا: لِٽ ڪهئو، نم، نيٽ، نڙ، جت ورک وسيهڙ ويڙ. سسئيءَ کي غفلت ڇڏڻ ۽ ستي ٿي سندرو ٻڌڻ لاءِ هيئن همت ڏياري ٿو:

تتي ڪوسي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
ات سسئي ٻڌ سندرو، تنهنجو پنڌ پرانهون آهه،
عش آري جام جو، چقمق جيئن ڇهڻاءِ،
اڪين مان عنات چئي، پاٽي پنبٽين واهه،
ڪانهي ان اونداهه، جن ڏٺو پير پنهونءَ جو.

سارنگ سائي ست، جهڙي لالي لاک جي- سانرگ سُڪار ڪٽي آيو. هي رحمت جو ريلو عالم کي آباد ڪرڻ آيو. مڪي ونو ته ملتان نه ونو. عمرڪوٽ تي به ولهار ونا. ميون عنات فرمائي ٿو.

ڪيائون ميران سنڌو مُجرو، جر ڪيون سي جيلان،
وري غوث بهاءُ الدين وٽ، مُرڪيون ۾ ملتان،
ڪِوي خراسان، سک وسايئون سنڌڙي.

-

ڪويون خراسان، ڊها دلهيءَ ڏينديون،
اڇي اچ اڪتيئون، مُڪريون منجهه ملتان،

رات وهائن”ريل“ ۾، سر”پيي پوتي“پان،

رئا پٽ پراڻ، پر ونگي وڏايو.

ائين سُر توڏي، سهڻيءَ جي جذبات جو آئينو آهي. سهڻيءَ جو ذڪر هن ريت آهي:

گهڙڻ منهنجي وس، مڙڻ هٿ ٻين جي،

ساهڙ سڪندين جي، مچڻ پوءَ عڪس،

تن جو باب نه بس، پرين جنهن جو پار ۾.

اونداهي رات ۾ نه وسيلو نه سيڻاه ساڻ سڪ وندين لاءِ ڪو حليو ڪونهي. ان صورتحال ۾ شاعر چوي ٿو:

رات اونداهي ري گهڙي، نه ڪا سيڻهه ساڻ،

وجهي ويرم نه ڪري، پريان ڪارڻ پاڻ،

محبت ڪي مهراڻ، سُڪِي سيوئي پٽ ٿيو.

سهڻي سڪ وندي آهي ته نوري عجز، انڪساري، نهنائي ۽ نماڻائيءَ جو مجسمو ۽ جيئرو جاڳندو مثال آهي. اصل کي اصل نتي وساري. راڻي ٿي ته به ماضيءَ جي غاريبي گذران کي نه وساريائين. جنهن مٿان جام خود مورچل ٿي هنيو. تنهن جي نهنائيءَ جي ڪا حد هئي؟ تخت بخت به هو. سپ نوريءَ اڳيان ٿي نميا، پر نوري ڇا ٿي سوچيو؟ شاعر چوي ٿو:

تخت بخت تڙ تماچي، نوريءَ سپ نون،

نانءُ نيابت گندري، سپني سونهن سمن،

لڪين لياڪا ڪيا، ساري رات سپڻ ِ

ٻايون دادون تنهن ڪي، اڇيو پير پڇڻ ِ

ڪامڻ ڪام عنات چئي، تنهن ڪي آهي منجهه اکين،

ڏنيس ڏيهه ڏٿين، معافيءَ جي مهر ڪري.

مئين عنات جي ڪلام ۾ بيتن سان گڏ وايون به آهن. انهن جا موضوع سُرن موجب آهن. مثلا سُر ڏناسريءَ ۾ بزرگن جي ثنا آهه. انهن جا نالا وني ڪين ياد ڪيو ويو آهي.

تنهنجي ياون ساه پلائي، سُڄي سيئي ڏيس ۾،

وهر ودودي جي ضياءُ الدين، اڳڻ هون الاهي،

تنهنجي ياون شاه پلائي

سُريندن ڪي رسي سگهوئي، محمد باقر ٻائي،

تنهنجي ياون ساه پلائي.

مارئيءَ جي سُر ۾ چوي ٿو:

ٿرتاريلن ساڻ، يا الاهي مون ڳجهي آهي ڳالهڙي،
تو مٿل تڪيا تو شڪون، تون عمر سلطان،
مون ڪتا سٽا ڪِهه جا، تن ويڙهيچن وچاڻ،
پئي م عمرڪوٽ ۾، تنهن ڪٽيريءَ ڪرجاڻ،
يا الاهي مون ڳجهي آهي ڳالهڙي(٢١).

نہ رڳو پنهنجي دؤر تي مئين عنات پرپور اثر ڇڏيو، پر سندس پويان ايندڙ دؤر جنهن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس همعصر بہ هئا: انهن تي مئين عنات جو اثر بلڪل واضح بينو آهي.

احسان فقير لانگاه(١١-١٢ صدي هجري)

جن شاعرن جو ڪلام شاهہ جي رسالي ۾ اچي ويو آهي، انهن لاءِ ايئن سمجهي سگهجي ٿو تہ اهي وڏا همعصر يا آڳاٽا شاعر آهن. مئين عنات رضويءَ وانگر شاهہ صاحب کان ٤٠-٥٠ سال وڏا هئا. انهن لاءِ اهو اندازو لڳائجي ٿو تہ يارهين صديءَ جي اڌ يا آخر ۾ ڄاوا ۽ ممڪن آهي، ٻارهين صدي هجري جي ابتدائي ڏهاڪن ۾ گذاري ويا. احسان فقير لانگاه هالائيءَ لاءِ بہ اهو خيال آهي.

احسان فقير هالن جو هو. مخدوم سائين محمد صالح ڀٽي هالائيءَ سندس چيل ڪيڏاري جي باري ۾ بحث شروع ڪيو، جو بعد ۾ سندس ڪتاب ”ڪيڏارو جامع ۽ محقق“ جي صورت ۾ محمد يوسف برادرس حيدراباد ڇپايو. پروفيسر محبوب علي چنہ لکي ٿو تہ: ”ڪيڏاري جي بحث جو پهريون محرڪ مخدوم محمد صالح ڀٽي هو(٢٢).“

احسان فقير جي سوانح عمري ۽ ذاتي احوال ڏي ڪو خاص اشارو ڪو نہ ٿو ملي. سندس ڪيڏاري ۽ شاهہ عبداللطيف جي رسالي واري ڪيڏاري جي بنسبت بحث جي حوالي سان مشهور ٿيو آهي. پروفيسر چنہ جنهن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. ان ڪيڏاري جي بحث جي ابتدا پهرين مخدوم صاحب ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي ١٨-١٩١٩ع وارن مخزن ۾ ڪئي. ان کان پوءِ ٢٠ مارچ ١٩٢٠ع تي مرزا قليچ بيگ ڏانهن پنهنجو سمسودو احسان فقير جو ڪيڏارو خط سان ڏياري موڪليائين. مسودو تصحيح لاءِ موڪليائين. جنهن ۾ ٤٣ بيت احسان فقير جا هئا. ان بحث ڪي جملي ٻين روايتن سان مولانا دين محمد وفائيءَ پنهنجي ڪتاب لطف اللطيف ۾ آندو. هونئن احسان فقير جي ڪيڏاري بابت دليل مخدوم صاحب سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي جي ٣٣-١٩٣٤ع واري اجلاس ۾ ڏيئي چڪو هو. سوسائٽيءَ جي ڪارروائي”ادبي تحفو“ ۾ هي بحث شايع ٿيو هو.

هيڏانهن ١٩٦٠ع ڌاري مون جڏهن هن موضوع جو مطالعو پيش ڪيو ۽ انهيءَ بحث جو جائزو پئي ورتم تہ ڇا رسالي وارو ڪيڏارو شاهہ جو آهي يا احسان فقير جو؟ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي بابت

لکندي بحث هيٺ اچڻو پيو. ان وقت دوست محترم محمد سومار شيخ کي بدين تعلقي جي سيراڻي شهر مان سيد منو شاھ کان شاھ جي رسالي جو هڪ قلمي نسخو مليو. هن ۾ ڪيڏارو احسان فقير جو بہ هو. محمد سومار مون کي بہ هي قلمي نسخو ڏيکاريو. مون پيڻان پيٽي ڪري پنهنجو ڪتاب”ڪنزاللطيف“ مڪمل ڪيو جو ١٩٦١ع ۾ شايع ٿيو. مون هن مطالعي مان جيڪي نتيجا ڪڍي پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ ڏنا اهي هي آهن:

مولانا وفائي پنهنجي ڪتاب ”لطف اللطيف“ ۾ مرزا قليچ بيگ جي حوالي سان بحث ڪيو ۽ سانگيءَ جي ڪتاب لطائف ليطيفي جي سنڌ تي چيو تہ ”ڪيڏارو شاھ جو آهي. پر فصل ڇهون فتح فقير جو آهي“. ١٨٨٧ع ۾ قليچ بيگ ڪيڏاري کي شاھ جو چيو پر ١٩٢٠ع ۾ هو خود ان بابت مونجهاري ۾ پئجي ويو. مولانا وفائي، شاھ جي رسالي واري ڪيڏاري جا ٤٣ بيت احسان جي تصنيف ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ رسالي ۾ ڪيڏاري جا ڪل ٧٠ بيت آهن. وفائي صاحب ٧٠ مان ٤٣ ڪاٽي ٿو. باقي بچيا ٢٧ بيت، فتح فقير ج حوالو ڏنل ١٩ بيت ڪاٽبا تہ ٨ بيت بچندا. مخدوم محمد صالح ١٢ بيت صادق فقير جا ڄاڻائي ٿو. حسان موجب ٨ مان ١٢ ڪٽي نہ سگهبا. هن مان لڳي ٿو تہ ڏنل دليلن ۽ حوالن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ غلط آهي.

ٻيو تہ زبان ۽ بيان جي لحاظ کان بہ شاھ جو رسالي وارو ڪيڏارو مختلف آهي. مخدوم صاحب وارو احسان فقير جو ڪيڏارو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو. هيڏانهن اهوئي منو شاھ واري قلمي رسالي ۾ موجود آهي. ڪل ١٤ بيت آهن. هر بيت ۾ تخلص آڻي ٿو. شاھ صاحب ڪيڏاري ۾ الاهي اسرار سڌي ٿو ۽ آسان زبان ۾ امامن جي شاهدت تي روشني وجهي ٿو. احسان جي زبان سخت آهي. مثال طور:

عليءَ جي اولاد سين، سرڪش ٿي م شديد،
چڙ ارڏائي احسان چئي، نابينا نا ديد،
ايءَ پڻ ڳالهہ بعيد، جئن طاعت مجين تنهنجي.

-

فائق هلي فرات تي، آيو علي عباس،
پاڻيءَ کان پياسو، تن ۾ ڪري تپاس،
آءٌ ڪيئن پيان امام ري، مو مون وجن ساس،
راھ پنيان راس، احسان چئي امام کي

احسان فقير پنهنجي ڪلام ۾ تخلص طور احسان چئي، چوي ٿو ۽ ڪٿي بہ ”احسان سين“ نہ آندو اٿس. مٿي هڪ دليل جي ڳالهہ ڪيم پر معيار جي لحاظ کان ڏسجي تہ شاھ جي رسالي وارو ڪيڏارو

احسان فقير جو هرگز نہ آهي. ڪي بيت ڪن ٻين شاعرن جا هجن تہ ٿي سگهي ٿو- نہ تہ هي مونجهارو حل ٿيڻ مشڪل آهي.

سُر ڪيڏارو جا حواللو ڏنل ٤٣ بيت مونجهاري جو خاص سبب آهن. هڪڙو حوالو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو هي آهي تہ احسان فقير، هالن جي آڳاتي بزرگ سيد عبداللطيف قادريءَ (وفا ١٠٧٥هہ) جو مريد هو. ان جي ترغيب سان ڪيڏارو ڳايو ويو جو پوءِ شاهہ جي رسالي ۾ اچي ويو. هي ڪيڏارو احسان فقير جي پڙ تي هالن پراڻن ۾ ڳائڻ جو سلسلو رهيو(ڏسو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا ڪتابَ"سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ (١٩٧٨ع) ص ص ٣٠١-٣٠٣ ۽ "شاهہ جو رسالو- رسالي جو ڪلام (١٩٩٦ع ص ص ٢٦-٢٧ ۽ ٢٨ مقدمو).

احسان فقير لانگاهہ جي مشهور خاص طور سُر ڪيڏاري جي ڪري ئي آهي. هُن جو ٻيو ڪلام ادبي تاريخن ۾ نہ آيو آهي، نہ ان جي ڪا مشهوري آهي.

ڪيترائي ٻيا شاعر آهن، جن جا ڪجهہ بيت ڪتابن ۾، ادبي تاريخن ۾ آهن ۽ عام ماڻهن جي زبان تي بہ آهن. ڪي واقعاتي بيت بہ آهن. چو جو انهنجا ڪي مڪمل رسالا، مجموعا اجا ظاهر نہ ٿيا آهن، تنهن ڪري انهن کي هن ادبي تاريخ ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي.

١- موضوع ٢- صنفون ۽ وزن

١- موضوع

هن جلد جي پهرئين دؤر جو دائرو سنڌي شاعريءَ جي ابتدا کان وٺي لطيف دؤر کان اڳ جي شاعرن تائينآهي. ٻين لفظن۾ هي سنڌي شاعريءَ جو بلڪل قديم دؤر آهي جو اندازا يارهين صدي عيسويءَ کان وٺي سترهين صدي عيسويءَ جي خاتمي يا چند سال وڌيڪ تائين اچي ٿو. هن دؤر جا شاعر ڳاهن سان ڳالهين، سومرن ۽ سمن جي دؤر جي بيتن ۽ پير صدر الدين جي گنانن کان هليا ۽شيخ حماد، اسحاق آهنگو، ماموئي، قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهہ ڪريم، دادو ديال، پراڻنات، ميون عيسو، ميون عنات ۽ احسان فقير تائين آيا.

هنن جا موضوع عام طور مذهبي نوعيت جا رهيا. توحيد، رسالت کان ٿيندا، تصوف ۽ طريقت تائين آيا. ضميمي طور ڪي بيت سنڌ جي نيم تاريخي داستان جي حوالي سان بہ چيا ويا. انهن ۾ شاهہ ڪريم ۽مئين شاهہ عنات رضويءَ جو ڪلام چانيل رهيو. قاضي قادن جو وڌيڪ ڪلام، دادو ديال ۽ پراڻنات جو ڪلام هٿ آيو تہ تصوف سان گڏ جوڳ ۽ ڀڳتيءَ جا رنگ بہ پڌرا ٿيا.

هن سڄي دؤر جو بس اهو ئي رنگ رهيو. پراڻنات جي ڪري ڀڳتي ۽ مذهبي يڪجهتيءَ جا موضوع بہ نمايان ٿيا. اهي ئي موضوع بي تعصبيءَ جي حوالي سان تصوف جا بہ رهيا.

مئين شاهه عنات وٽ خاص طور حقيقت سان گڏ مجاز جو به رنگ موجود آهي. هو نيم تاريخي داستانن جي حوالي سان خاص طور مجاز جي مام ۾ ڳلهه ڪري ٿو.

٢- صنفون ۽ وزن

هن جلد ۾ جيڪي شاعر شامل آهن، انهن جي ڪلام ۾ گنان، ڳالهون يا بيت ۽ وايون شامل آهن. ڪافي يا وائي بابت شيخ لاڏ جيئي جو نالو اچي ٿو، پر ڪلام موجود نه آهي، ان ڪري هت شامل نه ڪيو ويو آهي.

گنان پير صدر الدين جا آهن. انهن مان اڪثر جي هيئت وائيءَ جهڙي آهي. بين اسماعيلي داعين جي ڪلام جو به حوالو ڏنو ويو آهي. انهن سنڌي ڪلام نه مليو آهي. ان ڪري شامل نه ڪيل آهي، گنانن سان گ ڏ هڪ صنف وينتي جو به ذڪر محترم گلشن خاڪي ۽ بين اسماعيلي محققن ڪيو آهي. وينتي ۾ فرق گائڪيءَ جو آهي. ان تي اجا وڌيڪ تحقيق نه ٿي سگهي آهي. وزن ماترڪ ڇند تي آهي. جيڪو سنڌي بيت جو به وزن آهي. وزن جي هن سرشتي تي سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪمل ٿيو آهي. هاڻي اردوءَ ۾ ڊاڪٽر الياس مشقيءَ جي دوهن جي ڪتاب”دوها هزاري“ ۾ به ڪي رهنمائيءَ جهڙيون ڳالهيون آيون آهن.

سنڌ ۾ اهو خيال وينل هو ته وزن معنيٰ علم عروض، باقي سڀ ڪلام غير موزون آهي. ان ۾ شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جا بيت به غير موزون ڄاتا ويا. اهڙو پهريون حوالو مرزا قليچ بيگ جو اچي ٿو، جنهن پنهنجي هڪ مقالي/ تقرير ۾ ١٩١٤ع م سنڌي قديم شعر (بيت) ڪي جهنگلي شعر سڏي(٢٣). اهو ان ڪري ڄاتو ويو جو علم عروض وانگر بيت جي وزن”ڇند“جي ڪنهن ڄاڻ نه ڏني. هن باري ۾ ڇند بابت جيڪو پهريون ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپيو سو”هندي پنگل“ آهي ۽ آسانند چتارام گياناڻيءَ جو لکيل آهي. هي ڪتاب ١٩٣٧ع ۾ ڇپيو ١٨ صفحن جي هن ڪتاب ۾ آسانند هندي پنگل يعني ڇند واري وزن جي اصولن بابت بنيادي معلومات ڏني آهي. ان وقت هو ڪراچيءَ ۾ ائڊووڪيٽ هو. ان تي به ڪنهن محقق جو ڌيان نه ويو ۽ ڄاتو ويو ته سنڌي بيت بس سنڌي زبان جي مخصوص ڍار، طرز يا ڳائڻ واري جي ”الو ميان چوڻ“ سان موزون ٿيل هجي. متان نه به هجي! بهرحال ٻيو محقق پروفيسر جهمٽ مل خوبچند ياوناڻي(ائڊووڪيٽ) هو، جنهن ١٩٥٣ع ۾ پوپال مان ڪتاب ”ڇند سڳند“ شايع ڪيو. عطر عروض، ڊولامارو، ائٿ جي اوٽ ۾ ڪي ٻيا ڪتاب به لکيا اٿس. هن ٻڌايو ته سنڌي بيت هندي دوهي واري وزن”ڇند“ تي موزون ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ هڻ دوهي، سورٺي، دڪپال ڇند، چندرايڻ، ات بروا ۽ مت وغيره جو بيان ڪيو، جيڪي ماترائن جي گهاٽي واڌ سبب مختلف آهن، بيت جي ٻن سٽن ۾ جي قافيو ٻئي ۽ چوٿين پد(اڌ) وٽ آهي ۽ وزن جو نقشو ۽ مثال هي آهن ته دوهو ٿيو:

11, 13

X

11, 13

X

نينهن نياپي نہ ٿئي، سنڌين سيڻ نہ هون

ڪاريين رائين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون.

(ڪريم)

ان جي ابتڙ ڪبو ۽ پويان پند اڳيان آيا تہ سورٺو ٿيو. ان جو نقشو ۽ مثال هي آهي:

13 11

X

13 11

X

نهائينءَ ڪان نينهن، سڪ منهنجا سپرين.

سڙي سارو ڏينهن، پاهر پاڻ نہ نڪري.

ماترائن جي ڳڻپ ساڳي عروض واري آهي، يعني ساڪن آواز لاءِ هڪ ۽ متحرڪ آواز لاءِ ٻہ ماترائون. ساڳيو ڊگهي ۽ ڇوٽي آواز وانگر آهي.

جهمٽ مل ڀن سٽن واري بيت ۾ هڪ سٽ دوهي جي ۽ هڪ سورٺي جي سٽاءَ ڪي خاص سنڌي قابليت سڏيو. ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي جنهن دهلي يونيورسٽيءَ مان شاهہ لطيف تي پي ايچ ڊي ڪئي. هيءَ ٿيسز ساڳي يونيورسٽيءَ ١٩٧٥ع ۾ شايع ڪئي. ڊاڪٽر جوتواڻي،جهمٽ مل جي قائمڪيل راءِ ۾ واڌارو ڪيو. هُن راجستان ۽ گجرات جي ٻولين جي حوالي سان ڪن دوهن جي دريافت بعد لکيو تہ دوهي سورني جي هڪ هڪ سٽ جو ميل ذڪر ڪيل ٻولين جي ٻن هيئتن (forms) ۾ ملي ٿو. اهي آهن ٻڙو دوهو ۽ تونبيري (آءٌ اڳ ۾ ڪٿي ٽٽويري لکي ويو آهيان) دوهو. مثال هي آهن:

ٻڙودوهو

13 11

X

11 13

X

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙيئي،

هيڪائي هيڪ ٿيو، ويئي سپ جهِت،

(قاضي قادن)

تونبيري دوهو

13 11

X

11 13

X

پاڻيهاري سر پهڙو، جر تي پکي جئن،

اسان سجڻ تئن، رهيو آهي روح ۾.

مختلف جيکي هيئتون آهن، انهن جي صاف سمجهاڻي هنديءَ جي مها ڪوين ۽ سڄاڻن ڏنيون آهن. مثال طور دوهي ۽ سورني ۾ ڪهڙو فرق آهي، ان لاءِ عبدالرحيم خان چوي ٿو:

دوها الٽا جان، اور بات دوجي نهي،

پنگل ڪرت ڪان، چند سورنا هوت هي.

دوهي، سورني ۽ ان کان پوءِ بڙي دوهي ۽ تونبيري دوهي جا مثال ڏيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر جوتواڻي سنڌي بيت جي ٻن سٽن کان وڌڻ ۽ آخري سٽن جو قافيو لازما سٽ جي اڌ ۾ اچڻ کي خاص سنڌي قابليت سڏي ٿو. هي اسان جي سنڌي بيت جي وزن جو مامرو آهي. هن کان اڳ منهنجا وزن بابت مقالا شايع ٿيا جيکي هاڻي منهنجي مقالن جي مجموعي ڪنمال ۾ وري ڇپيا آهن. تفصيل اتي آهن.

هاڻي تازو مشهور شاعر ۽ محقق ڊاڪٽر الياس عشقيءَ جو ڪتاب دوها هزاري(٢٠٠٣ع) شايع ٿيو. عشقي صاحب منهنجو مهربان دوست ۽ اردو، سنڌي، هندي ٽيهين ٻولين جو وڏو محقق آهي. هو هن وقت لطيف آباد حيدرآباد ۾ رهي ٿو. اصل جئپور راجستان جو باسي آهي. شاعريءَ ۽ سنگيت تي پوري گرفت رکي ٿو. پاڻ مهرباني ڪري مذڪوره ڪتاب عنايت ڪيائين ۽ جون ٢٠٠٣ع ۾ منهنجن ڪن مونجهارن جي ٻن خطن ۾ دوهن جي مثالن سان سمجهاڻي به ڏنائين. هونئن به خطن ۽ فون ذريعي منهنجي مدد ڪندو رهندو آهي.

الياس عشقيءَ جي هن دوهن جي مجموعي ۾ ڪي ٻيون هيئتون به آهن. انهن ۾ ڪي مستزاد وارا دوها به آهن. هڪ صنف ڪرو دوهو به آهي. جو راجستان ۾ عام آهي. اهو هيئن آهي ته ان جي هيئت دوهي جي به سورني جي يا يعني ٻه هيئتون هڪ ئي وقت هڪ شعر ۾ اهن. عشقي صاحب ڪرا دوها جي سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي:

دوهي کان دوها رهي، اور سورنا هوئي،

اسي ڪرا دوها ڪهي، جاني پيد جو ڪوئي.

عشقي صاحب مختلف هيئتن جا دوها چيا آهن. انهن ۾ شاهه جي بيتن کان خوبصورت انداز اختيار ڪيو اٿس. مثال طور:

سوئي سي سيکهي چلن، سيوا ڪريني ڪا ڪوئي،
ڍانپ ڪي وه سب ڪا بدن، عريان ڪي عريان رهي.

(پاڇاهه نه پاڙيان-الخ)

مون انهيءَ طرز ڪي سمجهڻ لاءِ ڪاوش ڪئي ان مان ٻه ڪرا دوها هي آهن:

جيون هڪ انعام، ڪو پروڙي پيد،
نه ڪو خاص نه عام، ڪري ڏس ته ڇيد.

-

اڇي ٿئي مهمان، جي دل گهُريو پيهر،
ڪهڙو ڪريان دان، گهوريان ڪٽي گهر.

عشقي صاحب ڪي ٻيون صنفون به بيان ڪيون آهن. ڪري دوهي يا انهن ٻين صنفن جا مثال اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ نه آهن. باقي دوهي، سورٺي، ٻڙي دوهي، ٽونبيري دوهي ۽ انهن مان وڏيل سٽن وارا بيت سنڌيءَ ۾ موجود آهن. هي بيت ابتدا ۾ سومرن جي دؤر جي ڳاهن کان وٺي احسان فقير جي بيتن تائين، هن ئي سٽاءَ ۾ چند جي وزن تي جوڙيل آهن ۽ نهايت موزون آهن.

**حوالا**


١. دائود پوٽو، عمر بن محمد (ڊاڪٽر). مقالو، شاهه کان اڳ جا شاعر، نئين زندگي، جنوري ١٩٥١ع ۽ مقالو: مئين عيسي جي تربت جي تلاش ۾، نئين زندگي، جنوري ١٩٥٢ع.

٢. دائود پوٽو، مضمون ۽ مقالا، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ١٩٧٨ع، ص ٣١.

٣. ايضا - ص ٢٩.

٤. ايضا – ص ٣١.

٥. ايضا – ص ٦١

٦. ايضا- ص ٢٩

٧. ايضا –ص ٣١

٨. ممتاز مرزا، مئين عيسي جا سنڌي بيت، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ١٩٩٣ع ص ٦٦

٩. مضمون ۽ مقالا، ص ص ٣٣ کان ٣٨

١٠. بيت ممتاز مرزا جي تاليف”مئين عيسيٰ جا سنڌي بيت“ تان ورتل.

١١. تذڪره لطيفي، ج اول، ص ٣١٥.
١٢. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر). مئين شاهه عنات جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٣ع. ص ٢٢(مقدمو)
١٣. ايضا - ص ٢٢(مقدمو)
١٤. ايضا- ص ٢٥ (مقدمو)
١٥. ايضا- ص ص ٢٩-٣٠(مقدمو)
١٦. ايضا- ص ٣٢(مقدمو)
١٧. ايضا- ص ٣٢(مقدمو)
١٨. ايضا- ص ٣٤(مقدمو)
١٩. ايضا- ص ٣٥(مقدمو)
٢٠. ايضا- ص ٩٠(مقدمو)
٢١. مئين عنات جو ڪلام جا مثال ڊاڪٽر بلوچ جي متين تاليف تان ٿورن سان ورتل آهن.
٢٢. ڇنڊ محبوب علي. مقالو: شاهه صاحب جي رسالي ۾ سندس همعصرن ڏانهن اشارا. مخزن نذر لطيف، محڪمه اطلاعات مغربي پاڪستان ص ٨٣.
٢٣. مرزا قليچ بيگ، تحريرون ۽ تقريرون، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٧٠ع، ص ص ٢٣٨-٧٣٢ ۽ ٢٣٩

## سنڌي ادب جي تاريخ

## (پيو دؤر)

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ همعصر

### باب پهريون

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ماخذ

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي(١١٠٢هه/١٦٩٠ع، ١١٦٥-١٧٥٢ع) ايڏو وڏو نالو آهي، ايڏي وڏي شخصيت ايڏو وڏو شاعر آهي جو متس ٽيل ڪم جو جائزو وٺڻ ڪان سواءِ اڳتي لفظ به نه لکي

سگهبو، نہ چئي سگهبو. ان لاءِ تہ متان اسان جي چيل ڳالهہ بنا ٺيڪ جي بنا پسمنظر جي اڌوري ۽ غير مستند نہ رهجي وڃي.

شاهہ عبداللطيف جي سوانح عمري پهريائين سندس دؤر جي ليکڪ مير علي شير قانع لکي. هن پنهنجي تاليف تحفة الڪرام(١٩٦٧ع فارسي) ۾ شاهہ صاحب جو ذڪر ڪيو. ان وقت شاهہ صاحب کي وفات ڪئي ١٥-١٦ سال ٿيا هئا. ”سيد شاهہ عبداللطيف جي آرام گاهہ محترم ۽ مرزا مبارڪ اتي جي عجائبات مان آهي. هو سڳورو سيد عبدالڪريم جي اولاد مان سيد حبيب جو فرزند، تارڪ جي لقب سان مشهور آهي.“(تحفة الڪرام سنڌي ترجمو صفحا ٣٨٧ ۽ ٣٨٨). پنهنجي ٻي مشهور تاليف مقالات الشعرا ۾ بہ شاهہ صاحب جو ذڪر ڪري ٿو(صفحا ٤٢٨-٤٢٩ فارسي ايڊيشن). هن مان ثابت آهي تہ ان وقت تائين شاهہ صاحب مشهور ٿي چڪو هو: جو هڪ همعصر سندس ذڪر احترام سان ڪيو.

ائين لنواري شريف جي بزرگن جي لئبرريءَ ۾ موجود قلمي ڪتابن مان هڪ ڪتاب”مرغوب الاحباب“ (١٨٤٥ع) ۾ نظر علي بلوچ، شاهہ صاحب ۽ لنواريءَ جي بزرگ حضرت سلطان الاولياءَ خواجهہ محمد زمان جي ملاقات جو ذڪر ڪيو جو پوءِ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ پنهنجي تاليف لنواريءَ جا لال (١٩٣٤ع) ۾ ڏنو. ١٨٥١ع ۾ رچرڊ برٽن انگريزيءَ ۾ ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون“ ۾ شاهہ صاحب جو ذڪر ڪيو. ١٨٥٦ع ۾ سر بارٽل فريئر شاهہ صاحب جي سوانح عمري انگريزي ۽ سنڌي ۾ لکائي، جا اڃا اڻ ڇپيل صورت ۾ آهي. ١٨٧٠ع ۾ ڊبليو سائوڊيءَ جو لکيل شاهہ جي سوانح بابت ڪتاب لنڊن مان شايع ٿيو. ڊاڪٽر دائود پوٽي ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. ١٨٨٢ع ۾ ديوان ڏيارام گدومل انگريزيءَ ۾ ”سنڌ بابت ٿورو ذڪر“ شايع ڪيو. هن ۾ شاهہ صاحب جو احوال بہ آيو آهي. اهڙي ريت ١٨٨٧ع ۾ مرزا قليچ بيگ، شاهہ لطيف بابت انگريزيءَ ۾ ڪتاب شايع ڪيو ۽ ١٨٩٧ع ۾ ان جو سنڌي ترجمو ڇپيو. هن جو ٻيو ايڊيشن وري ڇپيو. ١٨٩٠ع ۾ ديوان ليلارام وطن مل، انگريزيءَ ۾ ”شاهہ لطيف جي حياتي، مذهب ۽ شعر“ جي نالي ڪتاب شايع ڪيو. مير عبدالحسين خان سانگيءَ فارسي ۾ ”لطائف ليطفيءَ“ ١٨٧٧ع ۾ لکيو، جيڪو ١٩٦٧ع ۾ شايع ٿيو. فارسي زبان ۾ لکيل ٻين ڪن ڪتابن ۾ بہ شاهہ صاحب جو ذڪر موجود آهي. انهن ۾ گهڙن جي مخدومن جي تاريخي لئبرريءَ ۾ بہ قلمي ڪتاب مشهور آهن. اهي آهن : ”تذڪره مخاديم ڪهرا“، از مخدوم االلهہ بخش ۽ ”تاريخ گنجينہءِ جهان نماز“ از مخدوم محمد عاقل.

اٽويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان وٺي شاهہ صاحب بابت نئين انداز سان تحقيق جي شروعات ٿي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٻين محققن کان وڌيڪ اهم آهن. جن حقيقي تحقيقي ڪم ڪيو. ويهين صديءَ ۾ رسالي جا ايڊيشن ۽ ٻيا ڪتاب ڇپيا. انهن ۾ هينئيان اڇي وجن ٿا: ڪاڪي لالچند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جو ”شاهاڻو شاهہ“ ١٩١٤ع ۾ ڇپيو ۽ پوءِ بہ ان

جا ڪجهه ايڊيشن بازار ۾ آيا. هن ڪتاب ۾ ڪاڪي پيرو مل، شاهه جي رسالي جي روشني ۾ شاهه صاحب جي سفر کي اجاگر ڪيو آهي. هن موضوع تي پوءِ محمد سومار شيخ جو ڪتاب "لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا" (١٩٨٩ع) ۽ معمور يوسفاڻيءَ جو "لطيف جا ٿر تان پيرا" ٢٠٠١ع ۾ ڇپيو. ديوان تاراچند شوقيرام "شاهه عبطاللطيف ۽ ديوان صورت بهار جا جيون چرتر" ١٩٣٧ع ۾ لکيو، جنهن ۾ ٽنهي شخصيتن(صورت سنگهه، بهار سنگهه ۽ شاهه لطيف) جي حياتين جا احوال لکيائين. شاهه جي سورمين جو ادبي جائزو پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ ڪتاب "شاهه جون سورميون" ۾ ورتو. اهڙي طرح ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي ١٩٢٣ع ۾ "شاهه جون آکاڻيون" لکيون، جنهن جا ٻيا ايڊيشن ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۽ هند مان نڪتا.

مولوي غلام محمد خانزئيءَ، شاهه جي رسالي ۾ آندل داستانن جي تمثيلن ۽ روحاني رازن کي سمجهائڻ جي سلسلي ۾ ڪتاب "منهاج العاشقين"فارسي زبان ۾ لکيو، جنهن جو سنڌي ترجمو شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي ١٩٣٤ع ۾ شايع ڪيو.

شاهه صاحب جي سوانح ۽ ڪلام جي باري ۾ مولوي دين محمد وفائيءَ جا ٻه ڪتاب"لطيف اللطيف" (١٩٥٠ع) ۽ "شاهه جي رسالي جو مطالعو"(١٩٦٢ع) ۾ ڇپيا. پوءِ انهن جا ٻيا ڇاپا به نڪتا. محترم جي ايم سيد شاهه جي رسالي جي پرک پروڙ ۽ پنهنجي فڪر موجب هڪ ڪتاب "پيغام لطيف" ١٩٥٢ع ۾ لکيو. هن جو انگريزي ترجمو لاهور مان ڇپيو. هن ڪتاب ۾ ليکڪ شاهه صاحب جي انقلابي فڪر کي سمجهڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

اين ڪي ساڌواڻي "شاهه جو انيو" ١٩٥٨ع ۾ لکيو. مخدوم محمد صالح ڀٽيءَ "ڪيڏارو: جامع ۽ محقق" (١٩٦٢ع) ۾ ٻيو ڇاپو آندو ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ "شاهه" ١٩٥١ع ۾، سرور علي سرور "ڪارٽي" ١٠٦٠ع ۾ شايع ڪيو. هن سلسلي ۾ ٻيا به ڪيترا مقالا ۽ ڪتاب آهن، جن ۾ شاهه صاحب جو ذڪر ڪلي يا ضمني طور موجود آهي. اهڙن ليکڪن ۾ ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر دائودپوٽو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد، پروفيسر محبوب علي چنه، معمور يوسفاڻي، پروفيسر علي نواز جتوئي، قطب علي شاهه، محمد حسين ڪاشف ۽ مولانا گرامي اچي وڃن ٿا. شاهه صاحب جي شاعريءَ تي جيڪو اهم ڪتاب ڇپيو. اهو آهي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو "شاهه لطيف جي شاعري" جيڪو پهرين جدا ٻن جلدن جي صورت ۾ ١٩٧٦ع ۽ ١٩٨٥ع ۾ ڇپيو. ١٩٩٥ع ۾ ٻئي جلد گڏ ڇپيا.

شاهه صاحب جي ڪلام ۽ حياتيءَ جي باري ۾ سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي ڪنهن وقت کان (١٩٥٠ع ڌاري ۽ پوءِ)، مخزنن جي صورت ۾ اشاعتون پڌريون ڪيون آهن. ثقافت کاتي حڪومت سنڌ طرفان مخزنون. مجموعا، رسالي(گنج) جا ايڊيشن ۽ ٻيا ڪتاب سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ڪيا آهن: جي لطيفي ادب ۾ قابل قدر اضافو آهن. جيئن مٿي عرض ڪيم ته تحقيق جي لحاظ کان ڊاڪٽر گربخشاڻي

۽ ڊاڪٽر بلوچ جو شاهه بابت ڪم معيار ياآهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهه جي رسالي جا ٽي جلد ١٩٢٣ع، ١٩٢٤ع ۽ ١٩٣١ع ۾ بالترتيب مقدمي، متن، معنيٰ، پڙهڻين، عوامي داستانن ۽ انهن جي تاريخي حيثيت جي نسبت سان شايع ڪيا، جنهن ڪلام کي ڏاريون ڄاڻائين اهو رسالي مان خارج ڪيائين، ان تي اعتراض ٿيا. سڄو ڪيڏارو داخل ڪيائين، ان تي به اعتراض ٿيا. اهو بحث مون پنهنجي ڪتاب "ڪنزاللطيف" (١٩٦١ع) ۽ هن تاريخ جي پهرين دؤر ۾ احسان فقير لانگاهه جي بيان ۾ آندو آهي. اعتراضن جي باوجود گربخشاڻيءَ واري شاهه جي رسالي جو اڳ ڇپيل رسالن جي مقابلي ۾ معيار بلند آهي. تحقيق، متن جي ترتيب ۽ معنيٰ جي مدنظر هي هڪ جديد ايڊيشن ڄاتو ويو.

ٻيو محقق جنهن شاهه جي رسالي تي اٽڪل ٤٠ سال تحقيق ڪئي، اهو اسان جو سدا ملوڪ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي. ڊڪاٽر صاحب، شاهه صاحب جي سوانح ۽ ڪلام تي جيڪو ڪم ڪيو آهي. اهو سندس جاکوڙ مان پڌرو آهي. رسالي جو مستند متن ايڊٽ ڪرڻ کان اڳ ان لاءِ مدد ڏيندڙ ڪتاب تيار ڪيائين. ٻين ڪتابن سان گڏ ڊاڪٽر بلوچ شاهه جي رسالي جا ٽي ڇاپا به ظاهر ڪيا، جن ۾ هڪ هوبهو برٽش ميوزيم واري رسالي(١٩٦٩ع) تي مشتمل هو. ٻيو ٽن قلمي نسخن تي ١٩٧٤ع ۾، ۽ ٽيون ڏهن قلمي نسخن تي آڏاريل ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ سنڌ حڪومت جي ثقافتي کاتي ڊاڪٽر بلوچ جي لکيل ۽ سوڏيل ڪن ڪتابن کي شايع ڪيو، جن ۾ بيدل جو "پنج گنج" ، صادق فقير جو "راڳنامو" ۽ "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" اچي وڃي ٿي. شاهه تي لکيل سندس مقالن جي به هڪ طويل فهرست آهي، پر ڊاڪٽر صاحب "شاهه جو رسالو" ڏهن جلدن ۾ مقدمي، متن ۽ معنائن وغيره سان سينگاري پيش ڪيو. اهو هڪ ضخيم توڙي معياري علمي خزانو آهي، جنهن جو لطيفي پچار ۾ ٻيو مثال ڪونهي. وقت جي وير ۽ آئيندي فطرت جي ڪڪ ۾ الائي ڇا سمايل آهي! جيئن قليچ بيگ "احوال شاهه عبداللطيف" ۾ دعا ڪئي ته "ڪو ايندو جيڪو مستند رسالو تيار ڪندو." اها دعا گربخشاڻيءَ جي محنت ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي عزم مصمم جي صورت ۾ ظاهر ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي ترتيب ڏنل رسالي جي هيءَ ڪاوش ڏهن سالن (١٩٨٩- ١٩٩٩ع) جي عرصي ۾ ڇپجي ويئي، پهرين جلدن تي عنوان "شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام" ڏنو ويو ته جنهن ڪلام کي اڳ ڏاريون ڪلام پئي سڏيو ويو، اهو بعنوان: "شاهه جو رسالو(جلد ڏهون) رسالي جو ڪلام" شايع ڪيو ويو. ائين رسالي ۾ آيل ٻين شاعرن جو ڪلام به محفوظ ڪيو ويو. هن رٿا ۾ هڪ ٻيو طريقه ڪار هي اختيار ڪيو ويو ته هڪ کان ستن جلدن ۾ جيڪو ڪلام سڄو وار آيو، ان سموري کي وري هڪ جلد ٨-٩) ۾ گڏ ڪيو ويو. هيءَ هڪ جامع رٿ رٿا آهي، جنهن کي ٥٠ قلمي نسخن جي پيٽا پيٽيءَ سان مڪمل ڪيو ويو. هن رٿا جا پهريان اشارا ڊاڪٽر صاحب جي ٻن ڪتابن "شاهه جي رسالي جا سرچشما" (١٩٧٢ع) ۽ "شاهه جي رسالي جي ترتيب" (١٩٧٤ع) ۾ به ڏسي سگهجن ٿا.

شاهه جي رسالي جي تحرير ۾ اچڻ کان وٺي هڪ ڊگهي تاريخ آهي، جنهن ۾ زباني روايتون، قلمي نسخا ۽ گنج اچي وڃي ٿو، پر ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب ڏنل رسالن کان سواءِ باقي رسالي جا اهم ايڊيشن هي آهن، جيڪي ترتيب ڏيندڙن جي نالن جي حوالن ۽ سال اشاعت سميت بنا تبصري ڏجن ٿا:

١. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، ١٨٦٦ع

٢. قاضي ابراهيم ، ١٨٦٧ع

٣. تارا چند شوقيرام، ١٩٠٠ع

٤. مرزا قليچ بيگ ، ١٩١٣ع

٥. محمد ابراهيم بختيارپوري، ١٩٣٤ع

٦. محمد عثمان ڏيپلائي، ١٩٥١ع

٧. خانبهادر محمد صديق، ١٩٥١ع

٨. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ١٩٥١ع

٩. غلام محمد شاهواڻي، ١٩٥٠ع

١٠. علامه آءِ آءِ قاضي، ١٩٦١ع

١١. ڪلياڻ آڏواڻي، ١٩٥٨ع

١٢. محمد عالم سومرو(الف ب وار)١٩٩٤ع

١٣. گوهر عبدالغفار (ڏسٽيءَ سميت) ١٩٩٤ع

١٤. حاجي الهداد جهنجهي، ١٩٩٤ع

١٥. ممتاز مرزا (گنج) ١٩٩٥ع

١٦. سنڌالاجيءَ ۾ موجود بريل تي رسالو

١٧. عثمان علي انصاري ١٩٩٧ع

١٨. ٻانهون خان شيخ (ٽن جلدن ۾) ٢٠٠٢ع

هنن مان گهڻو ڪري سيني رسالن جا ٻيا ۽ ٽيان ايڊيشن به نڪتا آهن. گهڻو اڳ لڳتو ۾ به اهو سلسلو هلندو آيو. شاهه جي رسالي جي لغات تي به پيرو مل، قليچ بيگ، محمد بخش واصف ۽ ڊاڪٽر بلوچ قابل قدر ڪم ڪيو آهي. سندن ڪتاب غريب اللغات، لغات لطيفي، شرح لطيف ۽ روشني شايع ٿيل آهن. (هن سلسلي ۾ تفصيل لاءِ ڏسڻ ڪيپي، راقم جي تيار ڪيل ببليو گرافي)، شاهه جي رسالي ۾ نه آيل بيتن جي ٻاهر ڳولا ڪندي هن کان اڳ محمد سومار شيخ ۽ فقير امداد علي سرائي ڪاوشون ڪيل آهن، هاڻي سليم ڀٽو هن سلسلي ۾ جاکوڙ ڪري رهيوآهي.

سنڌي کان سواءِ شاهه جي رسالي تي اردو، انگريزي، فارسي، عربي، هندي، جرمني، پنجابي، براهوئي، بلوچي، سرائيڪي ۽ گجراتيءَ ۾ لکيو ويو آهي ۽ ترجما ٿيا آهن. ان کان سواءِ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جون ڊگهريون به هن موضوع تي اسڪالرن حاصل ڪيون آهن، انهن جي فهرست هيءَ آهي:

١. ايڇ . ٽي . سورلي، شاهه عبداللطيف آف ڀٽ.(آڪسفورڊ يونيورسٽي، پي ايڇ . ڊي، ١٩٤٠ع، انگريزيءَ ۾).

٢. موتي لعل جوتواڻي، شاهه عبداللطيف هز لائيٽ ائنڊ ورڪ، (دهلي يونيورسٽي ، پي ايڇ ڊي، ١٩٧٣ع، انگريزيءَ ۾)

٣. سنتداس جهانگياڻي، (دهلي يونيورسٽي، پي ايڇ . ڊي، ١٩٧٦ع، انگريزيءَ ۾) شاهه عبداللطيف ائنڊهز ٽائيمس.

٤. درشهوار سيد د پوئٽري آف شاهه عبداللطيف، (ايڊنبرا يونيورسٽي، پي ايڇ ڊي، ١٩٨٤ع، انگريزيءَ ۾)

٥. شاهنواز سوڍر، سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف (سنڌ يونيورسٽي، ١٩٨٨ع، پي ايڇ . ڊي، سنڌيءَ ۾)

٦. غلام نبي سڌايو، شاهه عبداللطيف جي شاعري ۾ علامت نگاري، (سنڌ يونيورسٽي، ١٩٨٨ع، پي ايڇ . ڊي، سنڌي ۾)

٧. فهميده حسين، شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، (ڪراچي يونيورسٽي، پي ايڇ ڊي، سنڌيءَ ۾)

٨. حسن بانو، شاهه عبداللطيف ۽ سنڌي عورت (پي ايڇ . ڊي، ١٩٨٩ع، سنڌ يونيورسٽي، سنڌيءَ ۾)

٩. ڪلثوم شاهه، رسالي ۾ علم بديع(پي ايڇ ڊي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌيءَ ۾)

١٠. غلام مصطفيٰ کهڙو، شاهه لطيف تيل تحقيق جو جائزو، پي ايڇ ڊي(سنڌ يونيورسٽي، ٢٠٠٣ع، سنڌيءَ ۾ )

١١. شڪنتلا سيداڻي، شاهه جي رسالي ۾ جماليات جو مطالعو،(سنڌ يونيورسٽي، ١٩٩٣ع، پي ايڇ . ڊي، سنڌيءَ ۾)

١٢. پرسو گدواڻي، سنڌي ۽ هندي جا صوفي شاعر، -پي ايڇ ڊي، ساگر يونيورسٽي، انگريزيءَ ۾)

١٣. موهن لال شرما، سنڌي ڪٿا ۾ صوفي مت،(پي ايڇ ڊي، ١٩٧٣ع، دهلي يونيورسٽيءَ، هنديءَ ۾)

١٤. ڪماري رڪمڻي، ملڪ محمد جائسي اور شاهه عبداللطيف ڪي ڪوتا ۾ پريم ڪي ڀاونا، (دهلي يونيورسٽي، ايم . فل . ١٩٧٨ع، هنديءَ ۾).

ڪن ٿيسز ۾ جزوي طور شاهه صاحب جو ذڪر آهي. ائين ڪي ڪتاب ۽ مقالا ٻيا به آهن، جن ۾ شاهه جي سوانح ۽ ڪلام جو جائزو آهي، جيئن تذڪره لطفي ۽ ادبي تاريخون وغيره، هي سڄو مواد ماخذ

طور هن باب ۾ ڪم آيو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي لطيف چيئر جي اشاعتي ڪم جي بہ وڏي اهميت آهي. ان جا ڪتاب موضوع تي قابل تعريف ماخذ آهن.

سوانح عمري

شاهہ عبداللطيف جي وڏن جو سلسلو هرات مان آيل بزرگ سيد حيدر سان وابستہ آهي. هن باري ۾ تفصيلي بيان شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي باب ۾ ڪتاب جي پهرئين دؤر ۾ ڪري آيا آهيون. شاهہ عبدالڪريم (١٥٣٨-١٦٢٣ع)، شاهہ عبداللطيف جو تڙ ڏاڏو هو. ان جي انن پٽن مان ٽئين نمبر، فرزند جلال شاهہ( يا جمال شاهہ) جو پٽ سيد عبدالقدوس هو. ان جو فرزند سيد حبيب، اسان جي شاعر جو والد هو. سيد حبيب جو پاءُ عبدالرشيد شاهہ هو. البت زهد ۽ عبادت ۾ سيد حبيب اڳرو هو. روايت آهي تہ سيد حبيب شاهہ کي اولاد ڪو نہ ٿيندو هو. ڪيس مست درويش سيد هاشم شاهہ دعا ڪئي. هن باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ : ”هاشم شاهہ خود بہ جراڙ پوٽو هو ۽ شاهہ حبيب جو عزيز هو. شجري مان پڻ اهڙي تصديق ٿئي ٿي تہ ٻئي همعصر هئا. شاهہ حبيب دل ۾ ارادو رکي، هاشم شاهہ وٽ ويو هو، جنهن کيس ڏسي چيو تہ :حبيب مان لطيف جي بوءِ اچي ٿي. شاهہ حبيب کي جڻ واڌائي ملي تہ کيس عبداللطيف نالي پٽ ٿيندو، جنهن جي خوشبوءِ ملڪ واسيندي. پوءِ پٽ ڄائو. جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائين، پر ٻارڙو گذاري ويو، ساڳئي گهر مان ٻيو پٽ ڄائس، تنهن جو نالو بہ عبداللطيف رکيائين، پر اهو بہ گذاري ويو. وري بہ ساڳئي گهر مان ٽيون پٽ ڄائس، ان جو نالو وري بہ عبداللطيف رکيائين، جيڪو بچيو ۽ اهو ئي شاهہ عبداللطيف ٿيو(١)“

وتائي فقير بابت احوال مان هيءَ روايت وتائي فقير طرفان دعا ڪرڻ ۽ وري ٻارڙي کي ڪٽي درياءَ ۾ گهيڙڻ ۽ وري واپس ڪٽي اچڻ بابت آهي: پر هيءَ ڊاڪٽر بلوچ طرفان متياري سادات جي خانداني روايت مستند آهي.

شاهہ عبداللطيف جي ولاد ١١٠٢هہ/ ١٦٩٠ع ۾ ٿي(٢). سندن والده عرس فقير ڏيري جي نياڻي هئي، جيڪو حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جي خليفي قندر فقير ڏيري جي اولاد مان هو(٣). شاهہ صاحب جي جمڻ جي هنڌ ۽ ننڍپڻ بابت ڊاڪٽر بلوچ تحقيق ڪئي آهي. ان جا تفصيل ڊاڪٽر صاحب جي تاليف”شاهہ جو رسالو، شاهہ جو ڪلام“ جي مقدمي ۾ موجود آهن. نہ رڳو ايترو بلڪ شاهہ صاحب جي زندگيءَ جي هر دؤر جو جائزو ورتو ويو آهي. شاهہ صاحب ننڍپڻ کان وٺي ايڪانت پسند هو. عام ٻارن وانگر راند روند ۾ پنهنجو وقت نہ ضايع ڪيائين. مشهور روايت آهي تہ اڪيلائيءَ ۾سوچ ويچار ۾ گهڻو وقت رهندو هو. ڪنهن ڏينهن جهنگ ۾ ڪنهن هنڌ يا وڻ جي تڙ ۾ ويٺل هو تہ سندس والد سيد حبيب شاهہ کيس ڳوليندو قريب اچي پهتو ۽ کيس هيئن سڏيان: لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لڇجي. شاهہ

لطيف ظاهر تي جواب ڏنو ته: پئي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرين جي. ائين شاهه عبداللطيف جي سفر تان موٽڻ ۾ دير سبب به بيتن جي هيءَ ڏي وٺ تي: سيد حبيب چيو:

ڪاجا نينهن نڌاهه، مون واجهائيندي نه وروءِ

جيڪي مئي ڪندا، سو جانب ڪريم جيئري.

سيد لطيف جو جواب آيو:

متان تئين ملوم، ڪي آڳاهون آهيان،

ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد پنهي جي هيڪڙي.

بهرحال روايتن موجب استاد مئين نور محمد پٽيءَ وٽ ننڍڙي لطيف کي ويهاريو ويو. هن سلسلي ۾ اڳوڻين روايتن جي قطع نظر ڊاڪٽر بلوچ هيءَ راءِ ڏي ٿو. ”ان وقت مڪتبي تعليم جو دؤر هو، جنهن موجب قرآن شريف، سنڌي ۽ ابتدائي فارسيءَ جي تعليم معياري سطح تي ڏني ويندي هئي. والدين ننڍڙي لطيف کي پاڻ کان پري ڪري فوري طور تي ڪنهن مڪتب ۾ ڪو نه ويهاريو. البت سندس تربيت گهر ۾ ئي ٿيندي رهي جو نه فقط شاهه حبيب پاڻ علم ۾ نظر وارو هو، پر لطيف جي والده به هڪ وڏي فقيري گهر مان هئي. البت لطيف ڪجهه وڏو ٿيو ته روايت موجب شاهه حبيب کيس قرآن شريف پڙهڻ لاءِ اهڙن استادن وٽ ويهاريو، جيڪي پاڻ وڏا نيڪ ۽ پرهيزگار هئا. انهن اهڙي ته توجهه سان پڙهايو جو قرآن شريف لطيف جي دل تي نقش ٿي ويو. انهن مان خاص استاد ميون نور محمد پٽي هو، جنهن پوءِ لطيف کي مڪتبي تعليم ڏني. ميون نور محمد گنباٽ جي ڏيرن واري راڄ انن ميلن ڪن پنڌ تي وانئين ۽ جو وينل هو ۽ شاهه حبيب جو محبتي ۽ معتقد هو. لطيف جي پڙهائيءَ لاءِ شاهه حبيب سڏي کيس پاڻ وٽ رهايو. هن شفيق استاد پنهنجي سعادت مند شاگرد کي مڪتبي تعليم پوري ڪرائي. ان بعد تعليم جو سلسلو جاري نه رهيو(٤).“

ڊاڪٽر ٽرومپ جو اهو اشارو ته جنهن ههڙو ديوان(رسالو) لکيو آهي، سو اڻ پڙهيل ڪيئن هوندو! اسان جا ماٺهو شاهه صاحب کي امي ظاهر ڪري ڪرامت جي ڳالهه ڪندا رهيا، تنهن جو ضرور ڪو نه هو. ههڙو سلڇڻو نينگر ۽ پوءِ نوجوان ڪجهه مڪتب مان، ڪجهه گهر مان ۽ ڪجهه فطرت جي وسيع اسڪول مان گهڻو پرائي چڪو. اهو اندازو لڳائڻ به مشڪل ڪونهي ته کيس ٻالاپڻ ۾ جوانيءَ جا سنا ساٿي مليا. انهن جي صحبت به منجهس جوهر پيدا ڪيا.

شاهه صاحب هڪ صالح پٽ ۽ سلڇڻي جوان جي حيثيت سان پاڻ مڃايو. هن جي زندگيءَ جا مختلف دؤر ويندي ٦٣ سالن جي عمر تائين تمام اهميت وارا ۽ غير معمولي رهيا. هن جي جذباتي زندگي به خالي جوش جو نمونو نه هئي، بلڪ ان ۾ هوش جو عنصر نمايان هو. شاهه صاحب جي مغلن

مان شادي ۽ ان کان پوءِ جو دؤر اها ڳالهه ظاهر ڪري ٿو. مريدن جو پنهنجي اولاد وانگر فڪر ڪرڻ سندس زنگيءَ جو حصو هو.

هتي آءٌ انهن ننڍن ۽ وڏن واقعن جو ذڪر ڪرڻ ڪو نه ٿو گهران جن کي ڪرشمو يا ڪرامت ڪري پيش ڪيو ويو آهي. اهي رسالي جي مختلف ڇاپن سان گڏ مهاڳن ۾ موجود آهن. منهنجي خيال ۾ سندس زندگيءَ کان واقف ٿياسين ۽ سندس ڪلام کان واقف ٿيون، جيڪو هڪ وڏو ڪرشمو آهي. شاهه جو ڪلام زبان ۽ بيان، آهنگ ۽ سنگت، توڙي اخلاق ۽ نصيحت بلڪ جذبن جو پندار آهي. تنهن کي پروڙڻ ۽ ان مان پرائڻ جي سعي ڪجي. بظاهر ته شاهه صاحب ٦٣ سالن جي عمر کي رسي ١٤ صفر ١١٦٥هه/ ١٧٥٢ع تي دنيا مان رخصت ٿيو: پر جيڪو پيغام، ڪلام يا رسالو ڇڏي ويو ان ۾ پروڙڻ لاءِ جيڪي املهه ماڻڪ ۽ معرفت جا موتي آهن، اهي حاصل ڪري پنهنجي زندگيءَ هڪ سجاڳ انسان مثل گذاريون. ٻين لاءِ مفيد ٿيون.

شاعري

شاهه صاحب پٽ جي هڪ ننڍي وسنديءَ مانڳلاب جو ڳل تي ڄڻيو ۽ ولادت واسي ڇڏيائين. سندس رسالو هڪ خاص پيغام آهي، جو هن عظيم انسان جي سوچ جو اهو نمونو آهي جو ٻين کان بلند ۽ بالا آهي. شاهه صاحب جي ڪلام جي انفراديت ئي ان کي عام شاعرن کان گهڻو ممتاز ڪري ٿي. اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ٻالاپڻ کان مٿي چڙهڻ واري دؤر کان وٺي ساهه جو سڳو ٽٽڻ تائين رسالو تخليق ٿيندو رهيو. انهن شاعرن جو ڪلام سندس اڳيان هو، جي ڪانئس اڳ ٿي گذريا. انهن مان ڪن جو ڪلام ڪڍهن سندس زبان مان حوالي طور نڪتو ته رسالي جو حصو بڻجي ويو. قاضي قادن، شاهه لطف الله، شاهه ڪريم ۽ شاهه عنايت رضويءَ جو چڱو چوکو اثر ورتائين. ته به سندس زبان ۽ بيان ۾ جيڪا بي ساختگي هئي، جيڪو لغت جو پندار هو، جيڪا جذبات جي فراواني هئي، سان سيني کان وڏيڪ وزنائتي رهي. دنيا کي پنهنجي ڪلام جي بلند آهنگ سان حيران ڪري وڌائين. ولايت جي واسين جي ڪنن مان دونهون ڪڍي ڇڏيائين. سورلي چيو هي سائين چوي چا ٿو؟ ڪن ڏيئي ٻڌان ته سهي!! ٻي سي ٿو چوي ته هي منهنجي ضلعي (حيدرآباد) جو هڪ ڳوٺ جو رهاڪو چوي چا ٿو؟ سورلي سنڌي سکيو ۽ پي ايچ. ڊي لاءِ ٿيسز لکي دنيا ۾ لطيف کي متعارف ڪرايائين. بيشڪ لطيف، سورلي، گربخشاڻي ۽ بلوچ جي قلم سان وڌ ۾ وڌ سجاتو ويو، پر سندس سڃاڻپ ته پوءِ به ڪلام آهي. ان ڪلام کي خلق جاني ٿي، پڙهي ٿي، معنائون ڪري ٿي. قلم وارا ته جيڪي پڇي سگهيا سو ڪيائون! وسان ڪو نه گهٽايائون!! پر اجا منزل پري آهي. من تنها منزل ڏور!!

رسالي کي پڙهڻ، پروڙڻ ۽ پرجهڻ ڪو مشڪل ڪم ڪونهي. اسان جي مادري ٻولي آهي. اسان جي ڀهڳٽي جا ٻول آهن. پر ڪي نوان نول چار اکر پڙهيل سمجهن ٿا ته لطيف کي اهي ئي پنهنجن

انگريزي ويچارن سان ئي سمجهي سگهن ٿا. سنڌ جا اديب، محقق ۽ پڙهڻ وارا رڳو پاڻي پيا ولوڙين ۽ اپ ۾ پيا تير چوڙين! هيڏانهن پاڻ کي ٽرومپ ۽ سورلي جي تميز به ڪونهي. ڪي وري اسان جا شاعر چو جو چار تڪون ڳنڍي وجن ٿا، سي به چون ٿا ته اسين ٻيو نمبر آهيون ۽ لطيف پهريون هوندو ته هوندو!

ان ڪي ڪير ٿو سمجهي؟ ائين سنڌ جي محققن ۽ شاهه جي شارحن تي چسو ۽ هلڪڙو هجڻ جو ٺڪر پچن ٿا. حقيقت هيءَ آهي ته اهڙا ڪيئن هوندا آهن. انهن تي ميار به نه ڪجي. رسالو اهڙو مها ساگر آهي جو خود اتارن کي ٻوڙي ٿو ڇڏي. لطيفي لات جو آواز نهايت بلند آهي ۽ پڙهندڙن لاءِ ڪو مشڪل ناهي. فقط من ۾ محبت پائي ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي.

شاهه جو رسالو بظاهر شعر جو هڪ مجموعو آهي، پر حقيقت ۾ هي رهنمائيءَ لاءِ روشنيءَ جو منارو آهي، جنهن جي ڪري منزل آسان بنجي پوي ٿي. زندگيءَ جي راهه تي، حقيقت ۽ مجاز لاءِ هڪ ڪان وڏيڪ ڪا ڊڪشنري نه آهي. هڪ هڪ بيت جي آواز ۾ معنيٰ ۾ اهو سحر آهي جو پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارو اواڪ (speech less) رهجيو وڃي.

شاهه جي رسالي جي سُرن جو موضوع وار ۽ سنگيت وار تقسيم بذات خود هڪ عجيب دنيا آهه. گربخشاڻيءَ واي ايڊيشن کان اڳ وارن رسالن ۾ ڏارئين ڪلام وار سُر به داخل هئا، جيڪي هي هئا: سر سسئي آبريءَ جي ٽيهه اکري، سُر بيراگ هندي، سُر هير رانجهو، سُر بروو چوٽڪو، سُر رامڪلي جو پئي داستان ۾ ٻارهن ڏينهن کان پوءِ باقي ١٨ ڏينهن وارا بيت، سُر ڪاپائتيءَ جي آخر ۾ آيل مت، سُر مارئيءَ جا ڪي بيت، سُر ڍول مارئي، سُر ڏناسري ۽ سر بسنت بهار، ائين مڪمل سُر ست ٿيا، جن ڪي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ خارج ڪيو. ان کان سواءِ ابيات مثنوي رومي، محي الدين سنائي جو غزل به ٻاهر جو هو ته ڪيڏاري سان گڏ سينهن ڪيڏارو به هو. گربخشاڻيءَ ڪيڏارو شامل رکيو، منهنجو خيال آهي ته ڪيڏارو شاهه جو ڪلام آهي. سمورو نه ته به زيادهبيت شاهه جا آهن. هن سلسلي ۾ تفصيلي بحث آءٌ ڪتاب جي پهرئين دؤر ۾ احسان فقير جي بيان ۾ ڪري آيو آهيان. گربخشاڻيءَ کان پوءِ ڪن ڪيڏارو شامل رکيو، پر ڪن نه رکيو.

ڪيڏاري جي شموليت سميت شاهه جي رسالي ۾ ٣٠ سُر آهن. مطالعي جي لحاظ کان رسالي جا سُر هن ريت تقسيم ڪري سگهجن ٿا. هڪڙا اهي جي داستان جي نالي پٺاندر آهن، جيئن سُر سسئي، مارئي، گهاتو، ڪاپائتي ۽ڪاهوڙي. ٻيا راڳ راڳڻيءَ جي مدنظر سڏجن ٿا. جيئن: ڪلياڻ، يمن، ڪنيات، سري، سهڻي، ديسي، ڪوهياري، حسيني، مومل راڻو(هيءَ راڳڻي ديسي آهي). ڪاموڏ، سورٺ، سارنگ، آسا، بروو، رامڪلي، پورب، ڪيڏارو، پرڀاتي ۽ بلاول، ائين اڪثريت سُرن جي راڳ موجب آهي. شاهه صاحب کي ڄاڻ هئي، ان موجب موزون ڪيائين، سُر ڪاموڏ جو ”تون سمون آءٌ گندري“ ڪامود جي لکسڻ گيت سان هم آهنگ آهي. شاهه صاحب گوين جي مدد ورتي هجي يا نه خود هن فن شعر ۽ موسيقيءَ جو ڪلاونت هو.

رسالو موضوع ۽ موسيقيءَ جو هڪ بي مثال خزانو آهي. ان جو سُر وار مطالعو ڪجي يا عام جائزو ونجي، رسالي جي مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. رسالي جو آواز ۽ آهنگ سڌو دل سان رابطو ڪري ٿو. ان لاءِ ته شاهه صاحب زندگيءَ جي هر دؤر ٻالاپڻ، جواني ۽ موٽيل وهيءَ ۾ هڪ وڏي سوچ وارو شخص هو. سندس منفرد شخصيت رسالي جي تخليق ۾ نظر اچي ٿي. هي ڪلام ڪو قافين ملائڻ لاءِ نه آهي. بلڪ سوچ لاءِ مواد ڏي ٿو.

ڪيئن زندگيءَ جي ٻن روين جي فرق جي ڳالهه ڪري ٿو. ڪيئن حق ۽ باطل جي تميز جي تعليم ڏي ٿو. ان جو هن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مثال ٿي سگهي ٿو.

ورسين پايو ڪاڻ، ڪر سين ڪلون پائيين،
پوي مُنڊ اڃاڻ، ڪڻ چڏيو ٿهه چونڊئين!

زندگيءَ جا روپ ڪهڙا آهن. انهن ۾ انسان جي حيثيت ڇا اهي. ڇا زندگيءَ هڪ اوچو اتاهون جبل آهي، جنهن کي سَر ڪري منزل مقصود تي پهچبو.

اچو اتاهون گهٽو. جيئڻ ڪاڻ جبل،
مرڻ مون سين هل، ته پٽنيءَ تو پنڌ ڪريان.

شاهه صاحب جي شخصيت محبوبيت ۽ نيڪيءَ جي علامت آهي. هن جي هر سٽ محبت ۽ مروت جو نمونو آهي. هن جي پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن سان محبت خاص طور سارنگ، مارئي ۽ ڪاهوڙيءَ ۾ نمايان آهي. شاهه صاحب قول ۽ فعل ۾ نفرت، ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ ٻيائيءَ کان آجو آهي. هو آفاقي سوچ جو هڪ مجسمو آهي. رسالي جو ڪو به پهلو ڏسون، اها ڳالهه واضح طور ملندي ته شاهه صاحب جي ڪلام ۾ آفاقيت ۽ انسانيت وارو رويو ملندو. اهو هي ته ڪير تڪليف پيدا ڪري ته ان سان به نرمي ڪجي. ڪيني، بغض ۽ حسد وار پاڻ ۾ ڪجهه به پائي نٿو وجي. بلڪ خود پوڳي ٿو شاهه جي رسالي جي اڀياس پنهنجن نظرين جي روشنيءَ ۾ نه ڪرڻ گهرجي. بلڪ ائين ڪجي ته رسالو ڇا ٿو سيکاري. ههڙي آفاقي شاعر کي محدود پيمانن ۾ رکڻ جي ڪوشش به اجائي هوندي آهي، جيتوڻيڪ کي ماڻهو ائين ڪن ٿا.

هو بيشڪ هڪ صوفي شاعر آهي. هو انسان ۽ االله جي لاڳاپي کي ظاهر ڪري ٿو. نفس مارڻ ۽ بي تعصبيءَ جي تلقين ڪري ٿو، پر هڪ محدود نظريي ۽ ملا جي تنگ نظريءَ واري سوچ کان گهڻو بلند آهي. سندس سوچ انقلابي اهي. هُو فرسوده ريتن رسمن ۽ استحصالي قوتن جي خلاف آهي. خلق آزارڻ وارن کي نندي ٿو. پنجن مان پندرهن ڪمائڻ وارن کي پسند نٿو ڪري شاهه جي ڪلام کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪجي. شاهه صاحب هڪ سادو سودو انسان هو. هُن جيڪي ٻين لاءِ پسند ڪيو، اهو ئي پاڻ لاءِ پسند ڪيائين. سندس عملي زندگيءَ ان ڳالهه جو ظاهر ظهور نمونو هئي. شاهه صاحب کي هڪ ئي روپ آهي، جنهن جا لفظن ۾ شغڙڻ ۾ ڪيئي پرتوا آهن، پر ڳالهه ۾ تضاد اصل نه آهي.

محدود سوچ رکڻ سبب شاهه صاحب کي هڪ محدود طبقي جو شاعر نہ چئي سگهبو. هو شاعر انسانيت آهي.

بجاءِ ان جي تہ هڪ منجهيل سوچ سان رسالي کي ڏسجي، ان کي وڏن اسڪالرن ۽ پارکن جي ڏنل راءِ موجب سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي. هن سلسلي ۾ شارحن اهم ڪم ڪيو آهي. نئين انداز سان ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ پنهنجي ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعري“ ۾ شاهه صاحب جي ڪلام کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نئين پڙهندڙ ۽ شاگرد کي ڊاڪٽر تنوير جي ڪيل اڀياس کي بہ هڪ نظر ڏسڻ کپي. هتي سندس ڪيل مطالعي جي ڪن پهلوئن کي بيان ڪرڻ ضروري آهي. هن ڪتاب مان تنوير عباسيءَ جي ڳوڙهي اڀياس جي خبر پوي ٿي. هن شاهه جي رسالي کي نئين انداز سان سمجهيو ۽ سمجهايو آهي. هن شاهه جي ڪلام کي عام فهم، عوامي پهلو، مسيقيت، عڪسي خوبين ۽ اهڃاڻي انداز ۾ پرکيوآهي. هونئن رسالي تي تصوف جي حوالي سان اڳ گهڻو لکيو ويو هو. تنوير عباسيءَ مغربي نقادن جي قائم ڪيل ادبي معيار جي حوالن سان لکيو آهي. شاهه صاحب جي موسيقيت کي واضح طور سمجهائڻ لاءِ تنوير بيتن جي مناسب چونڊ سان ڳالهه ڪئي آهي. عڪس شاعري جنهن کي هن ڪان اڳ فطرت نگاري، منظر نگاري ۽ محاڪات سڏيو هو، تنهن تي بہ مثالن سان لکيو اٿس. شاهه صاحب پنهنجي آسپاس موجود ماڻهن ۽ حالات کي واضح طور ڏٺو، پرکيو ۽ بيان ڪيو. ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو تہ”سنڌ جو هر نظارو سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي. روئو، رڃ، ڏونگر، چارا، ڍنڍون، پاٽيءَ تي ترندڙ ٻيڙيون، سمنڊ، انن جون قطارون، پکين جا وڳر، ڪونجون، ڪانءُ، ڦٽندڙ ٻاک، هنج درياءُ ۽ ان جي مستي، ڇولين جو شور، سڄ چنڊ تارا ۽ ڪتيون، لهندر سڄ، موکيءَ جا مٽ، مينهن جا وسڪارا، ڪڻڊيون مينهون، پنل نيڻ، پنل پنيا وار ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا عڪس آهن، جن کي ساهه لطيف ڪمال فنڪاريءَ سان پيش ڪيو آهي.(٦)“ اهڙي طرح اهڃاڻي(علامتي) شاعريءَ جي بہ مؤثر سمجهاڻي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ڏني آهي.

شاهه جو رسالو، سنڌ جي نيم تاريخي داستان سسئي پنهون، مومل راڻو، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ، سهڻي ميهار ۷ عمر مارئيءَ جي سورمين کي توڙي داستانن جي بنيادي فلسفي کي خوبيءَ سان سمجهائي ٿو. شاهه صاحب هڪ عام قصهه گو وانگر ڳالهه نٿو ڪري. فقط داستان جا اهي حصا بيان ڪري ٿو. جن جي ڪري هو دل جي ڳالهه چٽي طور چئي سگهي ٿو. هيءَ ڳالهه جدائيءَ ۽ تڪليف جي بيان ۾ آهي. روحاني راز ۽ تمثيل جو خاص نڪتو بہ ان هنڌ تي موجود آهي. سر سسئيءَ ۾ چوي ٿو:

وڃين چو وڻڪار، هت نہ ڳولهين هوت کي،
لکو ناهي لطيف چئي، پاروچو ٻئي پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ دير دوست جو.

قصي جي صورتحال موجب پنهون کي پائر ڪنيي ڪٽي ڪيچ هليا ويا ته شاهه صاحب کي چوڻ ڪپي ته وچ وجي پنهون وت پهچ، ٿي ستي ٻڌ سندرو، ويهه ۾ منڊ پنيور ۾، وغيره وغيره. جيڪو وري ٻئي هنڌ چيائين. هتي پنهنجي انداز ۾ جهاتي پائي پنهون پسڻ جي تلقين ڪري ٿو ته اتي تمثيل ۽ روحاني رمز جي ڳالهه آهي.

تصوف موجب ساري ڪائنات، محبوب حقيقي جي وجود جي مظهر آهي، ان ڪي پنهنجو وجود نه آهي. ٻربحر وڻ ٽڻ محبوب جي هستيءَ جا ساهد آهن. شاهه صاحب هن باري ۾ هيئن ٿو چوي:

جر تر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،

سيئي شي ٿيا، سوري سزاوار.

همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهين

شاهه صاحب هڪ صوفي هو، ان جا واضح اشارا رسالي ۾ موجود آهن. چٽ چٽو چيائين:

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،

تهان پوءِ ٿيو، جٺري پسڻ پرينءَ جو.

هوڏ، هٺ، لوڀ لالچ ڇڏڻ دنيوي لحاظ کان به نيڪ ڪم آهي. حقيقي محبوب لاءِ سڀ حرص ۽ هوائون ڇڏڻيون آهن. جانب جو جمال پسڻ لاءِ پاڻ کي فنا ڪبو. بين صوفين وارو اهو گس شاهه صاحب به ورتو. سندس هي سٽون ان ڳالهه جو مڪمل اظهار آهن:

مري جيءَ ته مانئين، جانب جو جمال.

-

آءٌ سين ان پار، ڪڏهن تان ڪو نه ٿيو.

-

پاڻ م ڪڇ پاڻ سين، ري وسيلي وانءُ

-

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو.

هيڏانهن سُر مارئيءَ جو پهريون بيت ان ڳالهه جو اظهار اهي ته روحن جي تخليق وقت اهڙو اعتراف ٿيو ته تنهن وير ئي وڃڻ ٿيو ته روح جي چڪ اصل ان مقام ڏي آهي، جتان آيو آهي:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،

قالو بليٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،

تنهن وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

سسئيءَ جي بيان ۾”اول آخر آهي، هلڻ منهنجو هوت ڏي“ چئي شاهه صاحب اها ئي ڳالهه ڪئي آهي ته هوت کان سواءِ منهنجو هجڻ ڪهڙي حساب ۾ آهي؟ رسالي ۾ محبوب حقيقي ڏانهن ڪشش ۽ روح جي واپسيءَ جو بيان موجود آهي.

وڏن شاعرن لاءِ نقادن واضح طور چيو آهي ته هنن ۾ موضوعن جي جهاجهه، رنگارنگي، وسعت ۽ تنوع آهي. شيڪسپيئر، شيلي، حافظ، سعدي، ڪبير ۽ بين تي هي اصول صادق اچي ٿو. هن سلسلي ۾ پند ۽ نصيحت، اخلاقي قدرن کي ڳٽيو ويو آهي. وڏي دل وارو ٿين ۽ ڪاوڙ کي مارڻ پهريان انگ آهن، جيڪي انسانيت ۾ اعليٰ درجو رکن ٿا. شاهه صاحب چوي ٿو:

هو چوندئي تون م چئو، واتان وارائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پانڌ ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينيڪي.

دنيادار ماڻهو هن رويي کي ڪمزوري ڄاڻن ٿا، پر هي هڪ صاف دل، سچار ۽ نيڪ انسان جي نشاني آهي. جي صورتحال جي ڪا اهڙي تقاضا آهي ته روش به اهڙي ڪبي جيئن شاهه صاحب چيو:

ڪڏهن پئجي ڪن تي، ڪڏهن ڄجي وات،
ڪڏهن ٿجي ٻڪرو، ڪڏهن ٿجي ڪات.

جتي ويريءَ سان ويڙهاند آهي، اتي پلا ڄني وڙهبو، آڏي ڍال نه ڍاربي. اها ته سمجهه جي ڳالهه آهي. شاهه صاهب روحانيت جو ڏٽي هو. مادي دنيا ۾ ماڻهن سان مکمل طور لاڳاپيل رهيو. محبت جو مجسمو هو. ڪٿي سندس ڪردار ۾ ڪروڌ نه ٿو لڀي. سندس زندگيءَ هڪ مثالي زندگي هئي.

شاهه صاحب کي پنهنجي دوستن ۽ جان فدا ڪرڻ وارن مريدن جو پيار حاصل هو. دنيا م شاهه صاحب جي اکين ۾ لالڻ جي لالائي موجود هئي. سندس ڪلام ۾ مجاز جي مام لڀي ٿي. اوهو مجاز هن لاءِ حقيقت تائين رسڻ جو هڪ وسيلو، هڪ ڏاڪڻ هئي. محبوب جو بيان ڪندي خدا جو قسم کڻي ٿو. ان گرنٿ صاحب مان مضمون ملي ٿو. ”سهسين سورج اگهي، جي چندن چڙهن هزار، جو پاڇو هنن لفظن ۾ ظاهر ڪري ٿو:

سهسين سجن اوپري، چوراسي چندن،
باالله ري پرين، سب اونڌاهي پانيا.
يا
گرنٿ جي بئي بيت جو اثر هي اهيي
گرنٿ: سر وچ پنڇي هيڪلا، قاسيوال پچاس،
رسالو: سر ۾ پکي هڪڙو، پاڙهيري پنجاهه.

ان هوندي بہ رسالو پنهنجي هڪ منفرد انداز رکي رکي ٿو. جي شاهہ صاحب کو اثر ونئي ٿو تہ ان کي کولي بيان بہ ڪري ٿو يا ٻئل ۽ پڙهيل شعر جي مضمون کي پسند ڪري ٿو تہ ان کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪندي، هڪ پيغام تو رسائي، جيئن هي فارسي شعر:

درميان قصر دريا تختہ بندم ڪرده اي،
بازمي گوئي ڪه دامن تر م ڪئن هوشيار باس.

شاهہ صاحب چوي ٿو:

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
ايا ايئن چون، مچڻ پانڌ پسائين.

شاعرن حسن ازل کي ساراهڻ کان گهٽايو نہ آهي. ڪنهن هن موضوع کي پنهنجي ڪلام جو اولين موضوع بنايو آهي. شاهہ صاحب جو رسالو بہ حسن ازل جي واکاڻ سان پرپور آهي. هي چند سٽون بہ اهڙو اظهار ڪن ٿيون:

- ناز منهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ.
- پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، پلائيءَ جا پير.
- سڄڻ سانوڻ مينهن جان، جهٽڪن پاسي جهوڪ.
- مومل کي مجاز جا، اکين ۾ الماس.

ماڙيءَ جي بيان ۾ ان جو حسن سيرت ئي ڪافي هو. حسن صورت کي وساري نٿو. پکيءَ ۾ پدمڻي چئي، عورت جي اعليٰ مقام تي پسيس ٿو:

پکيءَ ۾ پدمڻي، ڪر ڏي وراڪا وچ،
جهڙي صورت سچ، تهڙي مورت مارئي.

مومل کي ۽ سندس پيزن توڙي سهيلين کي سون ورنيون سوڍيون ۽ نوريءَ کي تهڙو ڪينجهر ۾ ڪو نہ ٻيو، جهڙي سونهن سندياس، چئي حسن جو اشاري ۾ مکمل بيان ڪري ٿو، پر پڇتاءُ تئي تو تہ ’هائي سورمي محسوس ڪري ٿو تہ:سونهن وڄايم سومرا، سڪر جهڙي سونهن، يا ليلا جو پڇتاءُ: هيس هندورن م پيبم ڪا نہ پروڙ. سورمين جي پوري نفسياتي ڪيفيت بيان ڪندي شاهہ صاحب انهن جي ذهني حالت مان پڇتاءُ ۽ وڇوڙي جو مکمل تاثر پيش ڪري، اخلاقي سبق سامهون آڻي ٿو.

شاهہ صاحب جو محبوب مٺن ٻولن وارو آهي. ڪٽي ڪنهن هنڌ مشڪل سان ان جي مٺن ٻولن سان گڏ هٿ ۾ ڪاتي هجي. مجاز کيس لاهوت لامڪان، جبل، لاڙ ۽ ٿر بہ گهمايو. ائين سنڌ جي سرزمين جي گسن پنڌن ۾ درد جا لازوال داستان پري چڏيائين. ههڙو جهان دوست شاعر، عالم جي آباديءَ جو طالب ۽

اجايلن لاءِ اگوندري آب جي دعا ڪري ٿو تہ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ نہ آهي. هُو سنڌين جي دعا: ”جڳ جهان جي خير ڪر“ جو پيغامبر اهي:

وس تڏهن وس، مٺند مڙيوئي مينهن جي،
ڪترن ڪيتا چڏيا، جي مڙيون ٿي مس،
گابا متي گس، ڏک نہ ڪندا ڏہرا.

ملڪ ۾ ڏڪار جي سبب انسان دشمن قوتن جو مکو مچي ٿو. هو انسان جي ذلت مان بہ نوٽ ڪمائڻ گهرن ٿيون، ١٩٩٩ع ڪان وني ساموندي طوفان، زلزلي ۽ ٢٠٠٣ع ۾ لاڙ جي برساتن ۾ انهن ماڻهوءَ جو ماس ڪائڻ وارن حيوان صفت ماڻهن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مقصد ملڪيت ناهن آهي. شاهہ صاحب سچ چئي ويو تہ : ”عالم آءٌ ساڻ، پريو تو پير ڪري. يا اياز چواٽي: ”ياءٌ مري تو يڪ ۾، توکي ناهي ديا.“ بهرحال حيوان حيوان آهن. اهي ارڙهين صديءَ ۾ هجن يا ايڪويهين صديءَ ۾ هجن. آفريڪا جي جهنگن ۾ هجن يا سنڌ ۾ هجن! دعائون ڪري ويو ۽ هوڏانهن موذين لاءِ سخت لفظ بہ چئي ويو تہ:”ڏڪاريا ڏيهہ مان، شل موذي سب مرن“ پر موذي مئا نہ، بلڪه سندن اولاد ۾ برڪت پئي!محنت ڪش، غريبن، پورهيتن، مزورن ۽ هارين ڪي مارن ۽ سنگهارن جا نالا ڏيئي شاهہ صاحب پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو ۽ هڪ لفظ ڪاهوڙي ڪم آڻي انهن ڪي امر ڪري ڇڏيائين. پيا سور سهن، پر لطيف انهن ڪي وساريو ڪونهي.

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ٻڌا سندرا،
ڏوريندي م ڏونگرين، ڪيئون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، چيهہ لڌائون چيرين.

ڪاهوڙي ڏٺ لاءِ ڪٽي ڪٽي وجن تا. سندن ڪهرا حال آهن، اهو بيان شاهہ صاحب هيئن ڪري ٿو:

ڪڻ نہ ڪرڪاڻ، پنڌ پراهين هليا،
ڏوٿيڙا ڪنهن ڏٺ ڪي، جنبيا ڏانهن جنباڻ،
ڪاهوڙين اهجاڻ، انگ نہ سڄي اگري.

شاهہ صاحب جي ڪردارن ۽ سورمين ۾ هيءَ ڳالهہ نمايان آهي تہ هنن وٽ منزل ماڻڻ لاءِ پڪو ارادو آهي. مثال طور سسئيءَ وٽ پنهون وٽ پهچڻ لاءِ فولادي عزم آهي. جبل جهاڳي ٿي. خوفن خطرن ڪي خوشيءَ سان قبولي ٿي. ساجن ڪارڻ سڄ م قبولي سسئي، آڏو ٽڪر ٽر متان روه رتيون ٿئين. پنڌ جي تہ پرواهہ ناهيس:

نڪو جن جهان ۾، نڪو سُجي نانگ،
سسئيءَ ڇڏيو سانگ، تہ چپر مرئي چاڙڪي،

ماءُ کي چوي ٿي:

امڙ وجي اڻ، چرخو آٽڻ وچ مان،
ڪتيم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهارو ڪيچ ويو.

سرتين کي چوي ٿي ته اوهين موٽي وڃو. اوهان جي وس ڪان ڳالهه متي آهي. مون کي روڪي منهنجو وقت نه وڃايو. آءٌ جتن ڏانهن ويندي‌س.

وڃو سڀ موٽي، آئين جي ورن واريو،
ڪا نه هلندي ڪيچ ڏي، ڪريوم ڪوٽي،
ڪچيم ڪاچتي، وڃم جوڳ جتن سين.

اڳتي وڏي ٿي جبل جا ڏو ڪر ڪٽيو بيٺو آهي. جبل ليکي هڪ ڪمزور عورت جا اڳتي وڃي سگهندي! ان کي به چتائي چتائي ٿي چوي ته ڏونگر تون ڏاڍو اهين، پر آءٌ به فولاد جي نهيل آهيان. هتي‌چ! وري چويس ڏونگر مون کي ڏکوءِ نه! پر هي چا، ڏونگر کي دلجوئيءَ لاءِ منتون به ڪري ٿي! شاهه صاحب جون ته ڳالهيون نراليون آهن:

ڏونگر تون ڏاڍو، تو ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تيئن وهنين، جئن وڻ وڍي واڍو،
ڪرم جو ڪاڍو، نه ته پٽر ڪير پنڌ ڪري.

-

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن،
گهڻو پڇجي تن ڪان، جن ڪان پرين وڃن،
تون ڪيئن سندا تن، پهڻ پير پٽون ڪري.

-

ڏونگر مون م ڏکوءِ، آءٌ اڳ آهيان ڪانهري،
ساريان ڪو نه سکوءِ، سور گهڻو ئي سنيران.

-

تپي ڪندين ڪوهه، ڏونگر ڏکوين کي،
تون جي پهڻ پٻ جو، ته لڳ منهنجا لوهه،
ڪنهن جو ڪنهي ڏوهه، امر مون سين ايئن ڪيو.

سهڻيءَ جي بيقراري به سسئيءَ ڪان مختلف نه آهي. هونءَ به پاڻ کي مئي متي مهراڻ ۾ اڇلي ٿي وجهي. چي مون کي ڪا م پلي، مون کي نينهن درياءَ ۾ اڇلي وڌو آهي. سانگو ساهه جو ناهيس-چي:

ڪنڌيءَ اپيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪنين سانگو ساه جو، ڪي گهوريس چيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن گهاگهائي گهرن جي.

-

ڪچو تان ڪوه، پڪو نظر پرينءَ جو،
ساهڙ منهنجو سپرين، ڏم ڏنيئي ڏوه،
جي ڇڄنو جي چوه، تہ پوريندس پارمٽي.

مَنڊ ٻوڙيون مهراڻ، يا مهراڻ منڊ کي ٻوڙي ڇڏيو، پر ميهار ڪنڌ؛ جهليو ڪانهن پيو پڪاري:

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق اپو آنهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهن،
درياءَ توتي دانهن ڏيندس ڏينهن قيام جي.

هيڏانهن درياءَ جي دهشت تہ هوڏانهن مورڙي لاءِ ستاٽو سمونڊ، جنهن مورڙي جا پائر مانگر مڇ جي پيٽ ۾ ويندي ڏنا. سمونڊ جي وس نہ هو. پر هڪ آپاهج منڊڙو انسان عزم ۾ اُتاهون هو. هڪل ڪيائينس تہ متان پليو آهين، انهيءَ پاڻيءَ ۾ پورو ڪندو ساڻءِ:

متو آهين مڇ، تلها تو تونا هٽين،
تو جا پائئي اڇ، تنهن پاڻيءَ ڀنا ڏينهڙا.

نوري ۽ نياز، بہ لفظ هڪ اعليٰ ڪردار جي سچاٽپ ٻنجي ويا آهن. هڪ غريب گهر جي ڇوڪري راڻي بني تہ بہ اها ئي نهٽي ۽ نماڻي ڇوڪري، نہ مٺ نہ غرور، نہ محل ڪيس منجهايو نہ بادشاهہ جي اٿاهہ محبت هُن ۾ ڪو فرق آندو. هوڏانهن اياز محدود جو پيارو ٿيو تہ دنيا هن جي واڪاڻ پئي ڪري، پر هيءَ بادشاهہ جي پٽ راڻي ٿي وئي. هن ڪردار کي بہ شاهہ صاحب لازوال ۽ بي مثال مرتبو ڏنو آهي. هوڏانهن مومل ۽ ليلا هٺ جون پتليون آهن. جڻ زندگيءَ سندن خواهشن جو ٻيو نالو آهي. نوري تہ اها ئي ڳالهہ ٿي ڪري تہ:

تون سمون آءٌ گندري، مون ۾ عيبن لک،
ڪارڻ رب الڪ، متان ماڳر مٽئين.

ڪهڙي هيثيت هئي مهاڻن جي، جيڪي بادشاهہ کي وڻيا. نوري جي ڪري هنن کي محصول معاف ڪري ڇڏيائين. مهانن جي روزمره جي معمول جو نقشو شاهہ صاحب هيئن پيش ڪري ٿو:

ڄاريون ڪاريون ڇڄ ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ،
رهن وهن سر ٻانڌئين، سيئي بدبئو هاڻ،

لڏڻ جئن لطيف چئي، پاڻيءَ وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو مان، سمي سر ڪيو پانهنجي.

صورتحال هي بيني جو جام پاڻ نوريءَ جي چاڪريءَ ۾ پير پر بيٺو:

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين پيو، جهڙي سونهن سندياس،
مڏ مياڻيون مڪڙا، مرئي معاف ٿياس،
مورچل متاس، هٿي جام هٿن سين.

مهاڻيءَ جي اکڙين ۾ جيڪو جادو هو، تنهن جو ڪرشمو هو يا نهنائي هٽي جو جام بہ چارو ڪٽي ڪلهي تي رکيو:

ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اکڙين ۾،
تن تماچي جام جو، ناپون پايوني،
عشق ائين ڪري، جئن چارو جام ڪلهي ڪيو.

سميون سومريون وڏ گهراڻيون هٿ ۾ ڇڄي رهيون هيون. انهن جي مقابلي ۾ نوريءُ جي نماڻائي جام کي وڻي. شاهه صاحب ان ڳالهه کي هنن لفظن ۾ ساراهيو آهي تہ:

ڪوءِ سميون ٻن سمريون، جي جامن جون جايون،
ڪريو ويس وڏاندرا، اڳڻ تي آيو،
گوندر گمايون، جهپي سپ جهڙپ سين.

ٻيائي ۽ شرڪ سبب راڻو مومل کان رسي ويو. پوءِ گهڻي قدر پڇتايائين، پر تير ڪمان مان ڇوٽي چڪو هو. سومل کي راڻي جي ويس ڊڪايائين تہ راڻو رسي هليو ويو. ان لاءِ گهٽيئي ورلاپ ڪيائيٽي

ڊٿ ۾ وڄج ڊول، ڪاٽياري ڪاڪ ڪري،
آءٌ اگهين آهيان، ٻڌي تنهنجي ٻول،
توکي ساري سپرين، رنم منجهہ رتول،
تڪاڻا ۽ تول، وسہ ، مون وہ ٿيا.

ساهه صاهه، مومل ۽ سندس سرتين جي بيان ۾ جماليات جي ڪي رنگ پريا آهن، اهي بين سڻن ۾ آيل جماليات کان نسبتا سرس آهن، هينيان بيت انهن بيتن مان چند آهن:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا متن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، هاها هو! هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتن اکر نہ اچي.

-

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سايون،
عطر ۽ عنبير سان، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوتا ساڻ چندن،
سونهن رپي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهه مُرڪيس من، سودي سين سگ ٿيو.

-

سون ورنيون سوڍيون، رپي رانديون ڪن،
اگر اوطاقن ۾، ڪتوريون ڪٽن،
اوتيائون عنبير جا، مٿي طاق تڙن،
ٻاتن ٻيلون ٻڌيون، پسيو سونهن سڙن.
تيا لاهوتي لطيف چئي، پسڻ لئه پرين،
اِجهي تا اچن ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

-

جنهن تڙ ڏوڙون ڏون، چوتا چندن چڪ ڪيو،
اچن پونر پوپوليا، پاٽيءَ تنهن پوئُون،
راول رت رون، ڪو وهه لڳو واسئين.

مومل ٻيائي ڪرڻ سبب ڏهاڳ جو ڏنءُ ڏنو. پر ليلا ان ڪان بہ ٻهه قدم اڳتي وڏي شرڪ جهڙو ڪم ڪيو، پنهنجو ور هار جي عيوض ڪوُنرو جي حوالي ڪري ويني. چنيسر هيءَ ويڌن سهي نہ سگهيو. ڪانئس پري ٿي ويو. روحاني راز موجب اهو ڪم سرڪ جهڙو آهي. خدا ٻيا سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏيندو پر شرڪ اهڙو گناهه آهي، جنهن جي معافي مشڪل آهي. پڇتاءُ تہ تيو پر ڳالهه ڳچ تي چڪي هئي هيڏي وڏي مرتبي تي هئي. تحت الثراءَ ۾ وجي ڪري چي:

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
ڍلين دامين ڦرين، پر ۾ پڇياس،
ڍولي ڍيلياس، تيس ڏهڳڻ ڏيهه ۾.

-

هئيس هندورن ۾، پيبم ڪا نہ پروڙ،

مٽيي سنڌي مامري، ڪوجهي وڏيس ڪئوڙ،
سامهان ٿيم سئور، ويو ولڻي ولهو.

شاهه صاحب جنهن انداز سان پڇتاءُ ظاهر ڪيو آهي. اهي لفظ اهو انداز ليلا ڪان به ادا نه ٿئي ها. ههڙا پار هوءَ خود نه ڪڍي ها. جيڪي هڻ ڪيو تنهن جو ڪو علاج نه هو. جي هار هٿان ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ته به وقت گذري چڪو هو. بيوفائي جي وفا ۾ بدلجي سگهي ها ته دنيا جا سڀ بيوفا موجون پيا ماڻين ها. وفا جو ڪو بدل ڪونهي. وفا جي ڪا قيمت ڪونهي، نه بازار مان ملي ٿي نه ڪو بيو وسيلو هلي ٿو.

شاهه صاحب نهايت صاف لفظن ۾ تنبيهه ٿو ڪريس ته چنيسر جا رنگ بيا آهن. رنو ته ڪنهن سبب سان رنو. اهو وڏوڻو ور هاٽي مشڪل وري.

بهِ رنگو لوڪ بيو، چنيسر چؤرنگ،
تنهن سين چنيو سگ، وڃيو هار هٽ ڇهين!

ڏوهه ناقابل معافي هو. چنيسر تان مال منڌيون، مٽ مائٽ، خود ۽ گهر گهوڙڻ جي تلقين ته ڪريس ٿو، پر لطيف خود ڄاڻي ٿو ته ان مان به ڪجهه ورڻو سرڻو ڪونهي:

ليلا ڇڏ لِهور، وڃ پنهنجي مائٽين،
ابو ڏاڏو گهور، چنيسر جي چاڪ تان.

ليلا گهٽو ليلايو، مٽيون مچ ۾ وجهڻ ۽ هار هاٽيءَ م هٽڻ لاءِ تيار ٿي، پر تير ڪمان مان ڇٽي چڪو هو. تڏهن به شاهه صاحب چوي ٿو ته ڏٽي در ٻاڏائيندي رهه، ليلائيندي رهه، من راضي ٿئي:

ليلائي نه لهين، ته پڻ ليلائيج،
آسرو م لاهيج، سجڻ ٻاجهندڙ گهٽو.

سورمين ۾ سورٺ جو ڪردار وفا جو مثال آهي ۽ هوءَ ور جي سربخت لاءِ ٻيجل ڪي مال ملڪيت، گهوڙا، هاٿي ۽ راڄ ڀاڳ اچي ٿي، پر هڻ ڪي ڏياچ جو سر وڏو هو، سو نه مڙيو، سر ئي گهورندو رهيو، ٻي ڪا صلاح مڃڻ لاءِ اصل تيار نه هو.

سر جي طلب ۾ سُرن سان سڃو شهر ٻرائي ڇڏيائين. راڄا به قول ڪيو هو ته جا جڪ جهوناڳڙهه ۾ پيهي آيو:

جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾، ڪو عطائي آيو،
تنهن ڪامل ڪڍي ڪينرو، ويهي وڄايو،
شهر سڃوئي سُر سين، تندن تپايو،
دايون درمانديون ٿيون، ٻاين ٻاڏايو،
ٻيجل ٻولايو، ته آهيان سوالي سِر جو.

-

محلين آيو مڱڻو، ساز ڪٽي سُرندو،
سر جي صدا سُر ۾، گهور هلي گهڻُرندو،
مٿي ري ملوڪ جي چارڻ نه چڙندو،
جهونا گڙه جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

راجا وچن موجب سر ڏنو ۽ محل ۾ ماتام ٿي ويو. ورلاپن جو بيان شاهه صاحب هيئن ڪري ٿو:

گل چنو گرنار جو،پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اپيون اوسارين،
چوٿا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رم ڳيو.

شاهه صاحب پنهنجي مخصوص انداز ۾ راءِ ڏياچ جي سر ڏيڻ ڪين مڱڻهار جو سر ڏيڻ سڏي ٿو. ان ۾ جا اونهي ڳالهه اسرار جي آهي. ان ڏانهن اشارو ڪري ٿو:

سورٺ مئي سک ٿيو، خيما ڪنيا ڪنگهار،
نه ڪو راڳ نه روپ ڪو، نه ڪا ٻي تنوار،
تنهن پوءِ مڱڻهار، ڏنو سِرُ ڏياچ کي.

رسالي ۾ آيل هنن ڇهن سورمين جي مقابلي ۾ ستين سورمي مارئي٤ جو ڪردار ٻي نوعيت جو آهي. بيشڪ ٻين وانگر هي ڪردار به محبت جي مام ظاهر ڪري ٿو، پر هن جي محبت وطن، مارن ۽ مڱيندي ڪيت سان آهي. مارئي زبردستي عمر بادشاهه جي محل ۾ آندي ٿي وڃي. عمرڪوٽ ۾ قيد آهي ۽ پنهنجي اصل ڳوٺ پلوا ۽ مارن جي اڪير اتس. روحاني راز جي اپٽار ڪرڻ وارن اون ڪي روح جي اصل وطن عام ارواح ڏي ڇڪ قرار ڏنو آهي. ”الست بربڪم“ جي قول سان ڳنڍيو اهي. ظاهري معنيٰ پڌري آهي. هوءَ ڪنهن به طرح عمر بادشاهه جي آڇيل سهوليتن، ريشمي لباسن، محل جي ست رڃي طعامن ۽ شاهاڻي ٺٺ ڪي قبول نه ٿي ڪري، آرام آسائش ٺڏي ٿي ڇڏي. هڪڙي ئي وطن جي تنوار اتس. وطن جي ٺڏي مٿيءَ ڪي پئي ياد ڪري. صاف صاف جواب ٿي ڏي. ٻي ڪُريت ڪو نه ڪنديس:

اِيءَ نه مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي‘
اچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪا نه ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نه مٽيان.

جي جيئري پهچڻ جي اميد نه آهي ته مُئي به وطن جي مِٽيءَ ڏانهن موٽڻ لاءِ ٿي وصيت ڪري:

واجهائي وطن ڪي، آهُ جي هِت مٺياس،

تہ گهور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس،
ميائي جياس، جي وجي مڙهہ ملير ڏي.

لوئي ڦاٽي ليڙون ليڙ ٿي ويئي، عمر جا ڏنل پٽولا، ارغچ، عبير ۽ ٻانڊوٽا ٻن ڏينئي، لاک رتل لوپن کي ياد ڪرڻ لڳي. وارن ۾ چيڙهہ پئجي ويس. ان لاءِ تہ مارو مڃين تہ اسان جي ئي آسري هئي:

سهسين سيمبا ڪنجري، لوئي سين ليرن،
هھڙو حال وٺي ڪري، وڃان منجهہ ٿرن،
مارو مان چون، تہ هئي اسان ئي آسري.

گهٽيئي خيال پچائي ٿي تہ ڪو وانگي ڪو نہ وريو. نڪو اير نہ پير نڪو اوٺي آئيو. نہ خير نہ خواب. ڪو ڪو نہ وريو شايد وساري ڇڏيائون. شايد غيرت کان شرم ۾ ٻڏي ويا. روئي پٽي ويهي رهيا. آءٌ تہ تنهن کان نہ ڄاپان ها. مارن لاءِ تڪليف جو باعث بنيس. سونهن وڃائي، ڪاڻياري ٿيس.

هيڪ ڄئن نہ ڄاياس، ٻيو ڄاپندي جي مران،
گهنگهر گهٽو ٿياس، ڄاپي ماروئڙن کي.

اعتراف جي حد آهي، خود پنهنجو وجود ٻين لاءِ تڪليف جو باعث بنيل ٿو لڳي. ايترو جو انسان ائين سوچي تہ تنهن کان نہ ڄاپان ها. هڪڙو ان معنيق وارو شعر سنڌ جي سپوت، منفرد عالم، فيلسوف ۽ نابغهہ روزگار علامهہ آءِ آءِ قاضي پنهنجن هفتيوار ليڪچرن ۾ پرهيو هو. اهو دل ۾ پيهي وڃڻ وارو شعر هي آهي:

بسي ناديد نيها ديده ام هم،
اي ڪاس ڪهہ مرا مادر نہ زادي.
(گهڻي ئي نہ ڏسڻ جهڙيون (ڳالهيون) ڏٺيون اٿم، اي ڪاش ماءُ مون کي نہ ڄڻي ها!)

مارئيءَ جي پچتاءُ جي منطقي انتها بہ اها اهي. پنهنجي تڪليف جي مقابلي ۾ ٻين کي تڪليف ۾ نہ ڏسڻ. وطن ۽ وطن وارن جي محبت کي مقدم رکڻ، سيل ست کي سڀ کان اوچو اتاهون رکڻ، سون جي چمڪدار چوڙين کان ڪچ جا ڪوڙا چوڙا بهتر ڄاڻڻ ۽ ڄابر جي آچيل طعامن کان بک پلي، فاقو فرحت، شال م وڃي شان.

ڪراين ڪچ جا، چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، ڄئان لوڪ لڄ ٿئي.

-

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءِ،
ور جيڏين سين جوع، فاقو فرحت پائنيان.

سچائيءَ ۽ غيرت جو فلسفو لطيف سائين اِجهو ائين سمجهيو آهي.

هڪڙو ٻيو عشق جو داستان آهي، جنهن جي باري ۾ سُر ٻروو: شاهه صاحب چيو. ڪو وقت ته ان عشقيه داستان ڏانهن شارحن جو خيال ڪو نه ويو ۽ ڪو واضح اشارو نه مليو هو. ١٩٧٤ع ۾ مون کي تعلقي بدين ۾ پنهنجي ڳوٺ پير فتح شاهه کان ٻه ٽي ميل ڏکڻ ۾ ڳوٺ گوهريجيءَ جي سگهڙ الهڏني لغر ٻروي جي داستان کان واقف ڪيو. پوءِ اهو داستان مون پنهنجي ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ جي ٻئي ايڊيشن ۾ ڏنو. اهو داستان پوءِ ڪنهن ڪالم نويس منهنجي ڪتاب تان هوبهو اتاري ڪاوش اخبار ۾ پنهنجي ڪالم جي پيٽ ڀريو: داستان هي آهي:

قلات جي پاسي لوڙائو ذات جا ڪي ماڻهو رهندا هئا. انهن روزگار سانگي وچي دهلي وسائي. انهن ۾ ٻروو نالي هڪ نوجوان هو. هو بادشاهه جي محلات جي پرسان لنگهندي ان جي ڌيءَ شهزاديءَ تي دل و جان سان عاشق ٿي پيو. محلات جي سامهون ئي هڪ ڪاسائيءَ جو دڪان هو، ٻروي کي ان چيلن چارڻ جي نوڪري ڏني. واندو ٿيڻ کان پ٣ باقي وقت ٻروو ڪاسائيءَ جي دڪان تي وينو هوندو هو. هوڏانهن محلات جي دري کلندي هئي. اتان شهزادي کي ٻروو پيو ڏسندو هو ۽ محبت جي باهه ۾ پيو پچندو هو. ڪاسايءَ جي غير حاضريءَ ۾ دڪان تي گوشت به وڪڻندو هو. شهزاديءَ جي ٻانهي ٿالهه کڻي گوشت وٺڻ ايندي هئي. هڪ ڏينهن ٻروو ٻانهيءَ کي انتظار ڪرڻ جو چئي اندر ڪوٺيءَ ۾ ويو ۽ پنهنجي ران مان گوشت ڪوري، ران کي پٽي ٻڌي گوشت اچي ٻانهيءَ کي ڏنائين. ان گوشت مان جڏهن ڪباب ۽ ٻيا طعام ٺهيا ته سيني کي گهڻو پسند آيا. شهزاديءَ چيو ته گوشت ته مون اڄ ڪاڏو آهي. هيستائين الائي ڇا آڻيندي رهي آهين.

ائين ٻروو روز پنهنجي جسم مان گوشت ڪوري ٻانهيءَ وسيلي شهزادي کي موڪليندو رهيو. پاڻ پؤڻو پوندو ويو. ٻانهي هڪ ڏينهن ٻروي کي ڪوٺيءَ ۾ بيمار پيل ڏٺو ۽ حقيقت به معلوم ٿيس. سربستي ڳالهه وڃي شهزادي جي ڪن وڌائين. اهو ٻڌائين ته ڪيس سڄي جسم تي پٽيون ٻڌل آهن. اجا به چوي ٿو ته: ڏس گوشت هجي ته ڪوري وچ ڪو به رحم نه ڪر.

شهزاديءَ هڪدم شاهي طبيب ڏانهن ماڻهو موڪليو. سچو مهينو علاج هليو ۽ ٻروو چاق چڱو ڀلو ٿيو. ٻروي جي شهزاديءَ سان ملقات ٿي. هوءَ به ٻروي تي فدا ٿي پيئي. هڪ ملاقات جي موقعي تي اوچتو بادشاهه جي اچڻ جو اعلان ٿيو. بادشاهه جي اچڻ کان اڳ ٻروو ته تڪڙو نڪري ويو، پر بادشاهه کي سڪ پئجي ويو. هڻ ٻانهيءَ کي دبائي دبڙائي حقيقت معلوم ڪري ورتي. وزيرن سان صلاح مصلحت ڪري ٻرووي ۽ سيني لوڙائن کي بادشاهه لڏائي ڇڏيو ٧ واپس قلات هليا ويا. شهزاديءَ جو حال ٻروي کان مختلف ڪو نه هو. هوءَ فراق جي باهه ۾ ٻرندي رهي. ساوڻ ۾ لوڙائن کي ياد ڪندي هئي. شاهه صاحب ان صورتحال جو بيان هن ريت ڪري ٿو:

ونو ڏيهه قلات، مون لوڙائو پسيا،
جيئن هٿ ڪنوڻ ڪنوٽيون، تئن هت بره سندي بات،
وڏي ڪنهن ولات، مارو ملڪ متي ويا.

ڪانگن کي پيئي نياپا ڏيندي هئي، ان جو بيان شاهه صاحب هيئن ٿو ڪري:

وهلو ور وريا پرين، آءُ ڪانگا ڪر لات،
ويا جي قلات، سي اڏامي آڻ تون.

بادشاهه کان بہ ڌيءُ جي حالت ڏٺي نہ ٿي، هڻ بروي کي واپس گهرائي شهزاديءَ جو سڱ ڏنو. محبتتين جو ميلو ٿيو. چون ٿا تہ جڏهن بئي جدا هئا تہ مقرر وقت تي دري کلڻ وارو دستور جاري هو. بروي چيو تہ آءٌ توکي قلات مان ڏسندو هوس، تون دريءَ ۾ بيٺل ايندي هئين.

متي ڏنل ٻن بيتن ۾ قلات جو حوالو بہ اهي. ان کان سواءِ سور بروي جا هينيان بيت بہ قصي ڏي مکمل اشارا آهن:

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن کلن در دستن جا،
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لها، ڪڏهن ڪونيون نين،
ڪڏهن سکان سڏ ڪي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

-

جانب منهنجي جيءُ ۾، تنهنجي طمع پوءِ،
وٺ ڪاتي وڍ انءِ را، ادب ڪر م ڪوءِ،
پانيان پال سندوءِ، جي ساجن سنئون تهارئين،

-

جانب ائين نہ جڳاءِ، جو ماريو موتيو نہ پچين،
رتي رت نہ سنجري، سڪ تنهنجي ساءِ،
اسان توهين لاءِ، تي پر ۾ پچائون ڪيون،

-

ڪتان سڪئين سپرين، ڪاسائڪي ڪار،
تکي ڪاتي هٿ ڪري، مڏيءُ سين نہ مار،
چوري چاڪ نهار، سورن سانگيڙا ڪيا.

ان کان سواءِ به هي سور محبت ۽ مجاز جو هڪ مُرقعو ۽ نادر نمونو آهي، جنهن ۾ اکين سان ڪوني کهڻ ۽ سڄڻ جي سڪ جا اثرائتا مثال موجود اهن. داستان کان سواءِ بروو هندي راڳ مالا موجب هڪ راڳڻي به آهي.

رسالي جا سڀ سُر شاهه صاحب جي اعليٰ فڪر ۽ انداز بيان جا بهترين مثال آهن. جيئن ڪلياڻ توحيد، رسالت ۽ سورميءَ جي سينگارن، ڪلاڙڪي هٽ، اڏين تي سر ڏيڻ، پڪون پيڻ جي مضمون سان سينگاريل آهي ته يمن سڪ جي سمر ۽ حبيب طبيب جي احسان جي طلب، محبوب جي جدائيءَ ۾ جلڻ جو هڪ اهڙو نمونو آهي، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪري نه سگهبو، مثال طور:

ڪانڌين ڌانڌين ٻاٻرين، پچان سر پيئي،
جيرا جگر ٻڪيون، سيخن ۾ ٽيئي،
ويجنئون ويئي، ٿي ويهٽي سڄٽين.

االله جي عاشقن جي يمن ۾ مختلف اندازن ۽ اشارن سان بيان آهي. عاقن آرام ڪڏهن تان ڪو نه ڪيو، عشق نه آهي راند؟

شاهه صاحب جو ڪلام ايترو گوڙهو اهي جو ان جا ڪي ٿورا مثال وٺي ڪنهن سور جو پورو تاثر آڻي نه سگهبو. ڪن سُرن جو رڱو وايو منڊل پسبو ته ان جي به هڪڙي اهميت اهي. جيئن سارنگ ۾ آسمان ۽ مينهن. سُهڻيءَ ۾ درياهه، سسئيءَ ۾ جبل، مارئيءَ ۾ ٿر ۽ گهاتو، سري راڳ ۽ سامونديءَ ۾ سمنڊ ۽ وٽج واپار، وڻجارن جي وهن جا ورلاپ اچي وجن ٿا. وغيره وغيره، اهڙي طرح رپ، ڪارايل، پرڀاتي، ڏهر، پورب ۽ بلاول جا پنهنجا مضمون اهن. انهن جو مطالعو به دلچسپ آهي. هر سُر جي تقاضا آح: تح اُن ڪي چاڻجي. هتي آخر ۾ ٽن سُر جو جائزو وٺندي لطيفي باب ڪي مڪمل ڪندس. اهي سُر آهن: ڪنيات، رامڪلي ۽ آسا.

سُر ڪنيات، محبت ۽ مجاز جو هڪ نمونو آهي. هن جو وايو منڊل آسمان، سج چنڊ ۽ تارن تي مستمل آهي. ان سان گڏ پرين وٽ پهچائيندڙ اٿ آهي. شاهه صاحب هر ڳالهه پنهنجي مخصوص انداز سان ڪري ٿو. محبوب جي پيشانيءَ ۾ حسن سان گڏ پلائي پسي ٿو:

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، پلائيءَ جا پير،
اڱن اکندين جي، ڏي پاٻوهيو پير،
قمر پاڙي ڪير، شمس سپرين سين.

محبوب جي حسن سان ڪنهن جي ڀيٽ ڪجي؟ ڪو ان جي برابر ئي نه اهي. چنڊ جي ڪهڙي حيثيت آهي، جو اون جي شجڻ سان ڀيٽ ڪجي.

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تان نه پرينءَ سان،

تون اڄو ۾ رات، سڄڻ نِتِ سونجهرا

-

چٽڀآڻڻ حق، جي وڙهين جي ورچين،

ٻه اکيونتيون نڪ، تو ۾ ناهي پرينءَ جو،

-

اونداهيءَ اڌ رات ۾، پرينءَ پسايو پاڻ،

چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي ويو پڙلاءُ ۾.

محبوب جي حسن اڳيان چنڊ تڇ آهي. وري محبوب ڏانهن نياپو بہ چنڊ ڪٽي وجي! ڏسو عشق سندا انصاف.

ناسيندي نظر، پهرين ڪج پرين ڏي،

قمر ڪهڃ قريب ڪي، نست آءٌ نبر،

بي پيٽي ناهر پر، اکيون اوهان جي آسري

-

چڊا چنڊ! چئيج، سنهيا ڪي سڄڻين،

متان اڱڻ اپري، پرين جي پئيج،

جهينو ڳالهائيج، پيرين وجهي هٿڙا.

محبوب رهي بہ تارنجي آس پاس ٿو:

هڻ تاري هون هيٺ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماکيءَ ميٺ، ڪوڙا تين نہ ڪڏهن.

۽ محبوب جي ٽطر جي چا ڳالھ ڪجي:

ڻ: ڻ: ن خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،

سورج ساخون جهڪيون ڪوماٽو قمر،

تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،

جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سان.

پرين وٽ پهچڻ جو هڪ وسيلو ڪرهو(اٺ) اهي. ان جا بہ پنهنجا رنگ ڍنگ آهن. پنهنجو موڊ اٿس. وک ڍري ڪري ٿو تہ ڪيس هڪل ڪئي ٿي وڃي تہ:

ڪرها! ڪسر ڇڏ، وڪون وجھ وڌنديون،

هيڪر حبيبن سان، مون ڪي نيئي گڏ،

مچن پُونئي هڏ، آهون اڪندين جون.

-

ڪرها ڪُر سُڃاڻ، پيئڪو ۽ پانهنجو،
اصل آهي آهنجو، ناليرو نڏان،
ڪرها اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪج چڍاڻيون.
اٺ جي ڪهڙي حالت آهي:
اوٺ نہ ُجي وڳ سين، چري نہ لاٽو،
ميي ڪي مجاز جو، توهي ۾ ٽاٽو،
ڀٽاري ياڻون، مرندي سين نہ مٽيو.
تہ پلا چا چرندو:
چندن جا چپا ڪري، چري نہ مصريءَ سنگ،
اڪين مٿي انگ، ميي ڪي محبوب جا.

-

ڳل ڳانا ياقوت جا، موتي منجھ مهار،
چانگا چندن چارئيي، انئي پهر اپار،
سندي پيءَ پچار، جي مون رات رساڻيئن.

اٺ ڪجھ ٻيو سمجهيو هو چا؟ ڪي پليو، يا ايئي جاتائين تہ گهاٽي ۾ پيو وهان، اتي پئي گول قريو، ڪي ٻيو من ۾ هوس:

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪئن پنيولئين ڪرها،
اکين مٿي اکيا، پڙ ۾ پير گناءِ،
وڳ ڪ وسرياءِ، ٻڌو جئن گهاٽي وهين.

مطلب تہ سُر ڪنيات محبت ۽ مجاز جو هڪ نمونو آهي. سنڌ جي ڏکڻ ۾ ڪنيات جي نار بہ آهي ۽ راڳ مالا ۾ ڪنيوتي هڪ راڳڻي بہ جا ڪماچ ناٽ جي اوڙو- سمپورڻ راڳڻي آهي. هن کي ڪمباوتي بہ چون ٿا(۷).

سر رامڪليءَ ۾ جوڳين جو ذڪر آهي. جوڳين جا لباس، ڪنڊلن، ڪن چيرائڻ ۽ عادتن موجب مختلف نالا آهن. شاهہ صاحب انهن مان گهڻن نالن کي آندو آهي. اهي آهن: جوڳي، لاهوتي، ويراڳي، ڪاپڙي، بيڪاري، بابو، نانگا، سامي، آديسي، ڪلپتي، سناسي، ڪنڪٽ، لانگوٽيا، پوربي، گودڙيا، مهيسي، ڪن چير ۽ هرڪيس وغيره.

جوڳين جي ڪم ايندڙ سازن ۾ سنک، مرلي، سڱڙي ۽ گهنڊ وغيره اچي وڃن ٿا. رامڪليءَ ۾ شاهه صاحب موجب جوڳين جي هڪ خوبي اها آهي ته من کي مارين ٿا. ٻگرين ۾ ٻک وجهن ٿا. طعام جا طاماعو نه آهن:

قوت ڪڙيا ڪاپري، طعام نه طاماعو،
سين هنيائون سچ ۾، پهر نه پيتائو،
اوسر آسائو، اتي گوندر گڏيا.

جوڳين جا قسم گهڻا آهن، پر شاهه صاحب انهن کي بنيادي طور ٻن قسمن ۾ تقسيم ڪري ٿو:

نوري ۽ ناري، جڳيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نه جيندي ان ري.

جوڳي جي جدائي سهڻ کان ٻاهر آهي. هو سڱريون وڄائي هليا ويا:

صبح سڱريون ڪٽي، ويا وڄائي وير،
ڏوريان ڏوريان م لهان، بيراڳين ٻهير،
جن آسڻ منجهه عبير، آءٌ نه جيندي ان ري،

اهي ڪن ڪٽ ڪاپڙي ڪهڙا آهن. اهي ڪيڏانهن ويا. انهن جي تلاش ڪندي چوي ٿو:

ڪٽ ڪٽ ڪاپٽ ڪاپڙي، ڪنو ٿيا ڪن چير،
سدا وهن سامهان، عاشق اتر هير
تسا ڏيئي تن کي، ساڙيائون سرير
جي فنا ٿيا فقير، هلو تڪيا پسون تن جا

جوڳي ڪيئن ٿبو، ان لاءِ شاهه صاحب چوي ٿو:

جي پانئين جوڳي ٿيان، ته طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿي غلام،
صبر جي شمشير سان، ڪر ڪيني کي قتلام
ته نانگا تنهنجو نام، لِکجي لاهوتين ۾.

-

جي پانئين جوڳي ٿيان، ته سڳ سيبئي ٽوڙ،
جي جايا نه جاپندا، جيءُ تنهين سين جوڙ،
ته تون پهچين توڙ، محبت جي ميدان ۾.

صاف صاف چوي ٿو ته جيڪي طمع رکڻ وارا آهن، گراهه جا گولا آهن، سي ڪوڙا جوڳي آهن.

گولا جي گراه جا، جوڻا سي جوڳي،

قِتل سي قوڳي، جن شڪم سانديا.

جي جوڳيءَ جي ويس ۾ ڪي نوڳي ۽ پوڳي نڪري تا اچن ته خلق خدا لاءِ آزار پيدا ڪري تا وجهن. گهڻن جا متا ڪوڙي تا وجن. شاهه صاحب اهڙن کان خبردار ڪندي فرمائي ٿو ته گهٽا نڱجي ويا تون پاڻ کي بچائي ۽ آڌي رات جو اٿي عبادت ڪر:

نڱڻ گهٽا نڱائيا، تون نڱڻ کي ٻه نڱائي،

اٿي آڌي رات کي، پنهنجو تن پچائي،

لاهوتي م لجائي، نانگا تون ناموس کي.

ڪبير پاڻ نڱائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. جي ٻين کي نڱن سان ڏک ٿيندو:

ڪبير اپ نڱائيي، اور نه نڱي ڪوءِ،

آپ نڱي ڏک اوپجي، اور نڱيي ڏک هوءِ.

هڪڙي هنڌ نڱن بابت صاف صاف رايو ڏيندي انهن جي مقابلي ۾ ڪوڙن کي وڌيڪ خراب ڄاڻي ٿو. چوي ٿو ته ساڌو هليا ويا. نڱ بچيا آهن. اهي به وڃڻ وارا آهن. هاڻي ته انهن جو دور آيو آهي، جيڪي سچ کي ڪوڙ ڄاڻن ٿا:

ساڌو چليا نڱ رهيا، نڱ پي چلڻهار،

آئي اسيڪي وار، جو سانچي ڪو جوٺا ڪهي.

اهو صحيح آهي ته جوڳ پنٿ هندو ڌرم جي پئداوار آهي. شاهه صاحب ان کي ان ئي زبان ۾ بيان ڪيو آهي، پر ان ۾ به توحيد جي تنوار هن ريت رکي اٿس:

مونا طور سينا، سندا سناسين،

طالب المولىٰ مذڪر، اي ڪلام ڪيائون ڪن،

سوڪن کي سيني پرئين ٻوجهي ڏنائون ٻن،

الف آديسين، چوري رکيو چِتِ م.

روايت آهي ته شاهه صاحب جوڳين سان گڏ ناني، لاهوت لامڪان ۽ هنگلاج جو سفر ڪيو، پر ڪيس ڪي ڳالهيون نه وڻيون ۽ ڪانئن جدا ٿي ويو ته به انهن جون ڪي ڳالهيون ياد ڪيون اٿس:

اڄ نه اوطاقن ۾، طالب تنوارين،

آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،

جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

-

اڄ نه اوطاقن ۾، سنڌي جوڳين ذات

ساري سناسين کي، رنم ساري رات،
مون جنهين جي تات، سي لاهوتي لڏي ويا.

-

اڄ نه اوطاقن ۾، تازا پٽر ڪک،
آديسي اٿي ويا، پئي اڏامي رک،
سامي ڪٽي سنک، وڃائي وات ٿيا.

سامين، جوڳين ۽ سناسين کي ياد ڪندي، انهن جي سازن سڳرين کي به ياد ڪري ٿو:

سَندڙيان سڳڙي، ڳالهه ڳجهڙي،
مـون مـاريـندي ڪـڏهـن،
جا وڃائين جتڙا، نه تنهن نڙ جهڙي،
مرليءَ کي جنهن مات ڪيو، نه تنهن تول ٺنبڙي،
تاريون جنهن تو ڏيءَ کي، نه سو گهنڊ نه گهنڊڙي،
ڏاريو جنهن ڏياچ کي، تندئا تنهن تڪِڙي،
نه سري نه سنڌ ڪيا، نه ڪا هند هڙي،
مناَئيان مني گهٽي، چوندا جن چڪڙي،
جا ساراهيل سبحان جي، تنهن واڪان ڪهڙي،
سهسين سُرودن کي، پاٽان پوءِ وڃندڙي،
گهاندار مرون موهيا، هيءَ ماڙهو موهيندڙي،
اديون عبداللطيف چئي، هيءَ مئا جئاريندڙي.

رامڪلي، پيوي ناٿ جي سمپورڻ- سمپورڻ راڳڻي آهي، رسالي جي پوين ڇاپن ۾ گڏ وچڙ زبان ۾ رامڪليءَ جي تعريف ۾ هڪڙو بيت هو. جيڪو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڏاريون ڄاڻي خارج ڪيو، اهو هي آهي:

رامڪلي ڏکيا کهي، سکيا کهي نه ڪوءِ،
ڪو متي ڪو مائتي، ڪو روچي ڪو روءِ،
رامڪلي کهي سوءِ، جنهن اڳ وچ دک هوءِ.

سُر آسا ۾ به ڪنيات ۾ بروي وانگر محبت ۽ مجاز جا انگ ۽ رنگ آهن. داستان پ٠هريون توحيد جي تنوار آهي ۽ بيو مجاز ۾ اڪينجي ڪردار جي اپٽار آهي.

سُر جو پھريون بيت ھاديءَ جي حضور سڪايل جي صدا آھي. ھادي جيڪو مرضيءَ وارو آھي. ڪيس ڪنھن جي پرواھ ناھي. شاھ صاحب جذبات جو اظھار ھن ريت ڪري ٿو:

لڇان ٿي لاحد ۾، ھادي لھان نہ حد،
سپيريان جي سونھن جو، نہ ڪو قد نہ مد،
ھت سِڪڻ بي عدد، ھُت پرين پرواھ ناھي ڪا،

سُر جي گھڻن بيتن ۾ اکين جي حوالي سان جذبا ظاھر ڪيل آھن. ڏسن بہ اکيون تہ روئن بہ اکيون، ھنديءَ ۾ شاعر چيو آھي:

نينا ري تم ھي بري، تم سا بُرا نہ ڪوءِ،
آپ ھي پيت لگائي ڪي، آپ ھي بينا روءِ.

اکيون پاڻ پرجھي آيون ۽ عاشق کي روئاڙي وڌائون. رسالي جي ھن سُر آسا ۾ اکين جا ڪئين رنگ آھن. پھرئين سج ايرڻ سان ئي محبوب تي نظر پئي نہ تہ ڪڏي ڪانگن کي ڏيون. اتي بہ ھنديءَ واري ڪو نہ گھٽايو آھي. چي:

ڪاگا سب تن کائيو، چڻ چڻ کائيو ماس،
دو نينا مت کائيو، انھي پيا ملن ڪي آس.

شاھ صاحب چوي ٿو:

ايرندي سج، پرين جي نہ پسنديون،
ڪڍي ھئي ڏج، اکڙيون ڪانگن کي،
ايرندي سج سان، پرين جي نہ پسنديون،
تہ ڪڍي کي ڪانگان، نوالا نيڻ ڏيان.

اکين کي تہ روڪي نہ سگھبو:

اکين کي آئون، جان ڪي جھلون پائيان،
لتاڙي لوڪ کي، ساجن سوئائون،
مون کي مُنائون، پاڻ پرجھي آئون.

وري کھڙو حال ٿين:

اکين پنھنجي مت، پاڻھي پاڻ سان ڪئي،
اتي وڃي لڳيون، جتي جان ڪپت،
نہ ڪو ڳالھ نہ ڳت، جو جيءُ ڏني ري نہ ملي.

اکين کي شاھ صاحب مجازياڻيون سڏي ٿو:

هي جي مجازياڻيون منهن ۾، ديک م تون سين تن،

ڪين سڄاتو سپرين، نهاري نيڻن،

پرين سي پسن، ٻئي جنهين پوٽيون.

آخر ۾ هي چار بيت، آسا جي مضمون کي ڪنهن حد تائين واضح ڪندا، شاهه صاحب فرمائي ٿو:

مون کي ماءُ مجاز، پجاري جئن پڄيو،

هٿن چڏي حاج، ويئي سار سنڌن مان.

-

منهنجي جان جدا ڪئي، حقيقت هٽي،

پساهه هڪ پرينءَ ري، سگهان تان نه ڪٽي،

ڏٺي ۽ ڏٽي، رهيو آهيم روح ۾،

-

مٺي هاٿيءَ تي مامرو، اڃي پيو انڌن،

مناڙين هٿن سين، اکئين ڪين پسن،

في الحقيقت فيل ڪي، سڄا سڃاڻن،

سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

-

محروم ئي مري ويا، ماهر تي نه مٺا،

چڙيءَ جئن چهنج پري، لڏيائون لٺا،

حُباب ئي هٺا، انهيءَ واديءَ وچ ۾.

شاهه جو رسالو مها ساگر آهي. ان ۾ مختلف سُر چوليون هني رهيا آهن. آسا به هڪ پرپور چولي آهي. محبت ۽ مجاز جي جذبن جي اپتار هن سُر جو خاص موضوع آهي. سنگيت جي لحاظ کان هي سُر آساوريءَ جي خاندان ۽ ٺاٺ جو تي سگهي ٿو.هن تي اڄان راڳ مالا جي مدنظر کوجنا نه ٿي آهي.

جيئن عرض ڪيم ته رسالو مها ساگر آهي، ان ۾ کي عواص ٽٻيون هڻي معرفت جا موتي چونڊي سگهندو. ڪو نقاد، شارح ۽ محقق پنهنجي وت ۽ وس آهر سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو، پر آخري سهارو وري به خود رسالو آهي.

هوڏانهن سسئيءَ جو بيان جيڪو رسالي ۾ پنجن سُرن تي مشتمل آهي، سو خود هڪ مکمل ڪتاب ۾ مس سمائجي. پارٽي پنجاب ۾ سسئيءَ تي پي ايچ ڊيءَ جو مقالو لکيو ويو آهي. مون هن باب ۾ سسئيءَ ڏانهن فقط ڪي اشارا ڪيا آهن. قدري تفصيل سان هڪ طويل مقالو لکيو اٿم. اهو منهنجي

ايندڙ آتم ڪهاڻي مجاز ۾ هڪ باب بعنوان پدمني ۾ ايندو. مطلب آهي ته هندو شاسترن ۾ عورتن جا جيڪي چار قسم آهن. انهن ۾ سيرت ۽ صورت جي مدنظر سڀئي پهريون نمبر آهي ۽ پدمڻيءَ جي پد تي فائز آهي. ان کان هيٺ ٽي قسم چترني، ڪامڻي(سنکني) ۽ هستني آهن. هونئن به هندو شاسترن کان قطع نظر رسالي ۾ سسئي اعليٰ ترين پد تي آهي. وري به رسالو هن معاملي جو شاهد آهي.

حوالا

١. بلوچ، نبي بخش خان، شاهه جو رسالو(سربستو)، جلد ٨-٩، علامه قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، ١٩٩٩ع، ص ٤(مقدمو)

٢. تقويم هجري و عيسوي، از ابو نصر محمد خالد موجب هجري سال ١١٠٢ جي پهرين محرم، ٢٥ سيپٽمبر ١٦٩٠ع آهي. فرض ڪجي ته جي شاهه لطيف جي ولادت پهرين محرم ١١٠٢ھ تي ٿي هجي ته به عيسوي سال ١٦٩٠ع ٿيندو. جي ان کان پوءِ ته عيسوي سال مورڳو ١٦٩١ع بيهندو.

٣. بلوچ، مٿي حوالو ڏنل – ص ٤.

٤. ايضا- مٿي حوالو ڏنل- ص ٨

٥. منهنجا رسالي جي سُرن جي موسيقيءَ بابت مقالا لطيف ڪانفرنس ۾ پيش ٿي ۽ پوءِ ڇپجي چڪا آهن. اهي سر سارنگ، بروي، سورٺ، رامڪلي ۽ راڻي بابت آهن.

٦. تنوير عباسي، شاهه لطيف جي شاعري، شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص ٤١.

٧. ڏسو قاضي ظهور الحق جو ڪتاب رهنماءِ موسيقي، ص ١٥٨.

**باب ٻيون**

صوفي شاهه عنايت شهيد(١٦٥٦-١٧١٨ع)

سنڌ جو هي ناميارو صوفي ۽ انسان دوست انقلابي دوريش، تعلقي ميرپور بٺوري جي نصريه ڳوٺ ۾ ١٦٥٦ع ۾ ڄائو. سندس سوانح عمريءَ جا خاص ماخذ مير علي شير قانع ٺٽويءَ جا ڪتاب تحفة الڪرام ۽ مقالات اشعراء آهن. تحفة الڪرام ۾ قانع شاهه عنايت جي آبا و اجداد جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جو وڏو ملا صدو لانگاه هو، جيڪو هڪ توڪلي درويش هو. شاهه عنايت جو شجرو هن ريت آهي: شاهه عنايت الله ولد مخدوم فضل الله ولد ملا يوسف ولد ملا شهاب الدين ولد ملا آجب ولد ملا صدو لانگاهه(١).

شاهه عنايت جي سوچ انسانيت جي تمام قريب ۽ پرماريت کان تمام دور هئي. هن جي تعليم تربيت جو حتمي نتيجو اهو بيٺو جو هو ظالم جي خلاف ٿيو، جيئن خطي جي غريب خلق خلاف ڏاڍن ڪي ڏنائين ٿهڪمزور جو پاسو ورتائين ۽ ظالم سان مهاڏو اٽڪايائين.

سندس حالات ۾ اهو لکيل اهي تهجوانيءَ جي دؤر ۾ حق ۽ علم جي طلب ۾ پنهنجو وطن ڇڏي پرديس ويو. سير سفر ڪندو حيدرآباد دکن ۾ هڪ درويش شاهه عبدالملڪ سان ملاقي ٿيو. ظاهري علم شاهه غلام محمد کان حاصل ڪيائين. اهو شاهه عنايت سان گڏ شاهه جهان آباد کان سنڌ موٽيو. شاهه غلام محمد جي عقيدت ۽ شاهه عنايت ڏانهن خلق جي رجوعات نهنتي جا ظاهر پرست برداشت ڪري سگهيا ۽ نہ مقامي ملا موراٿا، وڏيرا، گادي نشين ۽ حاڪم سهي سگهيا. لهٰذا هڪ سازش سٽي ويئي ۽ ان ۾ ٺٽي جي نواب مقامي ماڻهن مان ڪريمي درگاهه جو مسند نشين سيد عبدالواسع وڏيرو نور محمد پليجو ۽ حمل جت شامل ٿيا. هڪ پيرو غريبان مار تي، پر بادشاهي دربار مان غريبن کي زمين واپس ملي(٢). سازش گهري سٽيل هئي، ان ڪري شاهي دربار مان "باغين" جو بنياد پٽڻ جو حڪم اچي ويو. سازشين جو مڪو متو ۽ شاهه عنايت ۽ سندس مريدن جانثارن تي خوني حملو شروع ٿيو(٣).

مولائي شيدائي لکي ٿو ته:"هم اوست جي نعري سبب علما بهبرخلاف ٿي پيا(٤)". صوفي کان ڍل طلب ٿي. هنن چيو تهزمين بادشاهه جي طرفان مليل آهي، تنهن ڪري ڍل نهڏبي(٥). اڳوني گورنر مير لطف عليءَ کان پوءِ نواب اعظم خان ٺٽي جو گورنر ٿي آيو. ڍل کان صوفين پوءِ بهجواب ڏنو. هوڏانهن حاڪم جي چاڙتن اهو مشهور ڪيو تهشاهه عنايت ۽ صوفي فقير پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ گهرن ٿا. بادشاهه لاءِ تهاها گار هئي. دربار کان تهتنبيهه جو حڪم آيو، پر هتي تهتياري مڪمل هئي ۽ تنبيهه جي تياري هيئن ٿي جو ميان يار محمد جي مدد سان مقامي چاڙتن صوفين تي لشڪر چاڙهيو. هن حملي ۾ شاهه عنايت جا ڪافي مريد شهيد ٿيا. شاهه عنايت جي مريد مير جان الله شاهه رضوي مقابلي جي اجازت گهري، پر صوفي شاهه عنايت اجازت نهڏني. گهيرو اٽڪل ڇهه مهينا هليو. ٺاهه جون ڪوششون ٿيون، شاهه عنايت کي گورنر جي دربار ۾ گهرايو ويو. اها بهھڪ سازش هئي. ڳالهين مان جڏهن ڪڙ تيل نهنڪتو تهگورنر، شاهه عنايت کي ڪاوڙ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. نواب ۽ ساهه عنايت جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ۾ شاهه عنايت هر سوال جو جواب فارسي شعر ۾ ڏنو آهي. (ڏسو: تذڪره لطفي جلد اول، ٿيون ڇاپو. ١٩٦٣ع، ص ص ٢٦١-٢٦٢ ۽ ٢٦٣). جڏهن هي ارڏو ۽ اڏول انسان پنهنجي اصول تان نهھٽيو تهجلاد کي اشارو ڪيو ويو. شاهه عنايت شعر پڙهيو:

رها نيدي مرا از شر هستي،
جزاک الله في الدارين خيرا.

صوفي شاهه عنايت جي شهادت جو واقعو ١١٣٠هه/ ١٧١٨ع ۾ ٿيو(٦). ان وقت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عمر ٢٨ سال هئي. شاهه عبداللطيف جي همعصر شاعر طور بهسندس نالو آيو آهي. شاهه عنايت جو پنهنجي هڪ مقالي ۾ شاهه عنايت رضوي، عنايت فقير(ڏيرو يا چوڊو) سان گڏ ٽئين جنهن عنايت جو شاهه جي رسالي ۾ آيل ڪلام جو ذڪر ڪيو آهي سو شاهه عنايت شهيد آهي(٧). چنهصاحب ڪن بيتن

ڏانهن اشارا ڏنا آهن، جن ۾ عنايت تخلص وارا بيت شاهه شهيد جا ڄاڻي ٿو. هڪ بيت هي نروار ڪيو اٿس:

هلڻ مون تي حق ٿيو، پهچڻ پنهونءَ وس،
آري عنايت چوي، لوڙي آءٌ لهنديس،
اتي نهاريندس، جيڏيون پنهنجي جت ڪي.(٨)

هوڏانهن پروفيسر بدويءَ تذڪري ۾ ٻهڪ ئي بيت ڏنو آهي، جو هي آهي:

اڌر نڌر اپري، ڪوجهي ڪميڻي،
تنهن سان ٻار وچل ٻاجهون ڪيون، هوت ڏسي هيني،
اگهائي شاهه عنايت چوي، تنهن جي ٽڪر مان ٽيڻي،
جا هيءَ واجي وهيڻي، تنهن کي محب مليو مٻاڙ ۾(٩).

ايئنسنڌي بيتن جو معاملو منجهيل آهي. هڪڙو شعر بيو ٻهڪتابن ۾ آهي، جيڪو شاهه عنايت شهيد سان منسوب آهي. اهو فارسيءَ ۾ آهي:

سر در قدم يار فدا شد چھ بجا شد،
اين بار گران بود ادا شد چھ بجا شد.

شاهه جي رسالي ۾ سهڻيءَ ۾ هن شعر جي پهرين سٽ هڪ بيت ۾ تضمين ٿيل آهي.

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
سر در قدم يار فداشد چھ بجا شد، وصل اهو ئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، آران سي اڪارئين.

رسالي جي ڇاپن ۾ هن بيت جون پڙهڻيون مختلف آهن. ڊاڪٽر بلوچ هن بيت کي پنهنجي تاليف”شاهه جو رسالو، ساهه جو ڪلام“ ۾ شاهه جو بيت ڪري آندو آهي. فارسي مصرع شامل نهڪئي اٿس.

فارسي شعر ڪنهن جو ٻهجي گذريل صديءَ جي سٽ واري ڏهاڪي ۾ بزم طالب المولىٰ طرفان هڪ طرح مصرع هن شعر تي آڏاريل ملي هئي. سڄو شعر ڪنهن شاعر هيئن ٻهاريو هو، جو هن شعر جو ترجمو هو:

سر يار جي قدمن تي فدا ٿيو تهبجا ٿيو،
هي بار گران هو، ادا ٿيو تهبجا ٿيو.

بهرحال صوفي شاهه عنايت سنڌ جي هڪ قداور شخصيت آهي. هن جي زندگيءَ ۽ حالات توڙي شعر بابت وڌيڪ معلومات موجود نهآهي، جو سندس باري ۾ ڪي وڌيڪ تحقيقتون بيان ڪري سگهجن.

جيستائين سنڌي شعر جو تعلق اهي، ڊاڪٽر بلوچ رسالي ۾ ٻين ساعرن جي ڪلام جي سلسلي ۾ صوفي شاهه عنايت جي ڪنهن بيت ڏانهن پنهنجي تاليف”شاهه جو رسالو، رسالي جو ڪلام“ ۾ ڪو بهاشارو نهڪيو آهي.

جمن چارڻ (وفات ١١٥١هه/ ١٧٣٨ع)

جمن چارڻ مدح جي ڪري مشهور آهي. جمن ولد محمد بخش چارڻ تعلقي گنبٽ ۾ ڳوٺ کهڙن جو هو. هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو وڏو همعصر هو. هو نابين ۽ بي اولاد هو. ڏٽيءَ در دعا گهريائين ته: ”سوني ٻانهينءَ سان ٺنهن ، پٽ جهوليءَ ۾ ڪير ولوڙيندي ڏسان.“ سندس هي سوال مشهور ٿيو آهي. هي سوال درگاهه ايزديءَ ۾ قبول ٿيو.

جمن جا مقالا بهمشهور آهن. اهي آهن: پنج ئي بدنام، پنج ئي مئي مت، پنج ئي سهنج ۽ پنج ئي گهوڇائي، سندس چيل گلن بابت نظم جو بهحوالو آيو آهي ۽ ميان نور محمد جي قلات جي حاڪم سان جنگ بابت بهنظم چيل اٿس. جمن چارڻ جي قبر پير ڪٽپر جي قبرستان ۾ ضلعي خيرپور ۾ آهي. چوڏهين رجب ١١٥١هه/ ١٧٣٨ع تي وفات ڪيائين. سندس مقبوليت مدح، مناجات يا ”پير پيران بادشاهه“ جي ڪري آهي. هيءَ مدح ڪن بندن کي ڇڏي مخمس بند جي صورت ۾ علم عروض تي ٦١ بندن تي مشتمل آهي. تايخ جي لحاظ کان بهقديم آهي، چند بند هي آهن:

نام خدا يا مصطفيٰ يا پير پيران بادشاهه،

تو هئون مڱان صحت و شفا، صحت و شفا شرم و حيا،

تنهنجي مريدن سان وفا، تنهنجي مڱئي سپ ڪنهن نفعا،

يا پير پيران بادشاهه.

-

روشن ٿيا چوڏهن طبق، هفت زمين هفت فلڪ

مخلص مريديءَ ٿيا ملڪ، ديو و پري خادم خلق

يا پير پيران بادشاهه

تون درڳ خدا جو دفتري، راه خدا ڪر رهبري،

پٽ دين دنيا جي دري، واهر ڪيو و هلو وري،

يا پير پيران بادشاهه

ڪل پير تي آ پڳ سنڌءِ، عالم سوالي جڳ سنڌءِ،

جمن مداحي سڳ سنڌءِ، پيزار جو پس لڳ سنڌءِ،

يا پير پيران بادشاهه

-

اتر ڏکڻ اولاد تي، تنهنجو طلب سج ماه تي

ڪو غور ڪر مان ڏاه تي، ڪلمو محمد شاه تي،

يا پير پيران بادشاهه(١٠).

سنڌي مدحيه ڪلام ۾، جمن چارڻ جي هه:٤ مناجات، مدح زماني جي لحاظ کان اوليت رکي ٿي. عروضي ڪلام جي مدنظر بههن مدح جي اهميت آهي.

مخدوم عبدالروف ڀٽي هالائي(١٦٨٢-١٧٥٢ع)

سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مولود گو شاعر مخدوم عبدالروف آهي جو درويش جي هڪ خانوادي جو چشم و چراغ هو. خانبهادر ميمڻ لکي ٿو ته: ”ڀٽي بزرگ اصل دهليءَ جي راجا جادم جي پٽ پوپٽ جو اولاد آهن. راجا جادم وري سري رامچندر بن راجا دسرٿ جي نائين پيڙهيءَ ۾ هو(١١)“. تحفة الڪرام تان ورتل هن حوالي موجب خانبهادر لکي ٿو ته: ”راجا جادم جي انين پيڙهي٤ ۾ ارجن بن وريه نالي راجڪمار جيسلمير جو حاڪم هو، جو مخدوم بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني عليہ رحمت جي نظر فيض اثر سان مسلمان ٿيو ۽ ولايت جو درجو حاصل ٿيس(١٢)“. سندس نالو عبدالله رکيو ويو ۽ غوث جو خليفو ٿي سنڌ ۾ آيو. هو پنهنجي فرند مخدوم اسماعيل سميت هالن نون جي پران ماڙي محمد خان ڳوٺ ۾ اچي رهيو(١٣).

هن خاندان ۾ اهل دل درويش ٿي گذريا آهن. جن ۾ سمن جي حڪومت ۾ بزرگ مخدوم احمد ولد مخدوم اسحاق سان بيت بهمنسوب آهن: سر ڏيئي ست جوڙ ۽ سڏ سئي پرين جو (ڏسو موجوده ادبي تاريخ جو دؤر پهريون). مخدوم احمد سان عبدالروف جو سجرو مٿي هن طرح ملي ٿو: مخدم عبدالروف بن مخدوم عمر بن مخدوم عبدالحميد اول بن مخدوم فتح الله بن مخدوم اهمد(١٤). مخدوم عبدالروف ١٦٨٢ع ۾ هالن ۾ ڄائو.

مخدوم ابراهيم جنهن جي سنڌي مشهوري آهي، سو مخدوم عبدالروف جو پاءُ هو. هن خاندان ۾ ايندڙ صدين ۾ عالم پيدا ٿيا. وقت جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي وٽ مخدوم عبدالروف ڀٽيءَ جي گهڻي قدر و منزلت هئي. مخدوم عبدالروف جو شعر مولودن ۽ مداحن جي صورت ۾ آهي. ڪيس مقبوليت خاص طور مولودن سبب ملي. اڪثر پنهنجو تخلص ”عاصي عبدالروف چئي“ آندو اٿس. سندس ڪلام علم عروض توڙي ڪافين جي انداز ۾ آهي.

مخدوم عبدالروف هڪ سچي عاشق رسول وانگر مديني ۾ مرڻ ۽ ديار حبيب ۾ دفن ٿيڻ جي تمنا ڪئي جا پوري ٿيس. ٻئي حج ڪرڻ جي موقعي تي مدينهمنوره ۾ ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس ڪو اولاد ڪونهي.

سندس پائرن جو اولاد اجا موجود آهي(١٥).

انهن مان منهنجو استاد مخدوم محمد صالح ڀٽي ٻههڪ عالم ۽ اديب هو.

مخدوم عبدالروف جو ڪلام عشق رسول ﷺ جي جذبن جو آئينو آهي. ڪلام ۾ جذبات جي شدت“ ۽ سڪ جو بيان نمايان حيثيت رکي ٿو. مخدوم صاحب جي ملودن ۾ ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تاليف ملود ۾ ۷۷ مولود درج ڪيا آهن. نمونو هي آهي:

جيڏيون جانب گهوٽ موچارو آيو،
پرڻي رات رسول جي ملڪن مشڪ ورهايو،
گهورون گهوٽ رسول تان ماڻڪن مينهن وسايو،
چارئي يار رسول جا، پنج تن پاڪ پسايو،
عاصي عبدالروف جون، پرور سڀ پچايو.

-

گهوٽ گهمي گهر آيو، ريت چڱيءَ سان رانيو،
سينگار سچي سيد کي، پاڻ ڌڻيءَ پهرايو،
آيو گهوڙو گهوٽ لاءِ چاڙهي گهمايو،
سُرهي سيج رسول جي، موتين ساڻ مڙهايو،
پرڻي رات رسول جي، ملڪن مشڪ ورهايو.
عاصي عبدالروف چئي، ڪلمو پاڪ پڙهايو.

-

منا مرسل اجها انور!ڪريو اڄ داد مون دلبر!
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، ڇيو پاڻ ڌڻي پرور،
رب راضي ٿيو رسول تي، ڏينهن جو ڏاتر،
امت ڇڏائي آيو، پنهنجي، پاڪ پيارو پيغمبر،
شفاعت شفيع جام تي، مولويٰ ڪئي مقرر.
فرزند بيبيءَ فاطمه، شبير ۽ شبر،
ملندا مون مشتاق کي، غم لاهين گوندر،
عاصي عبدلاروف چئي، ڪلمي جي آڌر.

-

پانڌي پرين پار جا، پڙهندي ويڙاسين صلوات،
ملڪ مديني مير جي، مني آ ميوات،
پڙهندا ويڙا سي صلوات

پڙهو لبيڪ هل تهلون مومن ويڙاسي عرفات،
پڙهندا ويڙها سي صلوات،
خاوند خير ڏيارئين، خالق مون خيرات،
پڙهندا ويڙا سي صلوات،
عاصي عبدالروف چئي، وائي ڪلمي وات،
پرهندا ويڙا سي صلوات.

-

منارا مير مرسل جا ڏسان شل ڏيهه سڀ ڏوري،
هلي هالا مٿيان مسڻ(ميسا)، انڙپور ڪي چڏيان اوري،
مٿيارين جي ڪعبي(محابي) ڪان، گهليون مانجهند چڏيان گهوري،
ڪوٽ ڪوٽڙي ڪها ڪوڪر، سوندا سيريون چڏيان سوري،
ننگر بندر ۽ ٻاگاٺا، ڪراچ؛٤ ڪان وجان ڪوري،
مسقط مطر ۽ مربالون، ڪو مڪلان مٿيان موري،
حدود مان هلان هل سان، جدي ۾ جاء٣ وهاڻ جوڙي،
هلان جدي منجهان مڪي، ڪريان طواف ڪعبي جو،
پيان پاڻي سندو زمزم، چڏيان احرام ات چوڙي،
مديني جي خاڪ سڀ سرمون، وجهان اکين پتر پوري،
عبدالروف چئي سر ڪريان صدقو رڪان ڪرسيءَ اڳيان ڪوري.

هي آخري مولود بحر هزج مثمن سالم موجب موزون ٿيل آهي. مولودن جي زبان ۽ بيان ۾ رواني ۽ سلاست اهي. مخدوم صاحب جي هڪ مدح مان اقتباس هي آهي:

هو عاشق فرزند اوتي بيحد بسيارا،
مولو مشتاق نبيءَ تي، نبي فرزند مٺا،
عاشق اصحاب ٿيا، سڀ مائل مشتاقا،
تنهن جي حلم حيا جو، هئو مٿو نهمورا،
جنهن ڳڏيو  تنهن جهڙو، سياڻو سينتا،
ماڪيئون منو گهٽو، سونهارو سهجا،
ڪامل ڪماليت ۾، هئا اڪمل اصلا.
ڪريان قصي جي ڳالهڙي ڪدي ڪتابا،

جڏهن ٿيو امر الله جو، ملڪ الموت ڪنا،
وڃي چئو تون رسول کي، سهسين سلاما،
تهآڻائيو حضرت ابراهيم کي، مولي مولڪ خدا،
تڏهن حڪم ٿيو جبريل کي، وڃ ڏانهن رسولا،
اختيار ڪيائين تنهن جي، ڳالهين بن رضا،
پڻ پيارو تون ڪرين، يا پياري امتا- الخ.

مخدوم عبدالروف ڀٽي جا مولود ۽ مداحون سنڌي شاعريءَ ۾ انهيءَ لحاظ کان بهاهم آهن تهھُو هڪ عالم ساعر هو. سندس ڪلام بلاغت ۽ فصاحت جو اعليق نمونو آهي. پاڻ کان پوءِ جي شاعرن جي ڪلام تي گهڻو اثر ڇڏيائين(١٦).

سلطان اولاوليا خواجه محمد زمان ۽ خاندان (١٧١٣-١٧٧٤ع)

خواجه محمد زمان جو پهريون سوانح نگار سندس همعصر سنڌ جو ادب ۽ تاريخ نويس مير علي شير قانع اهي، جنهن پنهنجي شهر آفاق تصنيف تحفة الڪرام ۾ خواجه صاحب جي زندگيءَ جي دؤر ۾ هيئن لکيو. "ميان محمد زمان، اڄ ڪلهه جو مرشد ۽ ميان ابوالقاسم نقشبندي ۽ ميان محمد نقشبندي ٺٽوي جي مريدن مان آهي. ڏاڍو هدايت وارو نقشبندي سلسلي جو مريدن جي مرجع ۽ وڏين ڪرامت جو صاحب آهي. هن وقت بدين جي ويجهو لواريءَ جي ڳوٺ ۾رهي ٿو. هڪ دنيا کي فيض جي درياهه مان سيراب ڪري رهيو آهي. گهڻن ماڻهن جو اعتقاد آهي تهھن وقت سندس وجود بينظير آهي. ڪنهن بهپئدائش نههوندي بهوتس عام مهمان خانو هلي ٿو. عجب هي آهي تههڪ ٿولو حقيقت کي سمجهڻ کان سواءِ رڳو ظاهر تي متس طعنهزنيءَ ۾ مشغول آهي. هنن ڏينهن ۾ الاهي قضا کي پهتو آهي. يعني سنه١١٨٨هه جي پڇاڙيءَ ۾ گذاري ويو آهي(١٧)."

تحفة الڪرام جو هي(ٽيون) جلد مير علي شير قانع ١١٨٠هه کان ١١٨١هه تائين لکيو. پر ان ۾ ١١٨٨هه تائين اضافا ڪندو رهيو. اهڙو اظهار پير حسام الدين تحفة الڪرام جي سنڌي ترجمي ۾ مير علي سير جي سوانح ۾ڪيو آهي(١٨).ڳ ان سان گڏ اهو ڏسبو تهمير علي سير، خواجه محمد زمان جو هم عصر هو ۽ ڪائنس ١٥ سال ننڍو هو.

سلطان اولاوليا خواجه محمد زمان ڪلان ۽ سندس وڏن جو بيان ١٨ صدي عيسويءَ جي ڪن ٻين ڪتابن ۾ اڄڻ سان گڏ ٢٠ صدي عيسويءَ ۾ ڇپيل ڪن ڪتابن ۾ بهآيو. انهن ۾ بدويءَ جو تذڪره لطفي(جلد اول) اعجاز الحق قدوسيءَ جو تزڪره صوفياءِ سنڌ(اردو)، مولانا دين محمد وفاقيءَ جو تذڪره مشاهير سنڌ(ٽيون جلد) وغيره اچي وڃن ٿا. لنواري شريف جي بزرگن ۽ خليفن جا ڪتاب ان کان سواءِ آهن، جيڪي ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جي ڪتاب"لنواريءَ جا لال" جا ماخذ آهن، هاڻي لنواريءَ جي

پنجن گادي نشين بزرگ ۽ عالم خواجهه محمد سعيد جو فارسي ڪتاب صقال الضمائر ترجمي جي صورت ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ سندس والد ۽ چوٿين سجاده نشين حضرت شاهه مدني محمد حسن جي زندگيءَ جو احوال آهي.

سلطان اولاوليا خواجهه محمد زمان جو والد حضرت حاجي شيخ عبداللطيف هو. هي بزرگ پراڻي لنواريءَ ۾ رهندو هو. ڪيس ڪن عارفن هڪ باڪمال فرزند جي بشارت ڏني(١٩).

لنواريءَ جي هن لال خواجهه زمان جي ولادت لنواري شريف ۾ ٢١ رمضان ١١٢٥هه (١٧١٣ع) تي ٿي. جڏهن مدرسي ۾ وڃڻ جي عمر جو ٿيو تهڪن مخلصن جي صلاح سان ڪيس ٺٽي حصول علم لاءِ موڪليو ويو. مولوي محمد صادق نقشبنديءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو ته: "انهيءَ زماني ۾ ٺٽي ۾ خواجهه محمد ابوالمساڪين ولد خواجهه محمد اشرف جي تصوف ۽ فيض جو بهشهر ۾ شهرو ٿيل هو. هڪ دفعي خواجهه محمد زمان جي خواجهه ابوالمساڪين سان راهه ويندي چار چشمي ٿي وئي، جتي هن نوجوان جي طبعي استعداد ڪي تاڙي ورتائون ۽ ڪيس خانقاهه تي وٺي آيا. ان ڪان پوءِ بهڪيترا دفعا خواجهه محمد زمان ڪي خانقاهه ۾ گهرائيندا هئا ۽ طريقت ۾ داخل ٿيڻ جو ڏس ڏيندا رهيا. آخر جڏهن پويان درسي ڪتاب جئن تلويح توضيح پڙهي پورا ڪيائون تڏهن نقشبندي طريقي ۾ خواجهه محمد ابوالمساڪين جي صحبت ۾ داخل ٿيا(٢٠)."

خواجهه ابوالمساڪين کان فيض حاصل ڪرڻ ۽ مريد ڪرڻ جي بهخواجهه محمد زمان کي اجازت ملي ۽ ان کان پوءِ ڪين پنهنجي ڳوٺ لنواري شريف وڃڻ جو حڪم مليو ۽ ٢٥ سالن جي عمر ۾ ١١٥٠هه ۾ وطن وريا ۽ خلق جي خواجهه محمد زمان ڏانهن رجوعات ٿي. ان سبب مخالفت بهپيدا ٿي. جنهن جو مير علي شير قانع، تحفة الڪرام ۾ اشارو ڏنو آهي. لڳي ٿو اها مخالفت اڄا تائين جاري آهي ۽ ڪيسن، قيدن ۽ خونن تائين پهتي آهي. ١٩٤٦ع کان اها آءٌ بهڏسندو اچان. ويهين صدي عيسويءَ جي آخري ٻن ڏهاڪن ۾ صورت حال گاديءَ جي اختلاف سبب خراب ٿي. ستين سجاده نشين پير گل حسن صاحب جي وفات کان پوءِ خونريزي ٿي ۽ ڪي فرد جيلن ۾ بهمري ويا. ٢٠٠٣ع ۾ بدين شهر ۾ خون ٿيو. خير هي سياسي، مذهبي ۽ ذاتي معاملا هئا. انهن جو ادب تي اثر تهپئجي سگهي ٿو، پر لنواري شريف جي علمي خونوادي جا هي فرد آڳاٽا آهن ۽ خواجهه محمد زمان کان خواجهه مهمد سعيد جي علمي ادبي تخليقات جو جائزو هت مقصود آهي.

خواجهه صاحب جو والد بهسهروردي طريقي مان نقشبندي طريقي ۾ ايل هو. والده مولانا عبدالسلام جوڻ واري جي دختر نيڪ اختر هئي، مولانا عبدالسلام لاءِ مرغوب الاحباب ۾ آيو اهي تههو هڪ درويش ۽ ابدال هو. فجر جي نماز ڀڄ (ڪڇ) ۾ پڙهندو هو، پوءِ مانجهاندو لنواريءَ ۾ ڪندو هو، ظهر بدينڻ(بدين) ۾ پڙهندو هو ۽ عصر جوڻ ۾ پڙهندو هو، جتي سندس گهر هو. مغرب لنواري شريف ۾

تهعشاء جي نماز واپس وڃي پيچ ۾ ادا ڪندو هو(٢١). خواجهه محمد زمان عبادت، رياضت ۽ خلق کي تزڪيهه نفس جي تلقين ۾ وقت گذاريندو هو. خواجهه خواجهه صاحب جو ڪلام(٨٤ بيت) ۽ مفلوظات موجود آهن. ملفوظات لنواري شريف جي ڪن بزرگن، خليفن ۽ مريدن جون جمع ڪيل آهن. جن ۾ فردوس العارفين ۽ مرغوب الاحباب اهم آهن. ملفوظات ۾ مختلف واقعن، ڪرامتن ۽ بين لاڳاپيل ڳالهين جو ذڪر آهي. ميان غلام شاهه جي دربار جو بهڏانهن گهڻو صدق هو، جاگير ڏني وئي، پر قبول نهڪيائين.

سلطان الاوليا خواجهه محمد زمان قدس سره جا ٨٤ سنڌي بيت سندن بصيرت جو اعليٰ مثال آهن. سندن مريد خاص خليفي فقير عبدالرحيم گرهوڙيءَ انهن جي عربي زبان ۾ شرح لکي ان جو اختصار سان سنڌي ترجمو، بيتن سميت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ڪي ٧ ١٩٣٩ع ۾ ڇپيو، اردو ترجمو محمد آدم اسحاقانيءَ ڪيو جيڪو ١٩٨٥ع ۾ ڇپيو. تفصيلي عربي شرهه اڃان بهاڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهي. خواجهه محمد زمان ١١٨٨هه/١٧٧٤ع ۾ وفات ڪئي.

خواجهه صاحب جا سنڌي بيت، سنڌي شاعريءَ جو بي بها خزانو آهن. انهن بيتن ۾ عشق الاهي جي اپٿار ڪيل اهي. سنڌيءَ ۾ هنن بيتن جي سمجهاڻي روحاني ۽ معنوي توڙي لفظي انداز ۾ ڏيڻ جي گرهوڙي صاحب سهڻي ڪوشش ڪئي آهي. هي بيت نهايت ڳوڙهي معنيٰ رکڻ وارا آهن. انهن کي سمجهڻ جي ڪاوش ٿيندي آئي آهي. پر ادب جو شاگرد انهن کي ايترو آسانيءَ سان سمجهي سگهندو؟ اهو مسئلو قائم رهندو. بين سنڌي رسالن جي مقابلي ۾ هي ڪلام دقيق آهي. ان ۾ سمايل ڳالهه کي سمجهڻ هونئن ايترو آسان ڪونهي. پر لفظ هڪڙي معنيٰ ظاهر ڪري وڃهن ٿا. خواجهه محمد زمان ڪو عام شاعر نهآهي. هو هڪ درويش ۽ عالم شاعر اهي. هڪ هڪ ڳالهه هڪ هڪ لفظ پوري سوچ سان آندو اٿس. عارف ۽ عشاق ڪير آهن؟ هي اهي سچا سالڪ آهن، جيڪي محبوب حقيقي جي ديدار لاءِ آتا آهن، جيڪا ڳالهه شاهه لطيف هيئن چئي تهاپا ائين چون تهپرين ڪجو پنهنجو- تنهن کي خواجهه محمد زمان هن انداز سان واضح ڪيو:

عارف ۽ عشاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق، اڃان اوراهان ٿيا.

گرهوڙيءَ جي لکيل عربي شرح کي ڊاڪٽر دائود پوٽي تفصيل کي ڇڏي مختصر هيئن ڪيو آهي تهالله جي عبادت کان پوءِ دعا گهرڻ واري جي دل ۾ ڪيئي مطلب آهن. جهڙوڪ: بهشت گهرڻ وغيره، پر محبوب حقيقي کي پسڻ جي خواهش ڪرڻ مقصود هجڻ کپي(٢٢).

گرهوڙي صاحب جي ڳوڙهي عربي شرح لاءِ ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو: ”بزرگ تمام ڳورهو ويو آهي. بعض ٺهخاص اصطلاحن ڪري سندس عبارت اهڙي پيچيدي ۽ ڏکي آهي، جو ان کي غريب سنڌيءَ ۾ آٽڻ ئي مشڪل ٿيو پوي(٢٣).“

عربي شرح ان ڪري بهڳوڙهي آهي جو ڪلام ۾ خاص نُڪتن جي وضاحت سبب ڳوڙهو ۽ ديق آهي ۽ عامي نوعيت جو آهي. آهن ٨٤ بيت پر جڻ هڪ مڪمل رسالو اهي. جو معنويت جي موتين سان مزين آهي. بنيادي فلسفو خواجهه محمد زمان جي ڪلام ۾ عشق الاهي جي اپنار آهي. پاڻ وسارڻ ۽ دنيا جا پدارث ڇڏڻ جي تلقين آهي. هينيان ٻه بيت انهيءَ ڳالهه جي سمجهاڻي ڏين ٿا:

جڳ تنين جي جاءِ، جنين ڇڏيو جڳ کي،
سيپي تو سهداءِ جي تو سهد نهتن سين،

-

جاهل جتڪ سڪن جو، عارف سور سٺهاءِ،
سورن سندي ساءِ، راحت رسي روح کي.

۽ جن سجڻ کي ڏٺو تن کي غير کي ڏسڻ گناهه آهي. خواجهه صاحب فرمائي ٿو:

سجڻ ڏٺو جن، تن ڏسڻ غير گناهه،
جنين لڌي راهه، وهڻ تنين وه ٿيو.

حقيقي محبوب جو ديدار ۽ ان جي حاصلات سولي نهآهي. ان لاءِ ٻئي جهان گهورٽا پوندا، پر جي ان جي صحبت جو هڪ پل، هڪ لمحو حاصل ٿئي. ڪهڙي نهفصيح زبان ۾ اثرائتو توڙي چٽو خيال ظاهر ڪيل آهي:

گهوريان هي جهان، هُو پڻ گهوري ڇڏيان،
پلڪ پريان سان، جي مون سري جيڏيون.

اها روحاني رمز آهي. ڪا ظاهري ڳالهه نهآهي. هن سلسلي ۾ روح ۽ جسم جي باهمي ٻيٽ ڪندي خواجهه صاحب ٻگهن جو مثال ڏي ٿو، جيڪي مچيءَ جي طلب ڪن ٿا. پارس نٿا پسن. فرمائي ٿو:

سڪ روحاني سامئين، جسمي جاهلن،
ٻگهن مڇي من، پارس پسن ڪينڪي.

سالڪ جي زندگي ڪيئن آهي جو هُن جي رڳ رڳ حالي ميثاق يا نفسي وجود ۾ حقيقي محبوب جي وجود جو اقرار ڪري. ان اقرار لاءِ خواجهه صاحب فرمائي ٿو:

پل پل پوءِ پچار، مُلڪ ۾ ميثاق جي،
ڪڪ پن ڪن قرار، اسين بانها تون ڏٺي.

احو پاڻ سڃاڻن سان ئي سگهي ٿو. پاڻ ڏٺو پرين ڏٺو: من عرف نففسہٗ فقد عرف ربہٗ- بزرگ فرمائي ٿو:

جنين ڏٺو پان، تنين ڏٺو سپرين،
غلط اي گمان، تهعارف پسي آرسي.

شرح جيءَ آجي تج خدائي ذات جي حقيقت کي خدا کان سواءِ بيو ڪو بهڏسي نٿو سگهي. گهٽي ۾ گهٽو سڀ ڪو واصل پنهنجي باطن يا معنيٰ يا حقيقي کي ڏسي سگهي ٿو. ذات جو دروازو بند آهي. تنهن جي ڪري عارفن چيو آهي تهتون پنهنجي سچ مٿان ڪڪري آهين، سو پنهنجي حقيقت سڃاڻ(٢٤).

تصوف شاعريءَ جو تاجي پيٽو آهي. اهو صوفي بزرگن جي ڪلام ۾ ظاهر آهي. تصوف موجب انسان خدا جي وجود جو مظهر آهي. هن ڪائنات جي ڪل موجودات کي پنهنجو وجود نهآهي. پرتوو آهي، حق حقيقي ۽ حسن الله جو اڪثر تصوف جون غلط معنائون بهڪيون ويون آهن. شريعت ۽ طريقت جو ٽڪراءُ بهڏيکاريو ويو آهي. خواجهه محمد زمان جي ڪلام ۾ پنهنجو وجود وساري هق ۾ گم ٿيڻ جا مثال موجود آهن. احو ڪو شريعت جو انڪار نهآهي. خود تلقين ڪري تهوجود هڪ حجاب آهي، جنهن کي الاهي باه ساڙي ٿي. تنهن ڪري هن کي دنيا ۾ ان کي نماز سان ساڙي ڇڏ. جيڪي الله کان سواءِ پوڄجي ٿو، سو دوزخ جو باڻ آهي:

هئڻ تو حجاب، لاه تهلهين سپرين،
الصواة من الصلا، ڪامي ٿي خواب،
جسمي دوزخ داب، ڪل ڪانئي داخلي.

پاڻ وڃائڻ خود کي وسارڻ لاءِ صاف لفظن ۾ چوي ٿو:

سسئي پنهون ساڻ، لنگهه تهلوڏئا ابهين،
صاحب تنين ساڻ، جنين پاڻ وڃائيو.

عارفن ۽ عاشقن کي پرين جو پسڻ ضروري آهي، جدائي هنن جي سهڻ کان ٻاهر آهي. اهو نور ئي عارفن کي نظر ۾ سمايل هجي نهتهمسجد ۽ مندر ۾ ڪهڙي طلب ڪندا.

پسڻ ڏاران پرينءَ جي، تفرقو ظڻورون،
نظر ۾ نورون، مهت مڙهي سپ هيڪڙي،

خواجهه صاحب جي ملفوظات ۾ بهحضور اڪرم ﷺ جي حيثيت تي اهل دل ۽ ظاهر پرستن ۾ اتفاق نهآهي. انهن حقيقت محمديءَ جو جيڪو بحث ڇيڙيو. ان کي خواجهه صاحب هڪ بيت ۾ ئي سمجهايو:

عجب جهڙي آه، حقيقت حبيب جي،
نڪي ڇئبو سو ڏٽي، نڪي مخلوقا،

شفق جي سجاه، جامع ليل و نهار کي.

گرهوڙي صاحب هن بيت جي شرح پنهنجي”سنڌي“ ۾ تفصيل ساڻ بيان ڪئي آهي. مطلب تهخواجه محمد زمان جو ڪلام حڪمت ۽ ايمان افروز نڪتن جو مجموعو آهي. جنهن کي سمجهڻ لاءِ گهڻي ڌيان جي ضرورت آهي.

شاه عبداللطيف سندن شهرو ٻڌي کين ملڻ آيو. ساه صاحب ڪانئن اٽڪل ٢٣ سال وڏو هو. ڪيس حضرت سلطان اولاوليا خواجه محمد زمان جي روحاني درجي جي خبر هئي، تڏهن کهي لنواريءَ آيو، ان ملاقات جو احوال درگاه لنواريءَ جي ڪتابن ۾ درج ٿيو، جتان پوين محققن ورتو. اهو هن ريت آهي تههڪ پيري شاه عبداللطيف ڀٽائي صاحب، خواجه صاحب جي روح رهاڻ لاءِ لنواريءَ شريف آيو، جڏهن حجري جي دروازي تي پهتو تهخادم کي اندر روانو ڪيائين تهاندر اچڻ جي اجازت وٺي اچي. خادم کي خواجه صاحب جواب ڏنو تهڪا ساعت ترستو تهاسين اوهان جي استقبال لاءِ اچون ٿا. شاه صاحب پڇيو تهڪهڙو مشعوليءَ ۾ هئا ۽ خادم جواب ڏنو تهماڻ ۾ وينا هئا. شاه صاحب فرمايو تهمشغوليءَ مان ڪڏهن فارغ ٿيندا جو اسان ڏانهن توجهه ڪندا؟ هل تهاندر هلون. شاه صاحب اندر اچي هي بيت چيو:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جن هينان هان ڪنڌ، آءٌ نهجيندي ان ري،

خواجه صاحب جن جواب ڏنو:

ڪين آهين ڪين ٿيندين، وجي ڪين ڪهاءِ،
لاڳاپا لوڪ جا، ”لا“ سين سڀ لهراءِ،
سامي پو سلنداءِ، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

شاه صاحب چيو:

قلم وهي ويو ڪانهه، سر ڪنهن سهاڳ لئه،
انگ اڳيئي لکيو، ات نهپهچي ٻانهه،
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، تهپرين مون سين هيئن ڪيو.

خواجه صاحب فرمايو:

ويهه وجي وٽ تن، قلم جنين هٿ ۾،
ميٽئو اکر اڳيون، واري ٻيو لکن،
پنو سوپاڙهن، جنهن مان پسين پرينءَ کي.

بيتن جي ان رهاڻ کان پوءِ فنا ۽ بين مسئلن بابت گفتگو ٿي، شاه صاحب مريد ٿيڻ لاءِ چيو. جواب مليو راڳ اسان جي طريقت ۾ سواءِ ڪن موقعن جي حرام آهي. اهو تهترڪ ڪرڻ شاه صاحب لاءِ

مشڪل هو. ڪيس چادر ڍڪيائون. شاهه صاحب ان چادر جي ڪفن جي وصيت ڪئي، جا پوري ٿي. دفن بعد اها قبر تي پڙ جي صورت ۾ چاڙهي ويئي. روايت اهي ته خواجه صاحب شاهه صاحب جي تعريف ڪئي ۽ مريدن کي چيائون ته اوهان وانگر صاحب دل آهي.

شاهه صاحب، خواجه صاحب لاءِ هميشه هي بيت چوندو هو:

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،

انين سندي ڪا، ڪري نهسگهان ڳالهڙي.(٢٥)

ٻنهي عارفن جي روح رهاڻ ٿيڻ ۽ ايترو چون کان پوءِ خواجه صاحب، فنا جي اپٽار ڪندي هڪڙو بيت چيو:

جئن چتونءَ کي خزران، تئن مون پاڙون سپرين،

هن وڃائي جان، مون نشاني نهليي.

خوانقاه لنواريءَ جا ٻيا عالم ۽ عارف

محبوب الصمد خواجه گل مهمد حضرت سلطان اولاوليا خواجه محمد زمان جو فرزند هو. سندس ولاد ربيع اولاول ١١٧٧هه/ ١٧٦٣ع ۾ ٿي. ظاهري تعليم ڏانهن لاڙو ڪو نههوس. هڪ مست فقير کان قرآن شريف پڙهيو. اُن کان پوءِ مولانا شرف الدين شهداديوريءَ کان ڪجهه علمي ڪتاب عربيءَ ۾ پڙهيائين. خواجب گل محمد اجان ٻارهن سالن جو مس هو ته سندن والد صاحب گذاري ويو. اڪثر مريد ڪو ڌيان نهڏيڻ لڳا، پر فقير عبدالرحيم گرهوڙي همت ڪري کين گاديءَ تي وهاريو. خواجه گل محمد علوم جا بحر هئا، ان جو ذڪر ڪيترن مريدن، خليفن ۽ ٻين ماڻهن ڪيو آهي. نهايت محبت ۽ شفقت سان پيش ايندا هئا. ادب و آداب ۾ سندن جواب ڪو نههو. پاڻ قلندر صفت انسان هئا، خود فرمايائون تهدنيا فقط ارڙهن سالن جي عمر تائين وڻندي هئي. ٽيهن سالن ۾ پهچندي ٻئي جهان هڪ جهڙا نظر اچڻ لڳا.

محبوب الصمد خواجه گل محمد، عشاء جي نماز کان ٿورو اڳ ٢٧ ربيع اولاول ١٢١٨هه/ ١٩٠٣ع ۾ چاليهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

سندن تصنيفات جو ذڪر ايندڙ صفحن ۾ موجود آهي(٢٦).

غوث عالم خواجه محمد زمان ثاني

هي بزرگ خواجه گل محمد جو فرزند هو. سندس ولادت رمضان شريف ۾ ١١٩٩هه/ ١٧٨٤ع ۾ ٿي. پاڻ جمندي جام هئا. سندن والد صاحب جي خليفي حڪيم سيد نور علي لڪويءَ چيو ته کائنئن پڇيو ويو ته ڪن ولين کان نقل آهي ته هو اک چنڀ ۾ غائب ٿي ويندا آهن ۽ ٻئي هنڌ وڃي ظهر ڪندا آهن. اهو ڇا آهي؟ جواب ڏنائون ته اهي ڪلمه ”لا“ جي نفي ڪندي غائب ٿي ٻئي هنڌان جو اثبات ڪندا آهن.

خواجه محمد زمان ثاني جي سجاده نشينيءَ کي اجا هڪ سال مس گذريو هو تهسجاع الملڪ حملو ڪيو. پاڻ صلاح ملڻ تي ٻاهر نڪري ويا. لشڪر ملڪ لٽيو ۽ سلطان اولاولياءَ جو مقبرو بهان لٽ کان محفوظ نهرهيو. وري ميرن لنواري شريف جي ڪوٽ کي ڪيرايو. پاڻ بد دل نهتيا. سندس علمي تبحر جا ڪيترا مثال ڪتابن ۾ آيا آهن. پاڻ ٻه حج ڪيائون. سندن وفات ١٢٤٧ھ/١٨٣١ع ۾ ٿي(٢٧).

شاهه مدني خواجه محمد حسن

هي بزرگ خواجه غوث عالم محمد زمان ثانيءَ جا فرزند ارجمند ۽ ڪامل ولي هئا. سندن ولادت ٥ محرم ١٢٣٥ھ/ ١٨١٩ع تي لنواري شريف ۾ ٿي. ظاهري علوم تي گهڻ ڌيان ڏنائون، پر والد شريف ۽ ٻين بزرگن جي علمي صحبت ۾ رچي ريٽو ٿيا. حضرت رسول ڪريم ا جي محبت ۽ عقيدت ۾ سندن حڪم تي سندن فرزند خواجه محمد سعيد نعتون منظوم ڪندو هو. خواجه محمد حسن ڪيترائي حج ڪيا. جن جو بيان، سوانح ۽ ذڪر ڪيل نعتن سميت خواجه محمد سعيد جي ڪتاب”صقال الضمائر“ ۾ موجود آهي. ديار حبيب جي محبت ڪري پاڻ هميشه اتي ابدي آرام جي تنمنا ڪندا هئا. آخري حج وقت سندن اها تمنا پوري ٿي ۽ جانجان آفرين جي سپرد ڪيائون. ٧ صفر ١٢٩٨ھ/ ١٨٨٠ع تي وفات ڪيائون ۽ نقشبندي بزرگ خواجه محمد پارسا جي پهلوءَ ۾ جنت البقيع ۾ آرامي ٿيا. سندن وفات جو تاريخون خواجه محمد سعيد منظوم ڪيون آهن(٢٨).

مهاجر مڪي خواجه محمد سعيد

هي بزرگ، حضرت شاهه مدني خواجه محمد حسن جو فرزند هو. سندس ولادت ٤ محرم ١٢٦٤ھ/ ١٨٤٧ع تي لنواري شريف ۾ ٿي. پاڻ نهايت ذهين، خوس خلق ۽ بيحد حليم طبع جو هو. سندس والد هڪ جديد عالم سيد علي شاهه بخاريءَ کي سندن اتاليق مقرر ڪيو. سندن ذهانت ۽ فهم فراست بلند معيار جي هئي. سرهند شريف ۽ ٻين علائقن جا عالم فاصل لنواري شريف اچي هن بزرگ جي علم جي ڪماليت کان متاثر ٿيندا هئا. قرآن، حديث ۽ تصوف جي رموز ۽ نڪات تي علمي بحث ٿيندا هئا ۽ ابن العربي جي تصنيفات جو مطالعو مجسلد ۾ ٿيندو هو. هن مجلس جي انتظام ۽ ترتيب لاءِ مٽياريءَ جو عالم قاضي آخوند عزيز الله مقرر هو. آخوند صاحب قرآن شريف جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ٻهڪيو هو. خواجه محمد سعيد جي علم دوستي، عالمانهدرجي ۽ بزرگيءَ جون ڪيتريون روايتون بيان ٿيل آهن. پاڻ نهايت عبادت گذار ۽ شب خيز هئا. ان سان گڏ علمي ڪم ۽ تصنيف تاليف ۾ بهمصروف رهندا هئا. خواجه محمد سعيد ڪل ڇهه حج ڪيا. انهن مان ٽي والد محترم شاهه مدني خواجه حسن سان گڏ ٧ ٽي انهن جي وفات کان پوءِ ڪيائون. آخري حج ١٣٢٣ھ/١٩٠٤ع ۾ ڪيائون. مدينهمنوره وفات ڪيائون. سندس فارسي نثر ۾ نظم تصانيف موجود آهن.

لنواريءَ جا عالم فاضل خليفا

هونئن تهخواجهه محمد زمان ڪلان کان وٺي ڪيترائي هن درگاهه جا مريد ۽خليفا نمايان ٿيا: پر انهن ۾ هينيان خليفا علميت جي ڪري مقبول ٿيا:

١. حاجي طالب اگهمي: هن جي بزرگيءَ ۽ علميت جون ڪيترين روايتون ڪتابن ۾ آيل آهن.

٢. شيخ محمد صالح ڳهرائي: مرشد جي ادب ۾ هي خليفو بيمثال ڪردار وارو هو.

٣. شيخ شعيب ڪڇي: هن درويش خواجهه محمد زمان ۽ خواجهه گل محمد جو زمانو ڏٺو.

٤. درويش الياس: هن خواجهه محمد زمان اول کان وٺي خواجهه محمد زمان ثاني جو زمانو .

٥. ان کان سواءِ عيسيٰ دستي، شيخ سڏا توريو ۽ ٻيا ڪيتر درويش ۽ خليفا هن خانقاه سان وابستهرهيا(٣٠). انهن جي علمي ۽ روحاني حيثيت مجيل اهي، پر جنهن عالم تصنيف ۽ تاليف ۾ نالو ڪڍيو سو مخدوم ميون عبدالرحيم گرهوڙي هو.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (١٧٣٩-١٧٧٨ع)

ميون عبدالرحيم هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽو جيڪو"ڪلام گرهوڙ:" جو فاضل مرتب آهي، سو مئين عبدالرحيم جي باري ۾ لکي ٿو ته: "شيخ عبدالرهيم گرهوڙي ذات جو مگريو، حضرت سلطان اولاولياء خواجهه محمد زمان(قدس سره) جو وڏو خليفو، زماني جي عجائبن ۽ بينظير هستين مان ٿي گزريو آهي. چاپندي چام هو. ننڍي هوندي کان ئي مطالعي جو شوق هوندو هوس ۽ ايتري قدر علمي تبحر هوندو هوس، جو ساري سنڌ ۾ ملتان کان وٺندي ٺٽي تائين جهڙس عالم ڪو نههو. منقول توڙي معقول ۾ اعليٰ درجي جي مهارت هيس ۽ مباحثي ۽ مناظري ۾ ايڏو تهدسترس هوس جو ڪو بهعالم مٿس غالب پئجي نهسگهندو هو. فقہ جي ميدان ۾ جهڙي تهڙي کي ڪين مڃيندو هو ۽ هميشہ پنهنجي اجتهاد تي هلندو هو.(٣١)"

سندس والد جو نالو سعدالله هو. ڊاڪٽر دائودپوٽي جي لکڻ موجب عبدالرحيم راڻيپور(رياست) ۾ ڄائو. ميون عبدالرحيم ١٧٣٩ع ۾ ڄائو. ان وقت چوٺاريون هڪ علمي مرکز هو. اتان جي مئين مبين وٽ تحصيل علم لاءِ وينو. راضي فقير جي روايت موجب هو. دائره شريف (اڏيرو لعل) جي سيدن وٽ درس وٺندو هو. ٻيا شاگرد سندس ڏٻري جسم تي ٺٺوليون ڪندا هئا، پر سيد(استاد) کيس سڏي پاڻ سان ماني کارائي. ان ڪري سيدن جو احترام ڪندو هو ۽ چئن نياڻين مان فقط هڪ جو رستو پنهنجي پائٽي سان ڪيائين. ٽي سيدن ۾ ڏنائين.(٣٢)

گرهوڙ سندس مکسن هو. اسلام جي تبليغ ۽ بدعتن جي پاڙ پٽڻ لاءِ زندگي وقت ڪري ڇڏيائين. پهريائين ظاهر پرست عالم هو. پوءِ خواجهه محمد زمان ڪلان جو مريد ٿيو ۽ لنواريءَ جو پانڌيئڙو بنجي پيو. خواجهه محمد زمان جي وفات کان پوءِ صغير صاحبزادي جي گادي نشينيءُ جي سلسلي ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيائين. پاڻ پاچ شاديون ڪيون هئائين. هڪ مان پٽ ٿيو، پر ٻاراٽي تهيءَ ۾ ئي گذاري ويو.

دين ۽ ڪفر جي تميز ڪرڻ ۾، ۽ اعلان ڪرڻ ۾ نهايت سچو، پڪو، راسخ ۽ سخت گير هو. هندڪار جي سخت خلاف هو. هن سلسلي ۾ سندس ٽي ڪارناما مسهور آهن: ١- پٿوري جي ڏيوري

ڊهرايائين ۽ قبر ڊهرايائين. ميلي جي موقعي تي بانگ ڏيندو هو ۽ چوندو هو تهپترو مسلمان هو. ٢- ٻهه ٽڙ جيڪي ٽندي جان محمد جي ويجهو هئا، انهن کي کيرائي توهم پرستيءَ کي ختم ڪيائين. ٣- وڏو ڪارنامو مهاڏيو جي مڙهيءَ کي ڊاهڻ وارو آهي. هي عالم آشڪار واقعو آهي. هن مقابلي ۾ پاڻ شهيد ٿيو. اهو سال ١٧٧٨ع جو هو.(٣٣)

مڙهيءَ جي ڊاهڻ لاءِ اسهڻ وقت ڪنهن مٿان مرشد حضرت محبوب الصمد خواجه گل محمد ڏانهن هي بيت ڏياري موڪليائين:

جنهن ڪن توپيا ڪوڏ مان، تنهن کي ڪجاڙو،
ماٽس ستاڙو، پٽس نالو ڪين ڪي.

ڊاڪٽر دائودپوٽي جي خيال ۾ گرهوڙي بزرگ جون تصنيفون فقہ ۽ سلوڪ ۾ ڪيتريون ئي آهن، پر مدد خان جي يلغار وقت گم ٿي ويون.(٣٤) ڊاڪٽر صاحب هينيون تصنيفون ڄاڻايون آهن. فتح الفضل (عربي). هن ۾ خواجه محمد زمان جي ٤٤٦ مقولن جي عربي شرح آهي، جي اصل سنڌيءَ ۾ آهن. شرح آبيات سنڌي- رسالهِ گل نما: هيءَ فارسي مشنوي اهي، جنهن ۾ خواجه گل محمد جي شان ۾ ڪلام آهي. مڪتوبات(فارسي): مڪتوبات(فارسي): هي امام رباني مجدد الف ثاني جي مڪتوبات جو اختصار آهي. مجموعه سنڌيات: هي ملڪي سنڌيءَ ۾ طويل ڪلمات ۽ سنڌي بيت جو مجموعو آهي(٣٥)، جنهن جا ڄام ڪانيو خان، مولوي عبدالرحيم مگسي، پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي وارا ايڊيشن ميسر آهن.

سنڌي ڪلمات يا ملڪي سنڌيءَ کي ڪبت ٻهچئجي ٿو. انهن ۾ قرآن جي ڪن سورتن، ترڪي ۽ حقيقت محمديءَ بابت ڪلام آهي، حقيقت محمديءَ کي خواجه محمد زمان جي بيت”عجب جهڙي آهه، حقيقت حبيب جي“ جي زير اثر سمجهايو اٿس، فرمائي ٿو:

اسم ساڻ الله جي، سيئي توڪ ٿيا،
جو خالق مخلوقن جو، رهبر رحيما،
صلواتون سرور اتي، جو جوهر جهانا،
حقيقت حبيب جي، عجب جهڙي آهه،
جامع ليل نهار کي، شفق جي سجاهه،
اصل سيني ماهيتين، ماهيت محبوبا،
آگو چئو ۾ ان کي، نڪي مخلوقا،
ملڪ ماڳ نهوت جي، پريو پينارا،
موران ناه مئلڪ ۾، ڪو سيد شريڪا،

پڙرو پدمن ۾ ٿئي، عدد مور نهآه،
آدم ولد ان جو توڙي والد آه،
والد آهي وڻ جئن، مويوو مولودا،
صلواتون سيد اتي، عالم تي ان کان.

سنڌين (ڪبت) کان سواءِ مخدوم گرهوڙيءَ جا سنڌي بيت ڀهڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي روايت سان ڳنڍيل آهن. چوند بيت هي آهن:

پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، تي سجيائي اک،
اندر ٻاهر پانهنجي، سونهن سيائي لک،
مري جنهن ۾ مک، پرين تنهن جي پاند ۾.

-

پڄاڻان پرين، هنيون ڪڄاڙو ڪاءِ،
ڪلهي پايو ڪيترو، ڳنڻ پريان جاڳاءِ.

-

اتر وڄ چمڪي، ڏکڻ ٿيو اهاءُ
هينئڙو مون باغ ٿيو، جهوپي منجهه نهماءِ
ساقي سڙک پيار، عقل مون اهکو ٿيو.

هڪڙي اها بهروايت آهي تهشاهه عبداللطيف سان بيتن ۾ روح رهاڻ تي اتس. شاهه صاحب هيءَ مصرع موڪلي:

جو مڙني موچارو، سو آهي ڪڄاڙو؟

گرهوڙي جواب موڪليو ته:

هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو پرين جو پاڙو.

شاهه صاحب جي وفات وقت ڀهگرهوڙي صاحب جي عمر آتڪل ١٣ سال هئي. تنهن ڪري شڪ آهي تهڪو روح رهاڻ تي هوندي يا شاهه صاحب ڏانهنس سوڪڙيون موڪليون هونديون. البت گرهوڙي صاحب ڏانهن هي بيت منسوب آهي:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.

لنواري شريف جي عامن جون تصنيفات

اڻ ڇپيل

١. فتح الفضل- ڪلام سلطان الاوليا (ملفوظات) مرتب و مترجم: عبدالرحيم گرهوري.

٢. لذت الوصل شرح فتح الفضل – از عبدالرحيم گرهوڙي.

٣. الجواهر البدايع – از خواجه بلال.

٤. الورد المحمدي - فارسي شرح مقولات سلطان الاوليا.

٥. تڪمله الورد المحمدي – از مير نور علي شاهه لڪوي.

٦. مرغوب الاحباب - از نظر علي بلوچ.

٧. فيوضات اللواريه - از خواجه محمد سعيد.

٨. تحقيقات لواري شريف.

اڻ ڇپيل، پر ترجمو ڇپيل

١. لطيفة التحقيق فن نسب آل صديق - از سيد رفيق علي پشنگي ڪڇي. (فارسيءَ ۾ اڻ ڇپيل، سنڌي ترجمو از ماستر غلام حسين ۽ اردو ترجمو از محمد آدم اسحاقاڻي ڇپيل ١٩٩٦ع)

٢. ليات سنڌي(شرح عربي از گرهوڙي، سنڌي ترجمو، از ڊاڪٽر دائود، ڇپيل ١٩٣٩ع)

٣. فردوس العارفين- از بلوچ خان ٽالپر - (اصل فارسي، اڻ ڇپيل، اردو ترجمو از اسحاقاڻي، ڇپيل ١٩٨٥ع)

ڇپيل ۽ ترجمو ٿيل

١. صقال الضمائر(از خواجه محمد سعيد- فارسي، اصل ڀي پيرا ڇپيل، ١٣١٢ه ۾ بمبئي ٧ ١٣٩٦ه/١٩٧٦ع ڪراچيءَ مان، اردو ترجمو از محمد ادم اسحاقاڻي، ١٩٨٨ع ڪراچي)

٢. ديوان سعيد- (از خواجه محمد سعيد، فارسي ۽ عربي ڪلام)

٣. لنواريءَ جا لال(سنڌي) (از ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي ١٩٣٤ع ۽ ١٩٧٣ع)

٤. اولياءِ لنواري شريف (لنواريءَ جا لال جو اردو ترجمو از عبدالڪريم ٽالپر ١٩٧٥ع)

ٻيا ڇپيل ڪتاب ۽ ڪتابچا

١. لنواريءَ جا لال(سنڌي) حصو ٻيو، محمد پناه قرڙو ١٩٨٣ع

٢. آئينهاوليا – (سنڌي) ١٩٧٤ع

٣. ابيات سنڌي(سنڌي) جماعت لنواري ڇاپو، ١٩٧٦ع

٤. تحفة لنواري شريف(سنڌي) غلام محمد گرامي.

٥. تذڪره اولياءِ نقشبند(اردو) شمشاد علي وارثي.

٦. پير بادشاهه(سنڌي)

٧. خواجه احمد زمان صديقي- (سنڌي) ١٩٨٤ع

٨. پارس (سنڌي) ١٩٨١ع
٩. اظهار حقيقت
١٠. راهمي بادشاهه
١١. امام الاوليا لنواري شريف، مير سهراب باگراڻي
١٢. حضرت قاضي احمد دمائي، مرتب سائين بخس جوڻيجو ٢٠٠٢ع
١٣. خليفو ميان صوبدار نقشبندي، سائين بخش جوڻيجو، ٢٠٠٣ع
١٤. ملوڪ الڪلام، (فارسي ترجمو) از نياز همايوني ١٩٧٧ع
١٥. Saints of Luari Sharif and their predecessors Khuda Bux Arbab
١٦. Hazrat Qazi Ahmed- Khuda Bux Arbab

گهڻي ڀاڱي هنن ڪتابن ۾ شخصيت جا احوال ۽ اقوال اهن، ڪتاب بنيادي طور عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهن. سواءِ حضرت سلطان الاولياءَ جي بيتن ۽ ملفوظات ۽ گرهوري صاحب جي ڪلام جي(٣٦).

فردوس العارفين ۽ مرغوب الاحباب بنيادي ماخذ آهن، جن تان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪان وني سيني ليڪڪن احوال ورتو آهي.

حوالا

١. قانع، مير علي شير، تحفة الڪرام(سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ، ٿيون ڇاپو، ١٩٨٩ع، ص ص ٤٢٥ ڪان ٤٢٩.
٢. ايضا — ص ٤٢٧ ۽ پڻ ڏسو: قانع، مقالات الشعراء، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ٢٩.
٣. ايضا- ص ٤٢٧.
٤. مولائي شيدائي، تاريخ تمدن سنڌ، سنڌ يونيورسٽي، ١٩٥٩ع، ص ٥٢٨.
٥. ايضا- ص ٥٢٨.
٦. بدوي، لطف الله، تذڪره لطفي، جلد اول، ٻيو ڇاپو، ٥٤- ١٩٥٥ع، ص ص ٢٦٢- ٢٦٣
٧. چنهه، محبوب علي، مقالو: ”شاهه صاحب جي رسالي ۾ ’همعصرن ڏانهن اشارا‘ “مخزن نذر لطيف، محڪمه اطلاعات، ص ٩٠.
٨. ايضا- ص ٩٠.
٩. تذڪرو - ص ٢٧٠.
١٠. ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ايڊٽ ڪيل لوڪ ادب سلسلي جو پهريون ڪتاب ”مداحون ۽ مناجاتون“، سنڌي ابي بورڊ، ١٩٥٩ع، صفحا ١ ڪان ١٠(متن).

١١. ميمڻ محمد صديق (خانبهادر)، سنڌ جي ادبي تاريخ، پاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد ١٩٣٧ع، ص ٢٩٨.
١٢. ايضا - ص ٢٩٨.
١٣. ايضا – ص ٢٩٨.
١٤. مهر، غلام رسول، تاريخ سنڌ: عهد ڪلهوڙا(جلد-٢) اردو. سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٨ع ص ٩٩٧.
١٥. ڏسو حوالو نمبر ١، ص ٣٠٠.
١٦. مولودن ٧ مدح جو انتخاب، ڊاڪٽر بلوچ جي لوڪ ادب جي سلسلي جي ڪتابن مولودن ۽ مناقبات ڪيو ويو آهي.
١٧. قانع، مير علي شير ٺٽوي، تحفة الڪرام(سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ٤١٥.
١٨. ايضا – ص ٥٧(صوانح حيات)
١٩. وفائي، دين محمد، تذڪره مشاهير سنڌ(جلد ٽيون)، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٦ع ص ١١٠
٢٠. ايضا - ص ١١٠
٢١. ايضا – ص ١٠٩
٢٢. دائودپوٽو، ڊاڪٽر عمر بند محمد، ابيات سنڌي، سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي، ٻيوڇاپو، ص ٦.
٢٣. ايضا – ص : ز(مهاڳ)
٢٤. ايضا - ص ٣٠
٢٥. ايضا – ص ص يو ۽ يز.
٢٦. تذڪره مشاهير سنڌ - ص ص ١١٧-١١٨ ۽ ١١٩
٢٧. ايضا – ١٢٠ کان ١٢٣
٢٨. ايضا - ص ٢٧١ کان ٢٧٣
٢٩. ڏسو تذڪره مشاهير سنڌ، ص ص ٣٠٥ کان ٣١٠ ۽ خواجه محمد سعيد جو صقال الضمائر(اردو ترجمو) ٢٠٠٣ع ٻيو ڇاپو، مئنيجنگ ڪميٽيءَ جماعت لنواريءَ شريف، گاڏڙن ايسٽ ڪراچي، ص ص ٢٦٤ کان ٣٠٠.
٣٠. تذڪره مشاهير سنڌ، ص ص ١٣٠ کان ١٤٠
٣١. دائود پوٽو، عمر بن محمد ڊاڪٽر، ڪلام گرهوڙي، سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٥٦ع ص ص ٩-٨
٣٢. ايضا - ص ١١
٣٣. ايضا ص ٣٦ کان ٤٠

٣٤. ايضا – ص ص ٦٤- کان ٦٦
٣٥. ايضا – ص ص ٦٤ کان ٦٦
٣٦. خواجه محمد سعيد، صقال الضمائر، مئنيجنگ ڪميٽيءَ جماعت لنواري شريف ڪراچي ٢٠٠٣ع، ص ص ٣٠١ کان ٣٠٤

## باب ٽيون

## سيد محمد بقا راشدي(١٧٢٢-١٧٨٣ع)

سيد محمد بقا راشدي، سيد علي مڪي جي اولاد مان آهي، سيد علي مڪي عباسي خلافت جي دؤر ۾ سنڌ ۾ آيو، جڏهن هتي دلوراءِ جو ظالمانہ راڄ هو. حضرت علي مڪي سيوهڻ جي ويجهو ڳوٺ لڪياريءَ ۾ سڪونت پذير ٿيو، بدوي صاحب لکي ٿو تہ: ”سيد علي مڪي راسدي خاندان جو مورث اعليٰ آهي. سيد بقا محمد جو سلسلو ويهين پيڙهيءَ ۾ سيد مڪيءَ سان ملي ٿو، جو ارڙهين پيڙهيءَ ۾ امام حسين سان ملي ٿو. اُن ڪري هو حسبي ۽ نسبي سيد آهي.(١)“

سيد بقا راشديءَ جي زندگيءَ جو ڪو گهڻو احوال ڪو نہ ٿو ملي. بدوي صاحب جي لکڻ موجب هو ننڍي سائڊي عرف رسول پور ۾ شعبان ١١٣٤ھ/١٧٢٢ع ۾ جائو. مختلف هنڌن تي وڃي علم حاصل ڪيائين. جڏهن ٦٣ ورهين جو ٿيو تہ هڪ سفر ۾ ڪتابن جي پري مٿي تي هجڻ ڪري دولت جي شائبي ۾ چورن ڪيس شهيد ڪيو. اهو سال ١١٩٨ھ/ ١٧٨٣ع هو. ڪيس خيرپور رياست جي ڳوٺ شيخ طيب ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.(٢)

تذڪره لطفي ۾ سيد محمد بقا جا پنج بيت درج ٿيل آهن، جن مان سيد بقا راسديءَ جي شاعريءَ جي باري ۾ راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ هو هڪ پختو شاعر هو. وقت جي شاعريءَ جي روايت سان ڳنڍيل هو. سندس بيت مارئي، سسئي ۽ مجاز جي موضوعن تي آهن:

اوڏا جي هئام، تہ نت نياپا آئيا،
سنگهارن سانگ پئي، وتهيا وس ٿيام،
مارو تر ٿيام، ڏيان ڏوراپا ڪتهن ڪي.

-

سجڻ ڪ سارين، آءٌ ساريان صحي،
اديون آريجن جا، پچان روز پهي،
ويندي ڪيچ کهي، جيئندس ڪين جتي ري،

-

جي ڪهان نه ڪوڪ نه ڪري، صبر آءٌ نه سهان،
اڪيون لايون پرڪي، آءٌ ويني سور سهان،
ڪتهن ڪي ڪين چوران، نه ڪتهن پر اڪنڊي آهيان.

-

سچ لهي سانجهي ٿي، پکي پيا وڻين،
اڏو هينئڙا پؤنر ٿي، اسهر پر مٺين،
توري ڏيتهن گهٽين، ميڙو ٿيندءِ سڄٽين.

-

پير پريان جي پڙ ۾، ڪير چوئي تون پاءِ،
تون ٿو سک طلبئين، هڪ سڄڻ سور سهاءِ،
هٿو هنئينن ڪاني، هئہ هئہ ڪج م هاءِ،
پائي مکڻ شيخ ۾، اڳيان پر پچاءِ،
عجب جهڙي آهہ، ڪاڪيون ڪان قريب جي.

ميان صاحب ڏنو فاروقي(١٦٩٧-١٧٨٨ع)

ميان صاحب ڏنو عرف محمد حافظ فاروقي درازن جي درويشن جي سلسلي ۾ هڪ اهم شخصيت آهي. روايتون آهن تہ شاهہ عبداللطيف جڏهن خيرپور، گهڻن ۽ درازن ۾ ويو تہ ميان صاحبڏني سان مليو ۽ سائينءَ کي ڏنائين.

ميان صاحب ڏني جي ولادت ١١٠١هہ/ ١٦٩٧ع ۾ ٿي. سندن والد جو نالو مخدوم عبدالوهاب هو. هن خاندان جو شجرو مٿي حضرت عمر فاروق سان ملي ٿو. وڏا ٩٣هہ ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ تي حملي وقت لشڪر سان سنڌ آيا. شيخ شهاب الدين ان حملي ۾ شامل هو. سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. هٿو محرم ٩٥هہ ۾ فوت ٿيو ۽ سيوهڻ ۾ دفن ٿيو(٣). ميان صاهب ڏنو ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ اهم عهدي تي رهيو.

ميان صاحب ڏني جي شاهہ عبداللطيف سان ملاقات جو ذڪر مولانا راٺيپوري، آنڌل فقير فاروقيءَ ڪان مليل روايت جي بنياد تي ڪري ٿو. ان موجب ٻئي بزرگ چلهہ ڪشيءَ واري غار ۾ مليا. ات ميان چنيهن فقير اڄڻ روز ڪير پهچائيندو هو. غار ۾ وڃڻ لڳو تہ ميان صاحب ڏني ڪيس چيو تہ اڄ هٿ ٻاهہ تي ٻري. متان اندر آيو آهين، چنيهن ڪو تہ مڙيو ۽ اندر لهي ويو. ميان صاحب ڏني ڪيس چيو: چنيهن اڄ تتهنجي چ ڪڍيسين، تون نسورو ئي نيتهن تي پيو آهين.

ان پيري شاهه عبداللطيف کهڙن ڏاتهن ويندي درازن طرف لڙيو هو. بئي پيري شاهه صاحب درازن آيو ته ميان عبدالحق گاديءَ تي هو. هن پٽهنجن صاحبزادن سان گڏ نو عمر سچل سائينءَ جي به ملاقات ڪرائي. (٤) ڪني تان ڊڪڻ لاهڻ واري روايت مشهور ته اهي، پر ان جي تصديق ته ٿي آهي. ڊاڪٽر بلوچ ان روايت جي لفظن ڪي غير مناسب ڄاتو آهي.(٥) بهرحال ميان صاحبڏنو فاروقي هڪ صاحب دل درويس هو. سندس هڪ مجذوبه سان ملقات جو ذڪر به ڪتابن ۾ آيو آهي. ان ج زڪر سچل سائين مثنويءَ راز نامهه ۾ ڪيو آهي. ان سلسلسي جا ٽي بيت به مولانا راٽيپوريءَ ڏنا اهن. ميان صاحبڏني جو ڪلام موجود آهي، جتهن جا موضوع ظاهر پرستيءَ ۽ خداپرستي جي باري ۾ آهن. ملان ڪي خاص طور نديو اٿس. شاعر جي خيال ۾ ملان جي وس ۾ حقيقي عشق ڪي رسڻ آهي ئي ڪو ته، سڪ سوا رڳو ڪتاب پڙهڻ مان ڪجهه حاصل ته ٿيندو، اندر جا راز اندر ۾ سانيڏ ڪپن.

ملان مجاور ڪانءُ، ٿيئي اڪر هيڪڙي،
هو ويجهو ته ٿئي وصال ڪي، هو نيتهن ته ڳتهي ناءَ
هو واجهائي واٽن تي، ته پريل اچي ڪو ٽانءُ
جِتِ گرڙ پکيءَ جو گناهُ، ات ڪنگ رڙندو ڪيترو.

-

ملان جي محبت جي، وٺي هڪ پئين،
ڇڏي مڪتب معرڪو، سوريءَ سر ڏئين،
ڪيئن ٿو تون جيئن، ري سڪ صاحبڏنو چوي.

-

ري سڪ صاحب ڏنو چوي، ڪوڙئين پڙهن ڪتاب،
پجن غير گناهه ڪان، سوين ڪرن ثواب،
سئي دهشت دوزخ جي، اڪين پرن آب،
اٿئي سپ حجاب، ري سڪ صاحب ڏنو چوي.

-

ري سڪ صاحبڏنو چوي، متان آخوند ڪونائين،
ڇڏي مڪتب معرڪو، تون عشق ته اناٿين،
نيتهن نٿو لائين، ڪامل پتهنجي ڪانڌ سان.

-

ڪامل پتهنجي ڪانڌ، اوهان خبر آهي خاصي،

اوڏا ٿيو تہ عشق کي، اها بات تہ اوهان باسي،
آهيو اوهان بہ اداسي، پر ڪاري مس ڪارا ڪيئو.

-

ادا ڙي آخوند، مار تہ معصومن کي،
جيڪر تتهنجي جان تي، بره انـي هئي بوند،
تہ هئين تہ مارين هوند، ناحق نادانن کي،

-

پاڻ پتهنجو پاڻ ۾، جن پسيو تہ پيهي،
صاحبڏنا صورت جي، ڪل تنين ڪيهي.

-

فڪر فرهي جن، اٿ ئي پهر مراقبو،
دلين جي درياءَ ۾، تہي ڏني تن،
سي ٿا لقا پسن، نند عبادت ان جي.

-

اتي آڌي رات کي، چِتئون چرخو چور،
جوڙي ويهج جهد مان، متهن تہ ٻئي موڙ،
ساهي ٻڌ صاحبڏنو چوي، ڏاهي ائي ڏور،
اولائتي تي اور، ڳجهہ اندر جون ڳالهڙون.

-

ڪتهن جو نيتهن تهر سان، ڪن دہايا درياءَ،
صاحڏني جي ساهہ، آهي سمنڊ سمائيو.

ميان صاحبڏني جو ننيو فرزند ۽ گادي نشين ميان عبدالحق بہ شاعر هو. سندس ڪجهہ فارسي ڪلام ۾ ”مدح حضرت محبوب سبحاني شاهہ عبدالقادر جيلاني“ ، سنڌيءَ ۾ موجود اهي. مدح جو مطلع هي آهي:

بهر خدا و مصطفيٰ يا غوث رب العالمين،
دل کي ڪرين سيد صفا، يا غوث رب العالمين.

ميان صاحب ڏني ١١٩٢هہ/

مدن ڀڳت

شاهه عبداللطيف جي همعصر طور هن پيڳت جو نالو آيو آهي. تذڪره لطفي ۾ انهيءَ حوالي سان پيڳت جو ذڪر آهي ته سندس هڪ بيت موجود اهي، اهو بيت هي آهي:

ڪالهه پڻ ڪالهه هئي، اڄ پڻ ڏيتهن بيو،
مرهيءَ ۾ مدن چئي، ويهي ڪانگ ويو،
جتهن ۾ ماڻ بيو، سا رهي رهندي ڪيترو(٦).

بدوي صاحب لکي ٿو ته:”سترهين صدي عيسويءَ ۾ هن هندو شاعر جي نالو شاهه ڀٽائي جي صحتين ۾ نظر اچي ٿو. هو ڪهڙي ڳوٺ يا شهر جو رهندڙ هو ان بابت ڪا به تحقيقاتي خبر پئجي نه سگهي آهي. هو صاحب دل ۽ صوفي هو. سندس ڪلام ڪڏهن ڪڏهن ٻڌڻ ۾ ايندو آهي(٧).“

ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ، مدن کي ڪوٽڙي مغل جو رهاڪو ڄاڻايو آهي ۽ هڪ بيت ڏنو اٿس، جو هي آهي:

محبت منو ٺوڪ، ميون ۾ مدن چئي،
ڇا ڄاڻي لوڪ، قدر ان ڪيميا جو(٨).

لڳي ٿو ته هن انداز جا بيت مدن جا ٻيا به هوندا، پر يڪجا ٿي نه سگهيا آهن. مدن ۽ شاهه لطيف جي بيتن ۾ گفتگو جو ذڪر به ڪتابن ۽ زباني روايتن ۾ آيو آهي. مثال طور هڪ ڀيري شاهه صاحب ساڻس دل لڳي ڪندي پڇيو ته: ”مدن ڏيتهن قيام جي ڪافر ڪندا ڪيئن.“ مدن جواب ڏنو ته سائين! ڪڏهن وقت سر ثابت ڪندس، جڏهن هڪ ڏيتهن ٻئي درياءَ پار ڪرڻ لاءِ پتڻ تي آيا ته شاهه صاحب پاٽڻيءَ کي چيو ته ادا اسان کي به پار اڪار. هن جواب ڏنو ته پور پرجي آيو اهي. جاءِ ناهي! مدن ڪڍي پئسو پاٽڻيءَ کي آڇيو - ته هن هڪدم چيو ته سائين اچو. جڏهن ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وينا ته مدن هٿ جي ٽري کولي چيو: سائين اوهان جيڪو سوال پڇيو هو ا ن جو جواب هي آهي ته:

هٿ جنين جو هيئن، پهرين پتڻ پار سي.

هنن ٻنهي سٽن کي جوڙيو ته هڪ بهترين ۽ پرُ معنيٰ بيت جڙ پوندو. هن مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته شاهه صاحب جي همعصرن ۾ مدن پيڳت هڪ برجستو شاعر هو.

مٽين عنات رضويءَ جي خاندان جا شاعر

ميون شاهه عنات رضوي نصرپوري هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو. سندس خاندان م به شاعريءَ جو ذوق رهيو. مٽين شاهه عنايت رضويءَ جو ڪلام ڊاڪٽر بلوچ صاهب مفصل مقدمي سميت ايڊٽ ڪيو آهي. سڄي خانوادي جو احوال تفصيل سان لکيو اٿس. اتان ٿورن سان هن خاندان جي باقي شاعرن جو احوال ونجي ٿو.

مئين عنايت جو فرزند محمد شريف عرف شاهه شريف شاعر هو. سندس پٽ بلال شاهه ۽ پوٽو قطب شاهه بہ شاعر هئا. هن خاندان مان عباس علي شاهه، هوندل شاهه، اميد علي شاهه، غلام حيدر شاهه ۽ حاجي پير شاهه بہ شاعر هئا.

شاهه شريف لاءِ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ هُو اندازا ١٠٥٠هه ۾ ڄائو ۽ ١١١٥هه ڌاري پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ گذاري ويو. سندس ڪلام تي مئين عنات جو نمايان اثر آهي. سندس ڪلام بہ ڪتاب ”مئين شاهه عنات جو ڪلام“ ۾ درج ٿيل آهي. ٨٢ بيت ۽ هڪ وائي ذڪر ڪيل جلد ۾ شامل ڪيل آهن. ڪلام جو نمونو هي آهي.

ڪيم جي ڪلتار، سي پسيو پاڻي هاريان،

مديون سڀ معاف ڪرئين، بخشين بخشڻهار،

صاحب در شريف چئي، آهيون اميدوار،

سڀاجها ستار، عيب متهنجا ڍڪئين.

-

عاشق سڄ ايئن، لنؤن لِڪائج نِڪٽين،

جئن ٻرو ٻهر تہ نڪري، تن ۾ رکج تئين،

سانڍين گهٽو شريف چئي، نيتهن تهائينءَ جئن،

تہ ميڙائي جا ميتهن، وينءِ ئي وسائيين.

-

نِيتهن اڳهين سيتهن، تو تہ سٽئو سپرين،

ٻوليو تہ ٻهر پيو، ستيو سانوڻ ميتهن،

سنئون تنين جو ڏيتهن، سانڍيو جن شريف چئي.

بلال شاهه

هي شاعر اندازا ١٠٧٥هه ۾ ڄائو. سندس ڪلام مان ٦٣ بيت ۽ هڪ وائي ڊاڪٽر بلوچ، ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ شامل ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب مئين عنات، شاهه شريف ۽ بلال شاهه جي پاڻ ۾ بيتن جي روح رهاڻ جو ذڪر بہ ڪيو آهي، بلال شاهه تي شاعريءَ ۾ پنهنجن بزرگن جو اسلوب، انداز بيان ۽ زبان جو مڪمل اثر آهي، سندس ڪلام جو نمونو هي آهي:

عاشق زهر پياڪ، پسي وهہ وهسيا،

ڪڙي ۽ قاتل جا، اصلان ئي هيراڪ،

بازو ان بلال چئي، چارئي چکن چاڪ،

توڙي اٺت اولاڪ، ته پڻ آهه ته سلن عام کي،

-

موکي متارا آئيا، اوٺي هٺ اپٺ،
تتهن جي بها وٺ بلال چئي، جو منڌ سانئيو ئي مٺ،
ساقي ان شراب جي، وٺي ڪٽي وٺ،
سسين آهي سٺ، جي پروڪو پيارين،

-

جڏهن اتر اور، گهارين ميتهن ميدان ۾،
بيراڳي بلال چئي، تيا ڪتهن سناسي سُر،
آسڻ آئي ان جي، ڏک مرئي ڏور،
هلي پرينءَ حضور، وڃي نانگا گڏيا نات سين.

قطب شاهه

هي شاعر بلال شاهه جو فرزند هو. اندازا ١١٣٠ھ ڌاري جائو. هن جي ڪلام تي پتهنجي بزرگن جي زبان ۽ بيان جو نمايان اثر موجود آهي. قطب شاهه جا ١٥٠ بيت ”مئين عنات جي ڪلام“ ۾ شامل ڪيل آهن. سندس ڪلهوڙن جي حڪومت سان تعلقات جو ذڪر ڪندي. ان سلسلي ۾ هڪ واقعو ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو اهي. قطب شاهه ٽالپرن جو حامي هو ۽ ڪلهوڙن سندس ڳالهه ڪي مان نه ڏنو.

قطب شاهه جي ڪلام جو نمونو هي آهي:

ايندءِ ڪم قطب چئي، اي بوتا منجهه ٻرن،
ات اڳي ئي ٻيا گهٽا، چانگا تا چرن،
جايون گهٽيون ان جوءِ ۾، ٻي ڪاتهي ڪونيس ڪرن،
سي ڏاگها ڪيم ڏارن، ماڙ جنين جي مصطفيٰ،

-

دم دتهين تي نه هٽڻ، اوءِ ولهن ۾ وهسن،
ڪيهي ڳالهه قطب چئي، ڪئي قبول ڪاپڙين،
هوءِ هليا هنگلاج ڏوتهن، ٻيون ڏيئي ٻن،
ترِ نه طمع ڪن، توڪل تڪيو تن جو.

-

رونجهي وت رهاڻ، سدا سوالين جي،

پيتيون پاڻيوڻ جون، پهئو بخشي پاڻ،
لتي قطب چئي ڪاڻ، جو ٻيلي ڏٺيءَ ٻاجهون ڪيون.

اهڙيءَ طرح هن وڏي خانوادي جي ٻين شاعرن جي ڪلام بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪاوش”مئين شاهه عنايت جو ڪلام“ ۾ تفصيلي معلومات ڏني آهي(٩).

ڪي ٻيا همعصر

يقينا شاهه صاحب جي دؤر ۾ ڪي ٻيا ننڍا ۽ غير معروف شاعر ٿي گذريا هوندا. اتهن مان ڪي اڄ ڏيتهن تائين بہ گمنام هجن، ڪن جا هڪ ٻہ بيت چپيل هجن. اتهن جي ڪا گهڻي اهميت تہ آهي. ڪن چند شاعرن ڪي تذڪرن ۽ تاريخن محفوظ رکيو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجي تاليف ”سنڌي ادب جي تاريخ“ ۾ يڪجا ڪيو اهي. اهي هي آهن:

تماچي فقير

هي فقير، شاهه صاحب جو خاص خليفو هو. سندس ڪجهه ڪلام موجود آهن. هڪ بيت هي اٿس:

گهر پريو ئي گهور، نيتهن نماڻي نجهڙي،
تاڻي تنگ تماچي چئي، اتي ڏونگر ڏور،
سسئي سگ سنيور، ڪر ڪا ٻاتهپ ٻاروچل جي.

صالح فقير

هي فقير ڪڇ جي گوهر نالي ڳوٺ جو رهاڪو هو، ان ڪري گوهري سڏجڻ ۾ آيو. پڻ تي اڇي رهيو ۽ شاهه صاحب جي وفات ڪان ڪجهه وقت پوءِ هي جهان ڇڏيائين. سندس بيت رسالي جي سُر ڏناسريءَ ۾ سامل آهن. ڪي بيت هي اٿس:

لويون ليڙا اک جون، اجان آلڙيون،
ڪين پائيندي ڪامڻي، ويهي والڙيون،
ڇڏ ڳڙهي ڳالهڙيون، تہ وجي متهن ماروئڙن جي.

-

متهنجو من منجهائيو، جتن جي جمال،
وڏو سُر سرير ۾، ڪيچن جي ڪمال،
هوت تہ ياڻي حال، مٿ تہ ٿيا معذور جا.

-

ذاتي مان صفاتي ٿيو، صفاتي مان جڳ،
آديسي الک، مشاهدو محبوب جو.

عارف ڪلهوڙو

عارف، سنڌ جي آخري ڪلهوڙي حاڪم ميان عبدالنبيءَ جو پٽ هو. ميان جڏهن افغانستان ڏانهن ڀڳو، تڏهن ٻار ٻچا پتهنجي ولي عهد محمد عارف سان جوڌپور جي راجا بجيسنگهه وٽ پناهه لاءِ موڪيلائين. عارف پوءِ ١٧٩٤ع ۾ هڪ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. سندس قبر ضلعي مظفر ڳڙهه ۾ آهي.

سڄ مارئيءَ ۾ ويهه راتيون مڪمل ڪيائين، پهرين رات بابت هي بيت اٿس: چي:

عمر آچ تہ اهڙا، ويڙ ميان مون ڪي،

وطن وساري پاتهنجو، آءٌ چڏيان ڏاڪي،

تون چا ڪندين زور ضعيف سان، جي رڪنڊڙ راڪي،

توڪل ڪوٺ تتهن جو، آهي اصل اسان ڪي،

تہ آهي ڪي آنڪي، ڪنجيون هٿ قهار جي(١٠).

عنايت فقير ڏيرو

هن فقير جو احوال ڪتهن حد تائين فقير عنايت الله چوڏي سان گڏجي ويو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ عنايت الله چوڏو، ارڙهين صديءَ جو هوئي ڪو تہ جو شاهہ صاحب جي همعصرن ۾ ليکجي. ”شاهہ جو رسالو: رسالي جو ڪلام“ ۾ بہ ڊاڪٽر بلوچ فقط مئين شاهہ عنايت جو ڪلام ڏنو آهي. تذڪره لطفي ۾ پروفيسر بدويءَ، عنايت ل چوڏي جو بيان شاهہ صاحب جي مريدن ۾ ڪيو آهي(١١). چوڏو شاهہ صاحب جي شان ۾ بيت ۽ مدح چئي اهي. هُو ١٩٩٠ع ۾ گذاري ويو(١٢). ڪتهن بہ طرح هنن ٻن عنايت نالي شاعرن ڪي هڪ تہ سمجهن ڪپي. پروفيسر محبوب علي چنہ پتهنجي مقالي م بدويءَ جي رآءِ ڪي قبول ڪيو آهي، پر شخصيتون ٻه آهن، همعصرن ۾ عنايت فقير ڏيروآهي.

عنايت فقير ڏيرو، جانيءَ جٻير (زبير يا جٻو پاڻڻ وارو) جو پٽ هو. جاني هڪ زميندار هو. عنايت ڏيرو ساهہ صاحب جي محبت ۾ ونس آيو. چنہ صاهب جي لکڻ موجب رسالي ۾ عنات تخلص وارا بيت، مئين عنات رضويءَ جا عنايت نالي وارآ شآحع غٽآ:ت شح:ڍ جآ ۽ عنايت الله وارا عنايت فقير جا آهن(١٣). اتهي لحاظ کان ”عناتا اتاهين، جاني جري ٻنڌ“ وارا بيت بہ عنايت فقير بجاءِ مين عنات جو ليکبو. بهرحال هن فقير جو بہ ڪو ڪلام تي سگهي ٿو. اجا هن سلسلي ۾ تحقيق جي ضرورت آهي.

تمر فقير

تمر فقير پتهنجي زندگيءَ جي سفر، ڪچ ڏاتهن وڃڻ ۽ موٽڻ جي سبب شاهہ صاحب جي مڙني فقيرن ۾ نشانبر آهي. شاعر هجڻ ڪري بہ مشهور ٿيو. هونئن حاضريءَ جي سيني فقيرن ۾ ننڍو بہ هو. شاهہ صاحب جي خدمت جا فقط چند سال نصيب ٿيس. ڪانئس وڏي عمر جي فقيرن ۾ محبت فقير

سالارو(تمر جو چاچو)، محمد عالم ڏيرو، عبدالواسع سالارو، سکر فقير، ڪمال فقير، اجن فقير، اسماعيل فقير سمون، سيد تهال شاهه، وڳند فقير، محمد رحيم (منشي)، عنايت فقير وساڻ، عبدالمجميل انڙ، وتهيون فقير، سومر فقير خانپوري، رهمون فقير (بورچي)، راول فقير، عارف فقير ٽيبو، سيد تقي شاهه، عرس فقير ساند ۽ عمر فقير سهتو وغيره آهن.(١٤)

ڊاڪٽر دائودپوٽي جڏهن ١٩٥٥ع ۾ نئين زندگيءَ ۾ تمر فقير بابت مضمون لکيو. ان وقت ڪيس فقير جي والدين بابت به پوري ڄاڻ نه ملي. ان ڪري لکيائين ته تمر جي ماءُ ۽ پيءُ جا نالا به معلوم نه اهن(١٥).

”ان ڪان پوءِ شاهه صاحب جي سوانح عمريءَ جي سلسلي ۾ تمر فقير جو به نالو آيو آهي. سندس پيءُ جو نالو صحبت فقير هو. هو ذات جو سالارو هو. پٽ شاهه ڪان پنج ميل ڏکڻ اولهه ڏاتهن ڪندوءَ جي ويجهو ڳوٺ بلند شاهه جو هو. سالارا اصل هالا قوم جا آهن(١٦).

قادن شاهه لکي ٿو ته: ”عام روايت آهي ته تعمر فقير جي والدين کي اولاد ٿيندو ئي ڪو نه هو. هڪ ڀيري ڏاڍيءَ سڪ ۽ سوز سان اچي شاهه ڀٽائيءَ کي عرض ڪيائون ته قبلا اسان لاءِ درگاهه الاهي سان دعا گهرو ته ڪو خير جڻڻ جو اولاد ٿئي. چون ٿا ته شاهه صاحب هنن لاءِ دعا گهري(١٧)“ تمر فقير جا والدين حج تي ويا. اتي صحبت فقير جي گهر اميدواري ٿي. اتي ئي رهي پيا هئا. تمر اتي ئي ڄائو. جڏهن وطن وريا ته شاهه حبيب گذاري چڪو هو. مرشدن سان ملڻ ۽ عذر خواهيءَ لاءِ ويا. شاهه صاهب ننڍڙي تمر ڪان پابوه سان نالو پڇيو. هن ”حاجي علي“ ٻڌايو ته شاهه صاهب حضرت علي عليہ السلام جي ادب سبب ننڍڙي جو نالو تمر تجويز ڪيو. ڇو جو هو ڪجيءَ جي وڻ هيٺ ڄائو هو. شاهه صاهب ڪين عرب عورتن جي ان وقت خوشيءَ مان ڳايل هن گيت جو به اشارو ڏنو: فوق مطر- تحت التمر - لبن البقر - هات الله هات الله (مٺان ميٺهن، هيٺان ڪجور، ڳئون جو کير، ڏي الله ڏي الله) (١٨). ڊاڪٽر دائودپوٽي جي هي خيال آهي ته تمر ١١٥٠هه ۽ ١١٥٥هه جي وچ ۾ ڄائو آهي. اتهيءَ اندازي موجب ساهه صاحب جي وفات وقت ١٣-١٤ سالن جو هوندو. ان ڪري شاهه صاحب سان وڏيڪ ريجهه رهاڻ يا مئين عنات ڏاتهن نصرپور وڃن واريون روايتون سڪي اهن. ائين سندس والده جو والد جي وفات ڪانپوءِ محرم(ڏير)سان حج وڃڻ به اعتبار ۾ نٿو اچي(١٩).

بهرحال شاهه صاحب جي وفات ڪان پٽ جي سيدن جي باهمي اختلاف ڪان پاڻ بچائڻ خاطر ڪڇ هليو ويو. ساٿس گڏ چند ماڻهو هئا. هي درويش طنبورو ۽ رسالو ساڻ ڪري اڏيري ۽ بدين ڪان ٿيندو ڪماڳون پهتو(٢٠). هي مقام ڀج ڪان ٩ ميل پري آهي. ڪڇ جو راجا به دعا گهرڻ لاءِ وٽس آيو. ڪماڳون ويجهو تمر فقير جا بونئرا موجود آهن. پوين ڏيتهن ۾ مرشد جي ڇڪ سبب اتان واپس پٽ ڏاتهن روانو

ٿيو. ڏاچيءَ تي سوار هو واٽ تي دم ڏنائين. کيس درگاهه ڀٽ شاهه جي احاطي ۾ دفن ڪيائون. هن وقت سنڌس سلسلي جي گاديءَ تي مهربان دوست فقير الله بچايو تمراڻي آهي(١٢).

تمر فقير، ڀٽ شاهه تي شاهه جي راڳ جو اڳواڻ هو. ڪانئس پوءِ ڪمال فقير ۽ يعقوب فقير (شهيد) اڳواڻي ڪئي. اسماعيل فقير الياس فقير کي مقرر ڪيو. الياس فقير بعد مراد فقير ڀڳيو اڳواڻ ٿيو. ان کان پوءِ ٻيا فقير هي منصب ماڻيندا آيا ۽ ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ گادي نشين پير غلام ساهه لطيفي راڳ جو سروان ٿيو(٢٢).

تمر فقير جو گهڻو ئي ڪلام هو، پر محفوظ ٿورو رهيو آهي. هو شاهه صاحب جهڙي آسمان ادب جي درخشنده ستاري جي اثر هيٺ اسريو. اها چمڪ پيدا نه ٿيس، پر ان اندلٺ جا رنگ تمر ۾ اهن. رسالي جو روح قائم رکڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي اٿس. مختلف سُرن ۾ ڪلام موجود اٿس. ڪڇ ۾ هو نه آستان لطيف جي سڪ ڪانئس هيئن چوايو:

هـو پونگا هُو پينيون، هُو مارن جا مڪان،
ڪي ڏيتهن هتي جيڏئين، هئا گهيتن سان گذران،
سي هنڌ پسي سومرا، هينئڙو ٿيو هيران،
مارو هئا مهمان، اني ويئڙا اڪري.

-

هُو پونگا هو پيٽيون، هو پکا هو پٽ،
ڪي ڏيتهن هتي جيڏئين، ٿي موڪ ولوڙيا مٽ،
سي هنڌ ساري سومرا، گهاءُ لڳا مون گهٽ،
مارو هئڙا مِٽ، اني ويئڙا اڪري،

شاهه صاحب جو اثر، شاهه صاحب جي سڪ تمر وٽ سرس آهي، شاهه صاحب کي پل پل ياد ڪنو هو، مرشد کي رامڪليءَ ۾ هيئن ٿو ساري:

رام جنين جي روح ۾، تن ڪيو ڪاپڙين ڪمال،
جنين پاتو تنين ماپيو، جانب جو جمال،
تنين جو تمر چوي، هُئي موچاررو حال،
او نانگا ٿيا نهال، پچن گس گـوروءَ جو.

تمر فقير کي سُر رامڪليءَ سان وڌيڪ دلچسپي هئي، ان ڪري هن سُر ۾ سندس ڪلام نسبتا وڌيڪ آهي. هو سُر جي خاص انداز ۾ چوي ٿو:

ڳتهيو پڻن ڳالهڙي، سيئي سالڪ،

پورب ۾ پيهي ويا، سامي کني سنڪ،
ڏسنديئي الڪ، نانگا نسورا ٿيا.
تمر فقير جي ڪلام جو انتخاب هي آهي:
هيڪائي هيڪ ٿيا، اوڏا ساڻ احد،
هيءَ ڇڏيائون حد، ويا مطلق محو ٿي.
ويا مطلق محو ٿي، سڃاتائون سوئي،
تہ آهي اهو ئي، گهٽ تہ ڏسن ڪي ٻيو،
(قطار البحرين جو انداز)

-

پرينديءِ پنڌ تي، جتن ڪارڻ جوءِ،
واڪا ڪيو وڻن ۾، ريهون ڪيو روءِ،
طالب ڪي تمر چئي، ڏس ڏيرن جو پوءِ،
ڪيچان اوري ڪوءِ، ڪجا غور غريب جو.

-

پتهونءَ ڪارڻ پٻ ۾، هلي هيڪاندي،
آڏر هوت پتهونءَ جي، اتاهين آندي،
ڪيچ ڏٺي ڪانڌي، ٿيس تيڏي مهل تمر چئي.

-

ٿيا مٺ معذور جا، حال تہ پائي هوت،
لڳندي لڪن سيٺ پاٽان ٿيرس پوت،
متي تائين موت، سڪ ٻاروچي تہ لهي،

-

هئو پونگا هئو پينيون، تہ چانگون تہ چيلا،
سي هنڌ پسي سومرا، ڪريان رندن تي ريلا،
بختين ٿين پتن تي، مارن سين ميلا،
سهڙن سويلا، اني ويئڙا اڪري.

-

هئو پونگا هو پيٽيون، هو اباٽا ئتر جهل،

ڪي ڏيتهن هتي جيڏئين، هئي چيلن سين چل،
سي هند پسي سومرا، اچي آب اچل،
مارو هئام امل، انءِ ويئڙا اکري.(٢٣)

ديني نظم ۽ نصابي ڪتاب

دين جي مختلف پهلوئن کي نطيمي صورت ۾ سمجهائڻ لاءِ سنڌ جي عالمن هڪ قسم جا طوين نظم لکيا. جن کي مُلڪي سنڌي ۽ ڪبت به چئجي ٿو. پير محمد لکويءَ جو آحرو نظم جتهن جو ذڪر پهئين دؤر ۾ ٿي آيو آهي، سو شايد هن طرز جي سلسلي ۾ اول اچي ٿو. هن جا آثار اڳاتا آهن. بقول ڊاڪٽر بلوچ جي سنڌي زبان جا هي اوائلي منظوم ذخيرا سترهين صدي عيسويءَ جي اڌ يا ان کان به اڳاتا آهن(٢٤). ڊڪاٽر بلوچ اتهن منظوم علمي، اديبي ذخيرن جو ذڪر پتهنجي تصنيف ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ ۾، ان کان سواءِ هنن اڳاٽڻ ۾ٽظم ڌ:ڙڻ ؛: ڪٽآب بغٽآڻ: ”سنڌي ٻولي جو اڳاٽو منظوم ذخيرو“ ۾ شايع ڪيو آهي. هي منظوم ذخيرو ڪاتب عزت بن سليمان، مختلف ذريعن مان اتاري هڪ هنڌ ١٠٦٧-١٠٦٩ه/١٦٥٥-١٦٥٧ع ۾ مکم ڪيو(٢٥). بقول ڊاڪٽر صاحب: ”ان وقت جي عالمن ۽ استان اهي موصوع تعليمي مقصد خاطر، ان وقت جي عام رائج سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪيا ته جئن اهي سولائيءَ سان سيکاري پڙهائي سگهجن(٢٦).“ ظاهر آهي. هي علمي ذخيرو ڪافي اڳاٽو هوندو. هي ذخيرو ڪل ٣٩ موضوعن تي ورڇيل آهي.

هيئت جي مدنظر هي مواد ڊگهن بندن(ڪبت/سنڌيون) جي طرز تي آهي ۽ ان سان گڏ بيت جي هيئت ۾ به آهي. هتي ترجيحا اسين ڊگهن بندن (ڪبت/سنڌيون) جو بيان ڪنداسين. هنن منظومين کان پوءِ سنڌ جي عالمن ١٨-١٩ ۽ ٢٠ هين صدي عيسويءَ ۾ پڻ تعليمي، ديني ۽ نصابي طرز جون سنڌيون(ڪبت/ ڊگها بند) مهيا ڪيا، عالمن جون هي ڪاوشون هڪ طرح سنڌي صورتخطيءَ جي ابتدا، اوسر ۽ ترويج سان شروع ٿيون. ابوالحسن جيڪا صورتخطي اختيار ڪئي، ان جون پاڙون ماضي ۾ ٤ صدي هجري (١٠ صديع ) ۾ ڪتل هيون. منصوره ۾ اها رائج هئي. البروني ان کي سيندب (سيندو، سنڌي) سڏيو آهي(٢٧). ان جي ارتقا ۽ اوسر جي نتيجي ۾ اندازا ١٥-١٦ صدي ع ۾ ادبي، ديني ۽ نصابي منظوم ڪتابن جو سلسلو هليو. عزت بن سليمان جي اتاريل منظوم ذخيري جي موضوعن ۾ پهرين خدا جي حمد آهي. مثال:

حوض ڪوثر بيو سجرة المنتهيٰ طوبا ورک وڏيا
سهس اٺارهه ٿيا پيدا پئويئون اپ وڇايا،
سج چنڊ تارا پڻ خلقي وارن تي سر واهيا،
ڏونگر بحر سمونڊ سرجيا، پاٽي پٽ لوڙاهيا،

بحرا مارڳ متي خلقي تتهين ڪري وهايا،
ڪڪر هيهن هي' بهانو مٿان ميتهن وسايا،
ملڪ ماڙهو جن اپنا، پٺون ۾ اوپڙ جايا،
دل مرو پڪڻ اپنا وڻ ٽڻ ڦلين، چايا.

هي ذخيرو مدح رسول، تعليم تربيت، نصيحت ۽ هدايت توڙي نبين جي فصن تي مشتمل آهي، هي سلسلو تمام وسيع ٿيو. اڳتي عالمن خاص طور تعليم ۽ تربيت، توڙي نصاب جي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ ننڍا رسالا ۽ ڪتاب لکيا. هي درسي ڪتاب مدرسن ۾ رائج ٿيا. اتهن جا موضوع قران، حديث، تفسير، فقه، اسلامي اصولن، سوانح، تاريخ، تصوف، اخلاقيات، سماجي اصلاح ۽ طب تي مشتمل آهن. ترجمي جو سلسلو به هليو. اهم سنڌي ڪتابن ۽ ملفوظات جو فارسي ۽ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اتهن ۾ شاهه ڪريم، خواجه مهمد زمان ۽ ڪيترن ٻين جا ڪتاب اچي وجن ٿا. عربي ۽ فارسيءَ مان سنڌي ۾ ترجما ٿيا. اتهن جي ڊگهي فهرست آهي. اُتهن مترجمن ۾ آخوند عزيز الله، مخدوم عبدالله، مولوي احمد، مولوي محمد حسين، مخدوم عبدالسلام، مخدوم محمد هاشِ، مخدوم عبدالخالق، مخدوم محمد انور لاڙائي، محمد عارف صنعت، عبدالصمد نورنگ زادو ۽ ٻين جو ڪم نمايان آهي.(٢٨)

ديني توڙي درسي منظوم ڪتابن ۾ هڪڙا اهم ليکڪ تي ايريا، اتهن جو تعلق خاص طور دين سان هو. اتهن کي مُلا يا مُلان سڏيو ويندو هو. اتهن جي سنڌي ڪتابن کي ”مُلڪي سنڌي“ سڏيو ويو. هنديءَ جي حوالي سان اتهن نظمن کي ڪبت به سڏيو ويو.

گهڻا نظم واو عطف ۽ الف جي قافيي تي آهن ته اتهن کي الف اشباع وارا نظم به سڏيو ويو. هتي اهڙن چند ۽ اهم عالمن جي ڪاوشن جو سرسري جائزو ونجي ٿو، جن وقت جي علمي ماحول تي اثر وڌو ۽ مدرسن جي درسي ڪتابن جي گهرج به پوري ڪئي.

مخدوم ابوالحسن: (ولادت ١٦٦١ع) هونئن ته گذريل دؤر جي پير محمد لکويءَ جي ڪلام ۾ طويل نظم موجود آهي ۽ لطف الله قادريءَ جي ”سنڌي رسالي“ ۾ به شريعت بابت ابيات آهن. هي طويل نظم يا سنڌيون تعليمي گهرج جي پورت لاءِ لکيون ويون. روايت آهي ته حضرت شاهه عبدالقادر جيلاني بغداديءَ جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغدادي سنڌ ۾ تبليغ جي ارادي سان آيو. اُن جي تبليغ سان لاڙ جا ڪيترا ماڻهو مسلمانثيا. اُنهن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مدرسن ۾ هن سنڌيون رائج ٿيون. مخدوم ابوالحسن مڪمل ڪتاب نماز بابت ”مقدمة الصلواة“ 1700ع ۾ لکيو. هن ڪتاب لاءِ اڳ موجود عربي اکرن ۾ ڪجھ ڦير ڦار ۽ ايجاد ڪري ڪتاب مڪمل ڪيائين. ڪتاب جي باري ۾ لکي ٿو:

ڪارڻ طلب طالبين رسالو لکيوم،
مقدمة سنڌي نالو تنهن رکيوم.

مخدوم ميان ابوالحسن جي هن ڪتاب جي پيروي ٺٽي ۽ سنڌ جي ٻين عالمن ۽ اُستادن ڪئي. سندس ابتدائي زندگيءَ بابت تذڪرن ۾ تفصيلي احوال نہ آيو آهي. هن بزرگ پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو وقت ٺٽي ۾ درس تدريس ۾ گذاريو. اُن وقت عالمن ڪنهن هڪ مقرر الف – ب ۾ ڪتاب ڪو نہ ٿي لکيا. هو پنهنجي پنهنجي انداز تي لکندا هئا. عربي، فارسيءَ جا بہ عالم هئا، تنهن ڪري الف – ب جو بنيادي ڍانچو سندن اڳيان هو. نج سنڌي آوازن لاءِ ابوالحسن ڪي صورتون مقرر ڪيون. ڪي اردو ڳاڌڙهيون ۽ ڪي خود اختيار ڪيائين. اُنهن مان اڪثر اينڌڙ وقت ۾ بہ رائج رهيون ۽ قائم ڪيون ويون. 1853ع واري صورتخطي ڪميٽيءَ بہ انهن تي غور ڪيو. هي ڪتاب مخدوم ابوالحسن پنهنجي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. سندس وفات کان پوءِ جڏهن مخدوم محمد هاشم پنهنجو تصنيف ڪيل ڪتاب ”فرائض الاسلام“ پڙهائڻ گهريو تہ ابوالحسن جي جهونن شاگردن اعتراض ڪيا. اُن ڪري مخدوم محمد هاشم مجبور ٿي ڪري اضافن ۽ ترميمن سان وري مقدمة الصلواة رائج ڪيو. هي نظم يڪن قافين جي انداز تي آهي. چند سٽن کان پوءِ قافيا بدلجن ٿا ۽ آوازي يڪسانيت کي ٽوڙين ٿا. ڪتاب ۾ وضوع، نماز ۽ غسل جي باري ۾ سمجهاڻيون ڏنل آهن. ابوالحسن جي شعر ۾ ڪو بہ تڪلف ڪونهي. نهايت سادن لفظن ۾ بنا ڪنهن ناهہ نوهہ جي صاف ڳالهہ ڪيل آهي. سند طور ڪتابن جا حوالا بہ آندل آهن. ڪفن بابت لکي ٿو:

بہ ڳرائيون ٻنهي پارين، منيا تن ڪجن،
موڪرائي ۾ ميت کي ويڙهي جئن وجن،
پر مُنيا پهرين چادر ۾ چياڙون گهرجن،
منجهينءَ ۾ ناه ڪو احتياج ستدو تن،
امدادالفتاح ۾ متانت انپر ٿا لکن.

نماز پڄهڻ جا سبب جهاٽائيندي فتح القدير ۽ بحر جا حوالا ڏي ٿو:

فتح القدير ۽ بحر ۾ هن پر ٿو چوي:

تہ ايڪتاليهون اوچتي جي ڪنهن قيءَ اچي،
سار وري پوءِ نہ پڌري پري وات وجهي،
تہ اهڙي قيءَ نماز کي پڙهيا چون پڄي.

ڪتاب جي آخر ۾ پنهنجي فرزند عبدالعزيز جو نالو آڻي ڪيس بہ هنن مسئلن کي سمجهڻ جي تاڪيد ڪندي، پنهنجي نجات لاءِ ٻاڏائي ٿو:

ابول عبدالعزيز پڄي پڙهين ڪان
هي مسئلا نماز جا ساري سنڌي واءُ.

تہ مان هُو تن کي سکن سهج منجهان،
هن ڪميٽيءَ کي ڪن ڪا ڪارڻ ڏٽي دعا.

ابوالحسن گهڻو ڪري عربي فارسيءَ جا دقيق لفظ ڪم نہ آندا آهن. هو ڻتي جو هو ۽ اندازو آهي تہ هن کي ڪچي ۽ لاڙي پڙهندڙن جو خيال هو، اُن ڪري اُنهن جي لاءِ اهڙي ٻولي ڪم آندي اٿس، چند لفظ هي آهن: وترو=تکو، مهيلي= عورت ، جها= جهڙا، ملا= وٺان، پُجهن= ٻودجن، جيڻو=ساجهو، مرهڻ= معاف ڪرڻ، اُبهڻ= بيهڻ، پُنو= پهتو، ماڙهو= ماڻهو، پانجو=پنهنجو، توو= تنهنجو، ڪريج= ڪج، ويج= وجج ۽ ڪجهاڙو= ڇا.

مخدوم ضياءُ الدين(1091-1171-هه/1677-1757ع)

مخدوم ضياءُ الدين بن مخدوم هارون بن مخدوم عجائب بن مخدوم الياس، سنڌ جي قديم شهر جُوڻ ۾ ڄائو. هو شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي اولاد مان هو. سندس پڙڏاڏو مخدوم الياس سومرن جي دور ۾ عراق کان ترڪ وطن ڪري جوڻ ۾ اچي رهيو(29). مير علي شير قانع لکي ٿو تہ: ”هو صاحب پهرين درياه ۾ اچي رهيو پوءِ لڏي وڃي ٺٽي ۾ وينو(30)“. مخدوم ضياءُ الدين، ٺٽي جي مشهور عالم ۽ فاضل مخدوم عنايت الله کان تعليم حاصل ڪئي. مشهور عالم مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو بہ سندس شاگردن ۾ شامل هو. مخدوم ضياءُ الدين جي شخصيت ۽ علميت جي باري ۾ مير قانع لکي ٿو تہ :”هو باوجود وڏي علميت جي، فقيريءَ جي راه جو سالڪ ۽ نهايت نوڙت وارو بزرگ هو. پنهنجن همعصرن ۾ وڏي هدايت ۽ ڪافي فيض سان زندگيءَ گذاري 80 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. سندس فرزند ميان يارمحمد ۽ پوٽو غلام محمد بہ وڏن جي نقش قدم تي هلي وڏي مان ۽ مرتبي وارا ٿيا(31).“

مخدوم ضياءُ الدين جو ڪتاب”مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي“ سڏجي ٿو. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب نہ رڳو وضو ۽ نماز جا مسئلا مسجهايا اهن، پر ٻيا بہ اسلامي عقيدا ۽ فرض بيان ڪيا اٿس. جهڙوڪ: ٻار کي نماز جو عادي ڪيئن ڪجي، اسلام جا پنج اُصول، ايمان جون ست صفتون، جسم ۽ لباس جي پاڪيزگي، غسل، واجب، سنتن ۽ وتر نماز جو بيان اچي وڃي ٿو. مجموعي طور گهڻن اسلامي اُصولن جي سمجهاڻي ڏنل آهي. نظم جو نمونو هي آهي:

ست ادب موچارا وضوءَ جا سڻيج،
دستار لاهي مٿي اُتان گوڏي تي رکيج،
پهريائين پاڻي ڪرٽا هٿ جيٺي هاريج،
پوءِ تون ڏائي هٿ کي ان پر پاڪ ڪريج،
ڌوئي هٿ ڪرائي سين، ٻئي ڦترا ڪريج،
پاڻي نڪ ۽ وات کي ساري سڦرو ڏيج،

ڏنڊڻ هرئي ڪ سڪي سين وات کي سوئيج،
جي نہ ليي ڏنڊڻ کي تہ آگر هلائيج،
غرغرا ۽ گرڙيون موچاريون ڪريج.

مختلف ديني ڪتابن تان جي گهڻو ڪري عربيءَ ۾ هئا، اُنهن مان استفادو ڪري هي ڪتاب لکيائين. سندس زبان لاڙي آهي، ”ڦترو“ يا ڪو ڪو ۽ بيا لفظ ڪچي محاوري جو بہ ڪم آندا اٿس. سندس ڪتاب ڇپجي چڪو آهي. تازو ڇاپو سنڌي بوليءَ جي بااختيار اداري 1992ع ۾ ڇاپيو آهي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (1104-1174هه/1690-1761ع)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي دينيات جو هڪ اهڙو چمڪندڙ ستارو آهي، جنهن تي علمي دنيا جيترو ناز ڪري بجا آهي. هُو هڪ اهڙو ستارو آهي. جنهن سنڌ جي نالي کي هنڌين ماڳين روشن ڪيو. هو اجهوڪي ٺٽي ضلعي جي ميرپور بٺوري (هاٽي شهر) جي ويجهو بهراميو ۾ 1690ع ۾ ڄائو هو. سندس والد جو نالو عبدالغفور (پنهور) هو. سندس شجرو مقالات الشعرا ۾قانع هن ريت ڏنو آهي: محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمٰن بن عبداللطيف بن عبدالرحمٰن بن خيرالدين سنڌي بنورائي ثم بهرامپوري ثم ٺٽوي(32). اُن کان سواءِ مخدوم صاحب پنهنجي هڪ عربي ڪتاب الشفاءِ في مسئلة الراءِ جي حآسيہ تي خود لکيو آهي(33). پير صاحب حسام الدين جي مرتب ڪيل فهرست موجب مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا تصنيف ڪيل ڪتاب 139 آهن. پير صاحب، مخدوم صاحب جي خاندان جو فرد جناب مخدوم غلام محمد جي حوالي سان 150 تصنيفات لکيون آهن. پنهنجي فهرست ۾ 139 ڄاڻايون اٿس، جن ۾ عربي ۾ 86، فارسي ۾ 20 ۽ سنڌي ۾ 10 آهن. هي زبانوار جوڙ 116 ٿو ٿئي، ڇو جو ڪن جا مسودا گم آهن ۽ زبان جي ڇڻائي فهرست ۾ نہ ٿيل آهي، سندس فرزندن ۽پٽن پوٽن بہ اها علمي شمع روشن رکي.

مخدوم محمد هاشم جي فرزند، مخدوم عبداللطيف هڪ ڪتاب ذب ذبابا الدراسات عن المذاهب الاربعة المتناسبات، لکيو، جيڪو مخدوم محمد معين جي ڪتاب دراسات اللبيب جي جواب ۾ هو. ٻئي فرزند عبدالرحمٰن سنڌيءَ ۾ مناسڪ حج تي ڪتاب حيات العاشقين لکيو. مخدوم محمد هاشم جي پوٽي مخدوم محمد ابراهيم بن عبداللطيف فقہ ۽ تصوف بابت اٽڪل 25 ڪتاب لکيا. اُن جي پٽ عبدالغفور بہ هڪ ڪتاب لکيو.

مخدوم محمد هاشم ابتدائي تعليم پنهنجي والد مخدوم عبدالغفور کان ورتي. اُن کان پوءِ ٺٽي وڃي مخدوم ضياءُ الدين ۽ مولوي محمد سعيد کان تعليم حاصلڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ بہ ٺٽي ۾ تعليم جاري رکندو آيو. مخدوم محمد هاشم ڇو جو هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ڄائو هو اُن ڪري مير علي شير قانع کيس تحفة الڪرام ۾ ”ڳوناٽو“ سڏيو آهي. مخدوم صاحب تعليم دوران ۽ پوءِ فارغ التحصيل ٿيڻ تي ڏٺو تہ ٺٽي توڙي سڄهي سنڌ ۾ بدعتون عام هيون. اسلامي اصولن جون ظاهر ظهور خلاف

ورزيون پيئي ڪيون ويون. پاڻ دين اسلام جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ قلمي جهاد به ڪيائين ۽ علمي طور به ميدان ۾ آيو. هن سلسلي ۾ واليءِ سنڌ، نادر شاهه ۽ احمد شاهه واليءِ افغانستان ڏانهن خط لکيائين. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کان ڪيس اهڙو پروانو مليو، جنهن موجب حڪومتي عملدارن کي هدايت ڪئي وئي ته بدعتن جي پاڙ پٽڻ ۾ مخدوم صاحب جي مدد ڪن. پاڻ وضو جي پاڻي بچائڻ لاءِ ننڍا ڪونرا(ڪرا- ڪُوزا) رواج ۾ آندائين. رمضان ۾ عملي طور ڏسندو هو ته ڪٿي ڏينهن جو ماني ته ڪو نه ٿي پچي. اڪثر ماڻهو ان ڏهڪاءُ ۾ رهندا هئا. ويهين صديءِ جي دوران به ڪن مولوين لاءِ ٻڌوسين ته گهرن ۾ وڃي دانگيون پچي ايندا هئا.

مخدوم محمد هاشم تحرير، تقرير ۽ علمي ڪم ۾ پنهنجي دور (پوءِ ايندڙ وقت) لاءِ هڪ اهم علمي شخصيت، عالم، محقق ۽ دانشور آهي. سندس ڪتاب الازهر(مصر) ۾ به پڙهايا ويا. 1135هه ۾ مدينه منوره ويو ته اُتي به عالمن ۾ هُن جو گهڻو قدر ٿيو. مخدوم محمد معين جنهن سان ذهني هم آهنگي نه هئس. اُن جي ڪتاب ۾ به مخدوم صاحب جي علم ۽ فيض بابت آيو آهي ته ”پهريائين جڏهن مخدوم محمد هاسم هڪ بهزرگ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءِ کي تلقين لاءِ عرض ڪيو ته اُن بزرگ فرمايو ته منهنجي سامهون مون کان تلقين حاصل ڪرڻ وارن جون صورتون پيش ڪيون ويون، تن ۾ تنهنجي صورت ڪا نه هئي. اهو جواب ٻڌي مخدوم محمد هاشم عرض ڪيو ته مون کي اُها جڳهه ٻڌايو، جتي منهنجو شيخ(مرشد) آهي. بزرگ فرمايو ته تون سيد سعدالله سورتيءِ جي خدمت ۾ وڃ. انهيءَ تي مخدوم محمد هاشم، سيد سعدالله سورتيءِ وٽ ويو ۽ فيض حاصل ڪيائين(34).“اُن بزرگ سان هو حج تان موٽندي 1137هه ۾ سورت بندر ۾ ملي چڪو هو.

پوئين زماني ۾ مخدوم صاحب ٺٽي ۾ ئي رهي پنهنجي علمي ۽ ديني خدمات سر انجام ڏيندو رهيو، ڇهين رجب 1174هه(1761ع) ۾ وفات ڪيائين. مڪليءَ تي سندس آخري آرامگاهه آهي.

عربي ۽ فارسيءِ ۾ مخدوم صاحب جون تصنيفات نه رڳو مخدوم محمد هاسم جي علمي مورتبي ۽ معيار جون شاهد آهن، پر سنڌ جي عظمت به ظاهر ڪن ٿيون. پير صاحب جي مٿي ذڪر ڪيل فهرست ۾ سنڌي ڪتاب هينيانآهن: اصلاح مقدمة – بناءَ الاسلام، تحفةالتائبين، تفسير هاشمي، رسالہ في ذڪر افضل، رسالہ في موعظة ما يتعلق با احوال القبر و ما بعده، رسالہ سنديہ، راحت المومنين(ذبح شڪار)، زاد الفقير (روزي بابت)، قوت العاشقين.

هن فهرست ۾ فرائض السلام جو سنڌيءِ جي حوالي سان ذڪر نه آهي جو اُهو اصل ۾ عربيءِ ۾ هو. سنڌ ۾ مخدوم صاحب جا ٽي ڪتاب مشهور ٿيا. ڪن تي اسلاميات جي موضوع ۾ پي ايچ . ڊي ٿيسز به لکيون ويون. مولوي (ڊاڪٽر) عبدالرسول مگسي قادري4، مخدوم صاحب جي شخصيت ۽ علمي

خدمتن بابت ٿيسز لکي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ . ڊي ڪئي. هتي مخدوم صاحب جي ڪن سنڌي تصنيفات جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

فرائض السلام : هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم پهرين عربيءَ ۾ لکيو ۽ پوءِ اُن جو خود سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. اصل ڪتاب اندازاً 1123هه ۾ لکيائين. فراهض الاسلام جو اردو ترجمو مولانا ابوالقلام محمد عبدالعليم بدويءَ ڪيو. جو مدينة العلوم پيندي طرفان 1986ع ۾ ڇپيو آهي. اصل عربي ڪتاب جو تازو ڇاپو بہ پيندي شريف وارن 1978ع ۾ سائين مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي مقدمي سان ڇپايو آهي. سنڌي ترجما بہ ڇپجندا آيا آهن.

فرائض الاسلام ۾ اهي سڀ ڳالهيون آهن، جيڪي اسلامي فرضن جي دائري ۾ اچن ٿيون. فرض هڪڙا اعتقادي آهن، ٻيا علمي، مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ ابوالحسن ۽ ڪن عالمن جي تحريرن سان متفق نہ ٿيندي پنهنجا رايا ظاهر ڪيا آهن. فرائض الاسلام جي مُنڍَ ۾ لکي ٿو:

جيڪي فرض سنڌيءَ ۾ عاجز سٽايا
سي ٻارهن سؤ ٻاهٺ ٿيا ليکي شمارا،
پر ڪنهين عالمن هيڪڙو سؤ ٿيهہ فرض چيا،
لکيائون تن کي جدا ڪري چوڪا ٻيانا،
لکيائون تن ۾ امر سي جي فرض نہ چئبا،
ڇڏيائون فرض ڪيترا قطعي جي ٿيا،
سهو ٿي اُن کان بخشين مون موليٰ،

فرائض الاسلام ۾ مخدوم صاحب جيڪي مسئلا ۽ فرض بيان ڪيا آهن، اُنهن جي عبارت سادي آهي، سندس نظم لاڳيتو الف اشباع جي قافيي ۾آهي ۽ ٻارهن هزار مصرعون آهن. آقافيہ جي آوازن ۾ فرق نہ رکيو ويو آهي. نظم ۾ آن، آءِ ۽ آهہ کي گڏ ڪم آندو اٿس. مثال:

ٿيون ايمان اُن ڪري تہ آهي هير موجودا،
چوٿون تہ هو موجود مون ڏٺي آڳاٽو اُنهان،
هڻ علم عظيم جو آهي، هميشاهہ.

موضوع جي لحاظ کان فرائض کي بيان ڪندي مشهور ۽ مستند ديني ڪتابن جو نچوڙ پيش ڪيو اٿس. جيئ سندس بيان معتبر ۽ مؤثر بڄي ۽ جتي متقدين سان اختلاف ڏيکاريو اٿس، اُتي حوالا بہ ڏيندو ويو آهي. اُن لاءِ تہ غلطيءَ جو احتمال ۽ اعتراض جي گنجائش نہ رهي.

اهڙن مستند ڪتابن ۾ بحرالرائق- امدادالفتاح- فتح القدير، درمختيار، شرح هدايا، فتاوا عالمگيري ۽ تفسير بيضاوي وغيره اچي وڃن ٿا. فرائض جي پوري سمجهاڻي ڏيندي ڪتاب جي آخر ۾ لکي ٿو:

فائدو پهريون اي سڻو مومناه
ور تہ جهاڻي سيکو مومن مشتاقا
تہ جيکي هن سنڌيءَ ۾ ٿيو مذکورا،
کنا فرض رب جي تان هن مکانا،
جکي فراص عين سين، کي فرض کفايتا،
پر فرض عين مڙيئي جي تعلق وارا،
سين پنجن رکنن اسلام جي، جي دين جا بنا.

اهڙي طرح مقصد جي ڳالهہ کندي کتاب کي مکمل کري ٿو.

زادالفقير (درويش جو ثمر): خانبهادر ميمڻ لکي ٿو تہ فرائض الاسلام (سنڌي) جي تصنيف کان بہ سال پوءِ 1125هہ ۾ زادالفقير لکيائين(35). هن کتاب ۾ روزي جي اهميت ۽ شرعي حيثيت تي بحث کري ٿو. هن کتاب جي لکڻ جي مقصدن ۾ هک اهو بہ آهي تہ سنڌي ۾ لکجي تہ عربيءَ کان ناواقف ماڻهو بہ سمجهن ۽ فائدو وٺن:

عربي اَجهاڻن کي گهڻو ڏهلي هوءِ،
سنڌي کيم سهکي چان سکي سيکوءِ،

کتاب جي عنوانن ۾ هي عنوان آهي: رمضان شريف جي چنڊ جي پک کيئن کجي؟ سحري ۽ افطار جا وقت، روزي جا قسم(فرضي، واجبي ۽ نفلي) روزي جي نيت، روزو کنهن تي فرض آهي ۽ کنهن تي ناهي.

مخدوم صاحب روزي جي اهيمت ۽ ماهيت تي سير حاصل بحث کيو آهي. هن تصنيف جا محرک بہ ديني جذبا آهن. هي کم پاڻ ديني فرض جهاڻي کيائين:سائين سنيون پائيين، موليٰ مؤمنن،
متي راه رسول جي، راتو ڏينهن رڙهن،
سکن مسئلا دين جا، پُڇن ۽ پڙهن،
پڙهي پروڙي تن کي، عامل عمل کن.

هنن چئن سٽن ۾ تجنيس حرفيءَ جو بہ سهڻو مثال قائم کيل آهي. اڳ جي مثال کان وڌيک زيبائتو نظم آهي. معنوي خوبيون، لفظ ۽ صنعتون بہ عام جام ملن ٿيون.

ذبح شکار عرف راحة المؤمنين: هن مختصر کتاب/ رسالي جو تت هي آهي تہ جانور کي کيئن حلال کجي، حلال جانور کهڙين حالتن ۾ مکره ٿئي ٿو. کهڙا جانور حلال ۽ کهڙا حرام آهن. حلال جانور جي گوشت جا کهڙا حصا کائڻ گهرجن ۽ هٿيارن سان ماريل جانور جو حلال حرام ٿيڻ وغيره.

ڪتابجو مقصد واضح آهي ته حلال حرام جو فرق محسوس ڪجي ۽ شريعت موجب عمل ڪجي.

رسالي جي تمهيد ۾ لکي ٿو:

هينئڙي منجهه حقير جي اچي وهم پيو،

ماڻهو مسئلا ذبح جا پڇن گهڻيرو،

ڪي لکجي تن منجهان گهڻو جي ٿورو.

هن ڪتاب جو مقصد واضح ڪرڻ لاءِ مخدوم صاحب پنهنجا دليل نهايت وزنائتا ڏنا آهن. نظم به نهايت وڻندڙ ۽پختو آهي. ٻن ٻن يا ٽن ٽن مصرعن تي قافيا بدلائيندو ويو آهي. شڪار جا شرط بيان ڪندي چوي ٿو:

انون شرط شڪار جو پڻ سو ياد ڪجاه،

جڏهن شڪاريءَ ڪتو ڊوڙايو چئي بسم الله،

تڏهن سو ڪتو رسڻ ري شڪار ڪري ٻي هاج نه ڪا،

سنهي ٿلهي نه ڪري نه ڪي ماني ڪاءِ،

نه ڪو وي قرار ڪو پسي ٽڏيري جاءِ،

وجي ڪيائين قتل شڪار ڪي تنهن پجهاڻان،

تڏهن سو حرام ٿيو ڪيڻ ماڻهن ڪان.

اهڙيءَ طرح ذبح ۽ شڪار بابت شرعي سمجهاڻيون ڏيندي هن ڪتاب کي ختم ڪري ٿو:

ڪارڻ اهل دين جي هي لکيم رسالو،

راحة الؤمنين سنڌي رکيم تنهن جو نالو.

هنن ٽن ڪتابن کان سواءِ قوت العاشقين ۽ ٻيا ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا. تقريباً سڀ ڇپجي به چڪا آهن.

مخدوم عبدالله نرئي وارو

هن بزرگ جو علمي ڪم به نهايت وفيع ۽ بلند معيار جو آهي. هن جي سوانح ۽ تصنيفات کي پهريون پيرو مير علي شير قانع غلطيءَ کان ميان ابوالحسن جي زال جي پاڻيجي ميان عبدالله واعظ عرف مورئي جي نالي لکيو ۽ پوءِ ڪن پوين ليکڪن اُهي احوال دوهرايا ته مونجهارو پيدا ٿ يو. حقيقت ۾ ڪنزالعبرت ۽ ٻين علمي ڪتابن جو مصنف مخدوم ميان عبدالله آهي، جو نرئي (ڪڇ) جو رهاڪو هو. هن بابت سائين مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي تحقيق سجهو مونجهارو ختم ڪيو آهي(37). اُن موجب مخدوم عبدالله ذات جو مندرو(منڌرو) هو. هو اصل بدين تعلقي جو وينل هو. سندس ڳوٺ جو نالو ماندر(مانڌر) هو. (مانڌر هڪ مخصوص ڳوٺ جو نالو نه آهي، پر بدين جي ڏاکڻين حصي کي چون ٿا، جت منڌرا قوم اڪثريت ۾ آهي. راقم به اُن ئي ايراضي جو رهاڪو آهي). ڪن اڻ تر سببن

ڪري مخدوم عبدالله لاڏي ڪچ هليو ويو. اُتي نري(يا نرئي) نالي ڳوٺ ۾ رهيو. اُتي به هن کي ڪي تڪليفون درپيش آيو. اُن ڪري اُتان ٻئي ڳوٺ سسري (تعلقو ابڙاسو) ۾ وڃي رهيو. اُتي ئي زندگيءَ گذاريائين. ڪڇ جو راجا به سندس معتقد هو. سندس وفات به اُتي ٿي ۽ قبر به اُتي اٿس. سندس اولاد ڪچ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. قاسمي صاحب جي لکڻ موجب مخدوم عبدالله جي ڪتاب جو ذخيرو سندس اولاد وٽ آهي(38).

مخدوم عبدالله جا ڪتاب ڪنزالعبرت سميت ڪي ڇپجي چڪا آهن ۽ "خزانہ اعظم" سميت ٻيا غير مطبوعہ آهن. خزانہ اعظم انن جلدن ۾ هڪ بلند پايہ تصنيف آهي ۽ پير جهنڊي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي(39). هت ڪنزالعبرت ۽ قمرالمنير جو جائزو وٺون ٿا:

ڪنزاعبرت : هن ضخيم ڪتاب ۾ شريعت جا اهم بنيادي مسئلا گڏ ڪيا ويا آهن. اُنهن جي تصيلي اُپٽار ڪيل آهي. هي مسئلا، قرآن، حديث ۽ فقہ جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيا ويا آهن. ڪتاب جي شروع ۾ لکي ٿو:

ڪو قدر حديثن حبيب(ص) جي ڪڍي ڪتابنئا،
جوڙي اٿم جمع ڪيو ڪارڻ نصيحتا،
سنڌي ڪيم تنهن جي خالص لڳ خدا،
ڪيم هيڪاندا هن نسخي ۾ اقسام راوين جا،
ڪي بخاري ۽ مسلم جي ڪي منجهان مشڪواتا،
ڪي ڪنان سنن ۽ معجم مان ڪي سندن منجهان،

ڪنزالعبرت 1175هه جي تصنيف آهي. منجهس هڪ طرف مضمونن جي جهاجهہ آهي تہ ٻئي طرف بيان جي وسعت ۽ گوناگوني آهي. هر مسئلي جو بيان دليل سان ڏنو ويو آهي. فرض، واجب ۽ سنتون بيان ڪيل آهن، جيڪي عمل اسلام ۾ ممنوع آهن، تن تي بہ روشني وڌي وئي آهي. عورتن جي قبرستان ۾ وڃڻ جو بيان ڪندي چوي ٿو:

لکن ڪتابن ۾ انپر تا علما،
ڪرڻ زيارت عورتن کي آهي ڪراهتا،
بلڪ هن زماني ۾ حرام چيائون آهہ،
نڪرڻ نہ آهي اُن سندو خالي فسادن ڪنان،
پڻ اصل ڪا اسلام ۾ رخصت هئي اُن لاءِ،
جئن پسي منا پانهنجا مان ڏجهن ڏٽيءَ ڏاءُ.

اسلام جي مسئلن جو بيان ڪندي، دنيا جي تاريخ بہ بيان ڪري ٿو. هر موضوع تي سير حاصل بحث ڪري ٿو. قيامت جو ذڪر ڪندي، ذات پات جي فرق ڪي نندي ٿو، چوي ٿو:

مُور نہ ٿيندو مَهند سو ذات جي سببا،
تہ ڪي سيد آهيان ڪ قريشين منجهان،
آءُ چٽندس عملن ري ذات جو سبا،
ڪ آهيان پوٽو پيرن جوءِ وڏيرن وياءُ،
منهنجا ڏاڏا پاڻهي مون ڪي ڇڏائيندا،
متان پروسو انهيءَ تي ڪري ڪو ادا،
سيڪو لهندو پورهيو موجب ڪمائيا،
الٰهي عبدالله چوي آءٌ ساريان سگهہ نہ ڪا
نہ مون علم نہ عمل ڪي اي صاحب سباجها.

دنيا جي ڳالهين عشق مجازي، شرابنوشي، نذر نياز ۽ سود سماع جو تفصيلي ذڪر ڪندي خرافات ڪان پاڻ پلڻ جي تلقين ڪري ٿو.

قمرالمنير: هن ڪتابجو بنياد عربي ڪتاب”شرح سراج المنير“ تي آهي. جنهن ۾ رسول ڪريمﷺ جن جي اسوه حسنہ حالات وغيره جو بيان آهي، مخدوم عبدالله اُن ڪي خوبصورت ۽ محبت پريي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ ڪان ۽ ادبي نقط نظر سان قمرالمنير جو نظم وڌيڪ اثرائتو ۽ پُر سوز آهي. خانبهادر ميمڻ بلڪل صحيح راءِ ڏني آهي تہ: ”مخدوم عبدالله ههڙي قسم جو نظم اڪثر اُن وقت لکندو هو، جنهن وقت سندس دل تي غم جو بار هوندو هو، ڪن پيارن جي جدائي، زماني جي بي التفاتي ۽ عزيز جي وفات جي تازي صدمي جي اثر هيٺ سندس طبع ۾ هيجان ۽ غم واندوه هوندو هو تہ ههڙو نظم لکندو هو.“

قمر المنير جو سو طويل نظم هڪ ئي قافہ ”ن“ تي آهي. پنهنجي دلگيريءَ جو بيان هيئن ڪري ٿو:

گوندر متي گوندرين، اپر اوتون ڪن،
موت مشڪلاتون مفارقتون هم غم هزارن،
ڪيس تن ڪاهل گهٽو ماري مصيبتن،
مون سين موافق جي هئا منجهہ مڙني مصلحتن،
درد دلگيريون دل جون، جن ڏني، ڏور ٿين،
سي اڦڻ موڪلايا اُسهيا پوريو پهہ پين،
ارتو اوتيان اکين ساريو ڳڻ سندن.

عزيزن ۽ دوستن جي بي مهابائيءَ ذڪر رقت آميز ۽ دلسوز انداز سان ڪري ٿو:

عزيز هئا جي اڳيان تن چڙيو ساهُ سين،
ويو ميٺ مڙن مان ڪو جو واءُ ورين،
گهٽگهرائي ناهه ڪا مڙئي مَنو گهُرن،
نفسانيت نابود ڪئي منائي مڙن،

حضور ﷺ جن جا اوصاف حميده جو بيان ڪندي سندن سيرت جو مڪمل ذڪر ڪري ٿو. معراج شريف جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

جئن پاتو پير رڪاب ۾ رحمت عالمن،
براق پجهي اڳهون ٿيو أيبي نه اسب سندن،
پٽ نه جهلي سو پانهنجي اڳيان عجيبن،
هينئڙي هٽڪارون ڪري ڪڏي پر قدمن،
سهڪو أيي نه ساترو مهندان مقبولن،
ڪري رقص ري پئي نچي سين نازن،
حضرت جبريل هڪل ڪري ساڻ هيبتن،
چيس چٽي زبان سين وني واڳ هٿن،
ڪ نه سڃاٽين نبيءَ ڪي جو مهندار محبوبن.

براق جواب ۾ چيو:

چي گهڻو سڃاڻان هور اي دادلو ڏٽين،
مولي سندو محبوب جو، سو سيئي سڃاڻن،
اکين تي آئون ڪڻان پيزارون پرين،
پر جهاٽي ڪيم سرڪشي ايءَ اڳيان عجيبن،
تان مون سين ڪري وعدو ورتهان پوءِ چڙهن!

هي ستاءِ بلاغت جي لحاظ کانتمام پختو ۽ معياري نظم آهي. ٻولي لاڙي ۽ ڪٿي ڪٿي لفظ به ڪم آيل آهن. مخدوم عبدالله جي هنن ٻن ذڪر ڪيل ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪتاب غزوات، شجاعت سيد الانام، خلفاءِ راشدين ۽ سنگ نامو وغيره به آهن، پر سڀني جو سرموڙ "خزانه اعظم" آهي. جو مڪمل طور ڇپبو ته هن عالم جي علمي معيار جي پوري ڪٿ ڪري سگهبي.

مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم عبدالله جهڙن وڏن عالمن جي ڪتابن کان سواءِ ٻيا به عالم آهن، جن ههڙن طوين نظمن(سنڌين) ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. أنهن جا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. اهو سلسلو پوئين دؤر ۾ به جاري رهيو. ان سلسلي ۾سنڌين جي انداز تي

مناظرا ۽ محدون ۽ ٻيو ڪلام چيو ويو. ڪيترائي ڪتاب نصابي ۽ درسي ضرورتون پوريون ڪندا رهيا. نشانبر ۽ گهڻو مقبول ڪتاب هينيان آهن:

1. مخدوم محمد ابراهيم پٽي، سنڌي
2. مخدوم عبدالخالق، مطلوب المؤمنين
3. مولوي محمد حسين، سيربستان
4. مولوي علي اڪبر، حصص الاموال و بخل الاموال
5. مولوي مهرو، تفسير پاره علم
6. مولوي عبدالسلام، شمائل نبوي
7. مولوي احمد، روضة الشهداءَ
8. مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي، هدايت المريدين
9. مولي ولي محمد، حڪايت الصالحين
10. محمد شريف راڻيپوري، مُلڪي سنڌي

ان ڪان سواءِ دائري وارن جي سنڌي المصباح المفتاح(علي محمد شاهه) ٻين ڪيترن ڪتابن ۽ رسالن جا نالا اچن ٿا، جن ۾ ديني نوعيت جو ڪلام لکيو ويو، جنهن سان درسي ضرورتون به پوريون ٿيون ۽ انهن مان ڪي پنهنجي تسلسل معيار، بلاغت ۽ فصاحت سبب شاهڪار آهن(41).

حوالا


1. بدوي، لطف الله، تذڪره لطفي، ٻيو ڇاپو(جلد اول) آر. ايچ احمد برادرس حيدرآباد، 54-1955ع، ص ص 282، 283.
2. ايضاً – ص 283
3. راڻيپور، مولوي محمد صادق، سچل سرمت جو سرائيڪي ڪلام. سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص 4.
4. ايضاً - ص ص 9- 10
5. سرمت 12، ص 18
6. بدوي، تذڪره لطفي، ج -1، ص ص 320، 321
7. ايضاً – ص 320
8. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جي تاريخ، ڪانياواڙ اسٽور، لاڙڪاڻو، 1993ع، ص 103
9. بلوچ، نبي بخش خان، مئين شاهه عنايت جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، 1963ع
10. حوالي نمبر 8 موجب، ص ص 103- 104
11. تذڪره لطفي، ص ص 196-197

12. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، مداحون ۽ مناجاتون، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص 203
13. مقالو محبوب علي چنه، نذر لطيف، محڪمه اطلاعات مغربي پاڪستان، ص 90
14. سيد قادن شاهه، تمر فقير جو ڪلام، سنڌالاجي 1970ع، ص ص 8 کان 17
15. دائودپوٽو، عمر بن محمد، مقالو تمر احوال ۽ ڪلام، نئين زندگي، نومبر 1955ع، ص ”ج“
16. سيد قادن شاهه، حوالو نمبر 14، ص 19 کان 21
17. ايضاً — ص 21
18. ايضاً — ص ص 22- کان 24 ۽ نئين زندگي، نومبر 1955ع، ص ”د“
19. تمر فقير جو ڪلام، ص 22
20. بدين ۾ تمر فقير جو تڪيو مبينه طور اُن هنڌ هو، جيڪو پوءِ نانگي جو اوتاروسڏجڻ آيو ۽ هن وقت ڪريم بخش زرگر جي ملڪيت آهي. زرگر جي چوڻ موجب هُن هي پلاٽ ڪريم پوٽن(شاهه ڪريم جي پوين)کان ورتو. هي پلاٽ منهنجي گهر سان متصل آهي.
21. تمر فقير جو ڪلام، ص ص 37- 38.
22. ايضاً - ص ص 54 کان 56
23. ايضاً- ص ص 96 کان 105
24. بلوچ، نبي بخس خان (ڊاڪٽر)، سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع ص 29.
25. ايضاً — ص ص 14-15
26. ايضاً — 29
27. ايضاً- 437
28. ايضاً — تفصيل لاءِ ڏسو باب اٺون، ص ص 372 کان 414
29. ميمڻ، خانبهادر محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، 1937ع، ص 131
30. قانع، مير علي شير، تحفة الڪرام(سنڌي) سنڌي ادبي بورڊ، حيدراباد، 1957ع، ص 561
31. ايضاً — ص 561
32. قانع، مير علي شير، مقالات الشعراء، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي 1957ع، ص ص 841- 842

33. ۽ پڻ ڏسو سماهي مهران (1-2-1980ع) ۾ پير حسام الدين راشديءَ جو مقالوِ ”ننگر ٺٽي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو جائزو“، ص 133

34. مخدوم محمد معين، دراسات اللبيب، مرتب عبدالرشيد نعماني، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، مقدمي جو حاشيو، ص 16

35.سنڌي ادب جي تاريخ، ص 171

36. قانع، مير علي شير، تحفة الکرام(سنڌي) سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص ص 559-560

- ۽ پڻ ڏسو خانبهادر، سنڌي ادب جي تاريخ (1)، ص ص 129-130

37. ڏسو ڪنزلعبرت 1961ع وارو ڇاپو، جنهن جي مهاڳ ۾ صحيح معلومات مولانا قاسمي صاحب، ڏني آهي. هي ايڊيشن مولانا محمد مدني ڇپايو آهي(مهاڳ ص ”ب“).

38. ايضاً- ”ج“ مهاڳ ۽ پڻ ڏسو، سنڌيون، از عبدلاجبار جوڻيجو، سنڌالاجي، 1970ع، ص 73.

39. هي معلومات قبلہ قاسمي صاحب عنايت ڪئي: جنهن کي آءُ پنهنجي ڪتاب سنڌيون ۾ آڻي چڪو آهيان.

40. خانبهادر، سنڌي ادبي جي تاريخ، ص ص 214-215

41. تفصيل عنوان وار ڊاڪٽر بلوچ جي ڪتاب”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ انين باب ۾ موجود آهن.

**باب چوٿون**

## عروضي شاعريءَ جي ابتدا

سنڌي عَروضي شاعري، سنڌي بيت ۽ وائيءَ کان پوءِ آئي. وزن جي لحاظ کان سنڌي بيت چند و ديا تي آڌاريل هو. علم عروض عرب مان ايران کان ٿيندو سنڌ ۽ هند ۾ پهتو. سنڌ ۾ عروضي شاعريءَ جا جيڪي ابتدائي اهڃاڻ ملن ٿا. اُنهن جا محرڪ ٻہ صاحب آهن. اُنهن ۾ پهريون محمد خان غني هو ۽ ٻيو پروفيسر لطف الله بدوي هو. ٻنهي بالترتيب ٺٽڙ ۽ شڪارپور جي چند اهڙن شاعرن جي نشاندهي ڪئي، جن جو شعر علم عروض تي موزون ٿيل هو.

هن سلسلي ۾ پهرين محمد خان غني هڪ ننڍڙو ڪتاب”سنڌ جي جديد شاعري“ (1936ع) لکيو ، جنهن ۾ هن ظاهر ڪيو تہ ٺٽڙ ۾ ڪي شاعر. عروضي شاعري ڪري رهيا هئا، جن جو ڪلام مليو آهي. هي زمانو اندازاً 1717ع جو آهي، جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو عام شهرو هو. ٺٽڙ جا هي شاعر هئا. نور محمد خستہ، حافظ عالي، ميان چتن، مرزا تقي ۽ محمد صالح ميمڻ(1). اُن کان پوءِ پروفيسر بدوي پنهنجي تاليف”تذڪره لطفي“ ٽئين جلد ۾ غني صاحب جي ذڪر ڪيل متين شاعرن جي حوالي سان گڏ ڪن شڪارپور طرف جي عروضي ڪلام چوندڙ شاعرن جو بہ ذڪر ڪيو.

هونئن اندازاً انهيءَ زماني (18 صدي ع جي ابتدا) جي ڪن شاعرن جو عروضي ڪلام موجود آهي. جهڙوڪِ مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ جا مولود ۽ جمن چارڻ جي مناجات وغيره، جن جو تزڪرو ٿي چڪو آهي. ذڪر ڪيل ٻن محققن جي ظاهر ڪيل شاعرن جو ڪلام ٿوو آهي، تہ بہ عروض موجب آهي. ائين عروض شاعريءَ جي ابتدا ۾ اچي ٿو؟

جناب محمد خان غنيءَ جي تحقيق موجب جيڪي عروضي شاعر آهن، اُنهن ۾ هينيان اچي وڃن ٿا:

نور محمد خستہ: غني صاحب هن شاعر جي ڪلام جو نمونو ڏنو آهي. خستہ ٽکڙو ويجهو وسي شهمير شاهہ جو وينل هو. هن جو زمانو 1717/1130ع آهي. روايت آهي تہ هُن مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مدرسي مان تعليم حاصل ڪئي(2). انهيءَ حوالي سان هو هڪ عالم ماڻهو هوندو. سندس زندگيءَ جو ڪو گهڻو احوال ڪو نہ ٿو ملي. سندس غزل جي هر شعر جي هڪ مصرع فارسيءَ جي آهي؛ سواءِ هڪ شعر جي، غزل هي آهي:

تابر افنگدي از رخ تو نقاب،
حشر ٿيو آفتاب لايو تاب،
آن منم کز تصادم هجران،
روز شب تو رهان بي خور و خواب،
ڪشتيءَ عمر من بہ بحر غمت،
لهر لوڏن هٽي ڪئي غرقاب،
تابش حسن بي مثال سندئي،
بره ڏيئي وري ڪيو بي تاب
خستہ و خوار منجهہ وسيءَ مون جئن
نيست ديگر ڪسي ز شيخ و شاب.

هن ڪان وڌيڪ غني صاحب خستہ جو ڪلام نہ ڏنو آهي، لڳي ائين ٿو تہ هي اثاثو گم ٿي ويل آهي. شاعر جي فارسي زبان ۾ پختگي هُن جي قابليت کي ظاهر ڪري ٿي ۽ فارسي اثر واري غزل جو معيار بہ پڌرو ٿئي ٿو.

حافظ عالي: هي بہ چڱي معيار جو شاعر معلوم ٿئي ٿو. اسدالله شاهہ بيخود، عاليءَ بابت لکي ٿو: "هو قوم جو ميمڻ هو، مومن اسلام ڪوٽيءَ جو شاگرد هو، اگرچہ سندس ولادت جي تاريخ معلوم ڪونهي، پر بياض مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن بزرگ سال 1192هہ/ 1779ع ۾ وفات ڪئي. حافظ صاحب جو سنڌي ۽ فارسي ڪلام گهڻو هو، جو زماني جي انقلابن ۽ قديمي ڪتابن تي اڏوهيءَ جي حملن جي ڪري سڀ ڪجهہ ناپيد ٿي ويو.(3)"

سندس پوين مان حافظ يوسف، حافظ دلگير ۽ حافظ عبدالله بسمل جهڙا وڏا شاعر پيدا ٿيا. حافظ عاليءَ جي ڪلام جو نمونو هي آهي:

آهه اسلام ڪوٽ ۾ منهنجو
مرد مؤمن مجاز جو مهندار،
ڪنهن سجاتو نہ ڪنهن سڃاڻڻ جو،
معرفت ۾ مٿي سندس مقدار،
سڪ وارن سبق سريو سالم،
پرت وارن پسيو پراهون پار.

مياں چتن هونئن زبان ۽ بيان ۾ ميان چتن سنڌي شاعريءَ جي پراڻي رنگ ۾ آهي، پر هيئت جي لحاظ کان سندس غزل موزون آهي. چتن بہ خستہ ۽ عالي جو همعصر ٽکڙائي شاعر آهي. هن جي حياتيءَ جو وڌيڪ احوال دستياب نہ آهي. غزل هي اٿس:

پراهون پرين پيو نہ پانب پرو،
سڪا سنڌ سيني کي سريو سرو،
ونيون واجهه ويترا وجهن واءِ واءِ،
ڪري قرب واڍوڙين ڏي ورو،
پسي پانڌ پازيءَ جو پر بوترابي،
گنهگار جو آهي، گولو گرو.

هونئن تہ لڳي ائين ٿو تہ ميان چتن جو ڪلام بہ زماني جي دستبرد سبب نٽو ليي، پر هڪ بہ شعر بيا بہ تذڪرن ۾ ملن ٿا. اُهي سندس غزلن جا ئي شعر اهن، جن مان سندس طبع جي موزو نيت ظاهر ٿئي ٿي:

پڪو پرت ۾ ڪيو پتنگن پچي
رهيا رمز ۾ آڳ مهندان اچي.

-

پکي پيجرو، مڇي مهراڻ، ڦتڪي پيا ۽ قاسن پيا،
ڪيدي ڪاني، مندي ماري، لمي لڙ ۾ رڙهي رڻ ۾.

محمد صالح ميمڻ: اسدالله شاهه اد بيخود جي لکڻ موجب محمد اصل اُنهن ميمڻن مان هو، جيڪي مٽيارين مان سيدن سان گڏ لڏي ٽکڙ آيا(4). هن جو سنڌي ڪلام ڪو نہ ٿو ملي، باقي فارسي ڪلام موجود آهي. هن خاندان مان حافظ حامد، مخلص، دائود ۽ غني جهڙا شاعر پيدا ٿيا(5).

ائين هڪ شاعر مرزا تقيءَ جو به نالو آيو آهي، جنهن جو فقط هڪ سنڌي شعر تذڪرن ۾ نقل ٿيو آهي. پروفيسر بدويءَ جن شاعرن کي ابتدائي عروضي شاعر ڪري ڪيو آهي. تن ۾ صاحب ڏنو"صاحب" شڪارپور، ملا اويس شڪارپوري ۽ ڪرم الله شڪارپوريءَ جا نالا آهن.

صاحب ڏنو صاحب شڪارپوري: هن شاعر جي هڪ مدح، علم روض موجب آهي. هن جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون ڪو نه مليون آهن، پر تزڪره نگارن هن کي ارڙهين صدي عيسويءَ جي اوائلي دؤر جو شاعر قرار ڏنو آهي(6). سندس مدح فارسي ۽ عربي لفظن سان سينگاريل آهي:

ملڪ مقرب جي نه هئي جاتي نبين جا يگاه

سا سنڌءِ جيءَ جاءِ خوش آڏنهن بارگاه

خت سر قدرت قدم بيشڪ رکيو تو بادشاه

سر اوهان دستار دولهه تاج قدرت جي ڪلاه

اغثني يا سيدا رس يا نبي خيرالبشر

غور ڪر غمگين جو اي نور نافع نامور.

ملا اويس شڪارپوري: ملا اويس، صاحب جو همعصر هو. هن 1720ع ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام به عروض جي تارازي جي تورتڪ موجب آهي. ملا اويس جو هڪ مثال لاءِ ميسر ٿيو آهي :

سيارو ويو بهار آيو،

گلن آ باغ ٻهڪايو،

ٽڙي ٽانگر ۽ چنبيلي،

ڪيي منهن مگري مرڪايو،

پراٽا پن پيا پٽ تي،

وڻن کي هير چٽڪايو،

بهاري ويس ساوڪ جو،

وڻن کي واه پهرايو،

لنون لاتون پکي گڏجي،

بهار آيو، بهار آيو.

هن نظم جي زبان ۽ انداز بيان ويهين صديءَ جي ڪنهن به نظم جي برابر آهي. اُن کي بيوس، هوندراج دکايل، هري دلگير ۽ نواز علي نياز جي ڪلام سان ڀيٽي سگهجي ٿو.

ڪرم الله شڪارپوري: شڪارپور مان ٽيون شاعر ڪرم الله آهي، جنهن جو ڪلام علم عروض موجب آهي، هون 1731ع ۾ وفات ڪئي، سندس هڪ مدح جو مثال هي آهي:

تون جو آهين شاهہ منهنجو تون جو آهين دستگير،
تون ولهين جي واهہ آهين تون ئي واهر آهين وير،
تون ئي آڌار آن اڙين جو تون منهنجو آن امير،
تو بنا ڪونهي وسيلو تون وسيلو آن پير،
شاهہ منهنجي واهہ ڪر ڪا غوث اعظم دستگير.

ٺٽي ۽ شڪارپور جي شاعرن جي ڪلام جي مثالن مان اها پروڙ پوي ٿي تہ هي سلو ڪجھ آڳاٽو ئي پوکيو ويو هوندو، جنهن اندازاً ارڙهين صدي عيسويءَ جي پهرئين چوٿ ۾ ٻهاري ڏيکاري. هنن شاعرن کان اڳ ۽ پوءِ ڪافي شاعرن جو عروضي ڪلام هوندو، جو منظر عام تي اچي نہ سگهيو آهي. بهرحال هي ڪلام منظر عام تي آيو ۽ لطيفي دؤر جو آهي.

## لوڪ ادب

سنڌي ادب ۾ قديم ترين اسر، لوڪ ادب جو سمجھڻ گهرجي، پر اُن جي ڳاهن جي مثالن کان سواءِ ڪو واضح مثال نہ مليو آهي. لوڪ ادب جا خالق عوام آهن ۽ انهن جا نالا نشانبر نہ ٿيا آهن، جيڪي نالا نشانب ٿيا ۽ صنفون ظاهر ٿيون، انهن جو تعلق بہ اڪثر لطيفي دؤر سان آهي. لوڪ ادب بہ، ادب جو هڪ جُز آهي. دنيا ۾ اڪثر لوڪ ادب ۽ تحريري معياري ۽ مطبوعہ ادب جي وچ ۾ حد فاصل هوندي آهي، پر جن سماج ۾ شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي ادب جو وچ ۾ اهڙي حد فاصل نہ هوندي آهي، اُهو سڀ برابر آهي. سنڌ ۾ هاڻي ايڪيهين صديءَ تائين ايندي اهڙي حد فاصل قائم ٿي وئي آهي. هن حد فاصل جو اشارو پهرين ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ادبي بورڊ جي چاليهن جلدن واري لوڪ ادب رٿا جي پهرين جلد ”مداحون ۽ مناجاتون“ (1959ع) جي مهاڳ ۾ ڏنو: ”پهريون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جون اُهي جملي جنسون جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن، تن کي لوڪ ادب جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثال مداحون، مولود، ٽيهہ اکريون، ڪافيون وغيره : مگر جيئن تہ اُهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهي، اُنهي ڪري انهن کي پڻ لوڪ ادب جي دائري ۾ شامل ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل لوڪ ادب جي بعينہ فوڪ لور (Folk lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگيءَ اجان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو معياري ادب جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زنگيءَ جو مرڪزي دائرو اجان ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اُهو ئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو

آئينو آهي. اُن ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ لوڪ ادب ۽ معياري ادب جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نه ٿي سگهجي(7).“

هاڻي اندازاً پنجاه سالن گذرڻ ڪانپوءِ غزل، نظم ۽ نثري نظم کان، ڳجهارت، هنر ۽ سينگار کي جدا رکي سگهجي ٿو، پراڻا لوڪ ادب جا معمار نامعلوم آهن ۽ پوءِ جا لوڪ ادب جا خالص ڪي قدر معلوم آهن.

سنڌ ۾ لوڪ ادب تي وڏ ۾ وڏ ڪم، سهيڙ ۽ سموهه ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪئي. لوڪ ادب جي چاليهن جلدن واري رٿا مڪمل ڪيائين، جنهن ۾ مداحون، مناجاتون، مناقبا، مناظرا، مولود، ٽيهه اکريون، لوڪ ڪهاڻيون. داستان، هنر، سينگار، ڏور، ڳجهارتون، پوليون، ڏُنون، لوڪ گيت، بيت، ڏڻ جا بيت ۽ ٻيون صنفون اچي وڃن ٿيون(8). اُن کان پوءِ هن بحر جو ٻيو غواص ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ساماڻو، جنهن لوڪ شاعريءَ جي لغت واري حصي کي خوب روشن ڪيو. هن سلسلي ۾ سندس ڪتاب، سنڌ جو سينگار، وينجهار، پهاڪن جي پاڙ، ڏهس نامو، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو ۽ اصطلاحن جي اصليت، خاص طور اهم آهن. شاعرن جي ڪلام جي ترتيب، سچل لغات، سامي ڏاتو، ڪوش نهايت معياري ڪاوشون آهن(9). اُن کان سواءِ سيد عبدالحسين موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسيءَ، به ڪتاب ”سُڳند“ ۽ ”سرهاڻ“ لکيا، جن ۾ لوڪ ادب جون صنفون جمع ڪيل اهن. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڪتاب ”ڏور“ آهي. ڪن ٻين صاحبن جون ڪاوشون به آهن. ڪن سگهڙن جا ڪتاب به آهن، جن ۾ عبدالرحمٰن مهيسر، محمد ملوڪ عباسي ۽ وريام فقير جا ڪتاب اهم آهن.

پارت ۾ خاص طور لوڪ ادب تي ڊاڪٽر نارائڻ پارتي ڪم ڪندو اچي. هن جي ڪم ۽ سهيڙ ۾ لوڪ گيت وڏيڪ نمايان آهن. اهڙا اٽڪل اٺ ڪتاب آهن. هي ڪتاب 1960ع کان 1972ع تائين ڇپيا آهن. لوڪ ادب هڪ اٿاهه مها ساگر آهي. هن ۾ لوڪ ڪهاڻيون ۽ ٻيا نثري داستان، مدح مناجات وارو ڪلام، هنري ستائن ڏٺ، پرولي ۽ هنر وغيره اچي وڃن ٿا. هي سلسلو قديم وقت کان جاري آهي. هن هيٺ جلال ڪتيءَ جي سينگار جي بيتن مان ڪي مثال ۽ هنر جا به مثال ڏجن ٿا. اُن لاءِ ته جلال ڪتي لطيفي دؤر جو هو.

جلال ڪتيءَ جي اصل مسڪن بابت مختلف روايتون اهن. ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سنديلي، جلال جي باري ۾ تحقيق ڪئي اهي. اُن لحاظ کان متفق راءِ هيءَ آهي ته جلال ڪتي موندر تعلقي ۽ ضلعي دادو جو هو. پنهنجو اباڻو ڌنڌو ڪندو هو. هو ڪپڙا ڌوئيندو هو. تخلص به ڪتي ۽ رنگريز آندو اٿس. سندس ٻيو به ڪلام آهي، پر سينگار ۾ هو اُستاد شاعر آهي. جلال جي قبر پير ٺُرهي تي آهي. اندازاً 1150-1160هه ڌاري فوات ڪئي اٿس.(10).

سنڌي جي شاعرن سينگار جو هنري ۽ لغوي نمونو اختيار ڪيو، سو هندي سينگار شاعريءَ جي زير اثر ڪيائون. نه رڳو ايترو پر بياني طرز به منفرد اٿن. جلال جي سينگار بيتن جو نمونو هي آهي:

تمهر روپ ترنگ، هن ڪنول ڪيس قريب جا،
سهه ڳچي قد سروي، ڪونتر نيف نسنگ،
ڀُونگر سر ڀُراءِ جي، مزگان ڪيش خدنگ،
لڪ ليئي ڏهر ڪپور، پرون پونر پونگ،
تنهن سسايا سارنگ، جلوي ساڻ جلال چئي.

-

جب گوري گهنا ڪري، اَٿ ڏوٽا اغماز،
ڏه- ڏون ڏيهاڙي ڪري، ڪامڻ ويس قواز،
اُن جي چرنن تي چريا ٿيا، پس وتن پرواز،
آهون مين مشاهدي، ڪن طائوس تواض،
ترنگ تاب تپاڪي، ڪن نيون نانگ نياز
سرو صنوبر سرزمين، ڪم ڪيچن مان ڪماز،
جي اهڙي دور دراز، تن جياپو جيءُ جلال چئي.

-

ڦينٽي مٿي ڦل، سونهي سير سردار جي،
جنگ ساماٽي جڪري، لٽو هيبت هُل،
مٽ نه آهي ملڪ ۾، توڪ سندو ڪوٽُل،
اچن در عجيب جي، ڪيرت وارا ڪُل،
جني مال نه مُل، تن ڏئي جنهن وار جلال چئي،

هنر ۾ علم بديع جي صنف تجنيس جو استعمال هوندو آهي. هن ۾ هم جس هم آواز لفظن جون هڪ ڪان وڌيڪ معنائون هونديون آهن. ڪيڏ ۾ سگهڙ مختلف نالن، ذاتين، پکين، جانورن، اناجن ۽ ٻين وٿن جي لڪ رکندو آهي. جنهن ڪي سگهڙ پنهنجي زبان ۾ وٺ يا ور چوندا آهن. هنرن جا ڪيترا قسم آهن، ٻه مثال هي آهن:

پکين پاڙهيرين جا، سهسين سُڄن سر،
پاڙهيري پَهه ڪري، سامهان ايندا سَر،
پاڙهيري پَہ ڪري، سجيندئي سَر،

ڪتي لکندين ڪانهن ۾، ايهي سنهڙا سَر،
پئي سونهي موتين سَر، لالن گڏ لوهار چئي.

هي هنر محمد طالب لوهار جو آهي، جو ٽنڊي باگي جو اُستاد سگهڙ هو، ويهين صديءَ جي آخر ۾ گذاري ويو. هتي ”سَر“ لفظ ۾ لِڪ ڪيل آهي، اُن جون مختلف معنائون آهن.

مومل جي ماڙيءَ ۾، هئي گدرن جي گلزار،
واڱڻ ايئن ولها ڪري، هنداڻا هار،
ڪدو ڏنا هيئي ڪاڪ ۾، ته تنبي ساڻ ترار،
مهيي تي ميار، ريبڙ رکٽي هئي ڪانڪا.

هي هنر سُر موکل راڻي ۾ لکل آهي ۽ ڀاڄين ٻڪرن تي آڌاريل آهي. اهو ٿيو هڪ سُر پر ٻن يا وڌيڪ سُرن ۾ سگهڙ لڪ ڪندا آهن. ٻن سُرن وارو ”دراٽو هُنر“ هي آهي.

هئه پسي حيران ٿئين، ڏسي ڏونگر ۾،
لاهي پسين ها لڱن تان، ڏسي ڏونگر ۾
ڏسي ڏونگر ۾، چڙهي وئين چانديو چوي!!

”ڏونگر“ لفظ جي استعمال ڪري هن بيت کي سسئيءَ جو جهاتو ويندو، پر نه! سگهڙ ڏونگر جي سمجهاڻي ڏيندي. اُن کي چيريندو ته ٿيندو: ڏون گهر ۾، ائين هي هنر سُر مومل راڻي ۾ هليو ويندو ۽ هتي سڀ قافيا هڪ ئي معنيٰ وارا آهن. مومل تي چوي، ٻن کي گهر ۾ ستل ڏسي ڪاوڙجي هليو ويو. لڱن تان ڪپڙو لاهي ڏسين ها. مون سان ته سُومل ستل هئي!!

لوڪ ادب جو هي سلسلو جلال ڪتيءَ (يا اڳ) ڪان هليو سو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. جلال سينگار، هنر، ڏور ۽ ٻيا بيت چيا، لطيفي دؤر جو هي شاعر/ سگهڙ هن لوڪ ادب قافلي جو سالار آهي.

لس ٻيلي جا شاعر

ڊاڪٽر بلوچ جو تحقيقي ڪتاب”ٻيلاين جا ٻول“ هن موضوع جو اول ۽ آخر ماخذ آهي. ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1951ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو گهٽو وڌايل ايڊيشن 1970ع ۾ شايع ٿيو.

لس ٻيلو اڄ بلوچستان صوبي جو هڪ ضلعو آهي، پر ماضيءَ ۾ اُن جي حيثيت ٻي هئي. هي علائقو سنڌ جي اولهه ۾ اٽڪل ست هزار چورس ميلن ايراضيءَ تي مشتمل آهي(11). 1951ع جي آدمشماري موجب هتي 76 هزار آدم رهيو ٿي. قبل از تاريخ دؤر ۾ هن جي باري ۾ معلومات ملي ٿي. هتي انساني آباديءَ جا آثار ملن ٿا. 326 ق – م ۾ سڪندر اعظم لس ٻيلي مان لنگهيو هو(12). اُن وقت لس ٻيلي جو نالو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، لس کي سنڌ جو تاريخي دروازو لکي ٿو: ”عربي دؤر حڪومت (Gedrosia)گيدروشيا بعد سومرن ۽ سمن جي حڪومت ۾ لس ٻيلو سنڌ جو هڪ مکيه ڀاڱو هو. سنڌ جي سمن گهٽي انداز ۾ وڃي لس وسايو، جنهن ڪري خاص سنڌ جو تمدن لس ٻيلي ۾ رائج ٿيو. عرب حڪومت بعد هن جابلو ۽ خشڪ سر زمين ۾ ڪنهن به حڪومت جو پڪو پختو نظام قائم تي نه سگهيو. بلوچن توڙي سمن سردارن هتي

حڪمراني ڪئي ۽ پنهنجا وارا وجهايا. ٻيلي جو مڪاني روايت موجب لس ٻيلي جي قبائلي تاريخ هن ريت بيان ڪن ٿا ته پهريائين هتي گجر قوم حاڪم هئي ۽ پوءِ رونجها سردار ٿيا. رونجهن کان پوءِ گونگا حاڪم ٿيا ۽ گونگن کانپوءِ برفت غلبو حاصل ڪيو. برفتن کان پوءِ رونجهن جهامن جهامن جي حڪومت قائم ٿي(13).“

تاريخ جي گهٽي اُٿل پاٿل بعد پاڪستان ٺهڻ وقت جهام غلام قادر لس جو آخري حڪمران هو. سو پوءِ بلوچستان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر، وزير ۽ پوءِ وزيراعليٰ ٿيو.

هن موضوع جو ماخذ ”ٻيلاين جا ٻول“ ، خاص طور ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم ۽ سنڌ مان مارڪي لاءِ ويندڙ ڪبير شاهه جي ڪلام، سندن خاندان جي شاعرن ۽ ٻيلي جي ٻين شاعرن جي ڪلام جي باري ۾ آهي.

شيخ خاندان جي پهرين اهم شخصيت شيخ حمر آهي، جيڪو شيخ ابراهيم جو والد هو ۽ خود به سنو شاعر هو. سندس ڪلام جو مثال هي آهي:

مجلس محبوبن جي مون وٽ اڄيءَ رات اچي،
مون جو جيءُ جياريو، تن پرين پاٻوهي،
حمر هڏ نه وسريا، جاني ڳڏيام جي،
سي ٻيو پيرو ٻاجهه پئي، من پاڻ پسائين سي،
تن منجهه تنين کي، گهٽو گهوري آهيان.

-

خاڪ تنهنجو تڪيو، خاڪ تنهنجو گهر،
ڪن هالاڻو هير ڪيو، ڪي پانڌي هليا پر،
نه سو جوت جباهه ڪيو، نه سو ٻانهين ٻر،
وينداءِ ساهه سرير مان، ٿيندين مٽيءَ مر،
هت جو اڏيوءِ جهوپڙو، سو پورا پانءِ م گهر،
ويلو اٿئي وچ ۾، چؤماسو ۽ چر،
ساميانو سمر، هتان ڪڄ حمر چئي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، شيخ حمر جو ڪلام عنوانن ۽ سُرن هيٺ ترتيب ڏيئي رکيو آهي(14). شيخ حمر، شاهه عبداللطيف جو همعصر هو(15) اندازاً 1750ع کان 1776ع واري عرصي ۾ وفات ڪيائين. سندس فرزند شيخ ابراهيم اٽڪل 1730ع ڌاري ڄائو.

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: ”شيخ ابراهيم جا ٻيا به ٻه پائر هئا. نور محمد ۽ سائينداد. سندن والد شيخ حمر کي پنهنجو مڪتب هو ۽ هي ٽئي پائر پنهنجي والد جا شاگرد رهيا (16).“ شيخ ابراهيم کي جام مير

خان اول قاضي مقرر ڪيو ۽ سَندَون ڏنيون. جن مان پهرين سَنَدَ 1790ع ۾ حاصل ٿيس. اندازو آهي تهشيخ ابراهيم، عبداللطيف جي وفات واري زماني جي قريب ڄائو هوندو. هو تعليم دوران ئي شعر چوڻ لڳو. پيءُ کي بہ ٻڌايائين ۽ اُن سان بيتن جي ڏي وٺ بہ ٿيس، حمر چيو:

جوڳ ڪڏييائون جيئن، تيئن مهنجا سناسي سڙا،
پتنگ پوي جيئن اڳ ۾، پنهنجو تن پڪايائون تيئن،
جيءُ سان جوڳيئڙن جي، عادت آهي ايئن،
هٿڙي حال حمر چئي، هَئي هَئي ڏنام هيئن،
سا سونائون سيئن، جنهن نِيئي ملايا محبوب کي.

ابراهيم جواب ڏنو:

جوڳ ڪڏييائون جيئن، تيئن منهنجا سناسي سڙا،
ڪُنل ڪُنا ڪينري، وڍيل وڍِيا نينهن،
رتل رتا رب سين، اڇي موسم وٺا مينهن،
انهيءَ باب ابراهم چئي، هي ناٿ نهوڙيا نينهن،
سا سونائون سيئن، جنهن نيئي ملايا محبوب کي.

شيخ حمر محسوس ڪيو تہ سندس پٽ ۾ اهليت آهي اُن ڪري خوشيءَ سان کيس اجازت ڏنائين تہ پلي بيت چوي. شيخ ابراهيم جا والدين خدا وارا هئا. وڏا عبادت گذار هئا(17). شاعريءَ جي والد کان شاباس ملڻ کان پوءِ شيخ ابراهيم جو شاعرانہ ملڪو وڌيڪ ظاهر ٿيو. لڳي ٿو والد سان بيتن جي چڱي ڏي وٺ ٿي اٿس. ڪيترو ئي ڪلام چيائين. ڪي قصا منظوم ڪيائين. مدح، صفت، ڏور، معما ۽ ٻين صنفن توڙي عام قصن، توڙي محبت ۽ مجاز بابت بيت جوڙيائين. مومل راڻي جي قص ۾ همير سومري جو بيان ڪندي چوي ٿو:

سندو سنڌ همير هو، سومرو سردار،
سو ڪامل دل قو هو، وير عقل وينجهار،
هڪ ڪمي هيس ڪا نہ ڪا، بيو دل وڏيءَ دلدار،
قابل در ڪمان جو، سُورهيہ سلحدار،
يارن سندو يار، تنهن جو شوق شڪارسين.

همير ۽ سندس ساٿين کي رستي ۾ هڪ سامي مليو ٿو، جيڪو مومل ۽ سندس سهيلين جي ناھ نوھ ۽ حسن جو بيان ڪندي چوي ٿو:

سبزي گُلَ گلاب جا، سبزاي ويس سندان،

سبزي ڪتون ڪتلا، سبزي وچاٽان،
سبزي پتيون بنگلا، سبزي مُناران
سبزي ارٿ اُن جا، سبزي دبوسان،
سبزي پانهيون پاڻُهن ۾، سبزي پانهوتان،
سبزي سبز صندوقئين، جڙيا جنهوارن،
سبزي باغ براهم چئي، ميوا موڪ پڪان،
سڻ تاڪي تعريفان، جي ٿيون ڪَتن ڪنوايون ڪاڪ ۾.

محبت ۽ مجاز جي موضوعتي بہ شيخ ابراهيم سهٽو ۽ معياري ڪلام چيو آهي. اُن باري ۾ محبت جي اظهار سان گڏ حسن جي حقيقت بہ بيان ڪري ٿو:

سُتي ڏٺم سپرين، اندر خواب خمار،
جان جاڳيان تان جيڪي ٿيو، عجب پريان پار،
تلاه تلن تن سين، رُپي ڪان رنگدار،
جهڙي صورت اعليٰ سجهٽين، تهڙي مُرت نہ مروار،
نہ سان جوت جمرود جي، نہ سي هيرا هار،
درد مک دندان دعوتي، دوست پرين دلدار،
بره ڪٽ براهم چئي، وحدتي وينجهار،
مون وس محب نہ اچٽا، تون جانب ميڙ جبار،
وساريان نہ وسرن، دم نہ دليان ڌار،
من مني محبوب جي، خوش طبع خنڪار،
جئن سان بُوند بهار، تئن وسن ٽا وجود ۾.

رسالي جي سُر ڪلياڻ جا مضمون، ”سُر پُوري“ ۾ بيان ڪيا اٿس. ڦڪين ٻُڪين ۽ ڊِين جي ڳالهہ هيئن ڪري ٿو:

ٻُڪيون مڙيئي پار، جي ڳڏيون گوريون جوڙئين،
اها وجها ويڙهي ڪ تون، سَل م ڪين سيڪار،
پَها پيون پانهنا، مون ڪي ڏي م ڪي ڏيکار،
هوءَ جا پر پريان جي، تون ڪري نہ جهاٽين ڪار،
ونءُ بي گن ويج براهم چئي، اڳ مُين ڪي م مار،
نس ڏس نار نهار، تہ هيءَ لنوَ لنَ لالڻ لئہ وجهي.

عشق عقل جي پاڻ ۾ جنگ محبت جي ميدان ۾ آهي. حقيقت هجي يا مجاز هيءَ جنگ جاري آهي. ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

عشق عقل جي لڳي لڙائي
جنگ عشق ڪٽي عقل هارائي.

جهڙ فيصلو ٿي ويو، پر ٻنهي ڌرين جا دليل ٻُڌڻ جهڙا آهن. سچل سرمست ”وصلت نامه“ ۾ عشق عقل جي جنگ جو نتيجو هي ڪڍيو آهي ته عقل گهر کي آباد رکي ٿو ۽ عشق گهر کي ويران ڪري ڇڏي ٿو. ڇو جو عقل هر وقت جهان جي ڪمن کي ناهڻ ۾ لڳو رهي ٿو ۽ عشق هن جهان کان بي نياز آهي:

عقل اندر ڪارسازيءَ جهان،
عشق اندر بي نيازيءَ جهان،
عقل هر دم خانهٔ آبادان ڪُند
عشق هر دم خانهٔ ويران ڪُند.

شيخ ابراهيم به هيءَ جنگ ڇيڙي ويٺو آهي، مختصر ته:

عقل چئي عشق کي، تان ڪي صبر سک،
ماڙهو ڏينداءِ مهڻا، لڄهه پسي تون لِک،
هُو جو ملوڪن مَرڪ، سو عشق اندازي اوڏڙو.

-

عشق چئي آرام، ڪهڙو قريبن ري،
وهان تان نه وندران، من ۾ مُحب مدام،
معشوقن مقام، سدا ديرو دل ۾.

ان ڪلام کان سواءِ سسئي گندري ۽ مارئي سُرن ۾ به شيخ ابراهيم جو ڪلام موجود آهي. جنهن ۾ زبان ۽ بيان جو چڱو زور ۽ بلاغت آهي.

هن خاندان ۾ جئن شيخ حمر، شيخ بکر ۽ ابراهيم شاعر ۽ سگهڙ ٿيا. تئين ڪي ٻيا به شاعر ٿيا. اُنهن ۾ شيخ سائينداد، شيخ الهڏنو، شيخ سنگر، شيخ منو، شيخ عثمان ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

سيد ڪبير شاهه : لس ٻيلي جي مشهور ادبي معرڪي جو شيخ ابراهيم سان گڏ جيڪو ٻيو سُجهاڻ آهي، سو ڪبير شاهه آهي. هن جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تاليف ٻينظير ۾ رقم طراز آهي ته : ”ڪبير شاهه متياري سيدن جي ڳاڙهيا پاڙي مان هو. چون ٿا ته سندن وڏي سان حضرت شاهه صدر جي پلائي ٿي ۽ اُتان رَتا، جنهن ڪري ڳاڙهيا سڏجڻ لڳا. ٻي روايت موجب سندن وڏي سيد جعفر شاهه کي

پهرين ٻن شادين مان اولاد ڪو نہ ٿيو. پوءِ ٽين شادي ڪري گهوٽ واري ڳاڙهي لباس ۾، ڦاڙهي جي ران پچائي ڪنو ڪير جو مٽي تي رکي شيخ ريحان وٽ دعا لاءِ آيو. هن درويش پري کان ڏسي چيس تہ :

اچو ميان سيد ڳاڙهيا، هٿ ۾ ڦاڙها،

مٽي تي پارا، پنجن پٽن وارا(18).“

هن خاندان جو شجرو حضرت امام موسيٰ ڪاظم سان ملي ٿو. هي خاندان سن ۾ سڪونت رکندڙ هو. ڪبير شاهہ بہ سن ۾ جهائو. وڏو ٿيو تہ لڏي ڪوٽڙيءَ ۾ آيو، سندس آکهہ بيٺل هئي ۽ مالوند هئا. عشق جي شادي ڪلهوڙن مان ڪيائين ۽ خاندان جي ناراضگيءَ سبب لس ٻيلي ڏانهن لڏي ويو(19). ڪانئس اڳ سندس ڀاءُ سيد احمد شاهہ بہ لڏي اُتل(لس ٻيل) ۾ آيو هو. اُتي هنن جي مريديءَ جو سلسلو بہ شروع ٿيو(20). ڊاڪٽر بلوچ اندازو لڳايو آهي تہ اٽڪل 1776ع کان پوءِ ڪبير شاهہ ٻيلي ۾ آيو هوندو (21). جام مير خان وڏي ڪان مقرر رقم وظيفي طور مليس. شيخ ابراهيم سان ڪبير شاهہ جو بيتن جو معرڪو ٿيو. (ذڪر اڳتي ايندو). ڪبير شاهہ جي زبان نج سنڌي، بلاغت، فصاحت ۽ سلاست جو نمونو آهي. هن اندازاً 13 هين صدي هجريءَ جي ابتدا ۾ وفات ڪئي. ڪبير شاهہ جي قبر اُتل جي ڏکڻ ۾ ويجهو ئي اهي.

ڪبير شاهہ جا ڏکها بيت، ننڍا بيت، سينگار جا بيت توڙي مختلف سُرن جا بيت نهايت جڙاءَ دار آهن، سسئيءَ جو پنڌ ڪيترو اڙانگو آهي. اُن جا پار پتا جهڙا شاهہ جي رسالي ۾ آهن، اهڙا ڪٿي لڀن؟ ڏونگر ڏورڻ جو هڪڙو انداز ڪبير شاهہ جي لفظن ۽ جزبن ۾ هي آهي:

ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي، آءُ چاڙه مڙئي چڙهندياس،
منهنجو ٻول ٻروچ سان، آءُ پيرين پنڌ ڪندياس،
پيرين پنڌ ڦٽو ڪيو، آءٌ ٽنگن سين ٿُرندياس،
ٽنگن ٿُرڻ ڇڏيو، آءٌ گوڏن پر گسندياس،
گوڏن گسڻ ڇڏيو، آءٌ چيلهہ پر چُرندياس،
چيلهہ چُرڻ ڇڏيو، آءٌ سيني پر سُرندياس
سيني سُرڻ ڇڏيو،آءٌ ٻانهن پر ٻرندياس،
ٻانهن ٻرڻ ڇڏيو، آءٌ هٿن سان هلندياس،
هٿن هلڻ ڇڏيو، آءٌ سسيءَ پر سُرندياس،
سسيءَ سُرڻ ڇڏيو،آءءٌ چوٽيءَ پر چورندياس،
چوٽيءَ چُرڻ ڇڏيو، آءٌ اکين سان ايندياس،
بيمانت جي ٻقر ۾، باس نہ ٻاسيندياس،

پکين ۾ پکي تي، واھڻ ووڙيندياس،
مُرن ۾ مرون تي، سر ه سوجھيندياس،
ماڻھن ۾ ماڻھو تي، گھر گھر ڳوليندياس،
ڪيچين لاءِ ڪبير شاھ چئي، ونڌر ووڙيندياس،
چوڻ اھو چوندياس، آھيان گھوري گھوٽ پنھل جي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب بيتن کي عنوانن ھيٺ ڏئي رکيو آھي، نصيحت بابت ھڪ بيت ۾ ڪبير شاھ چوي ٿو تہ نادان تي نصيحت ڪو اثر ڪو نہ ڪندي، اُن ڪان پري ڀَڄھ. نہ تہ اجھو ھي مثال ھئين سان ھنڌائجن تہ بھتر:

نصيحت تنھن نادان کي ڪر ڪيرن اثر،
ڪلر مان ڪين ٿئي، توڙي جام پيارينس جر،
شيدي ڳورو نہ ٿئي، توڙي مھتي لاھينس مر،
اڪ آمون نہ ٿئي، توڙي ڦُٽي ڪدي ڦر،
ڪتو چاڙھئين ڪُنبَ تي، تہ بہ مور نہ ڇڏي مر،
مون ڏارائين مينھن کي، تہ بہ سندو سوئر ڦر،
ڪٽڪ ڪارائين ڪُتي کي، تہ بہ ڪيس چُني سين چر،
پر پنھنجو نہ ٿئي، توڙي لٽي ڏئينس گھر،
ڪميڻو اشراف نہ ٿئي، توڙي دليون ھجي دلبر،
تنھن ڪان ڏوران بينو ڏر، جنھن ڪان پوءِ لڳي پشيمان ٿين.

سينگار ي بيت ۾ ڪبير شاھ ڏاڪو جھمايو، مڪمل فني انداز ۾ نباھيو اٿس. چوي ٿو:

جب ڳوري گھٽا ڪري، ٺَوَ ست نرمل نار،
اَٺ رکي اغماز سين، ٻئا، چگا چئنچل چار،
مَھندان محبوبن جي، چَلتَٽ آہ چہ ڪار؟
اُڏٽت اولي سين پيار، پُري پريان ڪون پار،
ڦُول پَڪا ڪيا سجھٽين، ڦُل ڦاٽي تيار ڦار،
اھي سب نظر ساڻ نڪار، ڪيا ڪامڻ ڪبير شاھ چئي،

-

جب ڳوري گھٽا ڪري، سيلا سر سنگين،
ڪيل برق قربان ڪيا، مٽان بئنسر بين،

ڪَنچن بيضا ڪم ٿيا، ديکي جُلِبُ جَبين،
سسُ سَسيهرَ سُسئا، پيا مرگهه ملحظي مين،
دَادر دُبيَن پُلايون، سنگ صديق تان چين،
ڏاران عشق نه ڏار ٿيا، ٻولي ٻولن ٻي نه،
اهڙا مُحب مَهين، منهنجا قابل ڪبير شاهه چئي.

-

جب ڳوري گهٽا ڪري، زيور ذاتيون ذات،
ويس وڳا واسينگ ڪيا، بادل ۾ برسات،
پنگم روءِ پريان جو، جلوو وڌ جَبات،
ڪَنجل هنجهه ڪنبي ويا، مُڙي ڪري مصلات،
ڪن سَرو سلامان سجهٽين، نمن نميو نخلات،
ديهي پسي ڌم چپي، پُٺي ورسي منجهه ولات،
شمس قمر صورت سان، محبوبن ڪيا مات،
مور ڪَني مُک مين جئن، سچ سونهن سقلات،
ڏوڏر دچن دهان ۾، لب لالي لال لغات،
پسي انف عجيب جو، سوئيءَ لڳي سڪرات،
نُواڙو تنهن نرمل ڪي، پوجهي تو پريات،
ڪوئل ڪبير شاهه چئي، چُپ ڪي وائي وات،
تنهن فهميدي فرحات، دلبر ڏينم دل ڪي،

مختلف سُرن مان مومل جو بيان ڪندي به حسن جي حديث موجود آهي:

مومل مشرو ماڙيين، هئي نانگڻ پري ناز،
زاد هئا تنهن زال کي، سپ اوڏڻ جا به انداز،
پڙهي هئي ڪنهن پرت مان، باري بره بياض،
هئا ايئن نڪا تنهن ناز جا، جئن گليلن جا گاز،
سا ڪنڌي نه ڦيري ڪيترا، اُن جي نظر ڪان به نياز،
سي سپ راڻا راوَ همير هئا، دولت منجهه دراز،
تن پي پنهنجا وس وڌا ڪيا، جان ڪي عقل جا ايلاز،
تان هن بحري وانگڻ باز، سٽيو ساهُو سي وڌا.

اهڙي طرح نوري ۽ سسئيءَ جا بيت بہ اصل ۾ ڪبير شاهہ جي سورن جو سمر آهن. سندس ڪٽنب ۾ سندس پاءُ محمد شاهہ جي زندان مان احمد شاهہ شاعر ٿيو. اُن جي شاعريءَ جو انداز ڪبير شاهہ وارو آهي. هُن وٽ بہ اُها زبان ۽ اهو بيان آهي، جيڪو ڪبير شاهہ جو آهي، سندس ڪلام گهٽ ملي ٿو، پر تحرير هيٺ نہ آيو، سسئيءَ جو بيان هيئن ڪري ٿو:

ڏور ڏکي جَت ڏونگرين، اُتي تاءُ منهنجا تڪڙي،
ٻانيڻ ٻاروچل جو، توتي حرف ٿيو حق ڙي،
پر منجهہ ارڏي احمد شاهہ چوي، مت ٿين ڪانڌ بنا ڪک ڙي،
جهل تون پارس پانڌ پنهونءَ جو، پهڻن ۾ پک ڙي،
تہ پاڻ لنگهائي پب جو، توکي لال وڻي لڪ ڙي،
رهي جهوڪون جهڪ جهڙي، توتان منزل مير معاف ڪندو.

لس بيلي جي ٻين ڪٽنبن مان بہ شاعر ٿيا جن ۾ نمر مگٿهار شاعر ٿيو. هن جو راجهن شاهہ سان بيتن جو مارڪو(معرڪو) ٿيو. ائين سناسياٽي خاندان مان سنياسي ۽ صدقي شاعر ٿيا. رونجهن مان ولي محمد رونجهو شاعر هو جو شيخ ابراهيم جو شاگرد هو.

اهڙي ريت برديا، باڪڙا، موندرا ڪٽنبن جا شاعر ۽ سگهڙ لس بيلي جي ادبي تاريخ جو سينگار وڌائن ٿا. اُن کان سواءِ ڪيترا ٻيا شاعر ۽ سگهڙ آهن. جن جي ڪلام سچ جي روشني نہ ڏٺي هجي، ائين ممڪن آهي. لس بيلي جي شاعريءَ جي تاريخ جو وڏو ۽ اهم مارڪو (Event) شيخ ابراهيم 7 سيد ڪبير شاهہ جو رڪارڊ تي اچي چڪو آهي، نہ رڳو دلچسپ آهي، پر بيلي جي شاعرانہ روايت ۾ نشانبر آهي.

مارڪو

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، راوين کان مليل هن مارڪي جو ذڪر نهايت وٽندڙ ۽ دلچسپ انداز ۾ ڪيو آهي. ملاقات جو احوال هيئن آهي: ”سنڌ جي روايت موجب، سنگهڙ حامد خان رند خبر ڪئي تہ ڪبير شاهہ، لس بيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي هاڪ ٻڌي هتان سنڌ مان سندس مارڪ ۽ مقابلي لاءِ سنيري نڪتو. هُو هتان گهوڙي پلاٽي چڙهيو ۽ آخرڪار پچائي وڃي لس ۾ شيخن جي ڳوٺ جي نزديڪ پهتو. اتفاق سان اُتي پهريائين ٻاهران جهنگ ۾ شخي ابراهيم ڪيس منهن ۾ ملي ويو. ڪبير شاهہ سلام روايو. شيخ ابراهيم سلام جو جواب ڏنو. ڪيس ڪينڪاريائين ۽ خبرون پڇيائين. سيد چيو سنڌ جو وينل آهيان ۽ شيخ ابراهيم سان مارڪي لاءِ نڪتو آهيان. شيخ خبرون ڏنيون تہ آءٌ شيخ آهيان. شيخ ابراهيم جي اوطاق هوءَ آهي، جتي توکي ملندو. ڪبير شاهہ وڃي اوطاق تي لٿو ۽ شيخ ابراهيم بہ ڪم ڪار سولو ڪري، ڪپڙا پائي اچي اوطاق تي ڪبير شاهہ کي گڏيو. سيد گڏجڻ سان شيخ سڃاتو(22).“ بيت ڏنائين:

بعضي بازارين ۾، بعضي اُن جا تر منجهه تاٽا تاڪ،
بعضي محل هندورا ماڙيون، بعضي ڪا نہ اقڏين اوطاق،
بعضي اڏين ڏوڏا ڏوڙ جا، بعضي پٽ پاڪيزا پاڪ،
بعضي ميرا مر متي سين، بعضي هونداسي هُشناڪ،
بعضي بک ڏک بيراڳن ڪي، بعضي ڪيڻ ڪنڊون خوراڪ،
بعضي دنيا دولت ڏن سين، بعضي ماس لئہ مشتاق،
بعضي پُرن پيادا پٽ تي، بعضي آٽيندا ڪيراق-الخ.
هن بيت جو جواب شيخ ابراهيم هيئن ڏنو:
يا وت مليو مشڪ ملين، يا وت اوتن چتن چائين،
يا وت اوتن زين ادب سين، يا وت لڪ لڳڻ لائين،
يا وت تريا طعام ڪيو، يا وت تن ڪي تسيا ڏين،
يا وت شاعر پٽن شهر ۾، يا وت هت هُت هونگارين،
يا وت رام ڪرين رب ڪي ويو، يا وت جهنگن جهونگرين،
بابو بر براهم چئي، اُت بہ ڪليو ڪينڪارين،
جي ماريو من مارين، اُن ڪي پنڌ پورب جو نہ ٿئي،

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ: وڏيڪ مارڪو بيلي ۾ جهام مير خان جي ڪچهريءَ ۾ ٿيو، جهاموٽ سردارن ٻنهي کي ٻڌڻ کان پوءِ فيصلو ڏنو تہ : شاعريءَ ۾ شيخ بادشاهہ ۽ سيد وزير آهي، ڪبير شاهہ ناراض ٿيو(23). هي بيت ڏنائين:

نانگڻ ڪر م ناز، گست م گاروڙين سين،
آهہ جنين جي اکين ۾، صورت مُرلي ساز،
مڻ بہ اُن جي متي ۾، هٽنداءِ منڊ مجاز،
جوڳين هٿ زهر جو، ڪو اپر آهي علاز،
ڪن ٽا ڪبير شاهہ چئي، نانگ بہ اُن جو ناز،
تون رک تنين جو راز، متان پورينئي پنڊيءَ ۾.
شيخ ابراهيم جو جواب هو:
نانگڻ ناز ڪياءِ، تي گهمين گس گاروڙين جي،
گاروڙي سي گس تان، ويساهي وننداءِ،
ڪين ڏني تو ڪڏهن، ڪا سندي جوڳين جاءِ

هو لڙ ڪائينڊءِ لفظ سين، جڏهن اچي موالي ملنداءِ،
سي سامي سيئي ڪر، چلر چلر چلنداءِ،
تون پوندين موالين جي مامري، جي گاروڙي گڏباءِ،
اُن جي اسم جي ابراهم چئي، توکي ڪا نہ ڪاءِ،
هاٽي ڪرنديءَ ڪنڌ م پاءِ، نہ تہ پوندين ماڙهو سڀ مشاهدي.

اُن ڪان پوءِ انهيءَ موضوع تي بي بہ ڏي وٺ ٿي آهي. حضرت نبي ڪريم صہ جي شان ۾ ﭘﻨﻬﻲ سجاڻن جي نذر عقيدت تي هي عنوان خاتمي کي رسي ٿو.

شيخ ابراهيم چيو:

من موهن منهنجا پرين آهن حورنڪئون بہ حسين ميان،
سُسن سال صنوبر سيد اڳيان، سينو سيني برابر سين ميان،
ملڪ ڏسيو مشتاق ٿين، ان جي رُوءِ روشن رنگين ميان،
تان جي پائن پريون، زيور زريون، ڪرمش ڪريون
تان بہ اُن جي ڪونش برابر ڪين ميان
هر دو جهانان هار هميشهہ، نرمل نور نگين ميان،
رين انڌيري جلوه دوَن، سرسي سونهن سندين ميان،
براهم چئي بيگ بهادر، اعليٰ قدر قربن ميان،
نجم ستاره ماه مقابل، شمسؤ شاه شبين ميان،- الخ.

ڪبير شاهہ ساڪِي زمين ۾ چيو:

جهڙا عين عجيب جا آهن، تهڙا ڪنهن جا ڪين ميان،
ڪر ڪئينس پؤنر پرون، چيلهہ چيٽو جئن چين ميان،
چاهي جوڙ پلي جمروه جي، جو عجيبن سان اچين ميان،
چا ماکي چا مصري، ڪا مٺ نہ ميٺ منجهين ميان،
چا هي چوڏهين چنڊ چگو، تانَ پي اُنس ان جڙندو اين ميان،
اڪڦر ڪنان انگ عجيبن، ڪُئنرا گهٽو ڪزين ميان،
عقل اڪابر وير وجها جا، پارس چو نہ پُڇين ميان،
سي قابل ڪبير شاهہ چوي، تا داڙون دڙين دين ميان،
جن جي اهڙي هردم سونهن حسين ميان، تنهن پيو رنگي سڀ راس ڪيو.

هنن بيتن جي روايت مان لڳي ٿو تہ راوين پنهنجي حافظي مان جيڪي لکايو آهي يا قلمي ذخيرو مليو آهي، تنهن ۾ زائد لفظ يا غلط لفظ بہ آيا آهن، نڙ جي وجهہ جي ڏکهن بيتن جو بہ وزن چست هوندو اهي.

ٻيلي جي اڪثر شاعرن جي ڪلام ۾ ڪي لفظن ۽ وزن جا سقم موجود آهن. بهرحال اجهوڪي سنڌ ڪي باهر جو هي ڪلام لطيفي دؤر کان شروع ٿي پوين شاعرن جي حوالي سان ويهين صديءَ جي وچ تائين ته آيو آهي. اُن کان پوءِ جون روايتون به هونديون.

ڪڇ جا شاعر

سنڌ جي سرحدن جي ٻئي پار سنڌي ٻوليءَ جو ٿورو گهڻو واهپو رهيو آهي، جنهن لس ٻيلي جو بيان ٿيو. اجان بلوچستان جي ٻين حصن ۾ سنڌيءَ جو واهپو آهي، اُنهن جو ذڪر اڳتي فتح پور گنداواه ۽ سبيءَ جي حوالي سان ايندو. زير بحث عنوان"ڪڇ جا شاعر" هيٺ ڏسون ته ڪڇ ۾ سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ لطيفي دؤر جي حوالي سان صورتحال ڪهڙي آهي؟

شروع ۾ ڪڇ تي عربن جو تسلط رهيو. ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب، اُن کان پوءِ سنڌي نسل وارين ذاتين جو دائمي وطن ٿي رهيو(24). اندازو آهي ته ڪڇ جا راجا (راءُ) سنڌي نسل جا هئا. هي فقط ڪڇ رياست جي ڳالهه آهي. موجوده گجرات صوبي جي نه. هن وقت ڪڇ صوبي گجرات جو هڪ ضلعو آهي. ورهاڱي کان اڳ ڪڇ هڪ رياست هئي ۽ ڀڄ اُن جي گاديءَ و هنڌ هو. قديم زماني ۾ هن خطي کي اهير يا ابير ديس سڏيندا هئا. سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ هڪ سؤ ميل ڊگهو رڻ آهي. هي رڻ بدين ضلعي جي ڏکڻ ۾ راهمڪي بازار کان شروع ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي لحاظ کان عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته وچ ۾ ايڏي وڏي رڻ جي باوجود ڪڇ جي ٻولي به سنڌي يا سنڌيءَ جي ڪڇي محاورو آهي. ڪجهه حلقا اهو خيال ظاهر ڪن ٿا ته ڪڇي هڪ جدا زبان آهي. هن سلسلي جي خيالن جي رد ۾ مون هڪ مراسلو(روزنامه هلال پاڪستان) لکيو ۽ اها ڳالهه ڪئي ته جي ڏيءَ تي رهڻ پسند ڪونهي ته پيٽ تي رهي ته به اسان جون اکيون ٺڌيون. هونئن ته ڪڇي ۽ سنڌي(معياري) جي لساني ۽ صرفي نحوي فرق لاءِ تفصيلي ذڪر ڪري سگهجي ٿو، جيڪو ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر الانا ۽ محمد سومار شيخ ڪيو آهي. آءٌ فقط ڳالهه چٽي ڪرڻ لاءِ ايترو چوندس ته ڪڇي (محاوري) ۽ سنڌي (معياريءَ) جو بنيادي ڍانچو ساڳيو آهي. مثال : آءٌ وَڃان ٿو(سنڌي ). آءٌ وڃان ٿو( ڪڇي). ڪي اسم جدا آهن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. بصر | (سنڌي) | ڏونگهري | (ڪڇي) |
| 2. زال | = | ٻائڙي | = |
| 3. ٻلو | = | مِتو | = |
| 4. ٻُرن | = | سيراڻ | = |
| 5. واڱڻ | = | ريگٽا | = |
| 6. چا | = | ڪُرو | = |
| 7. پڙو | = | گاگرو | = |

8. قلعو = ڳڙ =

9. گهوڙو = گوڙو = وغيره

بدين ۽ پڇ ماضيءَ ۾ ايئن اچ وڃ، مٽي مائٽيءَ ۾ مشهور رهيا آهن. جيئن اجهوڪي سنڌ جا ڪي ٻه وڏا شهر. اچ وڃ انن، ڳڏهن ۽ ٻيل گاڏين وسيلي ٿيندي هئي. ڪڇ جي ٻيل گاڏيءَ کي رينڪڙو چئبو آهي. اُن جي شڪل موهن جي دڙي جي ٻيل گاڏيءَ واري آهي. ڀلاٽ، ڳڏهه يا ڏڳي گاڏيءَ جا ڍڳا ڏينهڪ هي رڻ اُڪري ويندا هئا. اجهه به بدين ۽ ڪراچيءَ جي ڪن علائقن ۾ ڪڇي آباد آهن. 1947ع کان پوءِ سرحد وچ ۾ آئي ۽ عام طور يا حاجي پير جي ميلي جا زيارتي پابنديءَ هيٺ اچي ويا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ مقالي ۾ ڪڇ جي ڪن شاعرن جا نالا ڏنا آهن. اُهي هي آهن: پير غوث محمد لڪپت وارو، سيد مير صاحب آرڪاٽي، باقر شاهه ناڙاپي جو، عمر لوهار ٻائٺ جو، سيد قسم مڏئي بندر جو، مننار شاهه، ميون ملوڪ ڪوڙ لڪپت جو ۽ چگّو جت(25). اُنهن مان مئين ملوڪ ڪوڙ، مننار شاهه، ميان صاحب آرڪاٽي واري، پير غوث محمد سيد قسم جون ڪافيون ڏيئي اُنهن جي زبان جي ڇنڊ ڇاڻ ٻه ڪئي اٿس. انهن شاعرن جي دؤر ۽ سن سال جو ڪو ٻه ذڪر نه ڪيو ويو آهي.

انهن مان ڪن ۽ ٻين شاعرن جو ذڪر محمد سومار شيخ پنهن تاليف ”ڪڇين جا قول“ ۾ ڪيو آهي. ڪلام ٻه ڏنو آهي، پر سن سال جي خبر اُتان ٻه نٿي پوي. بلڪ ڪن معاملن کي ويتر مُنجهائي وڌو اٿس. اُنهن ۾ ابوالحسن ۽ سندس عزيز ميان عبدالله واعظ عرف ميان مورئي کي ٻئي ڪنزالعبرت، خزانہ اعظم ۽ ٻين ڪتابن جو ليکڪ قرار ڏنو اٿس (26). هاڻي قاسمي صاحب جي حوالي سان ڇنڊ ڇاڻ ٿي چڪي آهي ته ڪتابن جو ليکڪ عبدالله موريو نورئي وارو هو. ڊاڪٽر غلام علي الانا ٻه عبدالله موريو نرئي وارو هو. ڊاڪٽر غلام علي الانا ٻه عبدالله موريو نرئي وارو لکيو آهي(27). حالانڪ نرئي وارو عبدالله، ذڪر ڪيل ڪتاب جو ليکڪ آهي ۽ عبدالله مروئي کان ٻيو آهي، جنهن قاسمي صاحب جي حوالي سان وضاحت ٿي چڪي اهي. هن ٻئي باب جي شروع ۾ مخدوم عبدالله نرئي وارو جو ذڪر ڪري آيو آهيان. ڊڪاٽر الانا، ڪڇ مان منو شاهه جي رسالي وارو نسخو هٿ اچڻ جو لکيو آهي(28). اُهو ٻه صحيح نه آهي، حقيقت ۾ اُهو رسالو منو شاهه کان 1956ع ڌاري محمد سومار شيخ سيراڻي تعلقي بدين مان هٿ ڪيو هو ۽ پير عالي شاهه صاحب کي ڏنو هئائين. اُن ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب کي ڏنو. هي سنڌ جو قلمي نسخو هو. منو شاهه ٻه سنڌ جو هو.

جئين عرض ڪيم ته ڪڇ جي شاعرن جي سن وار ڇنڊ ڇاڻ ٿيل نه آهي. فقط نالا آيا آهن. محمد سومار ٻه سن وار ڪا ڳالهه نه ڪئي آهي. نالن مان ڪي هي آهن: جن بابت اندازو آهي ته انهن مان ڪي ارڙهين صدي عيسوي (لطيفي دؤر) جا هوندا، هارون راجسي پوٽو، ميانجي الهڏنو، (19 صدي ع)، حاجي

عمر ڪٽي(مناظروو9، چڱو جت، عمر جوڻيجو، (بيت) حاجي محمد سمون( مترجم 18 صدي ع)، پير غوث محمد(رسالو)، باقر شاهه، مير صاحب آرڪاٽي وارو، مننار شاهه ، ميون ملوڪ ڪوڙ ۽ عمر منڊرو وغيره.

هن شخصيتن جا ڪي بيت، ڳجهاريون، ڪافيون، مرثيا، راسوڙا ۽ ٻيا منظومات آهن. ڪي طويل ديني نظم به آهن. اُن کان سواءِ ڪي نثري ڪاوشون به آهن. ڊاڪٽر بلوچ ڪي ڪافيون پنهنجي مقالي ۾ ڏنيون آهن. محمد سومار شيخ مختلف صنفن مان ڪافي سان گڏ ڪن جا فقط اقتباس ڏنا اهن. اڪثر جي روايت به ڪمزور آهي.

پوئين دؤر، اسان جي سانير ۾ علي شاهه گوهري ٿيو. اُن سان ملاقاتون به رهيون. هن غوث عالم شاهه عبدالقادر جيلاني ۽ سندن اولاد جي باري ۾ ننڍا ننڍا ڪتاب لکيا. ڪراچي ۽ بدين ايندو هو. ڪاراٽي، سليمان سوالي، عبدالرحيم پڇمي توڙي ٻيا ڪيترا ڪڇ جا علم پرور، شاعر ۽ نثرنگار ساماڻا، پر ڪتابن ۾ انهن جو اعتبار جوڳو احوال نه اچي سگهيو. ڪڇ جي ڪتابن جي سنڌ ڏانهن آمد به محدود رهي. اُن ڪري ائينچوڻ صحيح ٿيندو ته جڏهن ڪڇ جا ماخذ دستياب ٿيندا ته هي باب مڪمل ٿي سگهندو. هت آخر ۾ به ڪافيون ڏجن ٿيون:

مون جا نيڻ نماڻا سپرين،
ره ڪا مان وٺ رات،
1- والنبي آن جون واتون نهاريان،
ان جي تن اندر ۾ تات،
2- پرين سنيوڙا پنهنجي وطن ڏي.
ڪري گهايل سين گهات.
3- ميان صاحب چئي مگڻو آيا.
ڏيو ڏاڏين ڪي ڏات.

(ميان صاحب آرڪاٽي وارو)

ٻلين آيا سيڻ اسانجي گر، ري ٻلين آيا.
1- جتي جي آءٌ جهائي اڦتي جي آءٌ ٻائي.
هتي مون جو کهڙو قدر، ري ٻلين آيا.
2- هيرا ني جَوار اُن جي جُتي جڙايان
ٻيو گوريان اُن تان جر، ري ٻلين آيا.
3- غوث محمد چئي ڪُسي منجهارا،
ديکيان اُن جو در، ري ٻلين ايا.

باقي علائقا

سنڌ سرحد- پار ڪي ٻيا علائقا بہ آهن، جن ۾ سنڌي زبان ڳالهائي وڃي ٿي، پر اُتان جو قديم دؤر (يا لطيفي دؤر) جو ادبي جائزو نہ ورتو ويو آهي، جيڪي آثار ۽ احوال موجود آهن، اُنهن تي هتي راءِ ڏيڻ مناسب آهي. اُهي سنڌ- سرحد پار علائقا آهن: راڄستان، سبي ۽ اُتر سنڌ ۾ پنجاب جا متصل علائقا جهڙوڪ ماڇڪو، رحيم يار خان ۽ بهاولپور جا ڪي ڳوٺ.

راڄستان، سنڌ جي سرحدي ٿري علائقي سان ڳنڍيو پيو آهي. سماج بہ بولي بہ، ٿري سنڌي بہ ڍاٽڪي بہ، ريڊيو ۽ ٻين ذريعن کان معلوم پيو ٿئي تہ راڄستان ۾ سنڌي مسلمان بہ رهن ٿا. ان ۾ تہ ڪو شڪ ڪونهي تہ اُنهن جي ٻولي سنڌي آهي. راجستاني يا پنگل، ڏنگل يا ٻيا محاورا بہ هنن جي روز مره جو حصو آهن. سنڌي شعر قديمدؤر(لطيفي) دؤر) جو هٿ نہ آيو اهي. ڪي راجستاني شعر جا حوالا اُنهن شاعرن جا ملن ٿا، جيڪي انومان آهي تہ سنڌي نسل جا آهن. جناب باغ علي شوق جي ڪتاب ”راجستاني زبان و ادب“ مان ظهور خان مهر ۽ ٻين بابت ڪي اشارا آهن. هي اردو زبان جو ڪتاب اسان جو ماخذ آهي. باغ علي شوق لکي ٿو تہ ڪافي زماني کان راڄائن وٽ علم دوستيءَ سبب پري پري کان شاعر چتور جي دربار ۾ ايندا هئا. هو اسڪالر لڪسمي ڪماري چنداوت جي حوالي سان لکي ٿو تہ اُنهن ۾ مالوه، گجرات ۽ سنڌ جا شاعر بہ هوندا هئا(29). باغ علي شوق سنڌ ۽ راڄستان جي ٿري سماج ۽ زبانن جي سُٻنڌ جو خاص طور ذڪر ڪيو آهي ۽ سنڌيءَ جا مثال توڙي راجستاني شعرن جا مثال سنڌي صورتخطي ۾ لکيا اٿس. سماج جي حوالي سان لکيو اٿس تہ چارڻ گجرات ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا. سنڌي جنگ نامن ۾ حسين چارڻ، دين محمد چارڻ، ڪمن چارڻ‎ءِ جمن چارڻ جو بيان ڪيو اٿس. سنڌي ۽ راجستاني ڳاهُن، پٽن ۽ پانن جو ذڪر بہ ڪيو اٿس(30). هن مان قديم ربط جو اشارو ملي ٿو. راسوڙو جيڪو سنڌ ۾ هڪ پڃن جو قسم آهي، اُن ڪي راسو مان نڪتل قرار ڏي ٿو(31). پرٿوي راج راسو ۽ ٻيا نظمي ڪتاب بہ انهي سلسلي جي ڪڙي آهن. قديم وقت جي راڄستان جي شاعرن جو بيان ڪري ٿو، پر اُنهن کان سواءِ جن اديبن جو ذڪر ڪري ٿو، تن ۾ ظهور خان مهر، مدن موهن پريهار(پرهياڙ) ۽ دلپت پرهيار جا راجستاني ڪلام آندا اٿس. انهن نالن جو سنڌ سان ذات جو واسطوآهي. لطيفي دؤر جا ڪي بہ شعر نہ مليا آهن.

سبي خطو: بلوچستان جو هي حصو سنڌي زبان ڳالهائڻ وارن جو آهي. هتي پٽي پنان ۽ ٻيا قبيلا سنڌي ڳالهائن ٿا. ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ منهنجي رهبريءَ ۾ ”سبي خطي جي سنڌي محاورن“ جي عنوان سان سروي ڪئي ۽ سنڌي زبان جي انهن مختلف محاورن جو جائزو ورتائين، جيڪي اُن سڄي علائقي ۾ رائج آهن، جيڪو اولهہ ۾ ڪوئٽا جي قريب تائين پکڙيلآهي، پر ڪا ادبي تاريخ مرتب ٿيل نہ آهي. اُن ڪري قديم زماني کان ڪي سنڌي شاعر هئا يا نہ هئا، اهڙي خبر نہ آهي.

اُتر سنڌ کان پنجاب طرف: هن طرف ماڇڪي رحيم يار خان ۽ بهاولپور جي ڪن ڳوٺ تائينسنڌيءَ جا ڳالهائيندڙ ته آهن پر ادبي جائزو نه ورتو ويو آهي. ايندڙ وقت ۾ اُهو ٿيڻ کپي.

صنفون: شاعريءَ جي پهرئين دؤر ۾ بيتن، گنانن ۽ واين جو ذڪر ٿي آيو آهي. هن دؤر ۾ باقي صنفن ۾ وائي به اهي، مولود، بيت ۽ لوڪ ادب جون نظمي سٽائون به آهن. هر صنف جي هيئت، وزن ۽ موضوع جي لحاظ کان اهميت هوندي اهي. سنڌيءَ ۾ اُن سلسلي ۾ اڀياس جا ڪتاب به موجود آهن، جن ۾ ڊاڪٽر خليل جو رهنماءِ شاعري جلد ٽيون ۽ جهمٽ مل خوبچنداڻيءَ جا به ڪتاب چند سڳند ۽ عطر عروض موجود اهن. اهي ۽ صنفن بابت ڪتاب ڏيان سان پڙهڻ گهرجن.

حوالا


1. غني، محمد خان، سنڌي جي جديد شاعري، 1936ع
2. ايضاً – ص 7
3. بيخود، اسدالله شاهه(اسد) ٽکڙائي، تذڪره شعراءِ ٽکڙ، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص ص 18-19
4. ايضاً – ص 20
5. ايضاً – ص 20
6. احسان بدوي، سانگي، شخصيت فن ۽ ڪلام، ڪراچي 1965ع، ص 14
7. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) مداحون ۽ مناجاتون، سنڌي ادبي بورڊ 1959ع، مهاڳ ص ”ب“.
8. تفصيل لاءِ ڏيو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر بلوچ: هڪ مطالعو، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين 1998ع
9. تفصيل لاءِ ڏو : ڊاڪٽر عبدالجبار جونيجو، ڊاڪٽر سنڌيلو: هڪ مطالعو،سنڌيلو اڪيڊمي، لاڙڪاڻو 2002ع
10. بلو، نبي بخش خان، سنڌي سينگار شاعري، سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع، ص ص 78 کان 85
11. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) پيلاين جا ٻول، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنڌ، 1970ع، ص 10
12. ايضاً - ص 12
13. ايضاً - ص 13
14. ايضاً - ص ص 279 کان 278
15. ايضاً - ص 276
16. ايضاً - ص 290
17. ايضاً - ص 291
18. ايضاً - ص 334

19. ايضاً - ص 336
20. ايضاً - ص 337
21. ايضاً - ص 337
22. ايضاً - ص 255
23. ايضاً - ص257
24. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، مقالو: سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو، مهراڻ جا موتي، نئين زندگي پبليڪيشنز ڪراچي 1956ع، ص 228
25. ايضاً - ص 229
26. شيخ، محمد سومار، ڪڇين جا قول، سنڌي ادبي بورڊ 1977ع، ص ص 142.
محمد سومار شيخ، ڪڇ بابت ٻيان ٻه ڪتاب لکيا آهن، جيڪي قلمي صورت ۾ بدين ۾ سندس پوين وٽ آهن. اُهي آهن: ڪڇ جا شاعر اوليا، ڪڇ جا ڪي سنڌي شاعر، ڪڇ جا شاعر ۽ سنڌي ۾ ديوان قل ڪوراڙ.
27. الانا، غلام علي، (ڊاڪٽر). سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي،سنڌالاجي، 1979ع، ص 37
28. ايضاً - ص 39
29. شوق، باغ علي، راجستاني زبان و ادب، راجستان ادب سيا گندر آباد ڪراچي. 1992ع (ص حرف چند ب)
30. ايضاً - ص ص 16-17
31. ايضاً - ص 21

## سنڌي ادب جي تاريخ

## (ٽيون دؤر)

## باب پهريون

### ميرن جي صاحبي(1739-2000ع)

ڪلهوڙا خاندان جي آخري حڪمران جي ڪمزوري، سازشن ۽ لالچي اميرن جي ريشه دوانين هن خاندان جي حڪومت جو خاتمو آندو. ميان سرفراز جي ناعاقبت انديشي، ميان غلام نبي ۽ عبدالنبيءَ جي اقتدار جي ٻڪ جيڪا صورتحال پيدا ڪئي، اُن ملڪي حالات کي تمام نازڪ ڪري ڇڏيو. مير بهرام ٽالپر کي ميان سرفراز سازشين جي اثر هيٺ مارايو ۽ اُن جا پٽ ٻه ماريا ويا. اِتي ٽالپورن ٻه اک کولي. ميان غلام نبي ۽ عبدالنبي حاڪم ٿيا. ميان سرفراز فرار ٿيو. قيد ٿيو ۽ قتل ڪيو ويو.

ٽالپورن 1783ع ۾ سنڌ جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ مير ٽالپورن جي پهريون چؤياريءَ جي حڪومت جو سرشتو جاري ٿيو. مير فتح علي خان ٽالپور سنڌ جي حڪومت ۾ پنهنجن ڀائرن مير ڪرم علي، مير غلام علي ۽ مير مراد عليءَ کي شامل ڪيو. هي سرشتو ”چوياري“ جي نالي سان اڳتي هليو. ايئن هيءَ پهرين چؤياري سڏجڻ ۾ آئي. اُن سان ميرپورخاص ۽ خيرپور جا علائقا ٻين ميرن جي سربراهيءَ ۾ جدا جدا رهيا. حيدرآباد جو چؤياريءَ جو سلسلو هيئن هليو جو ڪنهن مير جي وفات کان پوءِ هڪ ٻيو شامل ڪيو ويو. ايئن هي سرشتو جاري رهيو. وڏو مير رئيس ۽ حڪمرانن جي درجي تي رهيو. انهيءَ طرح هينيان مير حيدرآباد جي تختگاهه ۾ سنڌ جي ڪراچيءَ کان سيوهڻ ۽ ٺٽي الهيار کان ڪير تر جبل تائين واري ايراضيءَ جا حاڪم رهيا. سنڌن فهرست ۽ دؤر حڪومت هن طرح رهيو:

1. مير فتح علي خان (1783- 1802ع)
2. مير غلام علي خان (1802-1811ع)
3. مير ڪرم علي خان (1811- 1828ع)
4. مير مراد علي خان (1828-1832ع)
5. مير نور محمد خان (1832- 1840ع)
6. مير محمد نصير خان (1840- 1843ع)

انگريزن جو قبضو (1843- 1947)

انگريزن سڄي هندوستان واري پاليسي سنڌ سان بہ روا رکي. شرافت ۽ تجارت جو لبادو پائي، سنڌ تي بہ حملو ڪيائون. مياڻيءَ جو آخري معرڪو سنڌ جي غلاميءَ جي صورت بڻيو. 16 فيبروري 1843ع تي چارلس نيپئر هالن کان مٽياريءَ پهتو. هن سان 28 سؤ سپاهي ۽ 12 توپون هيون.

17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ جي جنگ شروع ٿي جا فقط 3 ڪلاڪ هلي. انگريزن جا فقط 27 سپاهي ماريا ويا. سنڌ جي لشڪر جي بي سرو ساماني ۽ ميرن جي نااتفاقيءَ کين شڪست جو منهن ڏيکاريو. حيدرآباد ۽ خيرپور جي سرڪارين جو خاتمو ٿيو. ميرپورخاص جي سرڪار معرڪا ڪيا، پر ڪامياب نہ ٿيا. 18 فيبروري 1843ع تي مير نصير خان حيدراباد ۾ انگريز جنرل اڳيان تلوار لاهي هيٺ رکي ۽ شڪست قبول ڪيائين. جنرل چارلس نيپئر 1847 تائين، سنڌ جو گورنر رهيو. لنڊن ۾ 1852ع ۾ وفات ڪيائين.

سنڌ کي بمبئيءَ سان شامل ڪيو ويو ۽ پرنگل سنڌ جو پهريون ڪمشنر ٿيو. جيڪو سلسلو چڱو هليو. اٽڪل چوڏهن ڪمشنر ٿيا. کي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ڪمشنر ٿيا. جن جي نيڪ ڪمن جو وچور خداداد خان ڪتاب ”لُب تاريخ سنڌ“ ۾ ڏنو آهي. اُن ڪتاب تي مير مرتضائي ٺٽوي ۽ ٻين وب داد ڏنو آهي. سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي 1936ع ۾ ٿي. پهرين اپريل 1936ع تي نئين سنڌ جو پهريون گورنر ڪراچيءَ

پهتو. اُن کان پوءِ سنڌ صوبائي اسيمبلي ۽ سنڌ وزارت جو دؤر شروع ٿيو. شڪر الحمدلله سنڌ وزارت جو اهو سلسلو 1947ع يعني پاڪستان نهڻ تائين خوب هليو ۽ اُها چال اڃا جاري آهي.

پاڪستان جو دؤر ويجهڙائيءَ جي تاريخ آهي. اُن سنڌ کي جيڪي ڏنو آهي. سو عالم آشڪار آهي. هاڻي تہ سنڌ ڪالاباغ رتا جا رنگ پسي رهي آهي.

سنڌ ادب جي تاريخ جو هي دؤر سچل سرمست جي ولادت واري سال 1739ع کان شروع ٿي سندس مريدن تائين ايندو.

سچل سرمست

سنڌي ادب جي شينهن، ميان عبدالوهاب عرف سچل سرمست درازن ۾ سائين ميان صلاح الدين جي گهر پيدا ٿيو. سندس ولادت جي سال جي باري ۾ بہ هاڻي ڪي تضاد سامهون آيا آهن. سوانح ۽ ڪلام جي باري ۾ بہ ڪي اختلاف سامهوهن آيا. ايئن هر وڏي شخصيت جي باري ۾ ٿيندو آيو آهي. بهرحال سچل سائينءَ جي سوانح ۽ ڪلام جن ماخذن ذريعي عوام الناس جي سامهون آيو آهي، اُهي خاص ماخذ هي آهن:

ماخذ

سچل سرمست جي ڪلام جي پهرين مجموعن ۾ مرزا علي قلي بيگ جو رسالو سچل سائينءَ جو آهي. هي رسلاو 1902ع ۾ ابو العلائقي پريس آگري ۾ ڇپيو ۽ ماستر هريسنگهہ ڇاپخاني سکر شايع ڪيو، علي قلي بيگ، مرزا قليچ بيگ جو پاءُ هو. جنهن 1895ع کان ونئي سچل جو ڪلام گڏ ڪرڻ شروع ڪيو هو. هي رسالو ٻن جلدن ۾ آهي. پهرئين جلد ۾ ڪافيون ۽ ٻئي ۾ بيت، سي حرفيون ۽ وحدت نامو آيل آهي. هي ڪلام بنا ڪنهن تحقيق جي جمع ڪيل آهي. هي پهريون رسالو آهي ۽ هن تي تنقيد بہ گهڻي ٿي آهي.

رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام): هن جو مرتب عثمان علي انصاري آهي. هي رسالل پهرين سنڌي ادبي بورڊ 1958ع ۾ شايع ڪيو ۽ پوءِ بورڊ ۽ ڪن ٻين ادارن وڌيڪ ڇاپا شايع ڪيا. هن جي باري ۾ محققن تنقيد بہ ڪئي ۽ آهي ۽ ڪلام جي صحت توڙي شموليت تي اعتراض ٿيا آهن.

سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام: هي ايڊيشن مولوي محمد صادق راڻيپوريءَ مرتب ڪيو آهي. انصاريءَ جي بنسبت تفصيلي مقدمو لکيو اٿس. هي رسالو سنڌي ادبي بورڊ 1959ع ۾ شايع ڪيو. آخر ۾ سچل جو اردو ڪلام بہ شامل ڪيل آهي. هن ايڊيشن ۾ آندل ڪلام جي صحت بابت بہ تنقيد ٿي آهي.

سچل جو ڪلام عرف عاشق الهام: هي ڇاپو 1952ع ۾ ٻڙودي(ڀارت) مان سچل سائنيءَ جي هڪ صادق اليقين مريد هندو عورت هاسي بائي)ڪن روايتن موجب رُڪي بائي) عرف نماڻي فقير شايع ڪيو. سچل چيئر شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ هن رسالي کي وري شايع ڪيو آهي.

سچل جو رسالو: آغا غلام نبي صوفي جو لکيل هي رسالو 1933ع ۾ ڇپيو. پورفيسر لطف الله بدويءَ پنهنجي تاليف تذکره لطفي (جلد اول) ۾ هن تي اُن لحاظ کان تنقيد ڪئي جو هن ۾ شاهه ۽ سچل جي روحانيت ۽ ڪلام بابت نازڪ مسئلن کي ڇيڙيو ويو هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سچل ادبي ڪانفرنس ۾ توسيعي ليڪچر ۾ خيال ظاهر ڪيو ته آغا صوفيءَ بجاءِ رسالو وليداس جو تيار ڪيل هو: ”پائر وليداس هو، تنهن سچل سائنءَ جو رسالو لکيو. ٻه چار اکر ڪي آغا صاحب به لکيا(1)“ ” شاهه سان پيٽ ۾ ڏکڻ لاهڻ واري ڳالهه به وليداس لکي (2)“ . آغا صوفيءَ جي هن تاليف ڪيترن تضادن کي جنم ڏنو. بدوي صاحب، روحانيت ۽ شاعريءَ جي پيٽ بابت ايترو لکيو ته روحاني درجي جي پرک ڪرڻ آسان ڪونهي.

علي اڪبر درازيءَ جا مثنويات سچل جا ترجما: درازي صاحب به هڪ صادق اليقين مريد هو. هن سچل سرمست کي شهنشاهه عشق ۽ ٻيا لقب ڏيڻ سان گڏ ڪيس هڪ ئي زبان ۾ ڪلام چوڻ وارن کان ممتاز قرار ڏنو. هيءَ ڳالهه هن سچل سرمست بابت ننڍن ڪتابڙن ۽ مثنوين جي سنڌي ۽ اردو ترجمن ۾ ڪئي. مثنوين جو سنڌي ترجمو پروفيسر عطا محمد حاميءَ به ڪيو.

سونهارو سچل: هي ڪتاب لالچند امر ڏني مل ڄڳتياڻيءَ لکيو ۽ 1916ع ۾ ڇپيو. اُن ڪانپوءِ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ ٻين ليکڪن ڪتاب ۽ مقالا لکيا. ديوان آشڪار(فارسي ديوان) به ڇپيو. انگريزي، اردو، پنجابيءَ سرائيکي ۾ به مقالا ڇپيا. سچل ادبي ڪانفرنس جا مقالا به شايع ٿيا. 1981ع کان مسلسل سرمست جرنل شايع ٿيندو اچي. سچل چيئر جي مخزن آشڪار جي اشاعت به جاري. محمد علي حداد سچل تي ببليو گرافي لکي. سرمست جو وچور پنهل ڏهر ترتيب ڏنو. ڪيترن عالمن جا مقالا سرمست ۾ ڇپيا. جن ۾ سچل سائينءَ جي ڪلام جي صحت بابت خادم عباسيءَ جو ڪم قابل قدر آهي. هيٺيان ڪتاب به سچل سائنءَ جي ڪلام بابت آهن:

1. رشيد ڀٽي، سچل جو مڪتب
2. حميد سنڌي، آري اڇين شال
3. ڊاڪٽر نواز علي شوق، سچل سارو سچ(ترتيب)
4. = = = فقير محمد صالح
5. = = = ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار
6. = = = سنڌ جو عطا
7. = = = سچل سرمست جا طالب
8. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سچل جو سنيهو
9. ٻلديو مٽلاڻي، سچل جون واديون

10. ڪلياڻ آڏواڻي، سچل

هنن ڪتابن کان سواءِ ادبي تاريخن ۾ به سچل سائين تي باب لکيل آهن. هنن سڀني ماخذن تان استفادو ڪيل آهي. ضروري بحث به ڪيو ويو آهي ۽ حُالا ڏنا ويا آهن. اُن کان سواءِ سچل سرمست يادگار ڪميٽيءَ جو جريدو سرمست خاص طور زير نظر رهيو.

سوانح: موجوده وقت جي تقاضائن موجب سچل سرمست جي سوانح عمري لکڻ ۾ خاص خبرداريءَ جي ضرورت آهي. اها ڳالهه سندس وڏن، ڄمڻ جي سال ۽ جوانيءَ واري دؤر جي حالات بابت نظر ۾ رکڻ کپي.

سچل سرمست جي سوانح نگارن مان مولوي محمد صادق راڻيپوري ان ڪري اهم آهي، جو سندس دلچسپي سچل سائينءَ جي حالات ۽ ڪلام ۾ اُن وقت کان رهي، جڏهن سچل سائين کي وفات ڪئي فقط ستهتر سال ٿيا هئا(3). ٻيو ته آنڌل فقير فاروقي، آنڌل فقير بالادي ۽ ٻين فقيرن کان توڙي انهن جي والدين کان احوال مليس جن سچل سائين کي ڏٺو(4). مولوي راڻيپوري اندازاً اُنيءَ زماني (1902ع) کان هن موضوع تي سوچ ويچار شروع ڪيو. جڏهن سچل جي رسالي جو پهريون ڇاپو(مرزا علي قلي بيگ وارو) شايع ٿيو. مولوي صاحب، سچل سائين جي وفات جي زماني جي ويجهن ذريعن وٽان مواد ورتو. اُنهن مان ذڪر ڪيل آنڌل فقير فاروقي اهم آهن، جنهن وٽ سچل سائنيءَ جي جتي ۽ ٻيا تبرڪات هئا(5).

مولوي محمد صادق، سچل سائنيءَ جو سجرو به ڏنو آهي، جنهن موجب 36 هين پيڙهيءَ ۾ سندس نسب جو سلسلو حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه سان ملي ٿو. اهو ئي شجرو پوين ۽ اڳين سوانح نگارن حوالي ۾ آندو آهي ۽ اُن ۾ شيخ شهاب الدين جو ذڪر آهي ته هو محمد بن قاسم جي لشڪر سان آيو ۽ سنڌ جي فتح کان پوءِ سيوهڻ جو گورنر ٿيو. انهن سياسي معاملن جي تصديق اجان ٿيڻي آهي. ان تي سڀ سوانح نگار متفق آهن ته سچل سائين فاروقي خاندان سان تعلق رکي ٿو، جي ان ڳالهه ۾ اجان به ڪجهه تحقيق طلب آهي ته پلي هجي، خود ئي چئي ڇڏيو اٿس ته آءٌ جو ئي آهيان سوئي آهيان!

هن خاندان ۾ سچل سائينءَ جو ڏاڏو ميان محمد حافظ عرف صاحب ڏنو (1101-1192هه) هڪ اهل دل درويش ٿي گذريو آهي. سندس ٿورو سنڌي شعر به موجود آهي. اُن مان ڪجهه بيت ڪتابن ۾ آيا آهن. ميان صاحب ڏني سان روح رهاڻ لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي درازن آيو هو. سچل سرمست ته درازن کي شهر سڏيو آهي. روايت آهي ته مخدوم بهاءُالدين ذڪريا ملتاني سنڌ ۾ آيو ته فاروقي خاندان جي بزرگن سان مليو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ به هن خاندان جي عزت ۽ تڪريم ٿي. ڪين جاگيرون مليو، جيڪي پاڻ پنهنجي قريبي مريدن ڪاجن وندير ۽ دراز وندير کي آباد ڪرڻ لاءِ 3 ڏنيون. اُنهن ونديرن به ڳوٺ پنهنجن

نالن سان آباد ڪيا، جن مان درازا اڄ به دنيا جي توجهه ۽ عقيدت جو مرڪز آهي. درازا جي عظمت جا نشان ميان صاحب ڏني ڪان چٽا ڏسجن ٿا(6).

ميان صاحب ڏني جي عبادت رياضت جون ڳالهيون زباني روايتن مان ڪتابن جي زينت بنيون آهن. مولوي محمد صادق راڻيپوري اُنهن جو ذڪر ڪيو آهي. اُنهن ۾ پٽائيءَ جو ملاقات لاءِ اچڻ، ميان صلاح الدين ۽ ميان عبدالحق ڪي ڪؤنرو ڪٽي اچڻ لاءِ چوڻ، مجذوبه واري روايت، چنيھ فقير واري روايت ۽ سندس اهل دل درويش هجڻ جون ڳالهيون آهن. ميان صاحب ڏني جا بيت مولانا راڻيپوريءَ ڏنا آهن. اُهي جي اڳ ۾ بيان ٿي آيا آهن(7).

ميان صاحب ڏني جو پيو به ڪلام آهي، جنهن ۾ ڪافيون به آهن(8). هن ڪلام مان ميان صاحب ڏني جي تصوف ڏانهن لاڙي جي خبر پوي ٿي. ڪلام ۾ عشق الاهي جو ذڪر تصوف جي اصطلاحن ۾ ڪيو اٿس. سندس فرزند ميان عبدالحق جي شعر بابت مولوي راڻيپوريءَ هي روايت ڏني آهي: ”ميان عبدالحق صاحب پڻ شعر چيو هو. مؤلف حقير سان، اندل فقير فاروقيءَ ڳالھ ڪئي هئي تہ هُن وٽ سندن ڪلام لکيل هئا: جاءِ ڪي باھ لڳي جنهن ۾ هو بياض ڪلامن جو ۽ ٻيا تبرڪات سڙي ويا هئا(9).“ مولانا راڻيپوريءَ، ميان عبدالحق جي چيل حضرت پيران پير جي مدح ڏني آهي، جنهن جو مطلع هي آهي:

بهر خدا و مصطفيٰ يا غوث رب العالمين!

دل کي ڪرين سيد صفا، يا غوث رب العالمين!

ميان عبدالحق جي فارسي ڪلام جو به مولوي صاحب ذڪر ڪري ٿو. ميان عبدالحق 1214ھ ۾ وفات ڪئي. قبر تي ڪتبو سچل سرمست جو لکيل آهي.(10)

سچل سرمست جي ولادت: سندن نالو عبدالوهاب رکيو ويو، پر سچل جي سهڻي نالي سان آشڪار ٿيو. فارسي ڪلام ۾ تخلص بہ آشڪار اختيار ڪيائين. سچل سرمست جي ولادت جا هجري ۽ عيسوي سال جيڪي پهرين رڪارڊ تي آيا اُهي آهن 1152ھ/ 1739ع. تازو ولادت جي سال جي باري ۾ ڪي ڳالهيون ظاهر ٿيو آهن. اُهي خانداني شجري جي حوالي سان سامهون آيون. ولادت جي سال جي سلسلي ۾ پهريون حوالو حقيقت ۾ مرزا علي قلي بيگ جو اچڻ ڪپي، جنهن لکيو تہ : ”ميان سچل فقير 1170ھ مطابق 1757ع ۾ ڄائو ۽ سندس وفات 24 رمضان 1242ھ مطابق 1829ع ۾ ٿي، جنهن حساب سان سندس عمر 72 ورھ ٿي.(11)

مرزا علي قلي بيگ اهو بہ لکيو تہ : ”ڪي چون ٿا تہ سندس عمر 90 ورھ هئي (12)“. ”پر اسان کي خبر آهي تہ شاھ صاحب، سچل فقير کي ننڍپڻ ۾ ڏٺو هو(13). “ اُهي روايتون جيڪي سچل سرمست جي ولادت جي سال 1152ھ/ 1739ع موجب بيان ٿيون آهن، اُنهن ۾ شاھ صاحب جو درازن اچڻ ۽ سچل سائين جي ڏاڏي سان ملڻ(بہ پيرا) ظاهر ڪن ٿيون. سي 1170ھ/1757ع جي ولادت جي سال موجب اعتبار

جوڳيون نہ رهنديون، جن ۾ ڏکڻ لاهڻ واري روايت بہ آهي. هوڏانهن سچل سائينءَ جي والد يا چاچي مان کنهن جو گادي نشين ٿيڻ واري روايت بہ اعتبار ۾ نہ ايندي ڇو جو ميان صلاح الدين پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ بلڪ اُن جي وفات کان 16 (سچل جي 1170ھ جي ولادت جي سال موجب) سال ۽ 34 (1152ھ سچل جي ولادت جي سال موجب) سال اڳ وفات ڪري چڪو هو. هوڏانهن 1124ھ ۾ ميان عبدالحق جو نالو گادي نشين طور، ميان صاحب ڏني مرشد شاهہ عبيدالله جيلانيءَ طرفان حبيب الدين جي مسجد ۾ لکڻ بہ مشڪوڪ آهي(14). ڇو جو ميان صلاح الدين پنهنجي والد کان گهٽو اڳ وفات ڪري چڪو هو ۽ کيڻن مان ڪوئنرو ڪٽي اچڻ واري آزمائش جي بہ ضرورت نہ هئي. جو پيءُ کان اڳ وفات ڪري چڪو سو ڪيئن خوشيءَ سان ننڍي ياءُ کي مسند تي ويهاريندو!(15).

ذڪر ڪيل سڀ روايتون مرزا علي قلي بيگ تان مولانا راڻيپوري ۽ ٻين سوانح نگارن ورتيون. سن سال پوري وضاحت ڪن ٿا، سچل جي ولادت جو سال 1152ھ يا 1170ھ، ڪهڙو بہ مڃجي تہ هيءَ ڳالهہ چٽي آهي(16). تہ ميان عبدالحق اڪيلو ئي زنده هو، جيڪو 1192ھ ۾ والد جي وفات کان پوءِ ارشاد جي گاديءَ تي وينو ۽ پنهنجي ڀائيٽي ميان عبدالوهاب عرف سچل جي تدريسي ۽ روحاني تعليم جو انتظام ڪيائين.

مرزا علي قلي بيگ ۽ اُن کان پوءِ ٻين سوانح نگارن مولانا راڻيپوريءَ سُوڌو اهو لکيو تہ حافظ عبدالله قريشيءَ وٽ سچل سائينءَ قرآن شريف (۽ ٻي تعلي) لاءِ ويهاريو ويو. جنهن وٽ قرآن شريف حفظ ڪيائين(17). سچل سرمست جو چاچو ۽ روحاني رهبر ميان عبدالحق سندس رهن ما بنيو. ڪيس عربي، فارسي ۽ تصوف جي رمزن کان واقف ڪيائين. ائين روحاني تعليم کان واقف ٿيڻ سان گڏ، پورو پورو تعليم يافتہ ۽ حافظ بنيو. سچل سرمست چو سڏجڻ ۾ آيو، اُن لاءِ سندس ڪلام ۾ نينهن جا نعرا ئي هڪ وڏو سبب آهن. هونئن پاڻ ڪو تارڪ ۽ مست الست نہ هو. طبقاً منفرد انداز جو شخص هو. ايڪانت پسند هو. تن تنها جهنگ ۾ گهمندو هو ۽ بلڪل ماٺ، صبر ۽ فڪر ۾ وقت گذاريندو هو، ننڍي هوندي کان وني آخري عمر تائين نہ ڪڏهن شڪار ڪرڻ جي شغل کي ويجهو ويو نہ ڪڏهن ڪو پکي يا جانور هٿ سان ذبح ڪيائين. نڪو ڪڏهن ڪنهن معمولي نشي جي عادت رهيس.

”جواني ۽ ايام شباب ۾ نماز جو پورو پابند هو. ورد وظيفي ۾ مشغول رهندو هو. پنجاهہ سالن جي عمر کي رسيو تہ پوءِ موج مستيءَ ۾ عروج جي حالت ۾ بيخود ٿيو، استغراق ۾ رهندو هو.“مرزا علي قلي بيگ لکي ٿو تہ: ”شعر مستيءَ ۽ بيهوشيءَ (بيخوديءَ) جي حالت ۾ چوندو ويندو هو. منشي ۽ فقير لکندا ويندا هئا ۽ جڏهن هوش ايندو هو تہ چئي ٻڌائيندا هئس تہ پاڻ چوندو هو تہ بابا اهو چوڻ واري چيو آهي، مون کي تہ خبر بہ ڪانهي.(18).“

سچل سائينءَ جي شخصيت ۾ سادگي ۽ وقار جا چٽا اهڃاڻ ملن ٿا. هو رات جو اڪثر نہ ڪائيندو هو. سندس ڪاڌو بہ سادو هو. پهر واس بہ سادو هوس. مولانا راڻيپوري، سچل سرمست جي شڪل شبيهہ بابت لکي ٿو تہ: ”سندس قد سنءُ درميانو هو، رنگ صاف ڪليل، بادام جهڙو، خد و خال دلڪش، اکيون وڏيون چيرون آهُ چشم، گيسو دراز، اڇو پهراڻ ۽ اڇي ڪتيءَ جي چادر يا ڪاڏيءَ جي گوڏ ٻڌندو هو. سبز تاج مٿي تي پائيندو هو(19).“

اهڙيءَ طرح مرزا علي قلي بيگ لکي ٿو: ”پيريءَ ۾ سفيد ريش هئس. رنگ ڪو نہ لائيندو هو. جُتي بہ ڍڪيندو هو. اگرچ ڪڏهن ڪڏهن پيرين اگهاڙو بہ رهندو هو. لٺ هٿ ۾ ڪٽي هلندو هو. وهٽ تي اڪثر نہ چڙهندو هو. زمين تي يا ڪاٺ جي صندن تي ويهندو هو ۽ سمهندو هو. ڪٽ ڪم نہ آڻيندو هو. طنبورو بہ ساڻ رکندو هو(20).“

سچل سرمست جي شادي پنهنجي چاچي، مرشد ۽ رهبر جي نياڻيءَ سان ٿي. هڪ فرزند ڄائس، پر اُهو ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويو. سچل سرمست هڪ وجداني ڪيفيت ۾ رهيو. ڪلام چوندو هو تہ مٿس خاص ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. طنبورو ڪٽي نچندو ۽ ڳائيندو هو. اکين مان آب جاري ٿي ويندو هوس. سندس ڪلام سنڌي، سرائيڪي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ آهي. ڪيس هفت زبان شاعر بہ سڏيو ويو آهي. اُن باري ۾ محققن ۾ اختلاف بہ آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ سچل سرمست جو ڪلام سنڌي، سرائيڪي ۽ فارسيءَ ۾ وڌيڪ نمايان ٿيو آهي ۽ نهايت اعليٰ معيار جو آهي. گهٽين زبانن ۾ چوڻ ۽ گهڻو ڪلام چوڻ ڪو دليل ڪونهي، دليل معيار هجڻ کپي. صنفن جي لحاظ کان سچل سائين جو ڪلام، بيتن، واين، ڪافين، غزلن، جهولڻن، سي حرفين، مدحن ۽ مثنوين وغيره تي مشتمل آهي. سنڌي ۽ سرائيڪيءَ ۾ سندس بيت ۽ وايون، ڪافيون، فارسيءَ ۾ مثنويون ۽ غزل بلند معيار جا آهن.

سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ درد جو درياءَ سمايل آهي. ڪن محققن عقيدت وچان جذباتي رايا ظاهر ڪيا آهن. آغا غلام نبي صوفيءَ ايستائين بہ چيو تہ سچل سرمست شاعريءَ توڙي روحانيت ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کان هر طرح بلند آهي!! اِن راءِ جو جواب پروفيسر لطف الله بدويءَ پنهنجي تاليف تذڪره لطفي جي پهرئين جلد ۾ ڏنو. جنهن جو لب لباب هي آهي تہ بن اهل درويشن جي ڀيٽ ڪرڻ ڪو علمي ڪارنامو ڪونهي. البت شاعري پڙهندڙن ۽ نقادن جي اڳيان آهي. سچل سرمست پنهنجي اسلوب، انداز بيان ۽ زبان ۾ هڪ اعليٰ شاعر آهي؛ اُن جي ڪنهن کي انڪار ڪونهي. ادبي پرک ڪو عيب ڪونهي. تنقيد جا بہ ڪي اُصول آهن. اُنهن جو اطلاق ادبي پرک ۾ ڪرڻ گهرجي.

سچل سرمست پنهنجي مخصوص انداز ۾ جيڪي ڪجهہ چيو سو هڪ جرت مندانہ انداز آهي. پنهنجن جذبن جو برملا اظهار ڪيائين. فرسوده رسمن ۽ ملائيت جي خلاف اعلان جنگ ڪيائين. ڪبير چيو:

حدين جائي هر ڪوئي، بيحد نہ جائي ڪوئي،

بيحد ڪي ميدان ۾، ڪڙا ڪبيرا روئي.

سچل سرمست وک وڌائي چيو:

حدين وڃي هرڪو، بيحد وڃي پير،

سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

هُو بيحد جي ميدان کان اڳتي وڃڻ وارو نہ آهي، اُهو پير آهي، نہ پنڌتي رهڻ وارو آهي نہ پڇتاءُ ۾ ورتل آهي. سچل سرمست جي بيباڪي ڪلام جو بنيادي نُڪتو آهي. جا ڳالهہ پردي پوش ۾ چئجي سا ظاهر ظهور ۾ چٽن لفظن ۾ چيائين. اُن ڪري مذهبي حلقن ۾ رنجش پيدا پيدا ٿي. اُن بيباڪيءَ تي شيخ اياز، سچل کي نذر عقيدت پيش ڪندي چيو: ”تنهنجا سمورا مولوي منهنجو هڪ سچل.“

ڪي ڪي ڳالهيون زبان ۾ بيان ۾ ايترو چٽيون هونديون آهن، جو اعتراض ڪرڻ واري کي دليل جي ڍال بہ روڪي نہ سگهندي آهي. مثال طور سچل سائين چوي ٿو:

ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيان، گهڙان نہ انهي گهيڙ،

جاڏي راه رسول جي، تاڏي نہ پريان پير،

جي من مان ڪيان نہ مير، تہ حضوري حاصل نہ ٿئي.

آخري سٽ ۾ اعتراض جو جواب ڏيئي ڇڏيائين. يا چيائين تہ:

ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الهہ آپ بڻيجي.

جيڪڏهن سسئي پنهون جي داستان جي پردي ۾ ڳالهہ ڪجي تہ لِڪَ جي گنجائش ڪيي سگهجي ٿي. مثال:

پاڻ پنهون تون آهين، ڪيچ وٺن چو ڪاهين؟

پاڻ پنهون مان آهيان، ڙي پينر پُلي ناهيان.

تصوف جي پردي ۾ ڳالهہ ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪندي بہ اظهار ايترو قوت ورو اتس جو ڳالهہ نهايت چٽي انداز ۾ معلوم ٿئي ٿي. مختلف نيم تاريخي داستان واري ڪلام، توڙي روجهن ۽ وحدت نامي واري ڪلام ۾ شاعر پوري عروج تي آهي.

سچل سرمست جي هيءَ بيباڪيءَ ۽ بلند آواز، بي سبب نہ آهي. هيءَ اندر جي آتش آهي جا لفظن ۾ بيان ٿي آهي. عطار واري اُچل ۽ منصوري موج ۾ اچي وڃي ٿو. عطار لاءِ چوي ٿو:

آنڪہ عطار نہ بود خدا بود خدا بود.

جئن عطار چوي ٿو:

مُردن از عشقِ رُخ آن دلنواز،

بهتر از صدَ زندگانيءِ دراز.

اُن حسن جو پر توو سچل سرمست جي دل تي پيو، جو چيائين تہ:

درِيءَ منجهارون دوست ڏنوسي،
لالڻ ليئڙو پايو هليو ويو.

يا

انهن جادوگر اکين، بيران ڪيوسي،
انهن نيڻن سندي نازن، حيران ڪيوسي،
ميدان منجهہ سچو، تهدليون آيو آهي،
انهن تارن سندين تبرن، نيشان ڪيوسي.

قاضيءَ ملان جو ذرو بہ لحاظ نٿو ڪري ۽ ملان جي ڪاري مس جو اجهو هي مصرف ٿو ٻڌائي:

ملان انهيءَ منڊ جو ڇُڪو جي ڇڪين،
ڪارنهن ڪٽي ڪُنڊ ۾، وينو منهن مکين.

سچل سائين وٽ عشق وڏي وٿ آهي. هن درد ۽ سوز جا سڀ رنگ اختيار ڪيا آهن. نيم تاريخي داستان جي ڪنهن بہ سورميءَ جي روپ ۾ هجي. ورلاپ پنهنجا آهن. درد بہ پنهنجو آهي. سسئيءَ جا سور هيئن پچاري ٿو:

هٿان ويل ويام، ڪاڪيون هاٽي ڪيئن ڪريان،
ٿيلهڻ تر ٿيام، هاٽي هوتاڻن لئہ.

گوندر ۽ غم کهڙا ٿيندا آهن. گوندر جي اُپٽار ڪندي چوي ٿو:

چگُو گوندر غم، جي مون پچو جيڏيون،
منجهہ ڪشالي ڪم، آهي وِره ورائين.

-

گورندر جن گذاريو، پيهي سي پُڇان،
اُنهن لڳ لُڃان، گهٽو آءٌ اُبائڪي.

مومل جي اُباٽڪائي هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

ڍوليا تو لئہ ڍٽ ۾، آءٌ وتان ويڳاٽي،
راتو ڏينهان اوتيان، پنبڻين مان پاٽي،
لٽا مون ليڙون ٿيا، هيءَ پوتي پُراٽي،
تہ بہ راٽي جي راٽي، سرتيون سڌن ساٽيهہ ۾.

نوريءَ جو نياز سچل سائينءَ کي پسند هو. هُو خوديءَ جو خان هوندي بہ نوڙت ۾ يگانو هو. پٺائيءَ جي انداز ۾ چوي ٿو:

مهاڻيءَ جي من ۾، نہ هو گيرب گاءُ،
نيڻن سان ناز ڪري، ريجهايائين راءُ،
سمو سيني ڪان، وني ويني پاڻ سان.

مختلف سُرن ۾ پنهنجن خيالن جواظهار نهايت مؤثر انداز ۾ ڪري ٿو. زبان مختلف اٿس، پر بيان گهڻي ڀاڱي شاهہ عبداللطيف جي اثر هيٺ آهي. سنڌي ڪلام ۾ سر پورب، سُر سارنگ، سُر هير رانجهو ۽ سُر جوڳ ۾ بيت ۽ ڪافيون آهن. وحدت ۽ حقيقت جي عنوان سان بہ ڪلام آهي. سُر مالڪونس ۾ ڪانگل جا بيت آهن. سجهڻ جون ڳالهيون ڪندي ڪانگل جو بہ هانءُ قسي پيو:

ڪي جو ڪانگ ڏسي، ڪالهہ اوڏانهون ائيون،
پيس هانءُ قسي، ڳالهيون ڪندي سڄڻين.

پريت حو پُرزو لکڻ ۽ پڙهن وڏو جذباتي مسئلو آهي. اُن لاءِ شاهہ عبداللطيف چيو: لڙڪ نہ لکڻ ڏين ڪريو پون قلم تي. اُن جذباتي ڪيفيت جو سچل بہ سهڻو بيان ڪيو آهي:

ڪي جو لکيائين، سو مُلان وڃي واچيون،
هڪ سٽ پڙهيائين، بي سٽ سڏڪن ۾ پيو.

-

ڪاغذ لکي ڪال، مڪم محبوب ڏي،
ڳالهيون سنديون حال، ٿينديون پڙهڻ مان پٽريون.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، سچل سرمست لاءِ لکي ٿو: ”هن صاحب جي تصور ۾ هڪ اهڙي غير فرقيوار سماج هئي، جنهن کي هينئر classless society چيو ٿو وڃي(21).“ ان ڳالهہ جي ٽيڪ ۾ هي شعر آڻي ٿو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿيئن مردانو،
وهم سچل ڪيڊ پانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

اهڙو اظهار ٻلديو مٽلاڻيءَ پنهنجي ڪتاب”سچل جون واديون“ ۾ ڪيو آهي(22). يعني هُو هڪ انقلابي، انسان دوست ۽ بي تعصب شخص هو. عشق سندس سوچ جو محور هو. اُن بابت چوي ٿو:

عشق عطا الاهي ملدا
نيهن ڪوئي ڪسب ڪماون دا

هي اُهو اعليٰ جذبو ۽ آدرش آهي، جنهن جي قوت بي انداز آهي ۽ مجاز جي مام سان حق حقيقت کي رسي ٿو. مجاز جي رنگ ۾ ئي اُها قوت پيدا ٿئي ٿي جا سالڪ کي بلند مقام تي رسائي ٿي. درد هڪ محرڪ جذبو آهي. بقول سچل ”بيدرد نامرد“ مجاز ۽ حقيقت جون رمزون مؤثر انداز ۾ پيش ڪري ٿو.

اها حقيقت آهي ته جاگيردار نه نظام، ظلم، بربريت ۽ پرماريت سنڌ جي ماڻهن جي چيلهه ڇڳي ڪري ڇڏي هئي. مفادپرست ٽولن فرقه پرستيءَ جي ديوَ کي ڇوٽ ڇڏي ڏنو هو. پرماريت ۽ ظلم سان گڏ فرقه پرستي به مفادپرستن جي حق ۾ هئي. صوفي سڳورا هن محاز تي به جنگ وڙهندا رهيا. سچل عصبيت خلاف هڪ سگهارو آواز هو. اتحاد، يڪجهتي ۽ بي تعصبيءَ جو درس ڏنائين. ڪيترا هندو سندس قرب جي ڪري انسانيت جي تعليم سان بهره مند ٿيا.

مذهب جي ظاهري روپ ملڪ ۾ ماڻهن کي مجهائي رکيو هو. اصل مقصد کان هٽي ويا هئا. پنهنجي نعرن سان سچل محبت جو پيغام ڏنو . اُهو اڄ به دنيا ۾ دندس مريدن جي پوين وٽ موجود آهي.

سنڌي ڪلام سان گڏ سرائيڪي ۽ فارسي ڪلام ۾ به صوفيانه تنوار موجود آهي. محبوب جي حسن کي سرائيڪي ۾ هيئن ساراهي ٿو:

مزگان گزر هن زور محب ديان، اَبرو ڪَج ڪماني،
عاشق سيني جهل ڪڙوتي، جوڙ سپر نشاني،
وچ ميدان محبت والي، مُڙسنَ نامرداني،
سردا سانگ نه رکسن، سچل لگسن جور جوراني.

-

وا وا سونهي سُهڻي چالي، واه عجب ڇتسالي،
منهن تي نور ستاري چمڪن، زلفان نانگڻ ڪالي،
گِل تي ڏون اُلاري ڏاڍي، بشهردي ڏيکالي،
خبر نهين محبوبا نون، ڪنهن سُرت اها سيکالي،
غمزه رمزه ڏيک کي هويان، سچل مست موالي.

ايئن سرائيڪي مقبول ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

مل معشوقان مصلت ڪيتي، عاشق قتل ڪريسون.

سرائيڪي وانگر سچل سائين جون فارسي مثنويون ۽ ”ديوان آشڪار“ معيار جي لحاظ کان اعليٰ فارسي دانيءَ جو وڏو ثبوت آهي. مثنوين آهن: گداز نامه، وصلت نامه، تار نامه، وحدت نامه، عشق نامه ۽ درد نامه. اُن کان سواءِ3 هڪ مثنوي ”غزل بحر طويل“ جي نالي سان به آهن. اُن بابت اختلاف آهن ۽ اُن جي

زبان ۾ سچل سائين جي شايان شان نہ آهي. مثنوين جا سنڌي ۽ اردو ترجما نثر ۽ نظم ۾ ٿيا آهن. وصلت نامہ مان چند شعر نموني طور هي آهن:

عقل اندر هر دو عالم در فراق،
عشق داده هر دو عالم را طلاق،
عقل اندر ڪارسازيء جهان،
عشق اندر بي نيازيء جهان.

-

اولين و آخريني اي خدا،
باطني و ظاهريني اي خدا،

-

اي دريغا عمر رفت و وصل ني،
اي دريغا فرع رفت و وصل ني.

-

دريغا اي دريغا اي دريغ،
من نہ ديدم روي جانان اي دريغ.

گهڻيئي رنگ آهن، جيڪي سچل سائينء جي فارسي ڪلام ۾ جلوه گر آهن. ايئن سرائيڪي ڪلام ۾ زبان، آهنگ،اسلوب، موسيقيت ۽ جذبات جي فراوانيء سبب سرائيڪي شاعري4 جي تاريخ اعليٰ مقام ارفع معيار جو آهي.

شاهہ ۽ سچل

ٻن وڏن شاعرن جي پيٽ ڪنهن مقابلي ۽ مسابقت لاءِ نہ پر شاعريء ۾ جذبن جي هڪجهڙائي ۽ مضمونن جي يڪرنگيء سبب ڪري سگهي ٿي. هي سنڌ جا ٻہ اعليٰ شاعر ۽ ٻہ درخشان ستارا آهن، اُن ڪري ٻنهي جي باري ۾ ٻہ اکر چوڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي.

جيڪڏهن ذڪر ئي آيل سنن سالن جي سوچ ڪبي تہ شاهہ ۽ سچل جي ملاقات جو معاملو وري بحث هيٺ ايندو. بهرحال روايتن ۾ آهي تہ شاهہ صاحب ٻہ ڀيرا درازن آيو هو. هڪ ڀيرو ميان صاحب ڏني سان مليو ۽ ٻيو ڀيرو ميان عبدالحق سان. ملاقاتن جا تفصيل سوانح نگارن (مرزا ۽ راڻيپوريء) ڏنا آهن. بهرحال شاعريء ۾ اثر نفوذ جو تعلق هرويرو ملڻ سان ڪونهي. مولانا راڻيپوريء ملاقاتن جون روايتون آندل فقير فاروقي ۽ ٻين جي حوالي سان ڏنيون آهن.

شاهه عبداللطيف جو ڪلام ڦيناً، سچل سرمست تائين پهتو آهي. اُن جو اثر وٽس ظاهر ظهور موجود آهي. اثر وٺڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي. منصوري موج جو شاهه صاحب وٽ هن رنگ ۾ آهي:

جر تڙ تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سيئي شي ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهين.

سچل اُن منصوري موج ۾ هن ريت مگن آهي:

صورت سڀ سبحان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو،
ڪا ٿئين هنبل شافعي، ڪا ٿئين ملڪ نعمان،
ڪا ٿئين پَنّي پوٿيون، ڪا ٿئين پڙهي قرآن،
ڪا ٿئين اناالحق چوي، ڪا ٿئين ڦيرائي فرمان.الخ

شاهه صاحب لِڪَ ۾ چيو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور ٿيا.

سچل سائين اُن اسرار کي پنهنجي انداز ۽ پنهنجن لفظن ۾ هيئن ادا ڪيو:

آهيان آءٌ اسرار، جيڏيون مون کي ڪير ڏيون پائيون،
نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار. الخ

جو جو سچل سائين بلند بانگ نينهن جا نعرا هنيا، اُن کري ظاهر پرست حڪم صادر ڪيا. هُن پرواه نه ڪئي ته ڪيس ڪير ڇا ٿو چوي! ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي. هُن لاءِ مڙئي خير هو. عشق حقيقي جي بيان ۾ ٻئي رهبر بي مثل ۽ بي نظير آهن. عشق بابت ٻنهي جو لفظ لفظ عظمت جي ساک پري ٿو. شاهه صاحب چوي ٿو:

عاشق زهر پياڪ، وه ڏسيو وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳين لنو لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي چکن چاڪ، ته به آه نه سلن عام کي،

سچل وٽ عاشق جو بيان هنن لفظن ۾ آيو آهي:

عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سنياسي،
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي.

ئين هي اثر ٻوليءَ ۽ موضوعن جي مدنظر موجود آهي. فرق ﭑنهي وٽ رمز ۽ بلند آواز جو آهي. انهيءَ ڪري چئبو ته جيڪو تسلسل قاضي قادن ۽ شاهه ڪريم کان اچي پيو اُهو لطيف کان سچل تائين پهچي ٿو.

رانجهوءَ واري رمز

رانجهو سچل وٽ هڪ اهم ڪردار آهي. هير رانجهي جو داستان محبت اصل پنجاب جو آهي. بنيادي طور اُهو پنجابي ۽ فارسيءَ ۾ منظوم ٿيو. سنڌ جي شاعرن اُن کي سرائيڪي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيو. سرائيڪيءَ ۾ ”سُر هير رانجهو“. شاهه جي رسالي ۾ موجود آهي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب خيال ظاهر ڪيو ته اهو ديري غازي خان جي پاسي جي شاعر نورنگ لغاريءَ جوڙيو هو. سرائيڪيءَ ۾ حمل فقير هير جو ماءُ ۽ ڀين عزيزن سان سوال جواب ۾ موجود آهي.

هن عشقيه داستان جي تحرير جي تاريخ هيءَ آهي ته هي اڪبري عهد (16 صدي عيسويءَ) ۾ لکيو ويو. دامو در اُهو پهريون شاعر هو، جنهن هي داستان پنجابيءَ ۾ لکيو.(23). هونئن مشهور پنجابي شاعر شاهه حسين ۽ پوءِ ٻين جي بيتن ۽ قافين ۾ رانجهوءَ جو حوالو اچي ٿو. هڪ فارسي شاعر باقي ڪولابي هن قص کي ٻوڏل جهاٽائي ٿو، جڏهن ته دامودر(دمودر) هن داستان کي ڏنل لکي ٿو. شاهجهان جي دؤر ۾ شاعر سعيد سعديءَ به هي داستان منظوم ڪيو. اُن کان پوءِ چنابيءَ پنجابيءَ ۾ هير رانجهو لکيو. مشهور شاعر هاشم شاهه جنهن سسئيءَ جو دستان منظوم ڪيو، اُن هير به لکي. فقير الله آفرين به هي دستان پنجابيءَ ۾ منظوم ڪيو. وارث شاهه، آفرين کان 37 سال پوءِ هير رانجهي جو قصو منظوم ڪيو. آفرين جي هڪ ٻئي همعصر نواب احمد يار خان خوشابيءَ ديدوءَ جي رقيب جو نالو نورنگ لکيو آهي. هُن آخر ۾ لکيو ته هير ۽ رانجهو مقامات مقدسه(مڪي مديني) هليا ويا ۽ اجا زنده آهن. سسئيءَ جي قبر تي ڪير ۽ ماني ملن واري عام روايت وانگر هير رانجهي جي باري ۾ به ڪي خوش اعتقاديءَ واريون ڳالهيون ٻڌجن ٿيون. ڪتاب حڪايات پنجاب ۾ آيو آهي ته طبيب جان محمد پنهنجي ڏاڏي کان ٻڌو ته هڪ نيڪو ڪار مسافر جهنگ(پنجاب) ۾ آيو ۽ 1838ع ۾ اُتان جي درگاهه جي گادي نشين اسماعيل خان جي ڏاڏيءَ کي ٻڌايائين ته آءٌ تازو حج ڪري آيو آهيان ۽ اوهان لاءِ هير رانجهي جو پيغام آندو اٿم. چار سال اڳ به حج تي ويو هوس. جهاز طوفان سبب ٽڪرا ٿي ويو ۽ ڪناري تي پهتس ته مون جهوني عورت ۽ جهونو مرد ڏٺو. اُهي هير رانجهو هئا. هير مون کي کير جو وٽو ڏنو. هير ڏوراپو ڏنو ته جهنگ شهر وارن کي چئج ته اسان جي برائي چو ٿا ڪريو(24). هن قص بابت پنجاب ۾ ٻيو به ڪيترو واد وواد ٿيو. اُن کي اغوا جو واقعو به سڏيو ويو(25).

صوفين هن داستان جي رمز رانجهي ۾ رکي ۽ محبوب جو درجو ڏنائونس. سنڌ ۾ ٻين جي مقابلي ۾ سچل سرمست رانجهي کي وڌيڪ نمايان ڪيو. سچل رانجهي ۾ حقيقي محبوب جي تمثيل رکي. وٽس رانجهوءَ واري رمز صدت ۽ صورت ۾ سگهاري آهي. چوي ٿو:

جوڳيا ويس ڍڪي، لاٿم سڀ لباس،
پٽ پٽيهر بافتا، نپٽ ڪيم ناس،
ڪيو نينهن نراس، دنيا جي درد ڪان.-
مون کي ماءُ ڪيو، چوچڪ ڏيءَ چريو،
عقل هوش نيو، منهنجو محبت وارئين.

سنڌي ڪلام ۾ هير توڙي رانجهي جي زبان ۾ گفتگو ڪيل آهي:

ڪيڙو وجهان ڪوه ۾، نورنگ ندورو،
دل اٿم ديرو، هزاري جي هوت جو.

-

ويجهي روح رانجهي سان، ڪيڙو ڪپڙ تال،
وڌون وجهي وچ ۾، چوچڪ ڏس چندال،
مَادر مينهٽا ڏي جهجها، جهيڙي جهنگ سيال،
منو منهن مهوال، مون ڪان مُور نه وسري.

هير رانجڪهو رانجهو ڪندي خود ئي رانجهو بنجي ويئي. چي سرتيون مون کي هير نه چئو، رانجهو چئو!! سچل جو سنڌيءَ وانگر سرائيڪي ڪلام پڻ رانجهي جي رمز کي واضح ڪري ٿو. هن داستان کي مستقل ڪهاڻيءَ وانگر به بيان ڪري ٿو.

ڪهاڻيءَ جي شروعات هيئن ڪري ٿو:

عشق ديان باتيان سڻو مين آکان، ساري لوڪ سُڻائين،
عشق دا ماريا ڪوئي نه ڄُٺا، ڳالهه ساري سمجهائين،
عشق نام جهين دا تنهن ڪُون، پيرين مين پووائين،
صديق صديقي ٿيو ان تنهن ٺُون، جو دم يار جيو ائين،
مين بانهي تون ميڏا سائين، سهڻا صدقي وڃائين.

هير رانجهي جي عشق لاءِ چوي ٿو:

عشق ڪمايا هير تي رانجهي، وچ اخير زماني،
هوسن وچ ڪتابان اُنهان، سچل بهون بياني،

سي تان ڪجهه اظهار ڪريندان، نينهن دا ڏيک نشاني،
سي تان سٽنڌئين ڏکيان ڳالهين، عشق ديان ڏاڍيان او کيان چائين.

هير جي باري ۾ چوي ٿو:

چوچڪ دي هڪ بيٽي آهي، هيري ناﺅ سڏيندي،
اکيان دا وت تير تنهين دا، عاشق ڪون نہ جهليندي،
لک هزار جو عاشق ويندي، مزگان نال مريندي،
جي تون ويکين تان سڌ پوويئي، موت ڪنون وڌ حال هو ويئي.

ائين رانجهن جوڳي جي ويس ۾ ڪيئن آيو تنهن جو بيان ڪري ٿو:

رانجهن تخت هزاري والي، عشق دا ويس وٽايا،
عاشق نال معشوق سبب دي، آڻ ڪي الله ملايا،
ڏونهين ٿئي بيراڳي ڏکيو، سر تي مينهن وسايا،
رنگپور ڪون وي چوڙ ڏتوني، ڏي پلوتا ساڙ گهتوني.

ڏوهيڙي جي چوٿين سٽ، ڳائڻ جي انداز ۾ اندل آهي. ايئن سي حرفيون بہ هير رانجهي جي بيان ۾ آهن. اُنهن ۾ اڏک وراٽي(مستزاد) وارو انداز مصرع جي موسيقيت ۾ اضافو ڪري ٿو. اها سرائيڪي شاعرن جي هڪ انفراديت آهي. سچل سائين جو قافين جي انفراديت وارو هڪڙو بند مثال لاءِ ڪافي آهي:

صورت ويک سهڻي يار والي، ٿيان مست تہ سياليان جي،
اَپت وچ ڪرن جُٽ پُٽ بهون، هوءِ هوءِ تہ ڳُٽ ڳُٽ ڳالهيان جي،
تہ ”اِهين جهيا اسان ڪڏان نہ سٽيا، آک آک ٿِيون بيحاليان جي،
هي تخت هزاري دا سائين اِتان، سَچُو چاڪ ڪريسن چاليان جي.

ايئن رانجهو سچل سرمست وٽ هڪ سگهارو ڪردار آهي، جنهن جي اوٽ ۾ صوفيانہ خيالن جو اظهار ڪيو اٿس. نہ رڳو ايترو، پر سچل هڪ سگهارو شاعر ٿي اُڀريو. همعصر ۽ پوئين دؤر تي گهڻو اثر ڪيائين.

سچل سرمست جا بالڪا، طالب، مريد ۽ همعصر

سچل سرمست جو اثر پنهنجي همعصر دؤر تي پيو. اُنهن تي پيو جيڪي سندس يا درازن جا مريد، طالب ۽ سندس بالڪا هئا. انهن مان اڪثر سچل وانگر بيباڪ انداز اختيار ڪيو. انهن ۾ فقير عبدالله ڪاتيار، جيڪو پير محمد راشد جو فيض يافتو هو، تنهن جي ڊاڪٽر بلوچ صاحب گهڻي تعريف ڪئي آهي. سچل سائين جي طالبن ۽ بالڪن ۾ نانڪ يوسف، گهرام فقير، محمد صالح قادري، خير شاهه

رتيديري وارو ۽ محمد صلاح دونهين وارو اهم آهن. خوش خير محمد ۽ بيدل بہ هن دؤر جا اهم شاعر آهن. انهن وٽ منصوري نعرا نمايان آهن.

سچل سائين پنهنجي رهبر پير عبدالحق جي زير اثر رهيو، جنهن بقول سچل کيس توحيد جي بحر ۾ غوطا ڏنا. هيڏانهن عطار جو اثر کيس عشق حقيقي بابت چوائي ٿو:

بادشاها خلعت از عشق بپوشاني مرا،

جرعہ از راه توحيد بنو شاني مرزا.

ڊاڪٽر اينيمري شمل سچل کي (ديوان آشڪار) "عطار درازا" سڏي ٿي. سچل سائينءَ جي طالبن ۽ ويجهن همعصرن ۾ بيا بہ آهن. اُنهن ۾ هڪ نالو فقير عبدالله ڪاتيار جو آهي، جيڪو اڳ گمناميءَ ۾ هو. هاڻي بيمثل محقق ڊاڪٽر بلوچ ۽ محترم ڊاڪٽر شوق جي تحريرن ۾ گهڻو نمايان ٿيو آهي. تنهن ڪري پهرين فقير عبدالله ڪاتيار جو ذڪر خير ڪجي.

فقير عبدالله ڪاتيار

فقير عبدالله ڪاتيار بابت وڌ ۾وڌ احوال ڊاڪٽر ناوز علي شوق جي ڪتاب "ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار" مان فراهم ٿئي ٿو. هونئن پهرين پهرين فقير جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ "اصغر سائينءَ جو ڪلام" جي مقدمي ۾ ڪيو(26) ۽ پنهنجي تاليف "خليفي صاحب جو رسالو" ۾ سچل سرمست جو حوالو بہ ۽ ڪي ڳالهيون فقير عبدالله جي ذات ۽ ڪلام بابت بہ ڪيو(27). ڊاڪٽر شوق لکي ٿو تہ : "ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ڪاتيار کي وڏو شاعر سڏيندي سندس ڪلام مان ڪجهہ مثال پيش ڪيا آهن(28). "ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ذڪر ڪيل تحريرن مان جيڪي ظاهر ٿيو آهي سو هي آهي تہ:

"هي درويش سچل جو پاڙيسري ۽ معاصر هو ۽ سچل جي ساڻس دلي محبت هئي. انهيءَ ڪري سندس حال توڙي قال جو سچل تي وڏو اثر پيو. سچل کي واٽ وندر جي عبدالله فقير ئي ڏسي هئي، مگر سچل پنهنجي موج ۽ مستيءَ ۾ خودشناسي ۽ خود اثباتي کان وڌي وڃي آءٌ ۽ مئن جي حد تي پهتو(29)."

منهنجو خيالآهي اثر وٺڻ، دل سان ڳالهہ ٻڌڻ ۽ پيار ڪرڻ سان ڪير وڏو شاعر يا ڪير ننڍو نٿو بڻجي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اثر وٺن جي ڳالهہ ڪئي آهي. فقير عبدالله جي سوانح تي نظر وجهبي تہ هن جي شارانہ معيار کي بہ مجبو. ڪلام تہ ظاهر پيو آهي. هي فقير لاڙ جو هو. اصل ڳوٺ ملاڪاتيار ضلعي(حيدرآباد) جو هو. هو حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو فيض يافتو هو. سندس سوانح عمريءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هُو هڪ اهل دل درويش هو. اُها وندُ هن کي پنهنجي مرشد کان ملي. شاعريءَ ۾ جوش جذبو، بقول شوق صاحب سچل جي صحبت مان وڌيو(30). اهو صحيح نہ آهي تہ فقير عبدالله، سچل کي تنبيهہ ڪرڻ ۽ اُستاد هجڻ جي پوزيشن ۾ هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مٿين ڳالهين

مان فقير جي عظمت ته ثابت ٿئي ٿي، پر ڪيس سچل کان شاعريءَ ۾ اُتم نٿي ثابت ڪري. بهرحال سچل جو هڪڙو همعصر هو ۽ سنو شاعر هو. سندس وفات اندازاً سچل جي وفات کان ٿورو پوءِ ٿي آهي.

فقير عبدالله ڪاتيار جي ڪلام ۾ سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام شامل آهي، جنهن کي ڊاڪٽر نواز علي شوق محنت سان مختلف بياضن مان ۽ ذريعن سان حاصلڪري مرتب ڪيو آهي. جنهن ۾ 14 سنڌي بيت ۽ باقي سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون آهن. ڪافين ۾ ڪٿي ڪٿي هندي رنگ يا لفظ ملن ٿا. ڪافين جي اڀياس مان فقير عبدالله جي ڪافين ڏانهن ڌيان جو پتو پوي ٿو ۽ سندس راڳ ڏانهن لاڙو به پڌرو آهي. بنيادي طور رندي رمز ظاهر ٿئي ٿي. پهرئين ئي بيت ۾ چوي ٿو:

"لا" جا لائي لُنگ، موتي ڪيئون نه مسحو،
آڏوتين عبدالله چئي، دل تي پيتا ڏُنگ،
ڪوثر نه آيا ڪاپڙي، گُر سان گڏيا جُنگ،
سُنگئون ڇُتا سُنگ، ڪي جو سرتين ڪاتيار چئي،

هنن 14 بيتن مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي تهف قير عبدالله ڪاتيار بيت جو پختو شاعر آهي ۽ بيتن ۾ سندس بيو ڪلام به هوندو. ڪافين ۾ سڪ جو ثمر ۽ رندي رمز سمايل آهي. هڪ ڪافيءَ ۾ اُن مضمون کي هيئن نباهي ٿو:

اهي پرين اَتي پرتا، تن واڍوڙين بي واه نه ڪائين.

-1 بئي جهان جهليا ٻن ڏيئي،
سجهڻ توري نه سرتا،
اهي پرين اتي پرتا.

-2 مال مڏيون جند جان گهورياڻون،
هٿ ڪنيائون سر زر تان،
اهي پرين اتي پرتا.

-3 نيڻن جا ور واجهه ڪري،
تو جي واڍوڙيل ورتا،
اهي پرين اتي پرتا.

-4 عبدالله چئي پاتئون پيرن،
خود بينيءَ سان پرتا،
اهي پرين اتي پرتا.

حسن جي حقيقت ۽ نازن غمزن جو بيان ڪندي مجاز جو رنگ به قائم رکيو اٿس:

ناز منا نيڻن جا ڪنهن ڪون سڪئين، ڪهه مون پرين؟

1- نيڻ مننا ناز پريا ميان ووء سيباڻم سيڻن جا،
ڪنهن ڪئون سڪين ڪهه مون پرين.

2- سخن جياپو جيءَ جو ميان ووء محب تنهنجي ميٺن جا،
ڪنهن ڪئون سڪئين ڪهه مون پرين.

3- ڪيئي قيد ڪنگال ميان ووء ونگ وجهي ويڻن جا،
ڪنهن ڪئون سڪئين ڪهه مون پرين.

سنڌيءَ وانگر فقيرن عبدالل ڪاتيار جون سرائيڪي ڪافيون بہ اعليٰ معيار جون ۽ سريليون آهن. ڪافين جي موسيقيت مان اهو ظاهر آهي تہ گهڻي جوش ۽ جذبي ۾ چيون اتس. چوي ٿو:

وه وا خوش حال درويشان دا،
درويشان دا دلريشان دا.

1- دنيا عقبيٰ دا وهم نہ رکدا،
خيال نہ رکدا وت خويشان دا.

2- در جڳ چوڙ ڪي دوست چايوسي،
ڳڏو سي حفظ هميشان دا.

3- صورت لاشڪ لنگهہ ڏنوسي،
معنيٰ ملڪ وت ڪيشان دا.

4- عبدالله آکي درويش چوکي،
دنيا دام پريسان دا.

سچل سرمست جي ٻالڪن/ طالبن، مريدن ۽ همعصرن جي بہ هڪ ڊگهي فهرست آهي. ايئن درازن جي طالبن ۾ بہ ڪيترا نالا آهن. هيٺ هن سلسلي جي ڪن اهم شاعرن جو ذڪر ڪجي ٿو، جن ۾ وڏا شاعر (نانڪ يوسف ۽ خوش خير محمد) بہ شامل آهن:

نانڪ يوسف

سچل سرمست جي مريدن/ ٻالڪن مان يوسف فقير اهم آهن. اهو بہ مشهور ٿيو تہ يوسف جو اصل نالو رئيس شمس الدين هو ۽ هو ڪو دولت وارو هو. تذڪره لطفي ۾ پروفيسر بدوي ان ڳالهہ ڪي رد ڪيو آهي(31). هيءَ روايت آهي تہ سندس والد جو نالو محمد هاش هو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جا رهاڪو هئا. يوسف 1792ع ۾ ڄائو.

روايت آهي تہ هڪ رات سچل سائينءَ، يعقوب فقير کي سڏيو. هُوُ موجود نہ هو. يوسف سڏ جو جواب ڏنو تہ سچل سائينءَ کيس اندر اچڻ جو حڪم ڏنو. اُن کان سواءِ امرت سر ۾ سک گروءَ جي گاديءَ تي ويهڻ ۽ کيس تتل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ وجهڻ واري روايت بہ مشهور آهي. ائين نانڪ يوسف جي نالي سان مشهور ٿيو. نانڪ يوسف سنڌي ۽ سرائيڪيءَ جو هڪ وڏو شاعر جهاتو وڃي ٿو. هو سچل سرمست جو هڪ پيارو طالب هو. بقول پروفيسر بدويءَ جي نانڪ يوسف جو ڪلام سچلجي ڪلام جو عڪس آهي(32).

نانڪ يوسف 1853ع ۾ وفات ڪئي. جن شاعرن سان ويجها لاڳاپا هئس. انهن ۾ بہ اڪثر سچل سائينءَ جي اثر وارا ۽ طالب شامل آهن. تن ۾ نمايان هئا، بيدل، گهرام جتوئي، يعقوب فقير ۽ محمد صالح دونهين وارو. سچل سائين جو نانڪ يوسف تي ايترو اثر هو، جو اُن جو ذڪر هنڌ هنڌ ڪيو اٿس:

دوست درازين نانڪ يوسف
يار ڏنو مون ڏولي.

سندس لفظ لفظ سٽ سٽ، مرشد جي صحبت جو مظهر آهي، اسلوب ۽ بيان جو اثر بہ متس چٽو آهي، سچل چوي ٿو:

آدم جس ڪا نام مولٰي ڪون ڪهاويگا،
پريم گرو دم ڏام باتين برج بناويگا.

نانڪ يوسف بہ ساڳيا لفظ ورجائي ٿو:

آدم ڪس ڪا نام مولٰي ڪون ڪهاويگا،
پريم گرو دم ڏام باتيان بره بناويگا.

اڪين جي باري ۾ سچل سرمست جي بتين، خاص طور”سهڻي ديان شهباز اکين هن“ جو چٽو عڪس نانڪ يوسف وٽ آهي. هو چوي ٿو:

نست اکيان محبوب ديان، وت ڪيهي ڳالهہ ڪريجي،
ويکڻ حُسن حڪايت سهڻي موتو قبل مريجي،
يوسف حاضر يار سجڻ دي، نانڪ دور ڪريجي.

سچل کي گرو ڪري سڏي ٿو:

واه گرو جي شاه درازي،
صاحب رضا ۾ عاشق راضي.

سچل سائينءَ جو، نانڪ يوسف جي زندگيءَ ۽ شعر تي گهاٽو اثر آهي. ان اثر جو بيان ۽ عقيدت جون ڳالهيون نانڪ يوسف وري وري ڪري ٿو:

واليءَ ڪئي آه وارڻ،
ٻيهر ٻاروچن تي،
ٻوڙ هزارين منصب پائين،
ٻيا وري کهڙا پنڌ پچائين،
يار يقين ۾ آڻ،

نانڪ ۾ سچل سائينءَ جي محبت ڪئين رنگ لائي ڇڏيا. سوز ۽ ساز، رنگ ۽ آهنگ جا بيشمار نمونا نانڪ جي ڪلام ۾ موجود آهن چوي ٿو:

چُپ چُپاتي چُپ جي ڳالهه،
مون آهي پاتي يار چُپ،
باغ چپ بازار چپ،
بازار جو واپار چپ،
شهر چپ بحر چپ،
ساروئي سنسار چپ،
نانڪ چپ يوسف چپ،
درد جو ڌمڪار چپ،

درازن لاءِ چوي ٿو:

ڪڏان نماڻا نانڪ نالا، شهر دراز ڌمالي،
يوسف يار سچل ديان ڳالهين بره ڪئي برحالي.

نانڪ يوسف جو ڪلام محبت ۽ مجاز ڪي ظاهر ڪري ٿو ۽ سچل جي حوالي سان ڏسجي ته نانڪ هڪ عاشق صادق، طالب، مريد ۽ پيار ڪرڻ واري جي حيثيت سان دل جا جذبا ظاهر ڪيا آهن. سچل سرمست جي طالبن ۾ نانڪ يوسف هڪ اهم شاعر آهي. سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام ۾ درد جا درياه وهائي ڇڏيا اٿس. مثالن جي کوٽ ناهي. آخر هڪ ڪافيءَ جو مثال ونون ٿا. جنهن مان شاعر جي نهنائي. طلب ۽ محبت پليءَ پت ظاهر ٿئي ٿي:

دلبر درد مندن کي، دلداريون ته ڏجن،
1- ٻيڙيءَ چاڙهي سُپرين، جر ۾ نه ڇڏجن،
2- جيها تيها پرين پانهنجا، پير پري پڇجن،
3- اَڻ لائق سان سپرين، پنهنجا قُرب ڪجن،
4- يار يوسف جون عاجزيون، عرض قبول ڪجن.

نانڪ يوسف جو ڪلام ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ مرتب ڪري سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو آهي.

گهرام فقير جتوئي

گهرام فقير ولد بخش علي فقير، جا وڏا اصل پاڳناڙي جا هئا. سنڌس ڏاڏي غلام حيدر کي بيل پٽ ۽ نوتال جي وچ ۾ بگو خان جتوئيءَ ۾ جاگير مليل هئي. نوابشاهه ۽ پوءِ لاڙڪاڻي جي ويجهو اچي وينا. گهرام اندازاً 1162هه/1750ع ۾ ڄائو. جوانيءَ ۾ ڪيس سچل سرمست کان فيض مليو. 1262هه/1850ع ۾ وفات ڪيائين(33). گهرام فقير ڪافيءَ جو بهترين شاعر آهي. سنڌي توڙي سرائيڪي ڪلام ۾ هڪ جيترو رس اٿس:

يار سڄهن تيڏي گولي، اسان تان بانهپ بولي مين گهولي.

1- پاءِ پنگهوري امان جا ڏتڙي، لنؤ تيڏي دي لولي،

2- نان نماڻي دي اينوين لايو، جيون هندو دي هولي،

3- دين ڪفر ڪنون توبهه ڪيتم، گڻان تيڏيان دي مين ڳولي،

4- تيڏي آهيس تڏي طلبيم، اوران ڪنون ڳيدن اولي،

5- مين اياڻي نينهن ڪيا ڄاڻان، تيڏي هُڻ چولي،

6- طرفئون تيڏي طعني اسان، تان جهلئي جهولي.

گهرام فقير بابت ڊاڪٽر شوق هڪ روايت بيان ڪئي آهي، جنهن موجب فقير شڪ جي بنياد تي زال کي ڪاري ڪري ماريو ۽ امانت جي پڳ سچل جي قدمن تي رکيائين(34).

گهرام فقير، عربي ۽ فارسي تعليم پنهنجي والد بخس علي ۽ ملا فيض محمد کان ورتي. گهرام فقير جو والد بخش علي به سنڌي، سرائيڪي ۽ فارسي جو شاعر هو. گهرام کي هڪ پٽ بهرام ڄائو، جيڪو جوانيءَ ۾ ئي گذاري ويو. گهرام جي دوستن ۾ نانڪ يوسف، خير شاهه، ڏنل فقير ۽ غلام حيدر شر اچي وڃن ٿا. گهرام فقير خود ڳائڻو هو ۽ پنهنجو ڪلام به ڳائيندو هو. هو پير علي گوهر اصغر جي عقيدتمند هو، پر طالب سچل سرمست جو هو(35).

فقير جي سريلائي ڪافين مان به ظاهر ٿئي ٿي:

ڪينوڻن ٿيون هي ڪاڪ جون، ري مينڌري ماڙيون،

1- در ديوارون پيچي ڪري، طاق ڪنديس آءٌ تاڙيون،

2- ويس وڳا سپ ويهه ٿيا، ڦاڙي ڪنديس ڇيهاڙيون،

3- وَرَ ري ولهي ڪانهُ ٿئي، پاڻ ويندس چلي چاڙهيون.

4- گوشي ويهي گهرام چئي، روز ڪنديس آءٌ راڙيون.

”ديوان بيدل“ ۾ عبدالحسين شاهه موسوي لکي ٿو ته”پير علي گوهر اصغر سجاده نشينيءَ جي زماني ۾ هڪ لڱا ڳڙهي ياسين جي نم ڳوٺ ۾ اچي منزل انداز ٿيو. پير صاحب سلوڪ جي ڪلام جي فرمائش ڪئي. اُتي گهرام فقير اچي نڪتو. هن يڪاري تي پنهنجي هي ڪافي آلاپي:

ناحق وڃايئي نينهن ري، ساري عمر افراد ميان.

1- ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهي، ٿئين مولوين مقصاد ميان،

ڪاغذ ڪارا ڪيئي ڪيترا، برهين بنا برباد ميان.

2- ظاهر گهمين پيو زمين تي، ڪَيَئِي سر سفر اختيار،

موڳا مڪر ڪري ڪيتَرا، پيو پر پنين پرساد ميان.

3- منهن ڍڪي ماڻهن ڪنان، زاهد ٿئين زياد ميان،

حق نه حاصل تو ڪيو، ٿئين عشق کون آزاد ميان.

4- گوشي ويهي گهرام چئي، ڪر يار کي تون ياد ميان،

تو ۾ نظارو نينهن جو، وٺ عشق کون ارشاد ميان(36).“

خوش خير محمد هيسباڻي

فقير خوش خير محمد 1809-1877ع) سنڌي ۽ سرائيڪيءَ جو هڪ وڏو شاعر آهي. سندس ڪلام تي سچل سرمست جو نمايان اثر آهي. فقير صاحب، ڳوٺ گل محمد هيسباڻي ضلعي نواب شاهه ۾ ڄائو. متس سچل سرمست جو اثر نمايان آهي. ڪافين جي گهاڙيٽي ۽ اسلوب جو اثر به متس موجود آهي، نه رڳو ايترو، پر جن ٻين شاعرن هڪ ٻئي جو اثر ورتو، اُنهن ۾ به نانڪ يوسف، خوش خير محمد، بيدل ۽ عثمان فقير نشانبر آهن. حقيقت ۽ مجاز ۾ به خوش فقير، سچل سرمست جي رنگ ۾ رنگيل آهي ۽ سچل وانگر تصوف جي رمزن جو بيان ڪري ٿو. عشق جي باري ۾ خوش خير محمد هيئن اظهار ڪري ٿو:

عشق اچي مون سان ڪيون، ڳالهيون ڏسڻ نه جهڙيون، سَلڻ نه جهڙيون.

خوش خير محمد قبل ماضيءَ جون،وحد ۾ سپ ويون.

وحدت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

رند روز شب آهن سدا، وحدت جي واديءَ ۾ غرق،

ڪوڙين ڪتابن جون پڙهيون به آه هِن هُن ۾ فرق.

هن شعر جو اثر خواجہ غلام فريد به ورتو. فقط رند بدران قلندر لفظ ڪم آندائين. ايئن بلي شاهه جا لفظ خوش خير محمد وٽ موجود آهن. بلي شاهه چوي ٿو: اسين آدم ڪنون اڳي هئاسين. خوش خير محمد چوي ٿو:

خوشيءَ ۾ پنهنجي خاڪ رلياسين،
نہ تہ آدم کون اڳي هياسين.

خوش خير محمد فطرت ۽ انساني مزاج جي پار کوءَ طور چيو:

وڻ مان پن ڪري پوي، تنهنجي ڳنڍڻ ڳوري ڳالهہ،
شيشو چيهون تي پوي، ڪڏهن نہ اچي سال،
دوست لهي وجي دل تان، توڙي ڳڏيو وتي نال،
پرجهي پرت پال، متان خر پوي خير محمد چئي.

تصوف جي رمزن ۾ خوش خير محمد يگانو آهي. سندس ڪلام سچل سان هم آهنگ ۽ يڪرنگ آهي. سندس ڪافيءَ جا هي ٻہ بند اهڙو مثال پيش ڪن ٿا:

هر مظهر ۾ بن ذاتي آيو،
ڪنهن شعلي شوق بن صفاتي آيو،
اولي آدم جي احمد سڏايو،
سمجهہ سالڪ اِنهي ۾ نہ قير آهي،
ڪٿ عبد چون ڪٿ رئيس ميان،
ڪٿ خام چون ڪٿ خبيث ميان،
ڪٿ هادي چون جرجيس ميان
جهاڻي نور صفا نہ من مير آهي.

فقير صاحب جي هيءَ سرائيڪي ڪافي تہ سنڌ جي سونهن آهي:

رخ رانجهن مان مُنير هويا
ساڏا دم دم ساه سُتير هويا.

-1 شاه رانجهن تي سلطان آيا،
جنهن دي شان وڏي فرقان آيا،
ساڏا روز حشر دا ضمان آيا،
جنهن دا نام محمد مير هويا.

-2 جوئي چاڪ جهاڻي سوئي چاڪ ٿيوي،
ميڏي چاڪ ڏني دل چاڪ ٿيوي،
اهو چاڪ فراق دا چاڪ ٿيوي،
ماهي منصب دار امير هويا.

3- تيڏي خاڪ پيران دي خاڪ ٿيوان،
اها خاڪ چمان هوشناڪ ٿيوان،
مني محبت وچ مشتاق ٿيوان،
تيڏا عشق اعليٰ اڪسير هويا.

4- حق پاڪ سخي امداد ڪرو،
ميڏي دل ارشاد آباد ڪرو،
خوش خير محمد دل شاد ڪرو،
تيڏا بره بالا بينظير هويا.

خوش خير محمد جو ڪلام ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ مرتب ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

## فقير محمد ملاح

هي فقير لاڙڪاڻي جو هو ۽ ذات جو جيهو (ابڙو) هو. سنڌس باري ۾ وڌ ۾ وڌ معلومات ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ڪتاب ”فقير محمد صلاه“ ۾ آيل آهي. فقير صاحب جون ٻارهن ڪافيون به ڪتاب ۾ درج ڪيل آهن. شوق صاحب جي لکڻ موجب: فقير محمد صلاح 1190ھ ڌاري ڄهائو هو. سنڌس حياتيءَ جو پروسي جوڳو احوال ڪو نه ٿو ملي. هُو قوه جوانيءَ ۾ سيوهڻ ويو ۽ اٽڪل سال تائين قلندر جي درگاهه تي عبادت ۾ مشغول رهيو. اُتان شاهه خير الدين جي درگاهه تي سکر ۾ عبادت ڪيائين. اُتان ڪيس درزان جو اشارو ٿيو. اِن ڳالهه جي ثابتيءَ طور فقير صاحب جي قبي جي هڪ ڪتبي جي ڏني آهي. ڪتبو هي آهي:

ز مهر نظر تو به شاهه خير الدين،
شده حڪمش سوي سچل بادشاه،
فرمونده واقف سر اسرار هُو،
عاشق سچل پاڪ اسمَ هُو الله (38).

1245 ھ ۾ ميرن طرفان جاگير مليس. اُن کان وڌيڪ روحاني جاگير هٿ آيس جو هو سچل سائين جو طالب ٿيو. فقير صاحب لاءِ عام مشهور آهي ته : جتي محمد صالح اُتي پاڻ الله. هيءَ حقيقت سنڌس قبي جي هڪ پٽ تي فارسيءَ ۾ هيئن لکيل آهي:

گفت جائيڪ باشد محمد صالح،
فضل و لطف باشد آن جا هرگاه. (39)

بيدل جو به ساڻس پيار ۽ عقيدت جو رشتو هو. بيدل ساڻس اچي روح رهاڻ ڪندو هو(40). فقير صاحب ڏانهن ماڻهن جي گهڻي رجوعات هئي. سندس وفات 1275هه/ 1858ع ۾ ٿي. بيدل سائين سندس قطع تاريخ چيو آهي.

چون محمد صلاح حق آگاه،
عارف وقت واصل بالله،
غرق بحر تجليات شهود،
محو ذات و شهيد فيض نگاهه،
ڪرد رحلت ز عالم اجسام،
يافت در مُلڪ جان عز و جاه،
سال وصلش بجست دل ز خود،
گفت هاتف ڪہ چشم فيض الله..

فقير محمد صلاح جون ٿي ڪافيون ڏجن ٿيون، جن ۾ خوبصورت زبان ۽ اسلوب موجود آهي:

واهه وٺيون مون کي وايون، منٽي هاروچل جون ميان.

1- وره وارن جون ور ورو نهان، جيءَ جنهين جاڳيو-
سدا ساه سي سيبايون.

2- اٿم تسلو تن کي ميان لا، چني سي ڪين ڇڏيندا-
پڪا سي قول ڪيائون.

3- پسڻ ساڻ پرين جي ميان، ٿيڙي سيني کي تہ صفائي-
جُڙيون جنت منجهه جايون.

4- محمد صلاح سائين مهرون پنهنجي، هيڪڙائيءَ جي اچي حب ۾-
سگهڙي سار لڌائون.

-

هي تڪيءَ تي ٿورا، ڪياهيارل ڪيئي.

1- لٿي ڪس قلوب تان، پسي پرين پيشاني-
سپ اونداهي ويئي.

2- لٿا حرف حساب جا، پؤ پڳا سپ پولا-
پيش پرين جي پيئي.

3- پَکي پاجهاٽيءَ جي، پرين آيو پاڻ جهائي-

ويڙا مرض سپيئي.

4-　محمد صلاح چئي ڳڻن پرئي، جون، لکين پال پلايون-

ڳالهہ کريان مان کيهي.

-

تنهنجي عشق اُجاريو مير، بيشڪ جند جان جي.

1- ڪلنگيءِ وارو قرب قرارو، ساقي آهي سو تہ سمير-

محبت سندي ميخان جي.

2- سايو تنهنجو آهي اُنهيءِ تي، تنهن ۾ نا ڪو ڦير-

صحت سندو سامان جي.

3- ڪاڪيون مون کي ڪين چڙهيندو، هٿئون پنهنجي هير-

فائق سچي فرمان جي.

4- پرين سندي پار جو، درد نہ پانئجي ڏک دلير-

شاق رهو شڪران جي.

5- محمد صلاح محب موچاري، ڪيڙم پال پلير-

اُپر ڪيئي احسان جي.

ايسر لعل (1835-1890ع)

درازي دربار جو هي طالب، اُباوڙي تعلقي جي ڳوٺ رانوتيءِ ۾ 1835ع ۾ جائو، سندس والد پرمانند نيڪيداريءَ جو ڪم ڪندو هو. ايسر لعل جي ننڍپڻ ۽ تعليم جي باري ۾ ڪو پروسي جوڳو احوال ڪو نہ ٿو ملي. البت فقيري اختيار ڪيائين. درازن جا پنڌ پڇائيندو اُتي اچي پهتو. اُن وقت گاديءَ تي سخي قبول محمد ثاني هو. سخي سائين ننڍو هو تہ گادي نشين ٿيو هو ۽ ايسر لعل جي اچڻ وقت ٻارن سان ڪيڏي رهيو هو. روايت آهي تہ ايسر کي ٻانهن کان وٺي خواجہ نظر محمد جي تربت وٽ آيو ۽ دعا گهريائين. ائين هي محبت ۽ عقيدت جو سلسلو قائم ٿيو.

ايسر لعل کي گرنار وڃڻ جو حڪم ٿيو. چاندل نالي هڪ چوڪريءَ سان پريت جو پيچ بہ پيس. ائين مجاز جي بنيءَ ۾ پچي ۽ رچي ريتو ٿيو. چوڏهن سال گرنار ۾ چاندل ساڻس هيس. موٽيو زندگيءَ سان عجيب ڳالهيون وابستہ رهيس. مرشد جي حڪم سان روهڙيءَ ۾ رهيو. روز رات جو پاڻ کي پير جي وڻ ۾ تنگائي چڙهيندو هو. چاندل کي پاڻ کان پري ڪرڻ تي گهريائين. اُن کري اُن جو مٿو ڪوڙائي، منهن ڪارو ڪري گڏهہ تي چاڙهي گهمايائين تہ بہ هُن پري ٿيڻ نہ قبوليو. پنجُو فقير جيڪو بنديون ڪٽي

ساڻس حساب ڪتاب لاءِ آيو تنهن کي چماٽ وهائي ڪڍيائين ۽ ڪيس پنجانوي ڏينهن وڻ سان ٻڌي ڇڏيائين. ڪيس روز پاٽي پياري ايندو هو(41). بيڪس سائينءَ سان ملڻ به ايسر جو معمول هو.

ايسر لعل بابت جهامنداس پاڻيه هڪ ڪتاب لکيو آهي. هي درويش 1890ع ۾ هي جهان ڇڏي ويو. سندس ڪلام سنڌي، هندي ۽ سرائيڪي ۾ آهي. جنهن دل جي دلبر جي سهڪ جو سمر سرس آهي. نمونو هي آهي:

پانڌي روز پڇان، ڏوتين ڏينهن لايا گهڻان.

1. وينني وانون تي، سارو ڏينهن سڪان.

2. اکيون انهيءَ پار ڏي، جيڏيون جيءَ ۾ جَکان.

3. جوڙيون اٿم جانب لئہ، چندن جون بہ چکان.

4. وهن جهلاڙيون جيءَ ۾، ايسر نينهن نِڪان.

-

جنهن کي رانول رمز چکائي، سا دل ڪرندي ماهي ماهي.

-1 عشق ماهي دي ڪيتا اُداسي

بره لاهيان تن باهيان،

هير رانجهي ديان لوحون لاوان،

ڏيسن ملڪ اوگهيان،

بي هرڪان ماءُ پيءَ جهائي،

هير عشق دي جهائي.

-2 سهڻي کي سڪ ساهڙ دي،

جيڪا گهر وچ مول نہ گهاري،

سُرڪي پيتي سوز سچي دي،

جيڪا ول ول پاڻ سنياري،

ٻڌندي مهل ميهر ڪهندي،

اڌ درياه وچ آئي.

-3 سودا وڻج واپار گهڻا،

هڪ عشق نہ مل وڪامي،

ايسر عرض اهو ئي آکي،

دم دم روز ليلهاري،

ڏيئي سر سلطان ٿياسي،
آٽي چارڻ تند وڄهائي.
محبت علي سومرو

هن فقير جو اصل نالو جمع فقير هو. پير ڳوٺ پرسان مگرجي جو رهاڪو هو. پاڻ سخي قبول محمد ثاني(وفات 1942ع) جو طالب هو، جنهن کيس محبت فقير جي نالي سان سڏيو(42). محبت فقير جو درگاهه مخدوم نوح ۽ اُتي جي طالبن سان محبت جو رشتو هو. محبت فقير جو ڪلام هاٿي ڪتابي صورت ۾ ڇپجي چڪو آهي. سندس ڪلام تي سچل سرمست، نانڪ يوسف، عثمان فقير ۽ دريا خان جي ڪلام جو اثر آهي: جيڪو سندس سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين تي نمايان طور موجود آهي.

سچل سائينءَ جي ڪافي”محبت عشق موليٰ جي هزارين گهوٽ گهايا ها“ جي اثر هيٺ تمام چٽن لفظن ۾ محبت فقير چوي ٿو:

عجب العشق نارالله، جنين سر مچ مچايا ها،
پريمي پور ۾ پلپل، پتنگن جئن پچايا ها.

محبت فقير ڪي مجاز جي مهميز آئي، جنهن جي اثر هيٺ هُو سراپا محبت بنجي ويو. سندس سٽ ۾ سٽ حسن حقيقي ۽ مجاز جا رنگ موجود آهن. سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين ۾ نينهن جا نعر اهنيا اٿس. مثال لاءِ ٻہ ڪافيون ڪافي آهن:

حسن جنگ جابر جلالي لڳي.
ڪاجل ڪار ڪيفي ڪمالي لڳي.

1- حسن هام همدم ۾ حالي لڳي،
بره باه پڙڪي بحالي لڳي،
2- دوباري ديدن جي دو نالي لڳي،
چوٽان چوٽ چشمن جي چالي لڳي،
3- لبن خوب لٺان لالي لڳي،
نظر نوڪ نيڻن نرالي لڳي،
4- محبت علي بي مثالي لڳي.
کهلي واءُ وحدت وصالي لڳي.

-

سُرڪي پيتم شوق شهباز ڪنون،

تي فارغ نفل نماز ڪنون،

1- نشا نينهن والا مين نوش ڪيتا،
ڳيا هوش انهان مدهوش ڪيتا،
پُرجوشان جوش خروش ڪيتا،
سُر سرگم سوز آواز ڪنون،

2- چوڙ محتسب واعظ ڪنون
بد نيڪ نصيحت جائز ڪون،
سٽ جائز ڪون ناجائز ڪون،
تي واقصف مخفي راز ڪنون،

3- وچ وحدت دي ناغير رهيا،
نا شر رهيا نا خير رهيا،
نا ويري نا ڪوئي وير رهيا،
انا انحد دي آواز ڪنون،

4- محبت علي معبود سدا،
موجودي وچ موجود سدا،
ره عاشق لاءِ مقصود سدا،
تي شائق شهر دراز ڪنون.

فقير صاحب 1969ع ۾ وفات ڪري ويو. (43).

نماڻو فقير(1888-1963ع)

سچل سرمست جي مريدن طالبن ۾ نماڻي فقير جو نالو اهم آه. هيءَ حقيقت ۾ هڪ هندو عورت هئي. هن جو نالو هاسي ٻائي هو. هُوءَ شڪارپور جي هڪ ناليواري آکهه ۾ جهائي. سندس والد جو نالو ڏيبدارام هو. هاسي نهايت خوبصورت ڇوڪري هئي. هڪ پير ۾ البت عيب هوس. هُوءَ جئن جوان ٿي ته سچي مالڪ جي سڪ ۽ موهه ۾ گم ٿي ويئي. پير جي عيب جي ڪري هڪ رنڙ ۽ وڏي عمر واري سيٺ پوڪرداس سان شادي ڪرائي ڇڏيائونس. اولاد ڪو نه ٿيو. اُن جي چاهه ۾ درويشن ۽ سنتن جا پنڌ پچائڻ لڳا. سچل سائنيءَ جي شهر ڏي ڪو ازلي انگ هون، جو وقت جو واءُ ڪين اُتي ڪٽي ويو. سخص قبول محمد ثاني ڪين ڪيڪاريو: "خير سان آيؤ؟ اسان پئي اوهان جو انتظار ڪيو(44)." وچڻ وقت سوال پڇيو ويو ته : "وري ڪڏهن ايندؤ" ڪو جواب نه ڏيئي سگهيا. ڳوٺ موٽيا. هاسيءَ جو ور بيمار ٿيو ۽ گذاري

ويو. اُهو صدمو اجان جاري هو ته هاسيءَ کي خواب ۾ حضرت سخي قبول محمد جن آيا. پاڻ درازن پهتي ته سخص ڏاتار سندس اجيان ڪئي. فرمايائون ته : ”اُٿ پلي آيا، جي آيا نچ آيا(45)“.

ڊاڪٽر جيٺلي پنهنجي بيان ۾ هاسيءَ (نماڻي) جو ذڪر مذڪر جي صيغي ۾ ڪيو آهي(سرمست 13). مسرشد سخصءَ ئي هاسيءَ کي ”نماڻو فقير“ ڪري سڏيو. ڪيس دين جي نياڻيءَ جو درجو ڏنائون. هاسي بائي/ نماڻو فقير مرشد جي قدمن ۾ پار پريا پندرهن سال رهي/ رهيو. سهريجن جي هڪ به نه ٻڌائين. ورهاڱو ٿيو ته ڪن ست سنگين سان گڏ پارت لڏي ويئي. 1960ع ۾ ٻڙودي ۾ ”سخي ڪُٽيا“ نالي آشرم قائم ڪيائين. بيمار ٿي ته بمبئيءَ آئي. 23 مارچ 1963ع تي اُتي ئي سندس چالاڻو ٿيو. اگني سنسڪار ٻئي ڏينهن ٿيو. درگاه درازا جو نائون گادي نشين پير عبدالحق، سخي ڪُٽيا ٻڙودي وجي نماڻي فقير جون هانيون درازن ڪٺي آيو.

نماڻي فقير جي تاليفن ۽ ادبي ڪمن ۾ سندس پهريون اهم ادبي ڪم”سچل جو ڪلام عرف عاشق الهام“ آهي. هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جو چونڊ ڪلام آهي. اُن سان گڏ هن ڪتاب ۾ تصوف، ويدانت ۽ سچل سائين جي حياتيءَ جو احوال به ڏنل آهي. آخر ۾ ڏکين لفظن ۽ صوفي اصطلاحن جي سمجهاڻي به آندل آهي. هي ڪتاب 1952ع ۾ ٻڙودي مان شايع ٿيو. اُن ڪان پوءِ سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور نئين ترتيب سان ڇاپيو آهي. ٻيو ڪتاب ”حق موجود“ آهي. جنهن ۾ گرونانڪ جي واڻي، سچل سرمست جو چونڊ ڪلام ۽ نماڻي فقير جي ڪلام مان انتخاب آندل آهي. هي ڪتاب بمبئيءَمان 1961ع ۾ ڇپيو . ٽيون ڪتاب ”نماڻل ماڻ“ آهي، جيڪو نماڻي فقير جي هڪ شِش نرمل جانيءَ 1988ع ۾ شايع ڪيو. هن ۾نماڻي فقير جو چونڊ ڪلام الف – بہ وار گڏ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر جيٺلي لکي ٿو ته : ”اُن ڪان سواءِ نماڻي فقير جو ٻيو به ڪيترو ڪلام اجان اڻ ڇپيل آهي (46). “ نماڻي فقير جو ڪلام هڪ سچي سالڪ ۽ عاشق جي اندر جو آواز آهي. پنهنجي مرشد جي واڪاڻ هيئن ڪئي اٿس:

سپ گڏجي چئو مرحبا مرحبا،
فيض فاروقيءَ جو جاري آهي.

نماڻو فقير سچل سائينءَ جي سلسلي ۾ هندو شاعرن ۾ اهم آهي، وٽس سڪ جو سمر سرس آهي: پر اڪثر هندن تي سندس ڪلام ۾ قافين ۽ وزن جا عيب آهن. سندس ڪلام مان مختصر انتخاب هي آهي:

مون کي نہ هئي ڪل ڪائي، سَتگُر ڳالهہ سجهي سمجهائي.

1- ڏسي ٻُڌي ٻولي ڪير توء اِها راهہ ٻتائي،

2- مَئي جو پيالو پُر پياري، عشق جي چاش چکائي،

-3 هن جسم جو ڪري وسارو، مرشد ڪئي رهنمائي،

-4 اکين منجهه اسرار ڏيکاري، پالاري ڪئي پلائي،

-5 مان ۽ تون جو پردو هٽائي، ڪئي چٽي روشنائي،

-6 نماڻا پاهريون ناءُ وڃائي، زات ۾ ذات سمائي.

-

اديون عشق نہ اُتوَ آسان پر جهي پايو پير انهيءَ ميدان.

-1 جيڪا عشق جو سبق پڙهندي،

دنيا ڪان سا منهن موڙيندي،

ڏاج ڏکن جا پلئہ پائيندي،

طعنا ٽُنڪا سر سامان،

-2 جيڪا عشق سان ناتو رکندي،

هوش عقل سان سڀ وڃائيندي.

عشق جي آگ ۾ جيءُ جلائيندي

ٻيا سڀ لاهي گمان.

-3 سانگ لاهي جا سر سٽيندي.

نماڻا الله وٽ سرخرو ٿيندي.

آپو وڃائي جهاتي اندر پائيندي.

هڪ ڏسندي پڳوان.

مٿين ڪافيءَ ۾ وزن جا چٽا چٽا عيب آهن.

رحيم بخش نثار درازي

آخري دؤر جي درويشن ۾ فقير رحيم بخش نثار جو نالو اچي ٿو. خادم عباسي جي مقالي موجب هي زنده آهي (47) ۽ درازان جو ساڪن آهي. ميان رحيم بخش ولد گل محمد فاروقي 1921ع ۾ درازن ۾ جهائو، 1936ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري ماستر ٿيو. 1941ع ۾ نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي حقيقي محبوب جي نوڪريءَ ۾ آيو (48). سندس اثر جو حلقو وسيع ٿيو. مقامات مقدسہ جون زيارتون بہ ڪيائين. سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ هنڌ هنڌ تصوف ۽ راڳ ذريعي سندس اثر وڌيو. فقير صاحب جي ڪلام جو نمونو هي آهي:

پيڻ شوق شراب، فرض عين ثواب، هيءَ رمز، رندي رمزات آ

-1 منجهه نينهن نشي، رهڻ مست سدا،

مدهوش رهي ڪن فرض ادا،
چا مئخاني اندر مسجد ڪعبي اندر،
تن ساڳي ڏني تجلات آ.
-2 من عرف جي جهاڻي مام ڪي،
ترڪ سجدو ڪيائون سلام ڪي،
پيءُ جام تي جام سمجهه عشق امام،
ماڻي مئي منجهان ملاقات آ.
-3 پائي جٽيو درازي عشق جو،
ڏي سبق مجازي عشق جو،
نثار هي راه ڪندو ڪين گمراه،
اثبات وارن تسلات آ.

فقير غلام حيدر شر ۽ سندس خاندان

معتقد شاعرن جو حلقو نهايت وسيع آهي. اُنهن ۾ سچل سائينءَ ۽ سخي قبول محمد اول ۽ ثاني کان وني پوين تائين ڪيترا درويش هن حلقن سان منسلڪ آهن. اُنهن ۾ فقير غلام حيدر شر ۽ سندس خاندان به اچي وڃي ٿو. هن قسم جي ارادات جو سلسلو نهايت وسيع آهي. هڪڙا درويش سنوان سڌا سچل سرمست سان تعلق ۾ آيا ۽ ٻيا پوين سان. هن سلسلي ۾ خادم عباسيءَ هڪ مقالي ۾ اهڙي نشاندهي ڪئي آهي(49).

فقير غلام حيدر 1800ع ۾ ڳوٺ مينگهو فقير شر ۾ ڄائو. نانڪ يوسف جي تعريف ۾ چوي ٿو:
نينهن ته نانڪ شاهه جي، ذوق وڃايو رنگ، ايئن نانڪ يوسف جي شان ۾ چوي ٿو:

حُسن لايا هُل، ننگي نانڪ شاهه جي.
-1 آئي آر جهام جي، معاف تي آ مشڪل،
ننگي نانڪ شاهه جي.
-2 محبن جي مجلس ۾، گفتي ۾ گل گل،
ننگي نانڪ شاهه جي.
-3 غلام حيدر غير ويڙَهو، چڙهيا پل پل،
ننگي نانڪ شاهه جي.

ايئن سچل سرمست، سخي قبول محمد اول، خوجه نظر محمد، خواجه نجم الدين ۽ سلسلي جي ٻين بزرگن کي شعر ۾ به نذر عقيدت پيش ڪئي اٿس. فقير غلام حيدر هڪ قادر الڪلام شاعر آهي. سندس ڪافين مان اها خبر پوي ٿي.

اسين پاڻ کان وياسين،

ڪنهن جاءِ بي پياسي.

1- ونحن اقرب ويجهڙو،

اسان موتو مري جياسين سي،

2- هر دم هاديءَ حال ۾،

اسين نوبت نينهن نياسي.

3- جانب آيو جوءِ ۾،

اسان صدقي سر ڪياسي،

4- لاحد لولي يار جي،

اسان روحي رمز رلياسي،

5- غيرت ڳالهيون غير جون،

بيا وهم سڀ وياسين،

6- غلام حيدر ڳر سان،

هر دم هڪ ٿياسي.

7- چشمن جوتان لائيون

گوشي درد گڏياسي.

غلام حيدر شر کان پوءِ سندس اولاد جو به درازن سان ارادات ۽ محبت جو سلسلو قائم رهندو آيو. انهن ۾ هي درويش اچي وڃن ٿا: مينگهو فقير شر(1817-1895ع)، فقير غلام حيدر جو پٽ، قائم فقير ولد مينگهو فقير (1857-1990ع، مراد فقير ولد مينگهو فقير (لادت 1885ع) ۽ رجب علي ولد مراد فقير، انهيءَ کان سواءِ ڳوٺ جي اهم ۽ منفرد شخصيت فولاد فقير شر ۽ سندس فرزند علي گوهر جا نالا ملن ٿا. فولاد فقير جون ڳالهيون ڳٽڻ جهڙيون هيون ۽ علي گوهر شاعر هو. علي گوهر فقير جو ڪلام سنڌي، هندي، اردو ۽ سرائيڪيءَ ۾ آهي. هنن فقيرن جي وفات بالترتيب 1967ع ۽ 1989ع ۾ ٿي(50).

انهن کان سواءِ سچل سرمست جا ٻيا همعصر، ننڍا همعصر ۽ دور جا شاعر به آهن، جن جو سلسلو اوڻويهين صديءَ جي اڌ تائين آهي، تن جو ذڪر ايندڙ باب ۾ ايندو(51).

حوالا

1- بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، توسيعي ليڪچر: چيپل سرمست 12، 1992ع، خيرپور، ص 15.

2- ايضاً – ص 18.

3- راڻيپوري، محمد صادق، سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص ص 1-2.

4- ايضاً – ص ص 9-10.

5- ايضاً ص 1.

6- بدوي، لطف الله، تزڪره لطفي، جلد ٻيو، آر. ايچ . برادرس، حيدرآباد، 55-1956ع، ص ص 200-201.

7- راڻيپوري ، ص11.

8- خادم عباسي، مقالو : "درگاه درازي جي گادي نشينن جو تعارف". سرمست – 10، 1990ع، ص ص48-49.

9- راڻيپوري، ص 11.

10- ايضاً – ص13.

11- مرزا علي قلي بيگ، رسالو سچل سائين جو، هريسنگ ڪتاب خانه سکر، 1902ع، ص 5.

- تاريخن جو هي بحث تازو دلچپس صورت وٺي بيٺو آهي. ڳالهه سان ڳالهه واضح ٿيندي، پر هن سلسلي ۾ اُنهن ماڻهن جي نيتن تي شڪ ڪيو ويو، جن لکيو ته سچل سائين جو سال ولادت 1152هه/1739ع آهي. اُن ۾ ايئن به چيو ويو ته هرويرو سچل سائين کي شاهه لطيف سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته جهڙ سندس هونئن اهميت نه هئي. هي ڳالهه مولوي حزب الله سومري جي مضمونن (ٻه قسطون سلسليوار ارشاد راڻيپور، شمارو 1 ۽ 2، 2003ع ) ۾ ڇپجي ويئي، اُن جو ڪل مطلب مٿيون آهي. اُن سان گڏ سچل جي وفات جي سال 1242هه جي مناسبت سان عمر 90 سال ڄاڻي، تنهن موجب ولادت جو سال 1152هه ٿيندو.

12- ايضاً –ص 5.

13- ايضا – ص 3.

14- ايضاً – ص ص 6-7.

15- ايضاً – ص 7، حزب الله طرفان ميان صلاح الدين جي وفات جو سال 1200هه ڄاڻايو ويو آهي.

16- عبرت مئگزين 16 جنوري 2004ع ۾ هڪ گفتگوءَ ۾ جناب محمد ابراهيم جويو چوي ٿو ته : "ڪم از ڪم 15 يا 20 سال شاهه، سچل ۽ ساميءَ گڏ گذاريا ۽ اهڙيءَ طرح هُو هڪ ٻئي جا همعصر به هئا، سچل جو سال ولادت 1739ع ۽ ساميءَ جو 1743ع آهي. هُو شاهه صاحب جي وفات وقت بالترتيب 13 ۽ 10 سالن جا هئا. ٻاراڻي عمر جي هيءَ همعصري ڪا معنيٰ نٿي رکي. البت سچل کي(روايت موجب) شاهه صاحب ڏٺو . (غ پن ڏسو مهراڻ اياز نمبر 1-1998/2ع).

17- مرزا، ص 11 ۽ راڻيپوري، ص 15.

18- ايضاً –ا ص 21.

19- راڻيپوري، ص 20.
20- مرزا، ص 18.
21- آڏواڻي، ڪلياڻ جي، سچل، دولت پرنٽنگ پريس بمبئي، 1954ع، ص 45.
22- مٽلاڻي، ٻلديو، سچل جون واديون، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1994ع، ص ص11-12 ۽ 15-16.
23- محمد آصف خان، هير دمودر، پنجابي ادبي بورڊ، 1995ع، ص ص 10 کان 20.
24- هير وارث شاهه (اردو ترجمو)، اڪادمي ادبيات پاڪستان، 1991ع ، ص ص 28-29.
25- ايضاً - ص31.
26- اصغر سائينءَ جو ڪلام، جميعت علماء سڪندري، درگاهه شريف حضرت پير صاحب پاڳارا، پير جو ڳوٺ، 1400هه- ص ص 17-18
27- بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) خليفي صاحب جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع، ص ص 37 کان 39.
28- شوق، نواز علي(ڊاڪٽر)، ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار، سچل يادگار ڪميٽي خيرپور، 1998ع، ص 15.
29- خليفي صاحب جو رسالو، ص ص37 ۽ 39.
30- ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار، ص 26.
31- بدوي لطف الله، تذڪره لطفي(3)، آر. ايچ . احمد برادرس، حيدراباد، 52-1953ع ، ص 188.
32- ايضاً —ص 194.
33- شوق، نواز علي(ڊاڪٽر)، مقالو، ”گهرام فقير جتوئي“، سرمست (7)، 1987ع، ص ص 52-68.
34- ايضاً - ص ص 52-53.
35- ايضاً — ص 59.
36- موسوي، عبدالحسين شاهه، ديوان بيدل، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع، ص ص 36-27.
37- شوق، نواز علي(ڊاڪٽر)، فقير محمد صلاح، سچل سرمست يادگار ڪميٽي، 1992ع، ص 14.
38- ايضاً — ص 15.
39- ايضاً — ص 15.
40- ايضاً — ص 16.
41- سرمست 16، ص ص 45 کان 47.
42- سرمست 16، خادم عباسيءَ جو مقالو، ص 55.
43- ڪلام محبت علي، فقير محبت علي يادگار ڪميٽي خيرپور، 2003ع، ص 8.
44- جيٽلي، مُرليڌر (ڊاڪٽر)، سرمست 13، مقالو ص ص76-77.

ب – ڊاڪٽر سخي قبول محمد چهارم پنهنجي پي ايچ . ڊي ٿيسز ۾ هاسي ٻائي بدران نالو رکي ٻائي لکيو آهي.(ڏسو : اسٽڊي آف مسٽسزم ان درازا اسڪول آف صوفي ٿاٽ، درازي ڊي . پي پبليڪيشن 2002ع، ص 109.

45- ايضاً – ص 78.

46- ايضاً – ص 81.

47- ڏسو سرمست 17. (1997ع)، ص 109.

48- ايضاً – 109.

49- ڏسو سرمست 15.

50- تفصيل لاءِ ڏسو سرمست 15، (خادم عباسيءَ جو مقالو، ص ص 90- 91 ۽ 92).

51- سچل جي همعصرن لاءِ ۽ سخي قبول محمد ثاني جي سلسلي جي شاعرن لاءِ ڏسو سرمت 14 ۽ درازن جي گادي نشينن جي تفصيل لاءِ سرمست 10.

**باب ڇهون**

گذريل باب ۾ سچل سرمست ۽ سندس همعصرن، مريدن طالبن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سندن ڪلام ۾، توڙي هي باب جيڪو شروع ٿيو ٿئي. تنهن ۾ شاعرن جي ڪلام ۾ ڪافي ﺑﻪ هڪ اهم صنف آهي. شاعرن نه رڳو ڪافيون چيون، پر اُن جي موسيقيءَ کان ﺑﻪ واقف هئا. اڪثر جي چيل ڪافين تي راڳ راڳڻيون ﺑﻪ نمايان طور لکيل آهن. اهو سلسلو اڳتي ﺑﻪ وڌيو. اُن ڪري هن باب جي ابتدا ۾ ﺑﻪ اکر موسيقيءَ ۽ ڪافيءَ جي هيئت بابت لکڻ مناسب ٿيندو. پهرين موسيقيءَ بابت مختصر بيان اچي ٿو.

سنڌي موسيقي

اهو صحيح آهي ته هاڻي سنڌي موسيقيءَ جي ﺑﻪ سنگيت جي دنيا ۾ هڪ حيثيت بنجي وئي آهي. اُن جو آڌار لوڪ سنگيت ۽ ڪن مخصوص سنڌي پرڪاش جي راڳڻين تي آهي. اسان جي موسيقيءَ جو واسطو بنيادي طور هندوستاني سنگيت مالا سان آهي. قديم ۽ وڏو ملڪ پارت ورش آهي. هن ۾ سڄهو هند ۽ پاڪ اُپ کنڊ ۽ ڪي مهاڳي وارا علائقا / مُلڪ اچي وڃن ٿا. موسيقيءَ جي حوالي سان هيءَ سڄهي ايراضي اُتر ۽ ڏکڻ جي ٻن خطن سبب هندوستاني ۽ ڪرناٽڪ سنگيت جي حساب سان ورهايل آهي.

ڪلاسيڪل: پڪي راڳ يعني ڪلاسيڪل جا اصطلاح هن اساسي نظام لاءِ ڪم اچن ٿا. اُتر جي هندوستاني راڳ جي قلمرو ۾ دهلي، آگرو، لکنو، پٽنه ۽ ٻيا لاڳاپيل پاسا توڙي پاڪستان جون ايراضيون شامل آهن.

سڄهي ايراضيءَ جي مقامي راڳڻين سميت ڪلاسيڪل ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي ڪن راڳڻين جا نالا ﺑﻪ نشانبر آهن. جهڙوڪ : ملتاني، سنڌڙا ۽ سنڌي ڀيروي وغيره. حقيقت ۾ ڪلاسيڪل سنگيت جون جڙون

هندو ڌرم ۽ هندو تهذيب سان ڳنڍيل آهن. هندن وٽ راڳ عبادت جو درجو رکي ٿو(1). پوجا پاٺ ۽ رشين منين، ديوي ديوتائن ۽ ريتن رسمن جي گهڻي معلومات به هندوستاني راڳ مالا ۾ پڌري آهي.

هندوئن وانگر مسلمانن ۾ به وڏا وڏا فنڪار ٿيا، اڪثر وڏن موسيقارن موسيقيءَ جي ڦهلاءُ ۽ ترويج ۾ بُخل کان ڪم ورتو. فقط پنهنجي اولاد کي سيکاريائون. اُن ڪري موسيقيءَ جو ئي نقصان ٿيو. قاضي ظهور الحق هن سلسلي ۾ لکي ٿو: ”موسيقيءَ جي زوال جو سبب مسلمان بنيا. هُو عام طور پڙهيل نہ هئا. پنهنجي طرز ادائگيءَ ۾ هَوَس سبب ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيائون(2).“

اڪثر هندو گوين، راڳ بابت ڪتاب بہ لکيا. اُنهن جو بنياد ۽ منبع پراڻا ڌرمي ڪتاب آهن : جن ۾ زندگيءَ جي ٻين شعبن سان گڏ سنگيت جو احوال بہ اهي. هنن ڪتابن ۾ راڳ راڳڻين، استاين، انترن ۽ ٻولن وغيره جو بيان بہ آهي(3).“ نہ رڳو ايترو بلڪ اُنهن قديم ڪتابن ۾ راڳ راڳڻين جي تقسيم،نوعيت، بندش ۽ اُن سان گڏ واسطيدار معلومات ڏنل آهي. اهڙن ڪتابن ۾ جيڪي ويجهي زماني ۾ لکيا ويا، تن ۾ سنگيت رتناڪر اهم اهي، پندت وشنو نارائڻ ڀات ڪندي بہ مرائي زبان ۾ اعليٰ درجي جا ڪتاب لکيا، سندس نالي سان بمبئيءَ ۾ يونيورسٽي قائم اهي(4).

قاضي ظهور الحق پندت ڀات ڪندي بابت معلمات ڏيندي لکي ٿو : ”منهنجي ساڻس ملاقات الله آباد ۾ ٿي. هُو ”چتر پندت“ تخلص ڪندو هو. ڪيترين راڳ راڳڻين جا لڪشڻ گيت(ٻول) لکيائين(5)“. قاضي صاحب اهو بہ لکي ٿو تہ: ”منهنجو اُستاد پندت ڪرشنا راءُ شنڪر گولياري، اُستاد نثار حسين خان جو شاگرد هو. اُهو حَدُو حَسُو خان ۽ نٿو خان جو شاگرد هو. اُهي ٻئي ادارنگ ۽ سدارنگ( محمد شاهه رنگيلي) جا شاگرد هئا. اُهي ٻئي وري تا سين جي پٽ بلاس خان جا شاگرد هئا(6). انهيءَ حساب سان ملسمان گوين جي حيثيت مسلم آهي(7). اڪثر مرهٽا بہ ڪانئن سکيا. مرهٽن راڳ سنگيت جي سکيا لاءِ مرڪز قائم ڪيا. بمبئيءَ ۾ مرڪز جو سربراهه پندت نارائڻ راءُ وياس ۽ الله آباد ۾ ونائڪ راءُ پٽورڌن هو.

راڳ سنگيت تي جيڪو ڪتاب هنڌين ماڳين مشهور ٿيو. سو پندت ڀات ڪندي مرائيءَ ۾ لکيو. اُهو مرائيءَ مان هنديءَ ۾ ۽ اُتان اردوءَ ۾ ترجمو ٿيو. هي ترجمو ناڪر نواب عليءَ معارف النغمات جي نالي سان ڪيو. اُهو ئي وري واپس هنديءَ ۾ ترجمو ٿيو.

مسلمانن ۽ صوفين موسيقيءَ (سماع) کي ياد خدا جو وسيلو ڄاتو. خاص طور چشتيہ طريقي وارن قواليءَ کي بنياد بنايو. قواليءَ جي محفل ۾ شريڪ ٿيندڙ کي شريعت موجبرهڻ ۽ پاڪيزگي اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي. محفل سماع ۾ باوضو رهڻ شرط هو. ٻين زندگيءَ جي شعبن ۽ نظامن وانگر قواليءَ جي محفلن کي پوءِ اڪثر فردن خراب ڪيو نہ تہ قواليءَ جا ٻول بہ شروع ۾ ”الله ذ شان الله“ ۽” تو رحيم تو ڪرين، تون غفار تون ستار“ رهيا.

هندوستان راڳ مالا ۾ ڇهه مول (بنيادي) راڳ آهن. اُهي آهن : ڀيروو، ديپڪ، سري، ميگهه، مالڪونس ۽ هنڊول. راڳ جي ادائگيءَ جي مختلف طريقن کي مت سڏجي ٿو. اُهي چار آهن : مهادو مت، ڪرشن مت، ڀرت مت ۽ هنو مان مت. سنڌ جو مشهور راڳي ۽ ليکڪ پير بخش مغل پنهنجي ڪتاب ”راڳ ساگر“ ۾ هن سلسلي ۾ لکي ٿو : ”مهاديو مت ۽ ڪرشن مت جا راڳ راڳڻيون گهڻو ڪري هڪ جهڙا هوندا هئا ۽ اُنهن جي ڳائڻ وڄائڻ جو ڍنگ بہ هڪ جهڙو هو. مگر ڀاڪاڻ تہ مهاديو مت ۽ ڪرشن مت جي ڳائڻ وڄائڻ جو ڍنگ مشڪل هو. اُن ڪري (گنڌرپ) تانسين پنهنجي زماني ۾ ڇئن متن جا راڳ راڳڻيون، پُٽر ۽ ڀارون ملائي اُنهن مان ڇهه(مول) راڳ، ڇٽيهه راڳڻيون، انيتاليهه پُٽر ۽ انيتاليهه ڀارون ڪيون. هڪ راڳ مالا تيار ڪرائي. جنهن موجب اڄ ڏينهن تائين راڳ ۽ وڄهت ٿيندي پئي اچي(8).“ علم موسيقيءَ جي اُستادن جا بہ مرتبي موجب چار درجا آهن: پنڊت، گنڌرپ، گائڪ ۽ نائڪ. تانسين گنڌرپ هو (9).“ انهيءَ حساب سان ڪنهن وقت ڪان ويندي ويهين صديءَ تائين ڳوين کي اهڙالقب ملندا آيا.

راڳ راڳڻين جي سُرن جي تعداد ۾ تاثر جي لحاظ کان بہ مختلف قسم(ٻَرن) آهن. مثال طور جن راڳ راڳڻين ۾ آروه ۽ اوروه (مٿي وڃڻ ۽ واپس اچڻ) ۾ پنج سُر هجن، اُن کي اوڊو چئبو. اُن جو نمايان مثال راڳ مالڪونس آهي. هن ۾ ري (رکب) پا(پنچم) متروڪ آهن ۽ سرگم اٿس: ساگا ماڌا ني (سا)- اُهي راڳ راڳڻيون جن ۾ آروه ۽ اوروه ۾ ڇهه سُر آهن. اُنهن کي کاڊو چئبو آهي ۽ منجهن پا (پنجچم) نہ هوندو آهي. سرگم ٿيندو ساري گاما ڌاني(سا). ٽيون راڳڻيون ستن سُرن واريون هونديون آهن. تن کي سمپورڻ سڏبو آهي. جيئن: ڀيوري، سرگم ٿيندو ساري گاما پاڌاني (سا)(10). انهن ٽن قسمن جي ميلاپ ۽ بدل سدل سان ٻيا نوَ(9) قسم نهن ٿا. جئن آروه ۾ سُرن جو تعدد هڪ تہ اوروه ۾ ٻيو هجي. اُن سان گڏ ڪن سُرن ۾ ڪو سُر ڪومل(نرم) ۽ ڪو تيور(تيز) هجڻ سان هڪ راڳڻي ٻيءَ کان جدا صورت وٺي ٿي.

راڳ سان گڏ تال جي بندش بنيادي طور اهم آهي. تال بہ گهڻائي آهن. اُنهن ۾ جيڪي اهم، مُروج ۽ مقبول آهن، سي آهن : ايڪ تال، تين تال، تلواڙو، جهپ تال، جهومر، دادره، جهار تال، ديپ چندي، آره چوتالہ ڌمار، سواري، مغلئي ۽ رُوپڪ. ساز جيڪي تال لاءِ ڪم اچن ٿا، اُنهن ۾ پکاوج ۽ مرڌنگ قديم آهن. انهن جي صورت ڍولڪ سان ملندڙ آهي. حضرت امير خسرو پکاوج کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائي طبلو ايجاد ڪيو.

تال جي ساخت ماترائن تي آهي. ماترا، هڪ پل برابر آهي. تيئن تال ۾ سورهن (16). ماترائون آهن. اُن جا بول هن ريت آهن: نا ڌن ڌن نا، نا ڌن ڌن نا، نا تن تن نا، نا ڌن ڌن نا(11).

طبلي جو هڪ عظيم اُستاد الله رکا خان فيبروري 2000ع ۾ گذاري ويو. اُن جو پٽ ذاڪر حسين موجود آهي. طبلي يا ڪنهن بہ ساز جي تربيت اُستاد کان وٺي سگهجي ٿي. ڪتابي مدد اُن جي فقط هڪ

حصو آهي. وقت ب وقت اُستاد ان فن تان ۽ راڳ جو نين ايجادن ۾ اهم رول ادا ڪيو. سُر جي هن سفر ۾ سنڌ بہ شامل رهي آهي. اسان وٽ ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ سنڌي موسيقي ڪلاسيڪل کان جدا حيثيت جي حامل آهي. ايئن نہ اهي. اهڙن مثالن مان هڪ مثال سورٺ جو ورتو ويندو آهي. فقط لوڪ داستان جي نسبت سبب اهو خيال پيدا ٿيو. حقيقت ۾ سورٺ هندوستاني راڳ مالا جو حصو آهي. اِهو ئي نالو اُتي داخل آهي. سورٺ هي قرب بي راڳڻي ديس آهي. ڪتابن ۾ ٻنهي جا آروه – اوروه آيل آهن. هڪ ڀيري اندازاً 1972ع ۾ اُستاد امانت علي خان پنهنجي رهائش گاهہ تي رياض ڪري رهيو هو. مون اُن راڳڻيءَ کي سورٺ جهاتو تہ چيائين : ”نہ ! هيءَ سورٺ نہ آهي، ديس آهي.“ پوءِ ٻنهي جو فرق ظاهر ڪري ڏيکاريائين. سورٺ جي صورت هيءَ آهي:

آروه – ساري ماپاني، سا(5 سُر)

اوروه –ساني ڌاپا ماري، سا(6 سُر)

(پڇاڙيءَ واري ساڳٽپ ۾ نہ ايندي)

سورٺ اوڊو- کاڊو راڳڻي آهي. منجهس مڌم (ما) کان رکب(ري) تائين ميند خوبصورت لڳندي آهي. اها سورٺ کي ديس کان عليده ڪري ٿي. (12) . پورو ڌيان ۽ ڄاڻ نہ هجڻ ڪري اڪثر پل ٿئي ٿي ۽ ٻن راڳڻين ۾ تميز نٿي ڪري سگهجي.

راڳ سنگيت جي هيڏي وڏي نظام ۾ اٺويهين صديءَ جي هڪ وڏي اُستاد فن محمد رضا خان تبديلي ڪئي ۽ نسلي تقسيم کي ڇڏي، ٺاٽ جو نظام تجويز ڪيو. جو بعد ۾ راڄ ٿيو. ڪومل تيور سُرن ۽ ٻين خاصيتن جي مدنظر ڏهہ ٺاٽ قائم ڪيائين. اُهي آهن : ڪلياڻ ٺاٽ، پيوري ٺاٽ، مارواٺاٽ، آساوري ٺاٽ، بلاول ٺاٽ، کماچ ٺاٽ، توڙي ٺاٽ، ڀيروو ٺاٽ، ڪافي ٺاٽ ۽ پور بي ٺاٽ.

جيڪي راڳ ٻن وقتن ملڻ (ڏينهن رات) وقت ڳائجن ٿا. اُهي سنڌي پرڪاش جا سڌجن ٿا(13) . اها مناسبت بہ سنڌي ۽ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي برطر ۽ واسطي سان لاڳو ڪري سگهجي ٿي. اهڙا تفصيل راڳين ڏنا اهن. مسيقي آوازن جو هڪ نازڪ سرشتو آهي. اهو ساز يا گلي جي ٽن پاڳن ۾ ورهايل آهي. هي ٽي ياڳا يا گرام آهن: مندر (آهستي) مڌم (وچولو) ۽ تار سپتڪ ۾ اواز ڌُن ۽ چاتيءَ مان، مقدم ۾ گلي مان ۽ تار ۾ تارونءَ مان نڪري ٿو(14).

ڪلاسيڪي موسيقي، جيڪا سنڌي موسيقيءَ جو پس منظر مهيا ڪري ٿي، تنهن جو مختصر جائزو وٺڻ کان پوءِ سنڌ جي موسيقيءَ جي مختلف زاوين ڏانهن اچون ٿا. هنن زاوين ۽ پهلوئن ۾ خاص هينئيان آهن:

1- سماع ۽ مولود

2- شاهہ جو راڳ

3- لوڪ سنگيت

4- عام ڪافي ڪلام ۽ موجوده صورتحال

1- سماع: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جيئن سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ لغت تي لکيو آهي، تيئن ثقافت جا اهم پهلو به روشن ڪيا اٿس. اُنهن ۾ سنڌي موسيقي به اچي وڃي ٿي. هن سلسلي ۾ سندس ڪتاب ”سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“ اهم آهي. هن ڪتاب ۾ پاڻ قديم موسيقي، اوائلي اسلامي دؤر کان وٺي، هندوستاني موسيقيءَ سان تعلق سميت سماع، مولودن، شاه جي راڳ ۽ ڪافي ڪلام واري موسيقيءَ جو تفصيلي جائزو ورتو آهي. سماع بابت سندس تجزئي جو تت هي آهي:

- ستين صدي هجريءَ (13 عيسويءَ) ۾ غوث بهاءُ الدين ذڪريا جي دؤر کان وٺي، سنڌ ۾ سماع جو سلسلو نمايان طور رائج ٿيو ۽ ايندڙ ٿن سؤ سالن ۾ سنڌي سماع سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر رائج هو (15).

- صوفي بزرگن وٽ سماع جو سلسلو حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ڪندڙ پاڪيزه احساسات ۽ قلبي سرور پيدا ڪرڻ لاءِ شروع ٿيو(16).

- ڏهين صدي هجريءَ ۾ پهرين ميين سيد علي شيرازيءَ ٺٽي ۾ سماع جون محفلون مچايون ۽ پوءِ سندس ننڍي معاصر شاه ڪريم سماع جي سلسلي کي وڌايو (17).

- غوث بهاءُ الدين جي سماع جي سلسلي جو بنياد به ذڪر تي هو (18).

- مخدوم نوح هالائيءَ جي درگاه جي سماع جو سلسلو ڏهر سڏجي ٿو (19).

- جهوڪ ميران پور ۾ سماع جو سلسلو جاري رهندو اچي (20).

- پير صاحب پاڳاري جي درگاه تي سماع جو سلسلو جماعتي راڳ سڏجي ٿو، جيڪو بناساز سرود جي آهي(21).

اهو عالم آشڪار آهي ته سماع جي هنن محفلن جو مقصد پاڪيزگيءَ ۽ تزڪيه نفس هو. سماع جي سرشتي ۾ جنهن ڳالهه کي موسيقيءَ سان منسلڪ ڄاڻ ڪيو. اُهي سماع جا ٻول ۽ ڪم آندل بيت ۽ ڏهر وغيره آهن. ”الله هُو هو“ جي آهنگ جو ڪنهن نه ڪنهن طرح ردم سان ۽ جي اُن کان تال سان ڳنڍجي ته تال سان واسطو آهي. بهرحال سماع جو موسيقيءَ سان قواليءَ ۽ مولود سبب سنگيت سان واسطو ظاهر آهي. قواليءَ جو موجد حضرت امير خسرو آهي ۽ مولود سنڌ جي صنف سخن آهي. مولود وانگر سنڌي توڙي ٻين ٻولين ۾ حضور اڪرم ﷺ جي نعت لاءِ ميدان وسيع آهي: پر مولود پڙهڻ جو طريقو (گائڪي) منفرد آهي.

سنڌ ۾ مولود جي تاريخ اندازاً ٽي سؤ سالن جي آهي. شاه عنات رضوي نصرپور، شاه لطيف، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي ۽ مخدوم محمد اسماعيل جي ڪلام ۾ مولود عام طور ملن ٿا(22).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لوڪ ادب جي سلسلي ۾ هڪ ڪتاب مولود بہ ترتيب ڏنو آهي، جنهن ۾ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي ۽ ٻين شاعرن جي مولودن سان گڏ هڪ تفصيلي مقدمو بہ لکيو آهي. هن مقديمي ۾ ڊاڪٽر صاحب مولود جي ارتقائي تاريخ، مولودن پڙهڻ جي انداز ۽ مولودين جي ٻارين جو ذڪر ڪيو آهي. پاڻ لکن ٿا: "لاڙ ۾ مولودن پڙهڻ جي انداز ۾ ٻارين جو طريقو رائج آهي. اُن جا مکيہ پهلو آهين ، مولودن جي ٻاريءَ ۾ هڪ اڳواڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ چار، وڌ ۾ وڌ پنج يا ڇهہ جهپلي هوندا آهن(23)." لاڙ ۽ اُتر ۾ مولودين جون ڪيترين ٻاريون آهن (24). "لاڙ ۾ ويجهڙائي ۾ خاص طور جسڪاڻين ۽ مڱڻهارن جون ٻاريون مشهور ٿيون(25)."

هنن مولودين ۽ مداحين پنهنجي فن ڀڪي راڳ جي ترتيب ۾ بہ ظاهر ڪيو. مولود ۽ مداحون پڙهڻ جو انداز دلپذير اهي. عامطور هي مزهبي صنفون سنڌي راڳ جي ترويج ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. لاڙ ۾ مولودين جي مولود پڙهڻ جي طرز بابت جناب عنايت الله زنگيجي هڪ ننڍڙو ڪتاب لاڙين جون لاتيون لکيون آهن.

شاهہ جو راڳ: سنڌي موسيقيءَ جو اهم حصو "شاهہ جو راڳ" آهي. ٿوري گهڻي تحقيق ٿيڻ جي باوجود اجان مڪمل مطالعي جو طالب آهي. شاهہ جي راڳ تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب " سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" ۾ تحقيق ڪئي آهي. هيءَ تحقيق ڪتاب جي ستين، اٺين، نائين ۽ ڏهين باب ۾ موجود آهي. هي تحقيق ڪلاسيڪل ۽ شاهہ جي راڳ جي ڀيٽا ڀيٽيءَ جي سلسلي ۾ ڪئي وئي. ساڻس هن مطالعي ۾ پير غلام شاهہ (ڀٽائي) ۽ اُستاد منظور علي خان شامل رهيا. مختلف سُر ڀٽائيءَ جي انداز ۽ ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳائي سُرن جي ڀيٽ ڪري نتيجا ڪڍيا ويا. ڪن ران يمن ۽ ديسي وغيره لاءِ لکيو ويوتہ بہ خيال پيدا ٿين ٿا. (حقيقت ۾ ڪلاسيڪل ۾ فقط هڪ خيال پيدا ٿيڻ جي گنجائش آهي. رياضيءَ وانگر(.(26) ڊاڪٽر صاحب هي تجرباتي تجزيو ڪيو(27) . سندس خيال موجب هي اجان نامڪمل ۽ محدود مطالعو هو ۽ اينڊڙ تحقيق لاءِ ابتدائي ڪاوش هئي. اهڙو مطالعو ڪلياڻ، سامونڊي، سارنگ، يمن، ڪنيات، سهڻي، آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري، حسيني، سورٺ، ٻيراڳ هندي، بروو، راڻو، ڪاهوڙي، رامڪلي، رپ، بلاول، آسا، مارئي، ڪاموڏ، ڪارايل ۽ ڏناسري جو ڪيو ويو. اُستاد منظور علي خان هن سلسلي ۾ سٺي مدد ڏني آهي. نتيجن ۾ ڊاڪٽر صاحب ٻنهي اُستادان فن جي مدد ورتي آهي. هي ڪم اڻ پورو رهيو ۽ ڪٿي ڪٿي ڳالهہ شوق سان ڇيل آهي تہ اڪثر هنڌن تي چيو ويو تہ جهڻ فلان راڳڻي آهي. هن سلسلي ۾ سورٺ ۽ ديس جي فرق جي وضاحت ڪري آيو آهيان ۽ هيءَ گذارش ڪندس تہ ڪلاسيڪل ۽ رياضيءَ وانگر پڪا نتيجا ظاهر ڪيا ويا آهن. اُستاد منظور علي خان جي ڳايل راڻي جي محفل (ڪيسٽ) ۾ هو ابتدا ڪندي چوي ٿو: "هيءَ راڻي جي جيڪا راڳڻي آهي، سا ستن سُرن جي آهي. راڳ ڪافي بہ هتئون جو آهي. سنگيت ۾ بہ آهي. هيءَ ٽپي جي شڪل آهي. نارائڻيءَ ۾ (آلاپ ، آج موري

لاج راڪو ڪرتار) هيءَ راڳ جي شڪل آهي. (ديسيءَ جو آلاپ : آج ڳاوت من ميرو جهوم ڪي- راڳ ۾ آلاپ) آٽي راڳ جي شڪل آهي( راڳ جو آلاپ الوالو) (29). راڳو حقيقت ۾ ديسي راڳڻي آهي.

مون هن ڪان اڳي شاهه جي رسالي جي اڪثر سُرن (سارنگ، رامڪلي، ڪاموڏ وغيره) جي موسيقيءَ تي مقالا لکيا آهن. جن ۾ ڪلاسيڪل جي بنياد تي ئي نتيجا ڪڍيا آهن. ڪلاسيڪل ۾ راڳ هر ڪو پنهنجي نالي سان آهي. اُن ۾ ڪنهن به طرح اها گنجائش نه آهي جو چئجي ته فلان راڳڻيءَ جي قريب آهي. قريب هوندو ته اُن جو ٻيو نالو هوندو. ڪلياڻ، ملهار، سارنگ، توڙي ۽ ٻين راڳڻين جا ڪيئي قسم آهي. مثال طور "مالڪونس ۽ مڌڪونس وغيره آهن. اُهي آروهه، اوروهه ۽ ڪومل تيور سُرن ۽ اُنهن جي استعمال سبب هڪ ٻئي کان علحدا آهن. هر راڳ راڳڻي قاعدي موجب اهي. شاهه جا سُر به مخصوص سنگيت قانونن ۽ روايت موجب آهن. اُنهن ۾ اڪثر فرق به پيو هوندو.

لوڪ سنگيت: دنيا ۾ لوڪ ادب وانگر لوڪ سنگيت به قديم آهي. لوڪ سنگيت ثقافت ۽ عام جيوت سان ڳنڍيل آهي. هن ۾ بنيادي طور زندگيءَ جي ريتن رسمن ۽ رواجن جا پرتوا چٽا محسوس ٿيندا آهن. سنگيت جي قاعدن ۽ اصولن جي بنيادي طور پابنديءَ جي ڳُتي نه ڪئي ويندي آهي. لوڪ سنگيت جون صنفون، ڪنهن نه ڪنهن ڌُن ۾ مرتب ٿيل هونديون آهن ۽ اها ڌُن اتفاقيه ئي سهي ڪنهن راڳ ۾ هوندي آهي. عام طور ڏٺو ويو آهي ته لوڪ گيتن کي ڳائيندڙ عام رواجي فنڪار تال جي اهميت کان ئي غير واقف هوندا آهن. لوڪ گيت جي مقبوليت ۽ اهميت مڃيل آهي، پر بيشتر ڳائڻن اُن سان انصاف نه ڪيو آهي. ڪين لقب ملي ٿا وڃن، پر سُر جي ساڃاهه ۽ تال جي ورتاءَ جي سلسلي ۾ هُو اُن جا لائق نه آهن. اَڻ ڄاڻن لاءِ ته ريڊيو سڀ ڪار ٻوٽيون آهن. لوڪ سنگيت ۽ هلڪي ڦلڪي ڌُنن جو ربط به فلمي ۽ غير فلمي سنگيت سان رهيو آهي. اڪثر فلم وارن لوڪ ڌنون ڪم آنديون آهن.

لوڪ سنگيت تي ڪلاسيڪي ڳائڪ ۽ محقق خاتون شانو کُرانا تحقيق ڪئي آهي. هن ڪلاسيڪي ۽ لوڪ سنگيت جي لاڳاپي جي تاريخ تي نهايت دلچسپ بحث ڪيو آهي. هي بحث ڪٿي ڪٿي ککڙ اڳ يا بيضو اڳ واري بحث جي برابر به بيهندو نظر اچي ٿو. هيڏانهن هاڻي سنڌ جي لوڪ فنڪارن کي ڏسجي ته هنن فقط ٻئي جي ڳايل گيت جو نقل ڪرڻ کي ئي سڀ ڪجهه ڄاتو آهي. اڪثر فلمي گيتن جي نقل ۾ ته اصل فنڪارن جا جڻ ڇٻارا ڪڍيا اٿن يا اهلون ڪيون اٿن. فلم انڊسٽريءَ جو ڪلاسيڪي، نيم ڪلاسيڪي ۽ هلڪي ڦلڪي موسيقيءَ جي ترقيءَ ۽ ترويج ۾ اهم حصو رهيو آهي. هتي منهنجو اشارو خاص طور لاهور ۽ بمبئيءَ جي نگار خانن ڏانهن آهي. وڏن وڏن موسيقارن جهڙي فهرست تمام ڊگهي آهي. جيترو مون کي ياد پوي ٿو ته هي چند موسيقار گهڻو مقبول ٿيا ۽ اڄ به اُنهن جون تخليقون هر ڪنهن جي زبان تي آهن. : ايس . ڊي . برمن، آر . ڊي برمن، شنڪر جئه ڪشن، نوشاد، لڪشمي ڪانت پياري لال، آندد جي ڪلياڻ جي ۽ پنجابي، گجراتي، بنگالي، راجستاني ۽ اُڙيا وغيره سان گڏ هاڻي ته اي

آر رحمان ڏکڻ جي ڪرناٽڪ سنگيت جي آهنگ جي آميزش به ڪري ٿو. ڌُنن جي ترتيب ۾ موسيقارن هلڪي ڦلڪي انداز ۾ ائين مرتب ڪيو جو اڻ ڄاڻن اُنهن ڌُنن کي ائين قبول ڪيو. ڄڻ اُهي ڪنهن راڳ راڳڻيءَ جو حصو نه هيون، پر حقيقت جي خبر ته ڪلاسيڪي جي ڄاڻن کي آهي.

هن سلسلي جو هتي هڪڙو مثال ڏيڻ ئي ڪافي ٿيندو. فلم ”ميرا نام جوڪر“ جو مقبول گانو ”جاني ڪهان گئي وه دن“ راڳڻي شو رنجنيءَ ۾ ڪمپوز ٿيل آهي. مڪيشن اُن کي اهڙي بلند آهنگ ۾ ڳايو آهي. جو فلم جي به سڄاڻپ بڻجي ويو. نه رڳو مڪيش، پر شروع کان بمبئيءَ جي نگار خانن کي جن گلوڪارن آواز جو تحفو ڏنو، اُنهن ۾ پهاڙي سنيال، ماسٽر نثار، ڪي سي ڊي، ڪي ايل سهگل، جگ موهن، پنڪج ملڪ، محمد رفيع، سريندر، طلعت محمود،ڪشور ڪمار، هيمت ڪمار، ڪمار سانو، اُدت نارائڻ، لتا، شمشاد، گيتا دت، زهره بائي انبالي واري، راجڪماري، ثريا، ڪويتا ڪرشنا مورتي، ساڌنا سرگم ۽ الڪا ياگنڪ جا نالا سج وانگر روشن آهن. انهن جو اثر سڄهي ننڍي کنڊ تي پيو، سندن گانا وري ڳايا ويا ۽ ساڳين ڌنن ۾ اڪثر ڳائڻ ڄڻ ڇپارا ڪڍيا. منهنجي چوڻ جو مقصد هي آهي. ته فلم انڊسٽري سماج تي ڀرپور اثر ڇڏيو. موسيقارن ۽ گلوڪارن جو اثر هن ڳالهه مان به ظاهر آهي ته سٺ سال پراڻا گانا اڄ به زنده آهن. غير فلمي موسيقيءَ ۾ بيگم اختر، شانتي هيرانند، مهدي حسن، جگ جيت سنگهه، انوپ جلوٽا، فريده خانم ۽ پنڪج اداس جا نالا اهم آهن. غلام علي، اعجاز حضروي ۽ ٻين پاڪستاني صاحب طرز غزل جي فنڪارن جا نالا به اچن ٿا. جي لوڪ فنڪارن ۽ فلمي گائڪن جي باهمي ربط جي ڪهاڻي ٻڌائبي ته اُها طويل آهي. هن ڪهاڻيءَ جي پڄاڙيءَ مان اسان جي بحث جو آخري حصو جنم وٺي ٿو.

عام ڪافي ڪلام ۽ موجوده صورتحال

ڪلام لفظ عام طور ڪافيءَ يا ڪنهن ٻئي شعر سان لاڳو ٿيندو پيو اچي. هوندئن شاهه جو ڪلام، سچل جو ڪلام چوڻ ڪري لفظ ”ڪلام“ راڄ رهيو آهي، پر هاڻي ڪافيءَ کي ڪافي چوڻ ڪافي آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪافيءَ جي پرک نه آهي ته هُو غزل کي به ڪافي چوندي گُسي نٿو. ريڊيو تي اڪثر سانگيءَ جي غزل کي به ڪافي چئي نشر ڪيو وڃي ٿو. ڪافين ۾ به گهٽو ڪري اڻ ڄاڻ ڳائڻا”سينگاريون سپُن ۾“ . ”عشق جو آزار“ ۽ ”عشق کي “ عيشق“ ڪري ڳائن ٿا. ڪيسٽي شاعري ۽ موسيقيءَ تي ٿورو گهڻو بحث اخبارن ۾ هلندو رهيو آهي. ڪي ڪيسٽي شاعر ۽ فنڪار پاڻ کي بچائڻ لاءِ وڏا بول ٻولين ٿا. حقيقت ۾ اڪثر جو ڳايل مود شعر به نه آهي ۽ موسيقي ته هوندئن ئي تيار ڌُنن جي چوري آهي. ڪافيءَ جا فنڪار بظاهر بيشمار آهن: پر اهم ۽ صاحب طرز ٿورا آهن. سنڌ جي پراڻن ۽ ڪلاسيڪي انداز وارن ۾ اُستاد عاشق علي خان، الهڏنو نوناري، اُميد علي خان، خير محمد خان ۽ ٻيبي خان سان گڏ ڪي ٻيا اُستاد ڳائڻا به آهن. ڀڳت ڪنور رام، ڀڳت موٽڻ، محمد يوسف، فقير عيسيٰ، منظور

علي خان، ڀول فقير، عنايت فقير، محمد ابراهيم، محمد جمن، شبلا مهتاڻي، حسين بخش، مصري فقير، چندر، جيوڻي، عابده پروين، عبدالغفور ۽ ٻيا ڪيترا فنڪار آهن، جن ويهين صديءَ جي سنڌي ڪافيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. سنڌيءَ سان گڏ اڪثر سرائيڪي ڪافين جي گائيڪي ۽ انداز بابت بہ هي استاد ڳائڻا آهن. ڪي ڪافيون جن ڪي شاعرن تہ هڪ روپ ڏنو، پر فنڪارن اُنهن کي موسيقيءَ جو روپ ڏيئي مقبول ڪيو، اُنهن مان هي مون کي ياد پون ٿيون:

منظور علي خان: آءٌ ڪوهہ جهاڻان پنڌ ڪيچ جو، مون نماڻيءَ کي نيدڙي ڀولا.
پرچن شال پنهوار ڀولا مارو مون سين.
يار سڄڻ جي فراق آءٌ ماري.

گلزار علي خان : محب مئيءَ جي گهر آيوڙي پينر- ميندي مون اڇي لايو.

عنايت علي فقير: رخ رانجهن داماه منير هو يا.

فقير امير بخش: وس نهين چلدا حجت نہ هلندي.
سڻ بات برهہ دي ڪيهي، ڪيهي عجب جيهي.

فقير عبدالغفور: فرق ٿياسين در غب غب، لاشڪ آهيون لا مذهب.

محمد ابراهيم: انت بحر دي ڪل نہ ڪائي.
تنهنجي صورت جو ڪهڙو بيان ڪريان
ڪيچي قول ڪري ويا.
اڄ تہ عجيبن آٽي لايا.
جوڳي ڏاڍي ذات.

محمد جمن: يار ڏاڍي عشق آتش لائي.
هل هوتن ڪارڻ حال.
پڪ نہ رهي.

سرائيڪي ڪافين جي سلسلي ۾ سنڌ کان ٻاهر جي ڳائڻن استاد نزاڪت علي، سلامت علي، امانت علي، فتح علي، زاهده پروين، شاهده پروين، ثريا ملتانيڪر، پٺاڻي خان، حسين بخش خان ۽ ٻين ڪيترن پاڻ موڪيو آهي. معيار جي لحاظ کان هي جن چند فنڪارن جو ذڪر ڪيو اٿم، حقيقت ۾ اُنهن جو وڏو ۽ يادگار ڪم آهي.

موجوده صورتحال کي ڏسجي تہ قابل فنڪارن سان گڏ ڪي بيسرا ۽ سفارشي بہ ميدان تي آهن. وحيد علي، صادق فقير، سرمد ۽ ٻين پاڻ مجايو آهي تہ اهڙن نالن سان گڏ ڪي پاڻ کي فنڪار تہ سڏائن

پيا، پر ”هنوز دلي دور است“ جي مصداق اجان ماڳ ماڻي نہ سگهيا آهن. اها آهي موجوده صورتحال ۽ آئيندي لاءِ ڪجهہ چوڻ وقت کان اڳ ٿيندو.

بهرحال ويهين صديءَ سنڌ کي وڏا فنڪار ڏنا، جن پاڻ مڃايو.

ڪافي

ڪافيءَ جي قدامت ۽ ارتقا بابت اسان وٽ ڪي روايتون موجود آهن. هن سلسلي ۾ پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ ڪي بحث بہ ٿيا آهن. انهيءَ لحاظ کان ڪافيءَ جا ڪي پراڻا نمونا نہ مليا آهن. پر اهو عام چؤبول رهيو تہ ڪافي سنڌ ۽ پنجاب جي هڪ شعري صنف ۽ ڳائڪيءَ جو انداز آهي. لفظ ڪافيءَ جي معنيٰ بابت بہ سنڌ جي عالمن ۽ اديبن ۾ جيڪا خيالن جي ڏي وٺ ٿي آهي، آءٌ ان جو اپياس ڪندو رهيو آهيان. ڪافيءَ بابت پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر هرو مل سدا رنگاڻي، سيد منظور نقوي، پير عبدالغفار راشدي، غلام محمد گرامي، خانبهار ميمڻ، جهمٽ مل ڀاوناڻي، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مخدوم صاحب طالب المولىٰ، عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي ٿورو گهڻو لکيو آهي.

ڪافي جي قدامت جي بحث جي ابتدا ۾ وائيءَ تي بحث بہ ٿيو آهي. بيت ۽ وائيءَ جي وزن ۽ هيئت بابت پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ پنهنجي ڪتاب چند سڳند ۾ تفصيلي بحث ڪيو آهي. لفظ وائيءَ جي اصليت بابت بہ مختلف رايا سامهون آيا آهن. ”وائي“ لفظ جا ڌاتو ”وايا“ ۽ واو“ يا ”وارتا“ ڄاڻايا ويا آهن. (1) ڊاڪٽر سنڌيلي ”تحقيق لغات سنڌي“ ۾ (2) ۽ جهمٽ مل وسٽائيءَ ”وئيپتي ڪوش ۾ (3) معنيٰ اندازاً ڳالهہ ٻولهہ ڏني آهي. (4) پرمانند ميوارامEpilogue، ڳالهہ يا آواز جي معنيٰ ۾ لکيو آهي.(5)

شاهہ جي بيتن جون هيٺيون مصرعون بہ وائيءَ جو مفهوم واضح ڪن ٿيون:

راجا رتولن ۾، ورنائي وائي(سورٺ)

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڄن جون.(سامونڊي)

اهڙيءَ طرح ڪيترن سنڌي بيتن ۾ وائي لفظ ڳالهائڻ جي معنيٰ ۾ آيو آهي. پهاڪن، اصطلاحن ۽ گفتگو ۾ وائيءَ جون معنائون ڳالهائڻ جي مفهوم سان هم- آهنگ اهن. جيئن: وائي بند ٿيڻ، چڱي وائي ڪرڻ وغيره. مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي تصنيف ڪافي ۾ وائيءَ جي ڌاتو بابت مختلف ليکڪن جا حوالي ڏيئي پنهنجي راءِ ۾ بہ ڳالهيون چٽيون ڪيون آهن. هڪ تہ وائي واڻي لفظ مان نڪتي اهي. ٻيو تہ بقول سنڌس : ”قياس چوي ٿو تہ وائي، بيت ۽ مداح، يا سنڌي قصيدن مثلاً ابوالحسن جي سنڌيءَ مان نهي آهي. (6). هيءَ راءِ ڪنهن هڪ صنف لاٰ ڏجي تہ بيت اُها صنف آهي، جا چند ۾ آهي ۽ وائي بہ ساڳئي وزن آهي. واڻي بابتساميءَ جي سٽ بہ ڏيان چڪائي ٿي:

ويدن جي واڻي، سا سنڌيءَ ۾ سمجهايم.

واڻيءَ جو مطلب آواز آهي. سنڌي جي عالم ۽ محقق مخدوم محمد هاسم ٺٽويءَ واضح طور وائي لفظ زبان يا متن (Version) جي معنيٰ ۾ ڪم اندو آهي:

تن منجهان ڪي ڪيترا مسئلا لکيام،
ساري سنڌي وائيءَ لکي لک ڪيام.
(زادالفقير 1125هه)
يا
عربي اجاڻن ڪي گهڻي ڏهلي هوءِ،
سنڌي ڪيم سهڪي، چان سکي پکوءِ.
(زادالفقير 1125هه)

پهرئين بند ۾ وائي ٻوليءَ جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي ۽ ٻوئين ۾ ترجمي ڏانهن اشارو آهي. هيئت جي لحاظ کان هيءَ ملن واري سنڌي ٻه چند جي مختلف وزنن ۾ آهي. چندرايڻ، دڪپال، ات بروا ۽ ٻيا چند آهه. بيت لاءِ دوها ۽ سورٺا چند بنيادي چند آهن ۽ انهن جي ميل سان ٻيا ٻه چند ٽڙويري ۽ ٻڙو ڪم اچڻ لڳا. وائي فقط آخري سٽ جي ڪري دوهي ۽ ٽڙويري دوهي مان اُسريل نظر اچي ٿي.

ڪتاب سُرهاڻ ۾ وائيءَ کي نمريءَ جي هيئت ۾ ڄاتو ويو آهي.(8) اڪثر موسيقيءَ جي اُستادن ڪافيءَ لاءِ ٻه ايئن چيو آهي(9). اُنهن جي نظر ۾ سرائيڪي ۽ پنجابي ڪافي آهي. ڪنهن حد تائين هي رايو سنڌي وائيءَ سان ٻه لاڳو ٿئي ٿو.

هن پس منظر کان پوءِ ڪافيءَ ڏانهن اچون ته اُن جي لفظي معنيٰ ٻه مختلف عالمن جدا جدا ڪئي آهي. اهو لڳي ٿو ته وائيءَ مان ڪافي اُسري آهي. ٻي ثابتي ڪانهي، فقط موضوعن جي هڪجهڙائيءَ مان اهو معلوم ٿئي ٿو. هيئت ۽ ڳائڪيءَ ۾ ٻه فرق آهي. اها ڳالهه صحيح نه آهي ته صنف هڪڙي ئي آهي. اُن کي لاڙ ۾ وائي ۽ اُتر ۾ ڪافي سڏيو ٿو وڃي(10). هي خيال ميمڻ عبدالمجيد ظاهر ڪيو هو. ڪافيءَ جي هيئت بابت ايندڙ صفحن ۾ بحث ثابت ڪندو ته هي ٻه صنفون آهن.

ڪافي" لفظ کي سنڌي محققن سيوهڻ جي ڪافين(ڪونين) سان ٻه ۽"ڪفهه" مان نڪتل ڄاڻايو آهي، عام ماڻهن ان تي ڪٽي اعتبار ڪيو. ڊاڪٽر سدا رنگاڻي پنهنجي هڪ مقالي ۾ اُن جو بنياد "قناعت" مان لڌو(11). اجهه ڪافي شاعريءَ جي صنفن سان گڏ راڳ جي ٻه صنف آهي. ڪافيءَ کي ديپڪ راڳ جي هڪ شاخ سڏيندي عبدالحسين شاهه موسوي، عطا حسين شاهه موسويءَ جو ڪچ ڪوڏيون جو حوالو ڏيئي سرهاڻ ۾ موضوع وار ڪافيون ڏنيون آهن(12). ڪافيءَ کي پهرين راڳ ۽ پوءِ هيئت جي لحاظ کان پرکيون ٿا. راڳ جي اڳ ڇهن مول راڳڻ موجب تقسيم هئي. راڳ آهن: مالڪونس، سري، ميگهه، هنڊول، ڀيرون ۽ ديپڪ. انهن جون وري پارياڻون ۽ پٽ آهن. ايئن ٽوٽل هزارن ۾ آهي. هن

سلسلي ۾ 1813ع ڌاري هڪ اُستاد فن محمد رضا خان هن تقسيم کي قبول نہ ڪندي. اُن جي نئين سر مطالعو ڪيو. اڪثر جو خيال آهي تہ نئين تقسيم ٺاٺن موجب پاڻ ڪيائين. اهو بہ رايو آهي تہ پنڊت ڪرشنانند وياس هن باري ۾ 1842ع ۾ ڪتاب لکيو ۽ ڀاتکنڊي 1850ع ۾ ٺاٺن واري تقسيم ڪئي. (13) هيءَ نئين تقسيم هاڻي مروج پنڊت ڀاتکنڊي ۽ ٻين اوستادان فن اُن جو ئي سلسلو قائم رکيو آهي. ويجهڙائي ۾ (1975ع). قاضي ظهور الحق پنهنجو ڪتاب ”رهنما3 موسيقي“ لکيو آهي. اُن موجب ڪافي ٺاٺ نئين ترتيب موجب ڏهن مان هڪ ٺاٺ آهي ۽ اُن ٺاٺ جي ڪافي هڪ راڳڻي بہ آهي(14). ائين ڪافي نالي سان ٻيون بہ راڳڻيون موجود آهن. ڪافي ٺاٺ جي خصوصيت قاضي ظهورالحق تفصيل سان بيان ڪري ٿو: ”ڪافي ٺاٺ“ جي راڳڻين ۾ شڌگنڌار ۽ شڌ نکاد ڪم آڻ جو عام رواج آهي. خاص طور تي ڪافي راڳڻيءَ ۾ ائين ڪيو ويندو آهي. شڌ گنڌار ۽ شڌ نکاد جي استعمال سان راڳڻيءَ ۾ خوبصورتيءَ سان گڏ هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. ڪافي ٺاٺ جون راڳڻيون يا تہ ڏينهن جي ٽئين پهر يا رات جي ٻئي پهر ۾ ڳايون وينديون آهن. هن ٺاٺ ۾ هي سُر لڳايا ويندا آهن: ياما ڳاري ساري ڳاما پا(15). ڪافي ٺاٺ جون اهم راڳڻيون آهن: ڀيم پلاسي، ڪافي، سنڌورا، پٽ ديپ، باڳيشري، بهار، بندرا بني سارنگ، ميان کي ملهار، شڌ سارنگ، شاهانہ ڪانهڙه، مالڳنجي، سورداسي ملهار، سُها، سُگرئي، ڀيم، هنس ڪنڪني، ڏناسري ۽ نائڪي ڪانهڙه. (16)

راڳڻي ڪافي هڪ مجيل راڳڻي بہ آهي. اُن جو احوال هن ريت آهي:

- هن راڳڻيءَ ۾ گنڌار ۽ نکاد ڪومل ۽ باقي سُر شُڌ آهن.
- روپ (برن) شمپورڻ- سمپورڻ اٿس.
- وادي سُر پنچم آهي.
- سموادي سُر کرج(سا) آهي.
- ڳائڻ جو وقت، رات جو ٻيو پهر(هوليءَ جي موقعي تي هيءَ راڳڻي هر وقت ڳائي ويندي آهي.)
- خاص تان، ري ڳاماپا- پاماڳاري – ماڳاري سا اٿس.
- آروه اٿس: ساري ڳاما پاڌاني سا.
- ۽ اور وه، ساني ڌاپا ما ڳاري سا.(17)

سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي ڪافيون ڳوين راڳڻي ڪافي ۽ پيروي، تلنگ، مانجهہ توڙي ٻين داستان وار سُرن ۾ ڳايون، پر عام ڳائڻا جتان آيو. اُتان يار ويا. ڪي تہ پنڙيءَ تان لهي ويا.

سنڌي ڪافيءَ جي ارتقائي هيئت تي اڃجي تہ قديم ڪافين جو نمونو ميسر نہ ٿيو آهي. البت ڪافين بابت بہ روايتون موجود آهن. هڪ روايت مير محمد فاضل بکريءَ بابت آهي تہ هو ڪافي گو شاعر هو. سندس تعلق ذخيرة الخوانين موجب ارغونن جي دؤر سان هو. ٻي روايت محمد مطيع الله راشد جي

ڪتاب”برهانپور ڪي سنڌي اوليا“ موجب شيخ لاڏ جئي بابت آهي ته هو ڪافيون ڳائيندو هو. سنڌ مان برهانپور لڏي ويل بزرگن ۾ هو(18). انهن ٻن روايتن کان اڳ اسماعيلي ملبلغن(داعين) ۾ پير صدر الدين(1290-1409ع) جو نالو اچي ٿو، جنهن جا ڪي گنان هيئت جي لحاظ کان ڪافيءَ وانگر آهن. يعني ٽل ۽ ٻن مصرعن جا بند، نمونو هي آهي:

ٽل: شاهه مجيئڙو تن جي صبرحڙي جاڳن-

1- أتي الله نه گهرين بندا، تون ستين ساري رات،

نه ڪا جهوري جيوَ جي، نڪو سمري سات،

شاهه مجيئڙو...

2- ڪونا منڊپ ماڙيون، گهر گهوڙا پندار،

ڪين نه نيا پاڻ سين، جيو چلنتي وار،

شاهه مجيئڙو...

3- پئي پير صدر الدين، آئين سٽو مومن ويرَ،

الک چٽو تن ڪي، جن مجيو شاهه پير،

شاهه مجيئڙو...(19)

هاڻي ڏسجي ته ڪافيءَ جي هيئت جو ڪلام، شاهه صاحب کان اندازاً ٽي سؤ سال اڳ ملي ٿو. پوءِ مير محمد فاضل ۽ شيخ لاڏجئي بابت فقط روايتون آهن. وچ ۾ جيڪي به شاعر آهن تن جا بيت موجود آهن. فقط شاهه عنات رضوي آهي، جنهن جون وايون موجود آهن. جن مان اڪثر جو مضمون مولود وارو آهي. شاهه ڪريم وٽ جيڪو سماع جو سلسلو هو، اُن ۾ به ڪنهن ڪافيءَ بابت ڪا معلومات نه آهي. مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ جا اڪثر مولود وائيءَ جي هيئت ۾ آهن ته ڪي علم عروض موجب آهن.

وائيءَ جي وزن ۽ بيت جي وزن جو اشارو اڳ ۾ ڏيئي آيو آهيان ۽ هتي ايتري گذارش ڪندس ته وايون بيشتر هڪ سٽ جي ٽل ۽ هڪ سٽ جي بند تي اڏاريل آهن. البت ڪن شاعرن وائي جا بند ڏيڍا رکيا ۽ اُنهن ۾ به ٽپ(ڪافيءَ وانگر) آندائون. پوءِ ته مثال گهڻا پر خود شاهه صاحب وٽ به اهو مثال آهي:

آءُ ٻاروچل اچ، پنهل جهام پرچ-

موٽ وڇوڙو ٿو ماري.

قولن ڪوڙي آهيان، صاحب وٽي سچ-

پس منهنجي پناري.

آءُ نه پچون پاڻ ۾، ڳالهيون ڪريون ڳچ،

من اندر جون ساري.

ڪن واين جي تل ۾ تورو گهٽو ورجاءُ يا هڪ ڪان ٻه ٽُڪون آهن. هونئن شاهه صاحب جون بيشتر وايون ٿلهه توڙي بند جي لحاظ کان هڪ تڪيون، دوها يا سورٺائي وائيءَ جي انداز تي اهن ۽ پوئين سٽ لازماً دوها وانگر آهي. اُن جي اُبتڙ ڪافيون علم موسيقيءَ ۽ عروض تي ٺهيل آهن. شاهه جي واين کي اڪثر ڪافيون سڏيو وجي ٿو. علمي لحاظ کان اهو غلط آهي. شاهه جي دؤر ۾ ڪن عام شاعرن جون ڪافيون هجن ته ٿي سگهي ٿو، ڪانئس پوءِ سچل سرمست ۽ ٻين ڪافيون چيون، سچل سرمست جي ڪلام ۾ وايون ٻه آهن. ڪلام ترتيب ڏيڻ وارن سچل جي ڪلام ۾ وائيءَ کي ٻه ڪافي سڏيو آهي.

ڪافيون جيڪي عروض تي آهن، تن جو تل غزل جي مطلع وانگر آهي ۽ ڪٿي ننڍين ٻن ٽُڪن مان ٺهيل آهي. ڪافين جون هيئتون مختلف آهن. ڪافين جوڙڻ/ چوڻ ۾ شاعرن خاص طور پهرين اُن جو تال/ ٺيڪو متعين ڪيو آهي ۽ پوءِ اُن کي ڪنهن خاص طرز/ راڳڻيءَ ۾ مرتب ڪيو اٿن. راڳ سنگيت جي جهاڻ نه رکندڙن تقليد ڪئي اهي. ڪافيون يڪيون، ڏيڍيون، ٻه تڪيون، ٽه تڪيون ۽ چؤتاريون ٿينديون آهن. اُنهن ۾ بندن ۽ قافين جو تعداد بنيادي اهميت جو هوندو آهي. ڪن شاعرن گهڻ بنديون ڪافيون ٻه چيون آهن. اُنهن جڻ وڏائي قدم رکيو آهي. هن سلسلي ۾ مخدوم طالب الموليٰ جي ڪافي: ”تو دلڙي يار ڏُتاري“ جو مثال نمايان آهي. اُن کي حسين بخش خادم نهايت خوبصورتيءَ سان ڳايو آهي. اهڙين گهڻ بندين ۽ مثمن يا اجان وڌيڪ مصراعن وارا بند ڪن ٻين شاعرن جي ڪافين ۾ ٻه آهن. ڪافين جا مثال ته گهڻا آهن پر نموني طور چند پيش ڪريان ٿو:

ڪافي يڪي

پسي صورت جو سلطان، همه حيران لڳي،
ديو ملائڪ حوران پريان، هر هڪ ٿيو حيران، پڙهڻ سبحان لڳي،
خير محمد چئي خبر انهيءَ جي، بيحد ڪران بيان، جنهنجي جند جان لڳي.

ڪافي ڏيڍي هڪ ٽُڪي

عشق جو ڏس اسرار- سڀ صورت ۾ يار سمايو،
- يار يگانو ڪاڻ ظهوري، سوين ڪري سينگار،
پاڻ پرين ڪثرت ۾ آيو،
- ڏس پرين جو پاڻ ڏنائين- عاشق ڪر اعتبار،
هر جا يار تماشو لايو.
- بيدل چڏ نه هٿئون تون هر گز، وحدت جو واپار،
سالڪ هي تي ڪم سجايو.

بيدل، سچل بيڪس ۽ سندن دؤر توڙي پوءِ جي شاعرن واين سان گڏ ڪافيون به چيون. ڪافي گو شاعرن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. قادر الڪلام شاعرن سان گڏ سوين سيڪڙات به شامل آهن. سچل، بيدل، بيڪس، خوش خير محمد، اميد علي شاهه، مهدي شاهه، زمان شاهه، عباس علي شاهه، حمل فقير، قطب شاهه، پير حسن بخش شاهه، محمود فقير ڪٽياڻ، صادق فقير ۽ مننار فقير وڏا شاعر ٿيا. اُنهن جي ڪافين جي تقليد به ڪئي وئي. ويهين صدي سنڌي ڪافيءَ جو درخشان دؤر آهي.

اڪثر ڪافين جي هيئت ڪي هر ڪو پروڙي نہ سگهندو. هيئت جي لحاظ کان هينيان به مثال تہ – ٽُڪي ۽ چؤتاري ڪافيءَ جا آهن:

(1)

ٿل: تنهنجي جوت جمال، جيءَ ڪي جوڙي، جادو ڪيڙو،

1- لکين هزارين حورون پريون، چشمن چوري ڪيون سپ چريون،
ڪُنيون حسن ڪمال، ناز نهوڙي، تن ڪي نيڙو،

2- نيئي ڏاڙي سان دام وجهي دل، هوت اچن هٿ موتي مشڪل،
منهنجي چاهي مجال، وره وڪوڙي، وسهج ويڙو.

3- لٽيو لاشڪ لات لساني، زود ذري ۾ بات زباني،
موهيو جنهن کي مقال، ڪيئن منهن موڙي، محڪم ٿيڙو.

4- عبدالله عاشق پرتئي پارس، وعد وفايون ڪر ڪي وارث،
ٻُڌ سائل جا سوال، چڏج م چوڙي، پيوند پيڙو.(20)

(2)

ٿل: جيڏيون ڪارڻ جن، مون فال ٿي پايا
اڱڻ آيا اڄ اُهيئي.

1- مليا پنيم مرادون من جون، طرحين ڪُليون طاقيون تن جون،
تڏهن مانڪي تن، تورا لايا، سانگ سجايا، تيم سپيئي.

2- مجلس محبوبن جي موچاري، هڪ هڪ گفتو سندن هزاري،
ڪؤڙين ٿا وڙڪن، پال مون پائن، ساه سهايا، پنهنجا سپيئي.

3- ڏک ڏولاوا ڏور ڪيا ذاتر، لڏي قريبن قرب منجها ڪر،
پاڻ اچي پرين، وه وجايا، وصل وسايا، ملڪ مڙيئي.

4- پاريو عبدالله چئي عهد عجيبن، شوقؤن ڏيکاريم حسن حبيبن،
شمس قمر سهڻن، گهور سان گهايا، نينهن نمايا، ٿيا پانها پيئي(21).

هن مرصع انداز جون ڪافيون به اُنهن محققن جو خيال بدلائي نه سگهيو آهن. جن علم عروض کي اُن جي اصلي روپ ۾ ئي ساراهيو آهي. جي مضمون ايراني نه آهي ته به هنن کي ڪافيون قبول نه آهن. ڊاڪٽر خليل، بيت ۽ وائي وانگر ڪافي لاءِ به چوي ٿو: ”ڪافي به ناموزون شعر جو قسم آهي.(22)“

ڪافين جي هيئت بابت چند ڳالهيون ڊاڪٽر خليل جي اعتراض جو مختصر جواب آهن.

هيئت جي ٿوري جائزي کان پوءِ آءٌ ڪافين جي موضوعن يعني محبت ۽ مجاز جا چند نمونا پيش ڪريان ٿو. هنن ۾ چند ته آڏاريل ڪجهه وايون ۽ عروض تي غزل جي انداز ۾ به ڪي ڪافيون شامل آهن:

(1)

ننڊ نه ڪر تو نماڻي-

جاڳو جاڳو جيڏيون وڃي ويل وهاڻي.

- دنگي وچ درياءَ ۾، ٻيڙي آهي پراڻي،

- سمر ڪڻ تون سُتت ساري، اڳيان ان نه پاڻي،

- اديون عبداللطيف چئي، سيد ٿيندم ساڻي.

(شاهه)

(2)

هوت نه نينم ساڻ، آءٌ ماري آهيان جيڏيون.

- سجهو گهُرن نه سپرين، وڏيل چون نه اَڻ،

- پرچي پچن ڪينڪي، رني ڪن نه رهاڻ،

- صادق سڏيندي سڏ نه ڏين، ڪاجا پاٿئون ڪاڻ.

(صادق)

(3)

ڪڏهن راضي ٿيندين راڻا، ڪڏهن موٽي ملندين راڻا؟

- ڪاڪ ڪوماڻي ويل وهاڻي، پينگ ٿيا سپ پاڻا،

- جنهن ڏينهن کون تون جاني جدا ٿئين سختيون سُور سلماڻا،

- بيڪس نوڪر چا هي تنهنجو، تو در ولي وڪاڻا.

(بيڪس)

(4)

جنهن جي ساهه ۾ تو ساڻيهه وسي،

سا ملير بنا ڪي ڪين پسي.

- ستون سال ٿيم سانگين کي تي سڪان،
وس هوند هجيم ٽِڪ ڪين ٽڪِان،
لڇيون پيئي لڇان لڄ کي تي لڪان،
ووڙي واٽ وٺان ڏس هر ڪو ڏسي.
- تو هو مڪر ڪيو پتو ڪين پيم،
پرديسي ڏسي توکي پاٽي ڏنم،
مون تي اجر ڪٽيو پر ڏوه ڪيم،
مون جان ڦٽڪ ۾ شال نه ڪائي ڦسي.
- وينو ساٿيهه سک سرشار پنان،
- منهنجو ناه ٺڙ ساٿيهه بنا،
- جو وسيلو ولهئين تنهنجو نانءُ ڳنان،
- جتي ڪو نه رسي محمد جهام رسي.

(5)

وسري ويا ٻئي جُڳ جڏهن دل جان سان دلبر ڏٺم
مهتاب مک محبوب جو محراب جنهن منور ڏٺم.
- شيخ قاضي پاڪدامن اي مشائخ مولوي،
ڪر نصيحت کي ڦٽو هر جاءِ حق حاضر ڏٺم.
- دين ۽ ايمان تقويٰ زلف جي پيا پيچ ۾،
- دام ۾ داڻي مثل تڪرار ڪارو تِر ڏٺم.
- عمر ساريءَ جي عبادت تر هڪي تاراج ڪئي،
ويو هٽي هندو ڪٽي ڪعبي اندر ڪافر ڏٺم.
- عاقل ۽ عالم اوليا، صنعان جهڙا سؤ هزار،
- قيد ڪامل جي ڪڙي ۾ ملڪ سب مضطر ڏٺم.
- حسن خود هٽ ۾ جنهين جي دام ڏاڍو دلفريب،
راه ۾ رهزن وڏوئي رهنما رهبر ڏٺم.
- چؤ طرف چارئي ڏسيون چوڏهن طبق چارئي مڪان،
ڪو نه ٻيو ٻُڌنڌڙ دليون تنهن مٽ نڪو مسخر ڏٺم.
- ڏس همت حضرت حسين جي پَٽ اکيون اي آسمان،

دل ڪُنل دشتِ بلا ۾ ساقيءَ ڪوثر ڏنم.

- پڙ مٽي پوري ڪئي، منصور مصريءَ سڀ مراد،

سربسر صورت الاهي سونهن سندو سرور ڏنم.

مصري شاهه جون ٻيون ڪافيون، ڪج زلف ڪمند ڪڙيارا، نئي نماڻي جون دليون ناحق نگارا بي سبب، سهسين رنگ سيلا سنها سرَ تي ستمگر ڪيم، ڪر، ڪافيءَ جي نيڪي ۽ تال جي ڪري نهايت زور واريون آهن. بظاهر غزل جي هيئت ۾ آهن.

(6)

رنگي رنگي تي آيو آهين.

سهٽا آدم منجهه سمايو آهين،

- ڳلي ڳليءَ ۾ تال تماشا،

عجب سئر مچايو آهين.

- حسن هزاري عشق بهاري،

نيڻ جو جهڙ لايو آهين.

- عشاقن جي دل تي دم دم،

دردن بار اُنايو آهين.

- موهن مهٽيو پهري پوشاڪان،

پاڻ کي پاڻ پسايو آهين.

- تو سر شملو شاهنشاهي،

چيرو سر چڙهايو آهين.

- نيٽين يوسف يار سجاٽي،

- فضل پنهنجو فرمايو آهين.

(نانڪ يوسف)

حوالا(موسيقي)

-1 قاضي ظهورالحق، رهنمائي موسيقي(اردو)، پاڪستان ڪائونسل آف دي آرٽس، اسلام آباد، 1975ع، ص 28.

-2 ايضاً – ص 26.

-3 ايضاً – ص 29.

-4 ايضاً - ص 29.

5- ايضاً – ص 29.
6- ايضاً – ص 28.
7- ايضا – ص 28.
8- مغل، پير بخش، راڳ ساگر، بانڪارام روڊ نوابشاهه، 1955ع، ص ص 13-14.
9- ايضاً – ص 14.
10- رهنمائي موسيقي، ص 47.
11- ايضاً – ص 53.
12- ايضاً – ص 160.
13- راڳ ساگر، ص 32.
14- ايضا – ص ص14-15.
15-بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، 1978ع، ص 292.
16- ايضاً – ص 294.
17- ايضاً– ص 295.
18- ايضاً – ص 303.
19- ايضاً – ص 305.
20- ايضاً – ص 309.
21- ايضاً – ص 312.
22- بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، مولود، سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع، ص 6(مقدمو).
23- ايضاً – ص 16(مقدمو)
24- ايضاً – ص ص 21-22 (مقدمو)
25- بلوچ، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، ص 324.
26- ايضاً – ص 197.
27- ايضاً – ص 197.
28- ايضاً – ص 199.
29- ڪيسٽ: منظور علي خان : راڻي جي محفل.

حوالا(ڪافي)

1- موسوي ۽ عباسي، سُرهاڻ، سنڌي پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 1958ع، ص 181.

2- سنديلو، عبدالڪريم، تحقيق لغات سنڌي،(پنجون ڇاپو)، سنڌي ادبي بورڊ، 1980ع، ص ص 271-272.

3- وسٽائي، جهمٽمل نارومل، وئٽپتي ڪوش، سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع، ص 63.

4- Apte, Vaman. Shivram. Sanskit English Dictionary, Motilal Banarsidass, Delhi, 1970, p. 499.

5- پرمانند ميوارام، سنڌي – انگريزي ڊڪشنري 1910ع ص 615.

6- طالب المولىٰ، مخدوم محمد زمان، ڪافي، بزم طالب المولىٰ هالا، 1962ع، ص 52.

7- ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم، بحوالہ خانبهادر ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ(1)، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، 1937ع، ص 172.

8- متي حوالو ڏنل نمبر 1، ص ص 181-182.

9- اُستاد سلامت علي خان ٽي وي پروگرام ۾ چيو.

10- ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ماڻڪ موتي لال، ص 15.

11- رسالو مهراڻ، اپريل 1946ع.

12- سُرهاڻ، ص ص 186- 187.

13- مغل، پير بخش، راڳ ساگر(ٽئون ڇاپو)، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1997ع(عزيز شيخ جو مقدمو) ص 9.

14- قاضي، ظهورالحق، رهنماءِ موسيقي(اردو)، پاڪستان نئشنل ڪائونسل آف دي آرٽس، اسلام آباد، 1975ع، ص 266.

15- ايضاً – ص ص 267 – 268.

16- ايضاً – ص ص 264- 265.

17- ايضاً – ص 266.

18- راشد، محمد مطيع الله، بُرهانپورڪي سنڌي اوليا، سنڌي ادبي بورڊ، ص 240.

19- الانا، غلام علي، مقالو: ”سومرن جي دؤر جي سنڌي شاعري“، سماهي مهراڻ، جلد – 9، نمبر 1-2، 1960ع.

20- بلوچ، نبي بخش خان(ڊاڪٽر)، قافيون(جلد-3)، سنڌي ادبي بورڊ، 19ع، ص 28 مقدمو.

21- ايضاً – ص 29.

22- خليل، محمد ابراهيم، رهنماءِ شاعري، جلد-3، ص 138.

ضميمو

(مختلف اديبي تاريخن ۾ آيل شخصيتن جي هي فهرست هڪ ڏسٽيءَ جي حيثيت رکي ٿي)

خانبهادر محمد صديق ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ(پاڱو پهريون)

- اوائلي سنڌي شعر، سنڌ جو جهونو ۽ نج سنڌي شعر، قاضي قاضن، شاهه عبدالڪريم، ميان ابوالحسن، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم، مخدوم عبدالخالق، مخدوم عبدالله، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، مخدوم محمد ابراهيم، مولوي محمد حسين، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، سچل سرمست، سيد ثابت علي شاهه، آخوند عزيز الله، خليفو حاجي عبدالله، ميان سرفراز، فقير محمد صديق(صادق)، فتح فقير، سيد خير شاهه، متفرق تصنيفات، سامي.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ، تاريخ سنڌي ادب(ڀاڱو ٻيو)

- ديوان ننديرام مير چنداڻي، آڌارام ۽ شوقيرام، پريداس ۽ چوهڙمل، قاضي غلامعلي، غلام حسين قريشي، سيد ميران محمد شاهه(اول)، ميان محمد، واڌو مل، آلو مل، مرزا غلام رضا بيگ، آخوند عبدالرحيم وفا، آخوند گل محمد هالائي، آخوند محمد قاسم هالائي، سيد حيدر شاهه، سيد محمد فاضل شاهه، مير حسن علي خان ٽالپور، مير عبدالحسين سانگي، سيد غلام شاهه گدا، سيد غلام مرتضيٰ مرتضائي، مولوي غلام محمد، قادر بخش بيدل، محمد محسن بيڪس، آخوند فقير محمد عاجز، سيد مصري شاهه، پير اشرف شاهه، پير رشيد الدين، پير رشدالله، صوفي آسورام، عبدالغفور مفتون همايوني، مرزا قليچ بيگ، الله بخش ابوجهو، حافظ حامد، محمد عثمان نورنگ زادو، ديوان ڪوڙو مل ڪلناڻي، آخوند لطف الله، شمس الدين بلبل، ديوان ليلا رام خاڪي ۽ ڪيولرام سلامتراءِ.

لطف الله بدوي، تذڪره لطفي(ڀاڱو پهريون)

- شيخ حماد، اسحاق آهنگر، درويش راجهو، ماموئي درويش، مخدوم احمد، قاضي قاضن، پير محمد لکوي، مخدوم نوح، شاهه عبدالڪريم، لطف الله قادري، عثمان احساني، شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، فقير عنايت چوڙو، فقير صاحبڏنو، ميون عيسو، تمر فقير، صالح فقير، شاهه عنايت صوفي شهيد، خواجه محمد زمان لنواري، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم، ميان محمد سرفراز، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، محمد شريف راڻيپوري، محمد بقا راشدي، روحل فقير، مخدوم محمد معين، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، مدن ڀڳت، وطايو فقير، مخدوم عبدالخالق، سيد فقير محمد ۽ مخدوم ابوالحسن.

لطف الله بدوي، تذڪره لطفي(ڀاڱو ٻيو)

- سچل سرمست – سيد ثابت علي شاهه، خير شاهه، پير علي گوهر اصغر، ملا اويس، صاحب ڏنو صاحب، محمد عارف صنعت، فتح فقير، حمل لغاري، صديق فقير، مراد فقير، شاهو فقير، غلام علي فقير، دريا خان، خليفو ڪرم الله، پير اشرف شاهه، يائي چيزاءِ سامي، دلپت رام صوفي، خليفو نبي بخش، حفيظ، حاجي عبدالله ۽ جمن چارڻ

لطف الله بدوي، تذڪره لطفي (ڀاڱو ٽيون)

- فقير نانک يوسف، قادر بخش بيدل، مهمد محسن بيڪس، عثمان فقير، رمضان ڪنير، چتو فقير سانگي، غلام محمد خانزئي، شاهه نصيرالدين، جيوت سنگهه، ديوان پوجهراج، خواجه غلام فريد، غلام شاهه راشدي، موهن فقير، اڪرم خان، نوابشاهه سڪايل، بچل شاهه، فقير احمد علي، وريل فقير، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، نور محمد خستہ، مرزا تقي، حافظ عالي، ميان چتن، آخوند گل محمد، آخوند محمد قاسم، سيد فاضل شاهه، الله بخش ابوجهو، واليڏنو فقير، حافظ حامد، مصري شاهه ۽ مير حسن علي خان.

محمد بخش واصف، تذڪرة الشعراء

- حافظ محمد احسن(دادو)، حافظ خير محمد (وحدي (شڪارپور)، حافظ حامد(ٺٽڙ) رشيد لاشاري، سليم سرهندي (ٽنڊو سائينداد)، ضياءُ الدين بلبل(ميهڙ)، محمد صادق طالب(ڳڱڙ)، مولوي غلام محمد (ميهڙ)، عبدالقادر فدائي(ڪڪڙ)، فيض محمد فيض(رتوديرو)، ممتاز علي فقير(شڪارپور)، محسن شاهه محسن (پنوعاقل)، جان محمد (لاڙڪاڻو) ۽ شفيع محمد هاتف جلباڻي (واره).

اسدالله شاهه اسد ٽکڙائي، تذڪره شعراءِ ٽکڙ

- نور محمد خستہ، حافظ عالي، ميان چتن، محمد صالح، سيد ميران محمد شاهه اول، حافظ حامد، حافظ محمد يوسف، خواجه محمد حسن جان، محمد هاشم مخلص، قاصي اسدالله شاهه فدا، قآصي محمد دائود، محمد حافظ شاهه، محمد ابراهيم، خواجه محمد حسين جان، حافظ محمد هارون دلگير، سيد شاهنواز شاهه، حافظ عبدالله بسمل، سيد محمد عالم شاهه، محمس اسماعيل، سيد محمد عالم شاهه، محمد اسماعيل جان روشن، حاجي عبدالستار جان پير، سيد ميران محمد شاهه مير، غلام محمس شاهه ناظم، محمد خان غني، محمد ابراهيم جان خليل، محمد سعيد شاهه سعيد، محمد حافظ شاهه حافظ، محمد آچر نظير، اسدالله شاهه اسد، شبير علي شاهه هاتف، امداد علي شاهه، امداد حسيني ۽ غلام رسول شاهه سوز.

محمد سومار شيخ، تاريخ الشعراءِ لاڙ

- خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو، پير پاون علي شاهه ساقي، قاضي عرس، ديوان ڏال چتو، سليمان سوالي، سانوڻ فقير، لعل بخش جت، حاجي ڪرم، گل محمس سومرو، غلام حسين ملنگ، حاجي پير بخش فاروقي دلريش، حاجي پنجتني پيچارو، محمد صديق جمالي، گل محمد عباسي، تاج محمد مشتاق، حاجي مراد چانڊيو، ولي محمد مندرو، حيات جمالي، علي محمد علڻ، مولوي احمد ملاح، شير محمد شيرل، حاجي عارف ميمڻ، غلام احمد بيدم، محمد هاشم رنگريز، مير محمد ميرو، سيد منو شاهه، خواجه نذير حسين حيدري، فتح علي حليم، عبدالله ميمڻ، خواجه قلب علي تڪلو، الله بچايو جوڻيجو، علي محمد رنگريز، عبداحڪيم منڊرو، خواجه شمشير علي حيدري، آچار بيوس، خواجه فرمان علي، نور احمد پرواز، غلام نبي عباسي، عبدالجبار جوڻيجو(ڊاڪٽر)، عبدالرحمان ثاقب سرشاري، الله جڙيو مسافر ۽ محمد هاشم پروانو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ياد رفتگان، باتصوير(ٻهرئينءَ ٻئي ڇاپي جون ڪل شخصيتون)

- حضرت پٽ ڌڻي، صوفي مراد فقير، صوفي روحل فقير، نواب ولي محمد خان لغاري، نواب علي محمد خان لغاري، هز هائينس مير نصير خان جعفري، هز هائينس مير شهداد خانحيدري، نواب احمد خان لغاري، مير سهراب خان مسڪين، مير حسين علي خان حسين، نواب الهداد خان صوفي، پير ميان غلام نبي پنيلڌو، پير سيد حزب الله شاهه مسڪين، مير مراد علي خان مجروح، (واولي خيرپور ميرس)، مولوي الله بخش ابوجهو، آخوند لطف الله "لطف"، مرزا قاسم علي بيگ قاسم، هز هائنيس مير حسن علي خان "حسن"، سيد قطب علي شاهه"قطب" ، مرزا حسين قلي بيگ، حاجي پريل خان، سيد صاحب ڏنو شاهه، فقير نواب ولي محمد خان لغاري، مرزا حسين علي بيگ، مرزا مراد علي بيگ ٻيدل، قاضي محمد بخش عاجز، مولانا عبدالغفور مفتون همايوني، شمس الدين بلبل، مير علي نواز شاهه علوي، مرزا دوست محمد بيگ دوست، سيد شمس الدين شاهه شمس، محمد واصل درس واصل، مرزا غلام حيدر بيگ قمبر، سيد علي اڪبر شاهه ثاني درازي، هز هائنيس مير عبدالحسين خان سانگي، نواب گدا علي خان لغاري، زمان شاهه ساقي، راءِ بهادر سيٺ وشنداس، مرزا قليچ بيگ قليچ، ڊاڪٽر مرزا مدد علي بيگ مدد، پير حزب الله شاهه عرف جيئل شاهه راشدي، آخوند عبدالقادر بيدل، مرزا قربان علي بيگ قربان، ميان غلام سرور فقير قادري، روشن علي شاهه روشن، پير ميان غلام حسين شيدا صديقي قريشي، پير علي بخش شاهه علڻ پٽائي، مرزا غلام رسول بيگ مقبل، محمد هاشم مخلص، مننار فقير راجهڙ، پير ميان غلام سرور "سرور" صديقي قريشي، هز هائينس مير علي نواز خان ناز، پير سيد علي اصغر شاهه راشدي، قاضي عبدالغفور خاڪسار، خانبهادر حاجي امام بخش خان جتوئي صابر، پير ميان غلام رسول عرف احمد علي، فقير هدايت علي نجفي، ٻيدل فقير، مرزا نادر بيگ نادر، ميان علي محمد قادري، سيد رڪيل شاهه، محمد فقير ڪٽياڻ، استادو سينڌو خان سيد فتح الدين شاهه مسڪين، ٻگت ٽيڻو رام مهاراج، لعل چند مجروح، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، نواب حاجي غلام حيدر خان لغاري، پير سيد صبغت الله شاهه ثاني(پير پاڳارو شهيد) پير سيد صالح شاهه جيلاني صالح، مخدوم غلام محمد مغموم، ڪشنچند بيوس، نواب جان محمد لغاري جان علي، نواب خداداد ثاني، حافظ عبدالله بسمل، فقير الله بخش بهشتي، پريل پينار، صوفي فقير روشن الدين روشن، غلام احمد نظامي، فقير حاجي پير بخس فاروقي، فقير سيد انور علي شاهه، خانصاحب غلام علي جعفري، محمد بخش واصف، سردار گل محمد خان زيب، جمع خان غريب، مخدوم محمد صالح پٽي، مرزا امام علي بيگ علي، پير ميان غلام محي الدين ميرل صديقي قريشي، محمد حيات شاهه حافظ، مرزا همايون بيگ فائق، خليفو مهمد امين درس، سردار محمد بخش ڪوجهي، اخر هالائي، نواز علي نياز، سيد پيرل شاهه پيرل، حاجي محمود خادم، احمد خان ابڙو شيدا، صوفي نصير محمد فقير، جلالاڻي، محمد فقير گهوٽو، حافظ محمد اسلم

مهيسر، مرزا علي بخش بيگ ڪوثر، محمد صديق مسافر، غلام عباس جوش، مرزا احسن ڪربلائي، الهڏنو فقير، سيد ميران محمد شاهه مهجور، قاضي احمد ابڙو حاجن، فقير وحدت علي نُقرچ، پير عبدالستار جان پير، رئيس ضياءُ الدين ضيا، سيد جهنگل شاهه مست، صوفي راضي فقير درازي، لطف الله لطف بدوي، مولوي حاجي احمد ملاح، نواب عرض محمد خان لغاري، مهدي سائين، ڊاڪٽر قاضي علي احمد علي، حيدر بخس جتوئي حيدر، رشيد احمد لاشاري، مرزا علي نواز بيگ خسروي، سرشار عقيلي، فقير سرت علي ڪورائي، غمدل فقير، فقير آندل سائين، علي محمد خالدي، مرزا قنبر علي بيگ حيدري، عبدالفتاح عبد عاقلي، سيد علي شاهه، سيد جڙيل شاهه صوفي، راز بلڙائي، سيد حافظ شاهه ناطق، سليمان شاهه سالم، انجم هالائي، پير زين العابدين شاهه زينل، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا ثناءُ الله ثنائي، عبدالله اثر، سيد ثابت علي شاهه ثابت، مولوي عبدالرحمان ضيائي، فقير در محمد هيسباڻي، آغا عبدالنبي عليگ، عبدالڪريم گدائي، عارف الموليٰ، حاجي شاهه محمد نوحاڻي، امير قريشي، مهمد خان غني، جان محمد اضعف هالائي، دادن فقير، حاجي الله بچايو وفا، صوفي علي محمد فقير ٽالپور، علي ڏنو شاهه، مرزا علي محمد بيگ مظفر، عبدالله خواب حيدرآبادي، اسدالله شاهه بيخود حسيني، قاضي علي اڪبر درازي، سردار علي شاهه ذاڪر، پيرل پياسي، سيد ولايت شاهه جيلاني، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، فقير حاجي يار محمد مري، نور محمد ابڙو نور هالائي، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، قادن فقير سومرو قادن، فقير ولي بخش راڃڙ، عبدالرزاق شيخ راز، جي الانا، چيزل شاهه، مرزا اجمل بيگ اجمل، محمد حسين عاصم پنو، غلام هالائي، مصري فقير مخمور سروري، ڪمتر نقوي، پير علي محمد اظهر ريلائي، ڊاڪٽر سعيد هالائي، سيد حيدر شاهه، حافظ محمد احسن چنه، سيد ذوالفقار راشدي، محمد سومار شيخ، محمد اسماعيل فدا عرساڻي، جهندل فقير ڪورائي، امام علي فقير، صوفي فقير ارشاد علي جلالاڻي، مومن مليرائي، رشيد ڀٽي، مولانا محمد عظيم شيدا، سيد گل حسن شاهه مجذوب، بردو سنڌي، فقير بهاول خان لغاري، نارائڻ شيام ، حاجي فتح خان لغاري، محمد يوقب جليس هالائي، مولانا محمد اسماعيل ذبيح، احمد خان آصف مهراڻي، فقير علي گوهر، بدر قريشي، مرزا اسد بيگ اسد، منور هالائي، فقير نور محمد نورل مري، ارشد هالائي، زيب عاقلي، معصوم هالائي، عرفان مهدي، سڄڻ علي سڄڻ قبولائي، عبدالڪريم پلي، قاضي غلام محمد قريشي، راڄ محمد جمال پلي، فقير حسين بخش خادم سروري، فيض بخشاپوري، سليم هالائي ۽ فتح محمد شهوڪ.

غلام علي الانا، سنڌي نثر جي تاريخ

- ديوان ننديرام سيوهاڻي - اُڌارام ٿانور داس مير چنداڻي، سيد ميران محمد شاهه(اول)، لطف الله آخوند، امام بخش خادم، شمس الدين بلبل، ڏيارام گدومل، مرزا قليچ بيگ، پرمانند ميوارام، حڪيم فتح محمد، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، ڄيٺمل پرسرام، دين محمد وفائي، غلام محمد شهواڻي، احمد

غلام علي چاڳلا، پيرو مل مهر چند، مخدوم محمد صالح، لالچند امر ڏنو مل، علي خان ابڙو، ڊاڪٽر عمر محمد دائودپوٽو، محمد بخش واصف، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ميلا را م منگت رام واسواڻي، نارائڻ داس ميوارام ڀمڀاڻي، محمد صديق مسافر ۽ عثمان علي انصاري،

(هنن تاريخن کان سواءِ ڪن ٻين ڪتابن ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جو احوال آهي. ڪتاب”سنڌي ادبي جي مختصر تاريخ“ ۽ سنڌي ادب جو مطالعو“ به مختصر طور مواد فراهم ڪن ٿا. ٻين ڪتابن جو ذڪر عنوان ماخذ هيٺ ابتدا ۾ ڪيو ويو آهي. اُهي ڏسڻ ڪپن.

محمد سومار شيخ جون لکيل ادبي تاريخون اجان اَڻ ڇپيل حالت ۾ آهن. هُن اُنهن جي فهرست مون کي ڏني هئي، جنهن ۾ مها ڀارت کان وٺي ويهين صدي تائين جو ادبي احوال آهي ۽ 427 اديبن ۽ شاعرن جو زڪر آهي. اُنهن ۾ هڪ بيت وارا شاعر به شامل ڪيل آهن. ڪي بيشڪ مڃيل شاعر آهن. اهڙا ٻيا به ڪتاب آهن، جن ۾ معيار جو ڪو به خيال نه رکيو ويو آهي ۽ نالا ڳڻايا ويا آهن. ادبي تاريخ ۾ مڃيل شخصيتن جو ذڪر ڪبو آهي. منهنجي هيءَ ڪاوش انهيءَ خيال جي مدنظر ڪيل آهي. رهنمائيءَ لاءِ هتي ڪي ادبي تاريخن جون فهرستون به شامل ڪيون اٿم).

چونڊ ڪتابيات

1- بدوي، لطف الله.تذڪره لطفي(جلد-1)، آر . ايچ . احمد برادرس حيدرآباد، 54-1955 ع.

2- بلوچ، نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1993 ع.

3- بلوچ، نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو، 1999ع.

4- بلوچ، نبي بخش خان، ٻيلاين جا ٻول، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1970 ع.

5- بلوچ، نبي بخش خان، ڳاهن سان ڳالهيون، سنڌي ادبي بورڊ، 1964 ع.

6- بلوچ، نبي بخش خان، شاهه جو رسالو، سربستو(جلد-8-9)، علام قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد، 1999 ع.

7- بلوچ، نبي بخش خان، قاضي قادن جو ڪلام، سنڌالاجي، 1999 ع.

8- بلوچ، نبي بخش خان، مداحون ۽ مناجاتون، سنڌي ادبي بورڊ، 1959 ع.

9- بلوچ، نبي بخش خان، مشهور عشقيه داستان، سنڌي ادبي بورڊ، 1964 ع.

10- بلوچ، نبي بخس خان، مولود، سنڌي ادبي بورڊ، 1961 ع.

11- بلوچ، نبي بخش خان، مئين شاهه عنات جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، 1963 ع.

12- بلوچ، نبي بخش خان، شاهه لطف الله،سنڌيالاجي، 1968 ع.

13- تنوير عباسي(ڊاڪٽر)، شاهه لطيف جي شاعري، شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي، 1976 ع

14- ٺڪر، هيرو جهينالال، قاضي قادن جو ڪلام، پوجها پبليڪيشن دهلي، 1978ع.

15- ڏمپل، مخدوم جميل الزمان، تذڪره مخدومان هالا، طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، 2001ع.

16- ڇُٻاڻي، رامچند جهمون، مهاتمي پراڻنات جي سنڌي واڻي، ٻراڳ ڳڙهه ڀوپال، 1991ع.

17- خواجہ محمد سعيد، صقال الضمائر، جماعت لنواري ڪراچي 2003ع.

18- دائودپوٽو، عمر بن محمد، شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1977ع.

19- راشدي، پير حُسام الدين، مير معصوم بکري، سنڌي ادبي بورڊ، 1979ع.

20- راڻيپوري، مولوي محمد صادق، سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع.

21- سراج الحق، سنڌي ٻولي، حيدرآباد، 1964ع.

22- سومرو، عبدالغفار، بيان العارفين، اوقاف کاتو حڪومت سنڌ ۽ علامه قاضي رٽا، 2002ع.

23- سيد عبدالقادر، حديقة الاوليا، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع.

24- سنديلو، عبدالڪريم(ڊاڪٽر)، تحقيق لغات سنڌي، لاڙڪاڻو، 1955ع.

25- شوق، باغ علي، راجستاني زبان و ادب، راجستان ادب سڀا گندرآباد، ڪراچي، 1992ع.

26- شيخ، مهمد سومار، ڪچين جا قول، سنڌي ادبي بورڊ، 1977ع.

27- قادن شاهه، تمر فقير جو ڪلام، سنڌالاجي، 1970ع.

28- قانع، ميرعلي شير، تحفة الڪرام (سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع.

29- قانع، مير علي شير، مقالات الشعراء، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع.

30- قليچ بيگ، تحريرون ۽ تقريرون، سنڌي ادبي بورڊ، 1970ع.

31- قليچ بيگ، رسالہ ڪريمي، قيصريہ پريس حيدرآباد، 1904ع.

32- مخدوم نوح هالائي، قرآن الحڪيم، سنڌي ادبي بورڊ، 1401ھ.

33- ممتاز مرزا، مئين عيسي جا سنڌي بيت، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1993ع.

34- مولائي، رحيمداد شيدائي، تاريخ تمدن سنڌ، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع.

35- مهر، غلام رسول، تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ 1958ع.

36- ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڪانياواڙ اسٽور، لاڙڪاڻو، 1993ع.

37- ميمڻ، محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، (جلد اول)، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد 1937ع.

38- مير محمد معصوم، تاريخ معصومي، سنڌي ادبي بورڊ.
وفائي، مولانا دين محمد، تذڪره مشاهير سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع